श्री हरी


श्री कृष्ण शरणः मम

گيتا پروچن

ونوبا ڀاوي

سنڌيڪار: دوارڪو سندراڻي

پرڪاشڪ
جانڪي (لچو) ٽي. پنجابي
۴۴۰، سنڌ سوسائٽي، پونہ ۴۱۱۰۰۷



پوڄنيه دادا چيتانند گهندومل پنجابي

جنم تاريخ : ١٧-١١-١٩٠٦

جوتي جوت سمائڻ تاريخ ٢-٦-١٩٩٠

ڀاءُ ڌرمداس گهندومل پنجابي   موهن منگهنمل پنجابي

وشنو منگهنمل پنجابي   هيرو منگهنمل پنجابي



. پوڄنيہ دادي ديوڪي ڄيٺانند پنجابي
جنم تاريخ ١٩١٨-٩-٢١
جوتيءَ جوت سمائڻ تاريخ ١٩٨٩-٩-٦

پٽ اشوڪ ڄيٺانند پنجابي رام ڄيٺانند پنجابي،
پوٽو وشال اشوڪ پنجابي ڀڳوان ڄيٺانند پنجابي

گيتا پروچن

ونوبا

انوادڪ: دوارڪو سندراڻي

لوڪ ساهتيه پرڪاشن

١٣ زيب - آديپور - (گانڌي ڌام - ڪڇ)

١٩٥٩ع

اَرپڻ

سڪ ۽ شرڌا سان

اَرپيون ٿا

شري ڄيٺانند گهنڊومل پنجابي

۽

شريمتي ديوڪي ڄيٺانند پنجابي

کي

ٻيئي مهان آتمائون، ايشور جا پيارا، هر دل عزيز، نهٺا، رهڻيءَ ۾ سادا، دل جا وڏا، ڪرم يوگي، غريبن جي شيوا لاءِ هردم هڪيا حاضر، داني، ۽ سڀاءَ جا تمام سرل هئا. هننجو پيار ڀريو مشڪندڙ مکڙو سدائين اکين اڳيان پيو ڦري. پاڻ تہ گڻن جي کاڻ هئا ۽ گيتا جا رهڻيءَ توڙي ڪرڻيءَ ۾ اپاسڪ. انڪري انهن جي نمت ياد ۾، آچاريہ شري ونوبا ڀاوي جا گيتا تي پروچن، جي اسانجي ڪرم يوگي ڀاءُ دوارڪي سندراڻيءَ جا سنڌيءَ ۾ انوواد ٿيل آهن، ڇپائي رهيا آهيون. ٿل، دادا، داديءَ، مهاتما ونوبا جي ۽ ڪرم يوگي دوارڪي سندراڻيءَ جي آسيس سدائين اسان سان ساڻ رهي.

ڏيءَ (لڇو) جانڪي ٽي. پنجابي پٽ اشوڪ جي. پنجابي

پوٽو وشال اي. پنجابي

اڌياءِ ڇهون: چت جي ورتين کي روڪڻ

اڌياءِ ستون: ايشور جي شرڻ ۾

اڌياءِ اٺون: ڪرم جو اکنڊ يوڳ

اڌياءِ نائون: مهش شيوا جي راڄ وديا - سمرپڻ يوڳ

پهريون ڇاپو: فيبروري ١٩٥٤ عدد ٻه هزار
ٻيو ڇاپو: جون ١٩٥٥ عدد ٽي هزار
ٽيون ڇاپو: آڪٽوبر ١٩٥٦ عدد ڇهه هزار
چوٿون ڇاپو: " ١٩٥٧ عدد پنج هزار
پنجون ڇاپو: آگسٽ ١٩٥٩ عدد پنج هزار

قيمت ٠-٤-١ روپيه چار آنا

اُلٿاءُ ڪندڙ: دوارڪو سنڌواڻي
حق واسطا: گرام سيوا منڊل، پرم ڌام، وديا پيٺ
پونار، (ورڌا)

ملڻ جو هنڌ:
لوڪ ساهتيه پرڪاشن
١٣-زيڊ آديپور (گانڌي ڌام - ڪڇ)

Printed by Mellaram Mangatram Vaswani at the Sunder Press, Kaisarganj, Ajmer. and Published by Shri Hundraj Dukhayal For Lok Sahitya Prakashan 13-Z, Adipur, (Gandhidham Kutch)

اڍيائهه پهريون

شروعاتي کهاڻي - ارجن جو دک

ا

مهاڀارت جي وچ ۾!

پيارا ڀائرو!

اڄ کان ونڻي مان شريمد ڀڳوت گيتا تي ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. گيتا ۽ منهنجو سنبنڌ ترڪ (Logic) ۽ دليل وارو سنبنڌ نه آهي. منهنجو شرير ماءُ جي کير تي جيترو پليو آهي، ان کان گهڻو وڌيڪ منهنجو هردو ۽ ٻڌي گيتا ماتا جي کير تي پليل آهي. جتي سڌو دلي سنبنڌ هوندو آهي، اتي ترڪ لاءِ گنجائش نه رهندي آهي؛ ترڪ کي ڇڏي مان ڀڪو شرڌا ۽ تجربي جي ٻن پرن سان گيتا گگن ۾ وس آهر لامارا ماريندو آهيان. مان اڪثر ڪري گيتا جي ئي وايومنڊل ۾ رهندو آهيان. گيتا کي منهنجو پراڻ ئي سمجهو. جڏهن مان ڪنهن سان گيتا جي باري ۾ ڳالهائيندو آهيان ته جڻ گيتا سمنڊر ۾ ترڳندو رهندو آهيان ۽ اڪيلو هوندو آهيان ته ان امرت ساگر ۾ اونهي ٽٻي لڳائي ويهندو آهيان. انهن فيصلو ڪيو ويو آهي ته هر آرتوار ڏينهن مان اوهانکي گيتا ماتا جي چرتر بابت ڪجهه ٻڌايان.

گيتا جي رچنا مهاڀارت ۾ ڪئي ويئي آهي. مهاڀارت جي وچ ۾ گيتا هڪ اوچي ديپڪ وانگر ٽنڱي آهي، جنهنجو پرڪاش سڄي مهاڀارت تي پئجي رهيو آهي. هڪ طرف ٦ پرو ۽ ٻئي طرف ١٢ پرو انهن جي وچ ۾، هڪ طرف ٧ اڪوهڻي فوج ۽ ٻئي طرف ١١ اڪوهڻي فوج، انهن جي وچ ۾ گيتا جو اپديش ڏنو ويو آهي.

هڪ اڪوهڻي معنيٰ هڪ فوجي دستو.

اڌياءُ ڏهون: ڀوتي چنتن

اڌياءُ يارهون: وشو روپ درشن

اڌياءُ ٻارهون: سڳڻ ۽ نرڳڻ ڀڳتي

سنڌس چئن ئي مکيه سکيا جو نچوڙ گيتا ۾ ڏنل آهي. انهيءَ تي آڌار ڏئي ”مان منهن ۾ وياس آهيان“ ڀڳوان ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي. گيتا کي پراچين سمي کان اپنشد جي پدوي مليل آهي. گيتا اپنشدن جو به اپنشد آهي. چاڪاڻ ته سڀني اپنشدن کي ڏهي گيتا روپي کير، ارجن جي معرفت ڀڳوان سنسار کي ڏنو آهي. جيون جي وڪاس لاءِ گهڻو ڪري سڀ ضروري ويچار گيتا ۾ اچي ويا آهن. انهيءَ ڪري ئي اهڙي شخص ٺيڪ چيو آهي ته گيتا ڌرم-گيان جو ڀنڊار آهي. گيتا هندو ڌرم جو لنڊڙو ٿي سهين، پر هڪ مکيه گرنٿ آهي.

اها ته سڀني کي خبر آهي ته گيتا سري ڪرشن جي چيل آهي. ان مهان سکيا کي ٻڌڻ وارو ڀڳت ارجن ۽ هن سکيا مان اهڙو ته لعوليئن ٿي ويو، جو ان کي به ڪرشن جو ناتو مليو. ڀڳوان ۽ ڀڳت جي اندر جا امنگ ظاهر ڪندي وياس ديو اهڙي قدر هڪ رس ٿي ويو جو لوڪ ان کي به ڪرشن جي نالي سان سمجهڻ لڳا. چوڻ ڪرشن، ٻڌڻ ڪرشن، رچيندڙ ڪرشن اهڙي طرح ٽيئي جڻا هڪ ٿي ويا. جڻ ته ٽنهي جي سماڌي لڳي ويئي. گيتا جي ابياس ڪندڙ کي به اهڙي ئي ايڪاگرتا هئڻ گهرجي.

٢

ارجن جي من - اوستا

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته گيتا جي شروعات ٻئي اڌياءَ کان سمجهڻ گهرجي. چو ته ٻئي اڌياءَ جي يارهين سلوڪ کان ئي سچي پچي اپديش جي شروعات ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري اتان ئي شروعات ڇو نه سمجهڻ گهرجي؟ هڪ ته مونکي ائين به چيو ته ڀڳوان ته اکرن ۾ ”اَ“ اکر کي ايشوري وڀوتي ڪري ڄڻيو آهي ۽ ٻئي اڌياءَ جي ١١ سلوڪ جي شروعات به ”اَ“

مهاڀارت ۽ رامائڻ اسانجا قومي گرنٿ آهن. انهن ۾ ذڪر ڪيل شخص اسان جي جيون سان هڪ روپ ٿي ويا آهن. رامائڻ ۽ مهاڀارت جي چرترن جهڙوڪ رام، سيتا، دروپدي ڀيشم وغيره جو ساري ڀارتي جيون تي هزارن سالن کان اثر پيو رهيو آهي. سنسار جي ٻين مهاڪاوين جا ويس-ڌاري اهڙي طرح لوڪ جيون ۾ رليل مليل نٿا ڏسجن، انهيءَ نظر کان مهاڀارت ۽ رامائڻ بيشڪ لاثاني گرنٿ آهن. جي رامائڻ هڪ مڌر ليتي ڪاويه آهي ته مهاڀارت هڪ وياپڪ سماج شاستر آهي. وياس ديو، هڪ لکه سلوڪ لکي ٻي انداز نظارن، تصويرن ۽ چرترن کي چٽيءَ طرح ۽ هوشياريءَ سان چٽيو آهي. بلڪل ترڊوش نه هڪ پرميشور ڪالسواءِ ڪو ڪونهي ۽ نه اهڙيءَ طرح ڪو عيبن سان ڀريل نه سنسار ۾ ڪوئي ڪونهي، انهيءَ مهاڀارت بلڪل صاف پڌري رهيو آهي. هڪ طرف ڀيشم، يڌشٽر جهڙن جون اوچيون ڏيکاريون ويون آهن ته ٻئي طرف دريوڌن وغيره جي ڪٽن کي نه ظاهر ڪيو ويو آهي. مهاڀارت پڌري تو نه مدش جيون ۽ سفيد ۽ ڪارين ليڪن جو هڪ ڪهڙو آهي. ڀڳوان وياس ترليمه رهي هن وشال سنسار جي اونداهي ۽ روشن تصوير ڏيکاري آهي. وياس ديو جهڙي مهان ترموهتا ۽ اوچي ساهتڪاريءَ جي ڪارڻ، مهاڀارت گرنٿ جڳ سون جي هڪ شاهي ڪارنامي ٿيو آهي. هاڻي ڪوڄ ڪري ان مان ڀرپور سون ڪڍيو آهي.

وياس ايڏو مهاڀارت نه لکيو پر ڪنهن ٻهڪي طرفان نه ڪڍيو ويو هو يا نه؟ ٻهڪو نه ڪو خاص سنڌيش ڪنهن جڳهه لئي ڏنو اٿس يا؟ ڪٿي سنڌيش سماڌي لکي آهي؟ مهاڀارت ۾ ڪيترن هنڌ ڏُوڙها تتو گيان ۽ اپديش ڏنل آهن. ليڪن هن، ساري تتو گيان جو، اپديش جو ۽ سڄي گرنٿ جو سار ۽ تت نه ڪٿي لکيو آهي يا؟ ها، اوس لکيو اٿس. سڄي مهاڀارت جو سار، وياس ديو ڀڳوت گيتا ۾ ڪڍي رکيو آهي.

منهنجي خيال موجب نه اهو رايو به واجب نه آهي. هن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ ڀلي اسانکي ارجن جي من جي شروعاتي حالت ڏسڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ پهرئين ادڌياءَ ۽ ٻئي ادڌياءَ جي پهرين سلوڪن مان اسانکي گهڻي مدد ملندي.

ارجن، جو رڻ ڀومي ۾ آيو سو پڪي ارادي ۽ فرض ادا ڪرڻ جي خيال سان. ڪنترپٽو نه، هنجي سپاهه ۾ هو. يڌ کي ٽارڻ لاءِ نه پوري ڪوشش ٿي چڪي هئي نه به اها ٽري نه سگهي. ٿوري ۾ ٿوري تقاضا ۽ ڪرشن جهڙي جو امن لاءِ اهي ٻئي ساڌن بيڪار ٿي چڪا هئا. اهڙي حالت ۾ الڳ ديشن جي راجائن کي ڪٺو ڪري ۽ سري ڪرشن کي پنهنجو سارٿي بڻجڻ قبول ڪرائي، ارجن جنگ جي ميدان ۾ پهتو آهي ۽ ويرتا ڀريل اتساهه سان سري ڪرشن کي چوي ٿو: "ٻنهي سينائن جي وچ ۾ منهنجو رٿ هلي بيهار ته مان هيڪر انهن سورمن جو منهن نه ڏسان جي مون سان لڙڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن."

ڪرشن ائين ڪري ٿو. ارجن چوطرف نظر ڊوڙائي ٿو. پر هو ڇا ٿو ڏسي؟ ٻنهي طرفن پنهنجا عزيز خويش، مٽ مائٽ، هو ڏسي ٿو ته پٽ پوٽا، پيئر ڏاڏا ۽ پنهنجي سيهڏن جون چار پيڙهيون، مرڻ مارڻ جي پڪي ارادي سان اچي اچي ڪٺيون ٿيون آهن. ائين نه آهي ته انهن نظارن جي کيس ڪلپنا نه هئي. پر ساکيات درشن جو من تي اثر اڻلو ٿيندو آهي. پنهنجي سڀني سڄڻن کي ڏسي هن جي هرديءَ ۾ اٿل پٿل مچي ويئي. هو اداس ٿي پوي ٿو. هن کان اڳ هن انيڪ لڙائين ۾ بي شمار ويرن کي ماريو هو. پر ان وقت هن کي ڪجهه خراب ڪين لڳو هو. هنجو گانڊيو ڌنش هٿن مان ڪري ڪين پيو هو. سندس شرير ۾ ڏڪڻي پيدا نه ٿي هئي. سندس اکين مان ڳوڙها ڪين ڳڙيا هئا. ته پوءِ هن وقت ائين ڇو ٿيو؟ ڇا اشوڪ وانگر سندس من ۾ به اهنسڪ ورتي پيدا ٿي هئي؟ نه، نه! هيءَ نه فقط پنهنجن پيارن جي ممتا هئي؛ هن وقت

اڪرسان ٿئي ٿي ’अशोच्यानन्वशोचस्त्वं‘ انھيءَ ڪري اتان ئي شروعات سمجھڻ گھرجي. ھن دليل کي ڇڏي به ڏجي، ته به ھي اڌياءَ جي ۱۱ سلوڪ کان شروعات مڃڻ گھڻن خيالن کان واجب آھي. تڏھن به پھرئين اڌياءَ ۾ ڏنل مھاڳ جي اھميت به ته آھي ئي. ارجن جي من جي اوستا ڪھڙي آھي؟ ڪھڙي ڳالھ ھجڻ لاءِ گيتا رچي ويئي آھي. اھو ھن پرستاولا کان سواءِ چڱيءَ طرح سمجھڻ مشڪل آھي.

ڪن جو چوڻ آھي ته ارجن جي ڪمزوري دور ڪرڻ ۽ ھنکي يڌ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ گيتا رچي ويئي آھي. انھن جي وچار ۾ گيتا صرف ڪرم يوگ ۽ يڌ يوگ ئي بتائي ٿي. پر پوري سوچ ڪرڻ سان ھن وچار جي غلطي اسانکي محسوس ٿيندي. ۱۸ اڪوھڻي فوج لڙڻ لاءِ تيار ھئي. ته ڇا اسين ائين چئون ته ڪرشن ساري گيتا ارجن کي انھيءَ لاءِ ٻڌائي ته ھو لڙڻ لاءِ تيار ٿئي؟ گھٻرايو ته ارجن ھو ۽ نه سندس ساٿي. ڇا لشڪر جي لياقت ارجن کان وڌيڪ ھئي؟ ھيءَ ڳالھ ته ڪلپنا ۾ به اچي نٿي سگھي. ارجن، جو لڙائيءَ کان ڪنارو ڪري رھيو ھو سو نه ڀپ جي ڪارڻ. ھو سوين لڙاين ۾ جوھر ڏيکارڻ وارو مھاوير ھو. اتر جي گئو گرھڻ وقت ھن اڪيلي ئي ڀيشم، دروڻ ۽ ڪرڻ کي نوڙا چٻايا ھئا. ھميشھ فتح پائيندڙ ۽ مردن ۾ سچو مرد، اھڙي ته سندس واکاڻ ھئي! ويرتا ھنجي انگ انگ ۾ جھلڪندي ھئي. ارجن کي چيڙڻ خاطر، ٽوڪڻ خاطر، ھن ئي ڪمزوريءَ جو الزام ته ڪرشن به ڏئي ڇڏيو ھو، پر سندس اھو تير بيڪار ويو. تڏھن ڪرشن کي ٻيءَ طرح گيان وگيان جا اپديش ڏيڻا پيا. تنھنڪري ھيءَ پڪ آھي ته صرف ڪمزوري دور ڪرڻ جو رواجي اپديش گيتا جو نه آھي.

ٻين ڪن جو چوڻ آھي ته ارجن جي اھنسڪ ورتيءَ کي دور ڪري ھنکي يڌ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ گيتا رچي ويئي آھي.

ارجن جي حالت ۾ ان جيج والگر هئي. هن جي دليل ڏنا هئا، سي غلط ڪين هئا. ڳڌريل مهاڀارت لڙائيءَ ۾ سڄي دنيا ليڪ اهڙائي لسبجا ڏنا. ليڪن سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته هيءَ ارجن جو لتو گيان نه، صرف بڌي گيان هو. ڪرشن کي الهيءَ جي جاڻ هئي. ان ڪري هن التي ڪجهه ۾ ڏيان نه ڏيئي، سڌو سندس موهه ناس ڪرڻ جو اپاءُ شروع ڪيو. ارجن جي سڄي اهنساوادي ٿي ويو هجي ها ته هنکي ڪم ۾ ڪيترو ۾ ڪٿي ڀيو گيان وگيان بڌائي ها ته ۾ اصلي ڳالهه جو جواب ملڻ ڪالسواءِ هنکي سنتوش نه ٿئي ها. ليڪن انهن ڳالهين جو ساري گيتا ۾ ڪٿي ۾ جواب نه ڏنو ويو آهي، تڏهن ۾ ارجن کي سنتوش ٿيو آهي. انمان اسين ڏسون ٿا ته ارجن جي اهنسڪ ورتي نه، پر جنگي ورتي هئي. سندس درشٽيءَ کان پڻ هڪجو سپاهيڪ ۽ اڻ تر فرض هو. جنهنکي موهه وس ٿي هن ٽارڻ چاهيو ٿي. گيتا جو حملو هن موهه لي لي آهي.

۲

گيتا جو اديش

سو ڌرم ورودي موهه ناس ڪرڻ .

ارجن نه صرف اهنسا، پر سنياس جي ۾ ٻولي ٻولڻ لڳو. هو چوڻ لڳو: هن خوني ڪلنڪ واري ڪتري ڌرم کان ته سنياس چڱو آهي. ليڪن سوال آهي ته، ڇا اهو ارجن جو سپاهيڪ ڌرم هو؟ سندس اها ورتي هئي؟ ارجن سنياسيءَ جو ويس نه مري سان اختيار ڪري سگهيو ٿي. پر اهڙي ورتي ڪٿان لي بڻائي سگهيو؟ سنياسيءَ جو ويس ڌاري جي هو جهنگل ۾ وڃي رهي ها ته الي ۾ هرڻ مارڻ شروع ڪري ها.

۾ جي سنڌس سامهون گرو، ڀائر، ڀائٽيا، مٽ مائٽ نه هجن ها ته هو دشمنن جو سر ڪينهوڙي والڪر اڏائي ڇڏي ها. ليڪن سنڌس موهه ۽ ممتا ڪانولس فرض ڀلائي ڇڏيو ۽ ڪيس هيئنر لتو گيان ياد اچڻ لڳو. جڏهن ڪرلوڀ ڀاليندڙ انسان موهه جي وس ٿيندو آهي، تڏهن ڪليو ڪلاڀو فرض ڪان ڪرڻ سڀي نه سگهندو آهي. اهڙوئي حال ارجن جو ٿيو. پڻ حقيقت ۾ هڪ ڀاپ آهي، انهن هو ظاهر ڪرڻ لڳو. پڻ سان ڪل ناس ٿيندو، ڌرم ناس ٿيندو، ڇڙواڳي وڌي ويندي، ويچار ڦهلبندو، ڏڪار پوندو، سماج لي طرح طرح جا سنڪٽ ايندا، وغيره وغيره ڪيترا دليل ڏيندي هو موربو ئي ڪرشن کي سمجهائڻ لڳو.

هتي مونکي هڪ ججم جو قصو ياد ٿو اچي. هڪ ججم هو. ٽن سولن ڏوهين کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني هئي. ليڪن هڪ ڏينهن خود سنڌس پٽ، خون جي ڏوهه ۾ سنڌس سامهون حاضر ڪيو ويو. هن لي خون ثابت ٿيو ۽ ججم لاءِ پنهن جي پٽ کي ڦاسي ڏيڻ جي نوبت آئي. مگر انهن ڪرڻ کان هو ٿهڪڻ لڳو ۽ گيان جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. "ڦيءَ ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ بربريت آهي. اهڙي سزا ڏيڻ انسان کي ڪنهن به حالت ۾ نه جڳائي. ان سزا جي ڪري ابراڌيءَ جي سڌاري جي آشا نه ٿي رهي. سرڪاريءَ ڪرش ۾ اچي خون ڪيو. ليڪن خون جي جنون لهي وڃڻ تي ان شخص کي سنجيدگيءَ سان ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهڻ انسانيت لاءِ وڏي شرم جي ڳالهه آهي، وڏو ڪلنڪ آهي." اهي دليل ڏيڻ لڳو. جڏهن سنڌس پٽ سنڌس سامهون نه آيو هجي ها، ته هو ججم صاحب بي ڪنڪي ساري حياتي ڦاسيءَ جي سزا ڏيندو رهي ها. پر اڄ نه پٽ جي ممتا سبب اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. اهو ڪو اندر جو آواز نه هو. اها نه صرف ممتا هئي. "هيءُ منهنجو پٽ آهي" انهيءَ ممتا مان اهو گيان اڀري ٿيو هو.

جيئن سورج جي ليج سهڻ جي شڪتي مون ۾ نه آئي آهي، تيئن سورج کان ڏور پرتويءَ تي رهي مونکي پنهنجو واڌارو ڪرڻ گهرجي. ڇيهن ڪي جيڪڏهن ڪو چوي ته پاڻيءَ کان گير وڌيڪ قيمتي آهي ۽ توهين گير ۾ هلي رهو، ته ڇا ڇيهون اهو منظور ڪنديون؟ ڇيهون نه پاڻيءَ ۾ ئي جيئي سگهن ٿيون. اهي گير ۾ نه مري وينديون.

اِئي جو ڌرم ڪٿي سولو ڇو نه هجي ته به اهو گرهڻ ڪرڻ لائق ڪين آهي. گهڻي ڀاڱي اهو اهڙو سولو نه هوندو آهي، جهڙو اسانکي پاسندو آهي. گهر ۾ ٻارن ٻچن جي سنڀال نيڪ طرح نه ڪري سگهڻ کان گهٻرائجي، جي ڪو گرهستي سنياس وٺندو ته اهو ڀونگ ٿيندو ۽ اهو ڏاڍو ڀهانگو به پوندو. وجهه ملڻ اي سندس واسنائون زور پڪڙينديون. جو سنسار جو بوجو لٿو ڪٿي سگهي، سو جي جهنگل ۾ وڃي وهندو ته پهرين هو لنڊي جهوپڙي ٺهرائيندو. پوءِ ان جي رکيا لاءِ لوڙها لڳائيندو. ائين ڪندي الي نه ڪيس سوايو سنسار اڏڻو پوندو. جيڪڏهن سچ پچ من ۾ ويراڳ ورلي آهي ته پوءِ سنياس وٺي ڪهڙي وڏي وٿ آهي! سڄڻين ۾ به اِهڙا! وچن ملن ٿا ته سنياس ڏاڍو سولو آهي. ليڪن مکيه ڳالهه ورليءَ جي آهي. جنهن جي جهڙي ورلي هوندي، تنهنجو تهڙو ڌرم ٿيندو. چڱي مٺي، سولي ڏکي جو نه سوال ئي ڪونهي. سڄي ترقي هٿڻ گهرجي. سڄي تبديل اچڻ گهرجي.

ليڪن ڪي جدائي ماڻهو پڇندا آهن ته جي ٻڌ ڌرم کان سنياس ڌرم سچ پچ بهتر آهي ته ڀڳوان، ارجن کي سچو سنياسي ڇو نه ٻڌايو؟ ڇا هن لاءِ سنياس ڏکيو هو؟ هن لاءِ ڏکيو ته ڪجهه به ڪين هو، ليڪن ان ۾ ارجن جو پرشارٿ ئي ڪهڙو رهي ها؟ پرميشور سڀني کي آزاد ڇڏيو آهي هر ڪنهن کي پنهنجي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. الهرئي نه موج آهي. اندڙي ٻار کي خود تصوير چٽڻ ۾ آنند ايندو آهي. ڪيس اهو

الهيءَ ڪري ڀڳوان صاف صاف چيو ”ارجن، تون جو چئي رهيو آهين تہ مان نہ لڙندس، اهو تنهنجو ڀرم آهي. اڄ تائين جو تنهنجو سڀاءُ رهيو آهي، سو توکي لڙائيءَ ۾ وڙهڻ لاءِ بنا رهي نہ سگهندو.“

ارجن کي هيءُ سوڌرم، گهڻو رهت محسوس ٿيڻ لڳي ٿو. ليڪن سوڌرم ڪيترو ئي گهڻو رهت ڇونہ هجي، تڏهن بہ ان ۾ رهي ڪري منش کي پنهنجي ترقي ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ ان ۾ رهڻ سان ئي ترقي ٿي سگهي ٿي. هن ۾ ايمان جو ڪو سوال ڪونهي. هيءُ تہ ترقيءَ جو منتر آهي. سوڌرم اهڙي چيز ناهي جنهنکي وڏو سمجهي گرهڻ ڪجي يا ننڍو سمجهي ڇڏي ڏجي. حقيقت ۾ اهو نہ وڏو آهي، نہ ننڍو. اهو اسانجي حالتن هلندڙ چلت ۽ ويچار موجب رهندو آهي. ”گهڻو رهت سوڌرم بہ سريشٽ آهي.“ گيتا جي هن وچن ۾ ڌرم اکر جي معنيٰ، هندو ڌرم، اسلامي ڌرم، عيسائي ڌرم وغيره نہ آهي. هرهڪ انسان جو نرالو ڌرم آهي. هتي منهنجي سامهون جي بہ سؤ جڻا ويٺا آهن، انهنجا بہ سؤ ڌرم آهن منهنجو ڌرم بہ جو ڏهہ سال اڳ هو، اهو اڄ ڪونهي. اڄ جو منهنجو ڌرم آهي سو ڏهہ سال پوءِ منهنجو ڌرم ٿي نٿو سگهي. جئين ۽ انهيءَ سان جئين ورتيون بدلبيون وڃن ٿيون، تئين تئين اڳيون ڌرم ڇڏيندو وڃي ٿو ۽ نئون ڌرم حاصل ڪندو وڃي ٿو. هن ۾ هٺ لاءِ ڪٿي بہ گنجائش ڪين آهي. ٻئي جو ڌرم ڪيترو بہ سريشٽ هجي، تڏهن بہ اهو اختيار ڪرڻ ۾ منهنجو ڪلياڻ ناهي. سورج جي روشني مون کي وڻي ٿي. ان روشنيءَ سان منهنجي واڌ ٿئي ٿي. سورج مون لاءِ پوڄنيڪ آهي. ليڪن الڪري مان پرٿويءَ تي رهڻ ڇڏي سورج ڏانهن وڃڻ چاهيندس تہ جلي خاڪ ٿي ويندس. ان جي ابتڙ، ڀلي پرٿويءَ تي رهڻ گهڻو رهت هجي، پرٿوي سورج جي مقابلي ۾ بلڪل ننڍي هجي، هوءَ خود روشن نہ بہ هجي، تہ بہ

۴

سرل ٻُڌيءَ وارو!

اڄڪي هلي گيتا سمجهڻ لاءِ ارجن جي موهه جي هيءَ اوستا اسان لاءِ ڏاڍي ڪمائتي ٿي آهي. انهيءَ لاءِ اسين سندس احسان ضرور مڃيندا سين. پر ان کانسواءِ ارجن جو هڪ ٻيو اپڪار به آهي. ارجن جي هڻ من - اوستا مان سندس من جي بيحد سرلتا جو پتو پوي ٿو. خود "ارجن" شبد جو ارٿ "رڄُ" يعني سرل سڀاءَ وارو آهي. سندس من ۾ جي به وڪار ٿيا ۽ ويچار آيا، سي سڀ دل کولي ڀڳوان جي اڳيان رکيائين. من ۾ ڪجهه به نه لڪايائين ۽ آخر هو ڀڳوان جي شرڻ ۾ ويو. سچ نه هو شروع ۾ ئي ڀڳوان ڪرشن جي شرڻ ۾ هو. ڪرشن کي سارٿي ٿالي جڏهن کان گهوڙن جو لغام ڪرشن جي هٿ ۾ ڏنائين، تڏهن کان ئي هن پنهنجي من ورتين جو لغام ڪرشن جي هٿ ۾ ڏيڻ جي تياري ڪري ڇڏي هئي. اچو، اسين به ائين ڪريون. ارجن وٽ نه ڪرشن هو، اسان وٽ ڪرشن ڪٿي؟ اسانکي ائين نه چوڻ گهرجي. ڪرشن ٿالي ڪو انسان هو، اهڙي الهاسڪ ڀا پرمائيندڙ ٻڌيءَ واري الجهن ۾ اسين نه پئون. انترياميءَ جي روپ ۾ ڪرشن اسان مان هرهڪ جي دل ۾ براجمان آهي. اسان کي هو سينئي کان ويجهو آهي. اسين پنهنجي هردي جون سڀ ڪمزوريون سندس سامهون کولي رکون ۽ کيس چئون، "ڀڳوان! مان تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان، تون ئي منهنجو گرو آهين، مونکي سڌين راهه ڏيکار. جا راهه تون ڏيکاريندين ان تي ئي مان هلندس." جي اسين ائين ڪنداسين ته هو ارجن جو ڪوچوان، اسانجي به ڪوچوانيءَ ڪندو. پنهنجي مڪاروند سان اسانکي به گيتا ٻڌائيندو ۽ اسانکي به سوڀارو ڪندو.

آزتوار، ۲۱-۲-۱۹۳۲.

پسند نه ايندو ته ڪو سندس هٿ پڪڙي مورت چٽائي. جيڪڏهن ماستر وديارٿين جا سوال پاڻ حل ڪندو وڃي ته وديارٿين جي بڌي ڪيئن وڌندي؟ ٺهڪري ماتا-پتا ۽ گروءَ جو ڪم صرف صلاح ڏيڻ آهي. پرميشور اندر ۾ اسانکي سمجهائيندو ٿو رهي، ان ڪان وڌيڪ هو ڪجهه ڪين ٿو ڪري. جيڪڏهن ڀڳوان ڪنيار وانگر ٺڪي ٺوڪي هرهڪ جا مٽڪا تيار ڪري ته ان ۾ لطف ئي ڪهڙو؟ اسين مٽيءَ جا مٽ نه ڪوڙ آهيون. اسين ته گيانوان آهيون.

هن ساري وستار مان اوهان کي هڪ ڳالهه ته سمجهه ۾ آئي هوندي ته گيتا جو جنم سوڌرم ۾ رڪاوٽ وجهندڙ موهه کي دور ڪرڻ لاءِ ٿيو آهي. ارجن ڌرم جي مونجهاري ۾ منجهي پيو هو. سوڌرم جي باري ۾ سندس من ۾ موهه پيدا ٿيو هو. اها ڳالهه ڪرشن جي پهرين جهٽڪ بعد ارجن خود ئي قبول ڪئي آهي. ان موهه، ان ممتا، ان آسڪتيءَ کي دور ڪرڻ لي گيتا جو مکيه ڪم آهي. ان ڪري سڄي گيتا ٻڌائڻ بعد ڀڳوان سوال پڇيو آهي، "ارجن! ٺهنجو موهه دور ٿيو؟" ۽ ارجن جواب ڏنو، "ڀڳوان، ها، منهنجو موهه دور ٿيو ۽ سوڌرم جو گيان پراپت ٿيو آهي." اهڙيطرح جيڪڏهن گيتا جو آڳو پيڇو ويچاري ڏسون ته موهه ناس ڪرڻ ئي انجو مقصد آهي. رکو گيتا جو نه، پر سڄي مهاڀارت جو اهو اُديش آهي. وياس ديو مهاڀارت جي شروع ۾ ئي چيو آهي ته لوڪن جي موهه روپي اندڪار کي دور ڪرڻ لاءِ ئي مون هيءُ اتهاس روپي جوت جڳائي آهي.

ٻنهي اڌياءَ کان گيتا جي سکيا جي شروعات ٿئي ٿي. شروع ۾ ئي ڀڳوان جيون جا مول سڌانت ٻڌائي ٿو. هن ۾ سندس مطلب هيءُ آهي ته جي شروع ۾ ئي اهي جيون جا مکيه تتو ٺيڪ لڳن، جن جي آڌار تي جيون جي عمارت کڙي ڪرڻي آهي ته اڳتي رستو سولو ٿي ويندو. گيتا جي ٻئي اڌياءَ ۾ ”سانکيه ٻڌي“ اکر اچي ٿو. جنهنجو ارٿ مان ڪريان ٿو: جيون جا بنيادي سڌانت، اسانکي هي بنيادي سڌانت سمجهڻا آهن. پر تنهن کان اڳي جي اسين هن سانکيه شبد کي سمجهڻ لاءِ گيتا جي اصطلاحي شبدن جي ارٿ جي ٿوري ڇني سمجهاڻي ڏيون ته بهتر ٿيندو.

گيتاڪار کي پراڻن شاستري اکرن کي نئين ارٿ ۾ لکڻ جي عادت آهي. پراڻن اکرن کي نئين ارٿ ۾ قلمبند ڪري، وچار ڪرائڻ جو اهو هڪ طريقو آهي. وياس ديو هن هنر ۾ پڪو آهي. انڪري گيتا کي وياپڪ ارٿ حاصل ٿيو آهي. ان ڪري گيتا نت نئين رهي آهي. الڳ وچاروان پرش پنهنجي ضرورت ۽ ايؤ انوسار الڳ ارٿ ڪڍي سگهيا آهن. پنهنجي پنهنجي اسٿتي ۽ اوستا جي لحاظ کان اهي سڀ صحيح ٿي سگهن ٿا. مان سمجهان ٿو ته ڪنهن به ارٿ جي مخالفت ڪرڻ کان سواءِ به اسين پنهنجو ارٿ ڪري سگهون ٿا.

هن سلسلي ۾ اپنشد ۾ هڪ ڪٿا ٿي اچي. هڪ دفعي ديو، دئيت ۽ منشيه، ٽيئي پرجاپتيءَ وٽ اپديش لاءِ ويا. پرجاپتيءَ هڪ ئي اکر ”د“ سڀني کي ٻڌايو. ديون چيو ته اسين ديوتائون ڪامي آهيون اسانکي وشيه ڀوڳ جو چسڪو لڳل آهي. انهيءَ ڪري برهما اسانکي ”د“ اکر وسيلي ”دمن“ ڪرڻ جي سکيا ڏني آهي. دئيت چوڻ لڳا ته اسين ڏاڍو ڪروڌي، نردئي ۽ ڪلورِ ٿي پيا آهيون، اسان کي برهما ”د“ اکر سان ”ديا“ ڪريو جي سکيا ڏني آهي. منشيه چوڻ لڳا اسين لوڀي ۽ ڌن ڪٺي ڪرڻ ۾ پاڳل ٿي ويا آهيون. اسانکي ”د“

اڌيائُ ٻيو

ٽوري ۾ سڀ اپديش

آتم گيان ۽ سمتا واري ٻڌي

٥

گيتا جي ٻولي

پانڊو! اڳين اڌيائن ۾ اسان ارجن جي وشاد-يوگ کي ڏٺو. جڏهن ارجن وانگر سرلتا پراپت ڪري، انسان هري شرڻ ۾ اچي ٿو ته پوءِ وشاد جو به يوگ ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ کي ٿي هرديه منٿن چون ٿا. گيتا جي هن ڀومڪا کي مون گيتا جي رچيندڙ انوسار ارجن وشاد-يوگ جهڙو خاص نالو نه ڏنو آهي. وشاد-يوگ جهڙو رواجي نالو ڏنو آهي. ڇو ته گيتا جي لاءِ ارجن صرف نمت مانر آهي. انهن نه سمجهڻ گهرجي ته * پنڍرپور ڳوٺ ۾ ڀڳوان پانڊورنگ صرف ڀڳت پنڊليڪ لاءِ ئي پيدا ٿيو. ڇو ته اسين ڏسون ٿا ته ڀڳت پنڊليڪ کي درشن ڏيندڙ پانڊورنگ، اسان جهڙن انسانن جي اڌار ڪرڻ لاءِ اڄ هزارن سالن کان اڀو بيٺو آهي. اهڙيءَ طرح گيتا جو گيان به ارجن جي نمت ڇوڙ سڀني. لڌو هن به اسان سڀني لاءِ آهي. اهڙيءَ ڪري گيتا جي ٻئي اڌيائن لاءِ وشاد-يوگ جهڙو رواجي نالو ئي سولو هين ٿو. مٿي گيتا روپي وڻ هتان وڌندي وڌندي آخرين اڌيائن ۾ نرساڻ-يوگ روپي ڦل لاڻين پهچي ٿو. ايشور جي اڇا هوندي ۽ هن جنم جيون ۾ اسين به اتي وڃي پهچنداسين.

---

* پنڍرپور مهاراشٽرا ۾ ڳوٺ آهي جتي پانڊورنگ اوتار جي پوڄا ٿيندي آهي.

ماتا جي اُپما تو ڏيان. موُن کي ماتا جي چولهه هن جنم ۾ ڪرڻي ناهي، اها چولهه اڳ ئي ڇڏي آهي. هاڻي ڪنهن به حالت ۾ اها ڦري نٿي سگهي. اهڙي ئي حالت سوڌرم جي آهي. هن جڳ ۾ اسان لاءِ سوڌرم ڪانسواءِ ٻيو ڪو اجهو ڪونهي. سوڌرم کان ڪنارو ڪرڻ جڻ "سو" (پاڻ) کان ئي ڪنارو ڪرڻ آهي، آپگهات آهي. سوڌرم جي ئي سهاري اسين اڳتي وڌي سگهون ٿا. الڪري هي، سوڌرم جو آسرو ڪڏهن به ڪنهن کي ڇڏڻ نه گهرجي. هي، جيون جو هڪ بنيادي سڌانت ثابت ٿئي ٿو.

سوڌرم اسانکي اهڙو سياڻو طريقي حاصل ٿيو آهي، جو اسانکان انجو پالڻ پنهنجو پاڻ ٿيڻ گهرجي. پر ايڪ قسم جي موهه ڪارڻ انهن ٿلو ٿڪي، يا نه ڏاڍي مشڪلات سان لڳي ٿو، جي لڳي ٿو، تو نه ان ۾ ڪيترا دوش اچي وڃن ٿا. سوڌرم جي رستي ۾ ڪيترا پکيڙڻ واري موهه جي ٻاهرين روپن جو نه ڪو شمار ئي ڪونهي. ڪڏهن به جڏهن اسين چند ڇاڻ ڪريون ٿا نه انهن سڀني جي بنياد ۾ هڪ ئي ڳالهه ڏسجي ٿي، ڇا آهي تنگ ۽ هلڪي ديهه بدي. ’مان سمجهان تو نه مان ۽ منهنجي سرير سان تعلق رکندڙ، بس ايتري ئي منهنجي ڪشادگي، يا ڦهلاءَ جي حد آهي. هن دائري کان جو ٻاهر آهي اهو منهنجي لاءِ ڌاريو يا دشمن آهي. اهڙي ڀيد جي ڀت، هيءَ ديهه بدي کڙي ڪري ٿي.‘ وري عجب نه اهو آهي جو جن کي مان ۽ منهنجو سمجهو انهن جي نه صرف سرير ئي منهنجو نظر آهي. ديهه بدي، جي ان ٻئي وکڙ ۾ ٻيهي اسين قسمين قسمين ننڍا گهڻا ناهڻ لڳون ٿا. اڪثر هر ڪو هن ڳالهه ۾ لڳل رهي ٿو. انهن ۾ ڪنهنجو گهيرو وڏو نه ڪنهن جو ننڍو، پر آهي نه آخر گهيرو ئي. هن شرير جي جهڙي، جهڙي ئي نه سندس گهرائي آهي. ڪوئي ڪٽنب ايمان جو گهيرو ٺاهي ٿو وهي نه ڪوئي ديش ايمان جو ماڻ مڃي ٿو وهي. هڪ

اڪر سان. پرجاپتيءَ "دان" ڪرڻ جي سکيا ڏني آهي. پرجاپتيءَ سڀني جي ارٿ کي صحيح ڄاتائون. ڇو ته سڀني پنهنجي پنهنجي آزمودي مان ارٿ ڪڍيائون. گيتا جي اصطلاحي ٻوليءَ جو ارٿ ڪرڻ وقت اسانکي اپنشد جي هيءَ ڪٿا ياد ڪرڻ گهرجي.

٦

جيون سڌانت (١) سوڌرم پالڻ

هن اڌياءَ ۾ جيون جا ٣ مهان سڌانت پيش ڪيل آهن: (١) آتما جي امرتا ۽ اکنڊتا، (٢) ديھ جو فانيپڻو، (٣) سوڌرم جي پالنا. انهن ۾ سوڌرم جو سڌانت عمل ڪرڻ لائق آهي. باقي ٻه ڄاڻڻ لائق آهن. اڳين اڌياءَ ۾ مون سوڌرم جي بابت ۾ ڪجهه چيو آهي. هيءُ سوڌرم اسانکي قدرتي طرح ئي ملي ٿو. سوڌرم کي ڳولهڻو نٿو پوي. ائين نه ناهي ته اسين آسمان مان ڪري پياسين ۽ زمين تي هلڻ لڳاسين. اسانجي ڄمڻ کان پهرين هيءَ سماج هئي. اسانجا ماءُ ۽ پيءُ هئا، ۽ پاڙيسري هئا. اهڙيءَ طرح هن وهڪري ۾ اسانجو جنم ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري جنهن ماءُ پيءُ جي ڪک مان ڄائو آهيان، انهن جي سيوا ڪرڻ جو ڌرم ڄمڻ سان ئي مليو ۽ جنهن سماج ۾ مان جنم وٺان ٿو، انهيءَ جي سيوا ڪرڻ جو ڌرم به مونکي پنهنجو پاڻ حاصل ٿئي ٿو. اسانجي جنم سان گڏوگڏ سوڌرم جو به جنم ٿئي ٿو. بلڪ ائين به چئي سگهجي ٿو ته سوڌرم اسانجي جنم وٺڻ کان پهرين موجود رهي ٿو. ڇو ته اهو اسانجي جنم جو اديش آهي جنهنکي پوري ڪرڻ لاءِ اسين پيدا ٿيا آهيون. ڪي ته سوڌرم کي پنهنجي پتنيءَ جي اپما ڏين ٿا ۽ چون ٿا ته جيئن پتنيءَ جو سمبنڌ اٽوٽ آهي تيئن هي سوڌرم جو سمبنڌ به اٽوٽ آهي. پر مونکي هيءَ مشابهت به اڌوري ٿي لڳي. مان سوڌرم کي

ويچار ڪري ڇڏجي، بار بار من ۾ انهن جو منٿن ڪرڻ گهرجي. هن شرير جي اهميت گهٽائي آتما کي اهميت ڏيڻ گهرجي.

ڏسو ته هي ڏيهه نه گهڙيءَ گهڙيءَ بدلجندي رهي ٿي. ٻال اوستا جواني ۽ ٻڍاپو. ان چڪر جو ڪنهن کي آزمودو ڪونهي؟ اڄوڪن ودوانن جو چوڻ آهي ته ستن سالن ۾ شرير بلڪل بدلجي ويندو آهي ۽ پراڻي جسم جو هڪ ذرو به نه رهندو آهي. اسان کي وڏا چوندا هئا ته ٻارهن سالن ۾ پراڻو شرير مري ويندو آهي. انڪري هو پرانشچت، تپسيا، اپواس وغيره جو مدو ٻارهن سال رکندا هئا. اهڙا واقعا ٿيا آهن جو گهڻن سالن جي جدائيءَ کانپوءِ ٻار پنهنجي ماءُ سان مليو ته ماءُ کيس سڃاڻي نه سگهي. ته ڇا هي گهڙيءَ گهڙيءَ بدلجندڙ، پل پل ۾ مرندڙ ڏيهه توهين آهيو؟ والهان ڏيهان جي مثل مولر جون ناليون پيون وهن ۽ تو جهڙو زبردست صفائي ڪندڙ ملڻ مشڪل آهي ته جنهنجي گندگيءَ جي ڪا حد ئي ڪانهي، ڇا اهو ئي توهين آهيو؟ اهو گندو، توهين اُن کي صاف ڪندڙ، اهو روڳي ۽ توهين هڪ ئي دوا پاڻي ڏيندڙ؛ هو سڙندڙ توهين هن جي جڳهه والارهندڙ، توهين ٽن لوڪن ۾ وسندڙ؛ هو هميشه بدلجندڙ، توهين اڻ تبديل ٿيندڙ؛ هو مرندڙ، توهين ان جي موت جو انتظام ڪندڙ؛ تنهنجو ۽ انجو پنهنجو اثرو ساٿ ٿيندي به، توهين انجو تعلق ڪيئن ٿا ٻڌجين؟ انهن ڪيئن ٿو چوڻ ته هن ڏيهه سان ناتو رکندڙ ئي صرف منهنجا آهن ٻاهرين ڏيهه جي مرڻ لاءِ انترو ڏک به ڇا لاءِ ٿو ڪرين؟ ڀڳوان پڇي ٿو ته ڀلا ڪا ڏيهه جو ناس ٿيڻ به ڪا ڏک ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي؟

ڏيهه ته ڪپڙي وانگيان آهي ۽ پراڻو ڦاٽي وڃي ٿو انڪري ٿي نه نئون پهرجي ٿو. جي هڪ ئي شرير آتما سان دائم قائم هجي ته آتما جو جيڪر برو حال ٿي پوي. ساري زندگي جيڪر روڳجي وڃي. آنند گم ٿي وڃي ۽ گيان جي جوت جهڪي ٿي وڃي. انڪري ڏيهه جو ناس ڏکدائي ناهي. ها، جي آتما

براهمڻ غير براهمڻ ناليءَ سان گهيرو، نه ٻيو هندو مسلمان ناليءَ
سان گهيرو، اهڙيءَ طرح هڪ ٻه نه، پر اڻيڪ گهيرا ٺاهيا وڃن
ٿا. جيڏانهن نهار ڪيڏانهن اهائي ڄار. اسان جي هن جيل ۾ ٻه
نه راڄسيتي قيدي ۽ رواجي قيدي، ٢ اهڙي طرح جا گهيرا ٺهيل
آهن. جڻ ته انهن کانسواءِ اسانجو جيئڻ اِي مشڪل آهي. ليڪن
انجو نتيجو ڇاٿو نڪري؟ غليظ وڪارن جي جهوڙن جي واڌ ۽
سوڌرم ۾ روڪ ۽ تندرستيءَ جو ناس.

٧

جيون سڌانت (٢) نرليپ آتما

اهڙيءَ حالت ۾ سوڌرم ڀڳتي، اڪيلي حاصل ٿي نٿي سگهي.
انهيءَ لاءِ ٻيا ٻه سڌانت خيال ۾ رکڻا پون ٿا. هڪ ته مان
فلسوت ديهه نه آهيان؛ هيءَ ديهه ته صرف ٻاهريون پردو آهي.
ٻيو ته مان امر، اکنڊ ۽ وياپڪ آتما آهيان. انهن ٻنهي جي ميلاپ
سان هڪ پورڻ تتوگيان حاصل ٿئي ٿو.

هيءَ تتوگيان گيتا کي ايترو ضروري ٿو لڳي، جو گيتا
پهرين انهيءَ جو بيان ڪري ٿي، پوءِ سوڌرم جو. ڪي پڇن
ٿا ته تتوگيان جا هيءَ شلوڪ شروع ۾ ڇا لاءِ آيا آهن؟ ليڪن
مونکي ته ائين ٿو لڳي ته گيتا ۾ جيڪڏهن ڪي اهڙا سلوڪ
آهن جنهنجي جڳهه بلڪل بدلجي ٿي سگهي ته اهي هيءَ
ئي آهن.

ايترو تتوگيان، جي من ۾ ڄمي وڃي ته پوءِ سوڌرم پالڻ
بلڪل ڏکيو نه ٿيندو. نه رڳو ايترو، پر سوڌرم پالڻ جي بدران
ٻيو ڪجهه ڪرڻ ڏکيو ٿيو لڳندو ۽ پوءِ آتم تتو جي اکنڊتا
۽ ديهه جو فانيپڻو، انهن ڳالهين کي سمجهڻ ڪٺن نه آهي.
ڇو ته اهي ٻئي حقيقتون آهن. پر ان لاءِ اسان کي انهن جو

ٻيءَ تو لڳي تہ هن ڏڏڪي سان هيءُ ٻانڊو نہ ٻڌجي پوي. پر ٻيا ڙتيل وقت کان پهرين هيءُ ٻانڊو پيٺو آهي؟ پر جو ٻانڊو بہ ڪلاڪ ڏيڍ سان پيٺو آهي، اهو تورو پهرين ڀڳو تہ ان بہ ڀڳو پوءِ ڇا؟ هن جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسين ڪيترو ڏيل ۽ پوءِ رهڻ تي وڃون. مگر ديهہ جي موهہ کي، ڏور ڪرڻ ڪانسواءِ سچو پريم پيدا ٿي نٿو ٿي سگهي.

جڏهن ديهہ جو موهہ دور ٿي ويندو، تڏهن هيءَ ڳالهہ معلوم ٿي ويندي، تہ ديهہ سيوا جو هڪ ذريعو آهي ۽ ديهہ کي مناسب درجو بہ حاصل ٿي ويندو. ليڪن اڄ تہ اسين ديهہ پوڄا ۾ پنهنجو اُديش سمجهي ويٺا آهيون. اسين هيءَ ڳالهہ ئي ڀلجي ويا آهيون تہ سوڌرم پالڻ ئي اُديش آهي. ديهہ کي سنڀالڻ جي ۽ ان کي پالڻ پوشڻ جي جيتڪڏهن ضرورت آهي تہ اها سوڌرم پالڻ جي لاءِ ۽ نہ صرف زبان جي ذائقي پوري ڪرڻ لاءِ. ڇمڇي سان ڪٽي ڪيرٽي پرچيون يا دال چانور، پر ڇمڇي کي انجو ڪوئي ڏک سک ڪونهي. اهڙي حالت زبان جي هئڻ گهرجي. ان کي رس ڳيان تہ ٿيڻ گهرجي پر سک ڏک نہ. شرير جو ڪاڏو شرير کي ملبو، بس ختم. ڇمڇي سان سٺو ڪٽو آهي ان ڪري تيل ڏيڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح شرير کان ڪم وٺڻو آهي، انڪري ان ۾ ڪوئلا وجهڻ ضروري آهي. انهيءَ طرح جي اسين ديهہ ڪم آڻيون تہ سچ پچ ڪيئن نہ هوندي بہ انجو ملهہ وڌي سگهي ٿو ۽ انکي اهميت ملي سگهي ٿي.

مگر اسين ديهہ کي ڪم ڪرڻ جو ذريعو نہ سمجهي ان جي موهہ ۾ ڦاسي وڃون ٿا ۽ آلس ڪري ويهون ٿا. تنهنڪري هيءَ ديهہ جا اڳي ئي لاچار آهي سا اجا بہ وڌيڪ ٿلهي وڃي ٿي. الله سنت ڍريتا سان چون ٿا: سونو ۽ ڪڻڪ کي صرف ديهہ جي ڪري ٿي لنڊجي تو بہ تہ آهن تہ اهي نہ پوڄڻ لائق، اڙي! لون هن ديهہ جي ۽ ديهہ سان جنجو سنبنڌ

جو ناس ٿي سگهندو هجي ها ته البت اها چنتا جي ڳالهه هجي ها. ليڪن هوءَ نه اڻناسي آهي. هوءَ جڻ ته هڪ اکنڊ وهندڙ جهرڻو آهي. مٿس انيڪ ڏيهن جا لهر لهن ۽ چڙهن تاٻالڪري ڏيهه جي چڪر ۾ پئي ڏک ڪرڻ يا هيءُ منهنجو هيءُ پرائو، اهڙا ڀيد ڀاڳا ڪرڻ غير واجب آهي. هيءُ سارو برهمانڊ هڪ سمنڊ اٿل چادر وانگر آهي. جئن ڪو ننڍو بالڪ ڪٿنهن ڪٿي چادر جا ٽڪرا ڪتري ڇڏي تو، اهڙي طرح ڏيهه جهڙي ڪٿنهن ڪٿي ان وشو آتما جا ٽڪرا ڪرڻ ڪيتري نه ابوجهائي ۽ ڪيڏي نه هٺتا آهي!

سچ نه هيءَ ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي ته جنهن ڀارت ڀوميءَ ۾ برهم وديا جنم ورتو، ان ئي ڀوميءَ ۾ ننڍين وڏين مندرن، مڙهن ۽ جاين جي چوطرف ليلا ڏسجي ٿي. موت جو نه اسانجي دل ۾ اترو ڏپ ويهي ويو آهي جو اهڙو شايد ٻئي ڪٿي به هند هوندو. ان ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي ته وڏي عرصي جي غلاميءَ جو ئي هيءُ نتيجو آهي. ليڪن هيءَ ڳالهه به پڪ ته گهرجي ته هن غلاميءَ جو ڪارڻ به اهوئي آهي.

موت جو اگر به اسان کي نئون وٺي ۽ موت جو نه نالو به اسانکي اچڻ پيو لڳي. ڪمان ڏيوڪي وڏي ڏک سان لکٽو پيو، "موت اڳر الا سهي سگهين، مرليو لي تا روئن پئين." جي ڪومري تو نه ڪيترو نه روئڻ پٽڻ! ڪيترو نه سياپو! جڻ نه اهو اسانجو هڪ فرض آهي. پاڙي لي سياپو ڪندڙ گهرائڻ تائين وڃي ماجرا پهتي آهي. مرليو لرديڪ اچڻ لي به مريض کي نه ٻڌائيندا. جيڪڏهن ڊاڪٽر چيو ته هيءُ بيمار نه بچندو ته به مريض کي اولڌهه ۾ ئي رکندا. خود ڊاڪٽر به صاف نه چوندو، آخري دم تائين پيٽ ۾ دوائن جون شيشيون اوليندو رهندو. الهيءَ بدران جي سچي ڳالهه ٻڌائي، ڏيرج ڏلاسو ڏئي، ڪيس ايشور سمرڻ طرف لڳايو وڃي ته ڪيترو نه چڱو ٿئي. مگر ڪين

ٿين ٿو جڏهن جيئن ته ٿڌي ڳوٺڙي ۾ ڪتان ڪرسان ڪڍي ڪري
جيئان جي. اگرچ ٻه ايندو آهي. مگر آريا جو ڪم اتري ۽ لوڙو
لتو ٿئي. آتما کي نه مڪتي جو آنند گهرجي.

عالپرج نه (١) ڪنهن کي گهرجي ته پرمانند ۽ پرمانند جي
ڏنگي رسڻي کي ڇڏي پرمانند جو سڏو ۽ سولو وسيلو ڪري.
سو ڌرم جو آسرو ڪڏهن نه ڇڏي. (٢) هي ۽ ياد رکي ته دنيا
فاني آهي ۽ الکي سوڌرم بالڪل لاءِ مگر استعمال ڪري. جڏهن
ضرورت پوي ته الکي سوڌرم بالڪل ئي ختم ڪري. (٣)
آتما جي اکنڊتا ۽ وياپڪتا جو گيان سڌائي ڄاڻي رکي ۽
جت مان "پنهنجو - پرائو" ڀيد ڪڍي ڇڏي: ٻئي جيئن جا
آهي مکيه سڌائون ٻڌايا آهن. جيڪو ان موجب عمل ڪندو اهو
بيشڪ هڪ ڏينهن "منش چولي ڏٺاران چالو، سهو آنند روپ
سچالو" الهي ۽ آرمودي کي حاصل ڪندو.

٨

ٻڌي، سڌائن، عمل ۽ آتما جي ٽيويڙ - حل ڪهاڻي

پيگوان جيون جا هي سڌائون نه ٻڌايا مگر ڪريت سڌائون
ٻڌائڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. گيتا ۾ آيل هي سڌائون اپنشدن ۽
سمرتين ۾ پکڙيل ئي موجود آهن. جيڪڏهن گيتا ورتي الهن
جو ورلن ڪيو ته گيتا جي ان ۾ خاصيت ڪهڙي؟ اهڙي
خاصيت ته ان ٻڌائڻ ۾ آهي ته ان سڌائن کي عمل ۾ ڪهڙي
آڻجي؟ هن وڏي سوال کي حل ڪرڻ ۾ ئي گيتا جي
وڏائي آهي.

جيون جي سڌائن کي وهنوار ۾ آڻڻ جي جا رستا يا ڪلا
آهي ان کي يوگ چوندا آهن. سانکيه جو ارٿ آهي سڌائن
يا شاستر ۽ يوگ معني ڪلا. گياندهو ساکي ڏني آهي ته
"يوگين جيون جي ڪلا سانڍي آهي." گيتا سانکيه ۽ يوگ،

لبو آهي لن جي ذهن وات بوچاڻ ڪري ٿو. اسان کي به سمجهائڻ
بڪي. سينت جن وقت اساڻکي ويڪر ٿيڻ جي سکيا ڏني ٿي، ته
اسين جا پنهنجن مٿن مائٽن کان سواءِ ٻين وڏن پنهنجي آنڌ لوڙي
به ڪلي وڃون ٿا. "جيڪو جيو ۽ سهڻو، آنڌ آيا ۽ علايو." انهن
ايهين ڪريون ٿا ڇا؟ ڇا انهن جي جن ۽ ڪلهن انهن ايند و
آهي ته ڪالهه پنهنجي چالي ڊاڪٽري ڪي ٻچي مون ته ٻهر ٻن
دوست ڇانا، اڄ ٻند رهن ٿيا، سياڻ پنجاهه ليڊا ۽ انهن ڪيندي
ڪيندي هڪ ڏينهن هيءَ يار ۽ سنيل منهنجو ۽ ملن سنيار جو
اهڙيءَ طرح انهو ڪرڻ لکيندس؟ اسين جيل مان پنهنجن ۽ ٻين
خوشين کي خط لکون ٿا. ليڪن ان ۽ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي
ته جيل مان ڇٽڻ بعد ڪنهن تمين راهيمتي مٿي کي ٻه ٽي جوڙ
ليڊيءَ کي خط لکنداسين؟

سچ ته عيءَ آهي ته اساڻجي آئيا ويڪر ٿيڻ لاءِ ترقندي
ٿي رهي. اها چاهي ٿي ته ساري حڪمت سان هڪ ٿي رهي.
ليڪن اسين الڪي جوطرف ڪهڙي، ڏهالي جاڏون ٿا ۽ ڪيا
کي اسان قهدي ڳالهي رکيو آهي. لن جي ته اساڻکي ياد به ٿي
رهي. صبح ڪان ساڳهيءَ ڳالهين ڏيهه جي شعوا ۽ لڳا رهون ٿا.
ڏينهن رات هي ويچار ته منهنجو هيءَ شهر ڪيترو مونو ڦاڙو
لموءَ ڪيترو ڏيرو لمو. جڏهن ته سنيا ۾ ٻهو ڪيو آيل ٿي ڪوٺهي ۽
ٻوڙيءَ سواد جو آنند ته جوان ته وليدا آهن. هالي ٻيا ۽ اسواد
جو آنند ته ونددين ٻا ته؟ جوڙ ٻڪيو رهي ته ٻول ڳالهي ٻين
ٻڪالن کي ڏيڻ ۽ ڪهڙو آنند آهي، انجو انهو ون. انهي سواد
کي جڪ ماڻا جڏهن ٻچي لاءِ ڪيميت سهيندي آهي. تڏهن ان
سواد جو لوڙو ڪهڙو مزو ڪهين مليو. البسان "ٻيهڙو" چئي، هر
تمام لنڪ دالرو ڳالهندو رهي لو. البر ٻ سيدس اڌ ٻش ۽
الهڪالي ۽ وڃان، آلي وڪاهن جو، مطاهن ڇڪڻ جو هولڙو آهي.
جو ته ان سان ڏيهه ۾ ڦلال آيل ڪهه، ڏيو ڪاه لوڙو ڪهڙو ڏيهه
کان ٻاهر نڪري ٿي. مگر هي ٻاهر اچڻ جو ڪيڻ و ليولو؟ اهو

رهندي. نديءَ کي آرام ڪونهي. هوا کي ساهي ڪانهي؛ سورج کي سدائين پرنا جي لئي جاڳا آهي. اهڙيءَ طرح نشڪام پرش هميشه سيوا ڪرم ڪي لئي جاڳي ٿو. هاڻي جي اهڙي ڪرم ۾ پرش جو ڪرم اثر نه ٿيندو ته ڪنهنجو ٿيندو؟ وري چت جي سمتا به هڪ وڏو گڻ آهي؛ اهو نه نشڪام پرش جو ورتو آهي. ڪنهن ماهرن ڪاريگريءَ کي جاچبو ته ان ۾ به دست ڪلا سان گڏ جڏهن من جي سمتا ملي ٿي ته پوءِ اهو ڪم اڃا به وڌيڪ سندر نڪري ٿو. تنهن ڪان سواءِ سڪام ۽ نشڪام پرش جي ڪرم درشٽيءَ ۾ جو فرق آهي اهو به نشڪام پرش جي ڪرم لاءِ زياده موافق آهي. سڪام پرش ڪرم جي طرف سوارٿ جي نظر سان ڏسندو آهي. "منهنجو ٿي ڪرم؛ منهنجو ٿي ڦل" ان نظر سبب جي سندس ڏيان ٿورو به ڪرم ڪان هٽيو ته ان ۾ ڪيس اخلاقي دوش معلوم نٿو ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ نه وهنواري دوش معلوم ٿئي ٿو. پر نشڪام پرش جو نه پنهنجي ڪرم جي باري ۾ اخلاقي ۽ فرضي ويچار رهي ٿو. انڪري هو تمام خبرداري رکيتو ته سندس ڪرم ۾ ٿوري به اوڻائي نه رهجي وڃي. انڪري به انجو ڪرم وڌيڪ نردوش ٿئي ٿو. ڪهڙي به نمونيءَ ڏسبو ته ڦل تياڳ بلڪل اوچ ۽ شاندار ويچار سڌ ٿئي ٿو. تنهنڪري ڦل تياڳ کي يوگ يا جيون ڪلا چوڻ گهرجي.

جيڪڏهن نشڪام ڪرم جي ڳالهه ڇڏي ڏجي ته به ڪرم ۾ جو آنند آهي اهو الهي ڦل ۾ ڪونهي. پنهنجو ڪرم ڪندي جا هڪ قسم جي مستي اچي ٿي اها آنند جو ٿي جهرڻو آهي. نقاش کي چئو، "مورت نه چت، ان جي بدلي توکي جيترا پيسا گهرجن اوترا وٺ ته هوءَ ڪين ڏيندو. هاريءَ کي چئو، "تون زمين ٿي نه وڃ، ڳاهيون نه چار، نار نه هلاءِ، تون جيترو اناج چوندين اوترو توکي ڏيندا سين." جي هوءَ سچو هاري هوندو ته اهو سوڌو مور نه قبوليندو. هاري پره ڦٽيءَ کيت لئي ويندو.

جيون ۽ ڪلا ٻنهي سان پورڻ آهي. شاستر ۽ ڪلا ٻنهي جي
ميلاپ سان جيون جي سونهن وڌي ٿي. صرف شاستر هوائي
محل آهي. سنگيت شاستر جو گيان نه حاصل ڪيو، پر جي
ڳائڻ جي ڪلا نه ملي نه اڻپوري سنگيت جو آنند بلڪل
ملندو. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڀڳوان سڌانتن سان گڏو گڏ انهن
کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪلا به ٻڌائي آهي. اها ڪلا ڪهڙي
آهي؟ ديهه کي نه سمجهي آتما جي امرتا ۽ اکنڊتا تي لط
رکي سوڌرم جي پيروي ڪرڻ جي اها ڪلا ڪهڙي آهي؟

جي ماڻهو ڪرم ڪندا آهن جي ٻني ڀاونا هوندي آهي
هڪ نه پنهنجي ڪرم جو ڦل اسين اوس چکينداسين. اهو
اسانجو حق آهي. ان جي ابتڙ پيو نه جي اسانکي ڦل نه ملندو
نه اسين ڪرم ئي نه ڪنداسين. گيتا انهن ٻنهي کان نرالي نئين
ڀاونا يا ورتي ٻڌائي ٿي. هوءَ چوي ٿي، "ڪرم نه اوس ڪرڻ
مگر ڦل تي پنهنجو حق نه سمجهو. جو ڪرم ڪري ٿو ان کي
ڦل تي اوس حق آهي، ليڪن توهين ان حق کي خود ئي
ڇڏي ڏيو." رجوگڻ چوي ٿو، "ڪرم ڪندس نه ڦل نه
وٺندس" ۽ تموگڻ چوي ٿو، "ڦل ڇڏيندس نه ڪرم به ڇڏيندس."
هي ٻئي هڪ ٻئي جا ٻار آهن. الهيءَ ڪري توهين هنن ٻنهي
کان مٿي وڃي شڌ ستوگڻي ٿيو. يعني ڪرم نه ڪرڻو پر ڦل
کي ڇڏي ڏيو ۽ ڦل کي ڇڏي ڪرم ڪريو. ٻهراڻ چاهي پوءِ
ڪنهن به ڦل جي آشا نه رکو.

گيتا جڏهن چوي ٿي نه ڦل جي آشا نه رکو نه ان تي نه
ڏرو ڏيڻي نه ڪرم پورا ٿي ۽ ڦاڻيس سان ڪرڻ گهرجي.
سڪام پرش جي ڪرم جي پيٺ ۾ نشڪام پرش جو ڪرم گهٽ
ڪرڻ گهرجي. هيءَ ڦاٽا مناسب نه آهي. جو نه سڪام پرش نه
ڦل چاهيندو آهي. الڪري ڦل جي سهڻن ۽ وهارن ۾ سندس
ٿوري تڪڙي شڪتي ۽ وقت اوس ئي لڳندو. ليڪن نشڪام
پرش جيڪو هڪ پل ۽ سموري شڪتي ڪرم ۾ ئي لڳي

٩

قل تياڳ جا ٻه مثال

سنتن پنهنجيءَ جيون دوران هنيءَ ڳالهه سان ڏکري ڇڏي آهي. سنت تڪارام جو مثال وٺو. سندس پڪي ڀلو کي ڏکي مزاجي مهراج کي من ۾ تڪارام لاءِ ڏاڍي عزت ٿي وئي هئي. هڪ ڀيري هن تڪارام جي گهر پالڪي موڪلي سندس مرحبا جي تياري ڪئي... مگر تڪارام کي پنهنجي مرحبا لاءِ ايتري تياري ڏسي ڏاڍو ڏک لڳو. هن پنهنجي من ۾ چيو، "ڇا منهنجي ڀڳتيءَ جو مطلب آهي قل؟ ڇا هن لاءِ مان ايترو ڀڳتي ڪيو آهيان؟" کيس الٽو محسوس ٿيو ته ڀڳوان جي شان اڳ ۾ هو جو هيءَ قل سندس هٿ ۾ رکي، کيس پاڻ کان دور ڪري رهيو آهي. هن چيو:-

ڏسي پيو منهنجو ڪيتي دور ٿيندين،
هي ڀڳوان تنهنجون ڏيکاريون اجايون.

هي ڀڳوان! تنهنجي هيءَ عادت چڱي نه آهي، تون موڪلي ٿي لالچ ڏيکاري پاڻ تو گهرين. من ۾ سوچيندو هوندين ته هن آفت کي ٽاري ڇڏيان، مگر مان ته ڪي گروهه جو چيلو نه آهيان. تنهنجا جون زوار سان ڀڳتي ورندس. ڀڳتي ٿي ڀڳت جو موتي آهي. هو ڀڳتيءَ ۾ ٻين قلن جون تارون قسط ڏيڻ تي الجي جيون ڪلا آهي.

ڀڳت ليک جو ٻيو ليو. قل تياڳ جو هن کان ٻه گهڻو وڏيڪ اونهو آدرش ڏيکاري ٿو. ڀڳت ليک پنهنجي ماءُ پيءُ جي سيوا ڪري رهيو هو. سندس سيوا مان پرسن ٿي پانڊورنگ سائنس ملڻ لاءِ ڊوڙي آيو. مگر ڀڳت ليک، پانڊورنگ جي چڪر ۾ پنهنجي سيوا ڇڏڻ کان انڪار ڪيو. پنهنجي ماءُ پيءُ جي سيوا سندس لاءِ دلي اشٽور ڀڳتي هئي، ڪو جيڪڏهن ٻين ڪنهن ڦري لٽي پنهنجي ماءُ پيءُ کي سک پهچائيندو هجي ته ڪو ڏهن صورت

سوريه سندس مرحبا ڪري ٿو، پکي سندس لاءِ گيت آلاپين ٿا.
ڪاليون ڏالڪ سندس ارد گرد ڦرندا ٿا رهن. هي پرير سان مٿن
هيرا کهمائي ٿو، لڪايل بوٽن ۽ وڻن ٽڻن کي پيار جي نظر سان
ڏسي ٿو. انهن سڀني ڪمن ۾ هڪ سالوڪ آنند آهي ۽ اهو
آنند ئي ان ڪرم جو مکيه ۽ سچو ڦل آهي. انجي ڀيٽ ۾ سندس
باهريون ڦل بلڪل خسيس آهي.

گيتا جڏهن منش جي نظر ڪرم ڦل کان هٽائي وٺي ٿي ته
هوءَ هن لڏيبر سان ڪرم ۾ سندس من جي شڪتي صد بار
وڌائي ٿي. ڦل نه چاهيندڙ جي ڪرم لاءِ لگن، سماڌيءَ جهڙي
هوندي آهي، گهڻڪري سندس آنند مٿو ۽ وڌيڪ هوندو
آهي. جي اهڙي طرح ڏسنداسين ته هيءَ ڳالهه جلدي سمجهي
سگهنداسين ته انڪام ڪرم خود ئي مهان ڦل آهي. گيالديو
ليڪ ئي پڇيو آهي ته وڻن ۾ ڦل لڳا آهن، پر ڦل ۾ اڃا وڌيڪ
ڪهڙا ڦل لڳندا؟ هن ڏيهه روپي وڻ ۾ نشڪام سٺو ڌرم آچرڻ
جهڙا سندر ڦل لڳي چڪا بعد اڃا ڪهڙي ڦل جي آشا
رکون ٿا ڇو؟ هاري زمين ۾ ڪڻڪ پوکي، ڪڻڪ وڍي
جوار جي روٽي پچائي؟ سڻادي ڪيلا لڳائي ۽ اهي وڍي
مرچ ڇو کائي؟ اڙي پاڻي لون ڪيلائي ڳاهه ته! ليڪن دنيوي
مالهن کي هي قبول نه آهي، ڏسو ته ڪيلا کائڻ جو ياڳ هوندي
به وڃي مرچ کائين. اڪثري گيتا چوي ٿي ته توهين انين ته ڪريو
ڪرم ڪري ئي کائو، ڪرم ڪري ئي پيئو، ڪرم ڪري ئي پچايو.
بس ڪرم ڪرڻ ۾ ئي سڀ ڪجهه اچي ويندو. بالڪ والد
ڪرڻ جني آنند لاءِ ڪيڏو ٿيندو آهي. اڪثري ڪيس ورزش جو
ڦل نه پهچو پاڻ ملي ويندو آهي. مگر سندس ڌيان ڦل طرف
نه رهندو آهي، سندس سارو آنند ان والد ۾ ئي هوندو آهي.

جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" وري ٻئي شخص آيو ۽ اهي ساڳيا ساڌوءَ کان پڇيائين، "سائين! گهر ٻار ڇڏڻ ٻنا ڇا مڪتي ملي سگهندي؟" ساڌوءَ چيو، "ڪير ٿو چوي؟ اُهين گهر ۾ رهي سولائيءَ سان مڪتي ملندي هجي ها ته شڪديو جهڙن، جو گهر ٻار ڇڏيو ته ڇا هو مورک هئا؟" ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن اهي ٻئي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي ته ٻنهي ۾ وڏو جهڳڙو متو. هڪ چيو ته ساڌوءَ گهر ٻار ڇڏڻ لاءِ چيو آهي. ٻيو چوڻ لڳو ته ساڌوءَ چيو ته گهر ٻار ڇڏڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ٻئي ساڌوءَ وٽ آيا. ساڌوءَ چيو ته "ٻنهي جو چوڻ ٺيڪ آهي. جهڙي جنهنجي پاور تهڙي تنهنجي وات. جهڙو جنهنجو سوال تهڙو تنهنجو جواب. گهر ڇڏڻ جي ضرورت آهي اهو به سچ آهي ۽ گهر ڇڏڻ جي ضرورت ناهي، اهو به سچ آهي."

ٻنهي ليکي جي مثال مان معلوم ٿئي ٿو ته ڦل لهڻ ڪهڙي منزل تائين پهچڻ وارو آهي. ڪارام کي جنهن لالچ ۾ ڀڳوان وڃڻ چاهيو ٿي، ان کان ٻئي ليکي جي لالچ گهٽ وڌيڪ موهڻي هئي. ليڪن هو ان لئي ته موهت ٿي ٿيو. جي موهت ٿي ها ته ڦاسي وڃي ها. مطلب ته هڪ دفعو ساڌنا جو نشچو ڪرڻ ڪالهوءِ آخر تائين ان ٿي لئي عمل ڪندو رهڻ گهرجي. وچ ۾ خود ڀڳوان جي درشن روپي رڪاوٽ اچي رهي، ته به الله ان ساڌنا ڇڏڻ جي ضرورت ناهي. ڏيهه جي لهي آهي ته اها ساڌنا لاءِ ٿي آهي. ڀڳوان جو درشن ته هٿ ۾ آهي ٿي. اُتي ڪيڏانهن ويندو؟

"سرو- آلم- ياؤ منهنجو ڪم جو مولڪان ڪسي-
تو جڏهن ڀڳتيءَ ۾ تنهنجي مست من منهنجو وسي."

ان ڀڳتيءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ انسان کي جنم مليو آهي، هن لاءِ ڪيترا انسانن چوي ٿي ته نشڪام ڪرم ڪندي اُڪرم جي يعني آخرين ڪرم مڪتي جي، يعني موڪش جي به واسنا نه رکو. واسنا کان ڇوٽڪارو ٿي ته مڪتي آهي. مڪتيءَ جو

ٻئي ديش سان ڀيٽ ڪري پنهنجي ديش جو ڀلو چاهيندو هجي ته ٻئي جي هن ڳالهه کي پڪي ڪَسِ ڪَسِرَ. هيءُ ته ممڪن ڇڏبي. بعد ۾ ڪنهن اهڙي موهه ۾ نه ڦاٿو. هن چيو ته ڀڳوان جيڪو روپ اختيار ڪري منهنجي سامهون آيو آهي ڇا هو انترولي آهي؟ سندس هيءُ روپ ڏسڻ کان پهرين هيءَ سرشٽي موجود هئي ڇا؟ هو ڀڳوان کي چوڻ لڳو، ”ڀڳوان توهين خود موکي درشن ڏيڻ آيا آهيو، مگر مان به سڏالس چاهيان ٿو. مان هو سمجهان ته توهين ئي صرف ڀڳوان آهيو. مون لاءِ اوهين به ڀڳوان آهيو ۽ هي ماتا پتا به. انهن جي سيوا ۾ لڳي رهڻ ڪارڻ مان اوهان ڏانهن ڌيان ڏيئي نٿو سگهان، ان لاءِ ڪميا ڪريو.“ اهڙو چئي هن ڀڳوان جي ويهڻ لاءِ هڪ سر سيڙهي رکي ۽ خود سيوا ۾ لڳي ويو. لڪارام هي پرسنگ ڏسي اچرج ۾ مذاق ۾ چوي ٿو!-

”کهڙو نه آهين پاڳل پريمي، ڪڙو کيو ٿو وٺل کي!

اهڙي ٿهنجي بي ادبي، سر سيڙهي ڏني ٿو وٺل کي!!“

بعد ۾ جنهن سڏالس جي پيروي ڪئي اهو ڦل ٿياڳ جي ترڪيب جو هڪ انگ آهي. ڦل ٿياڳي منش جي ڪرم سماڌي، جهڙي گنڀير هوندي آهي، اهڙي ئي هنجي ورتي وياپڪ، اُدار، سمان ۽ اڏول هوندي آهي. ان سبب هو جدا جدا ٿوگيان جي جهنجهٽ ۾ نٿو ڦاسي ۽ نه پنهنجو سڏالس ڇڏي ٿو ڏئي.

’هي ٺي آهي ٻالي پيو ڪجهه به نه‘، اهڙو ڀيد هو پيدا ئي نٿو ڪري. مگر ’هي به برابر آهي هو به برابر آهي، پر مون لاءِ سڀ ئي برابر آهي.‘ اهڙي سندس لهڻي ۽ پڪي ورتي رهندي آهي. هڪ دفعي هڪ گرهستي هڪ سادوءَ وٽ ويو ۽ اُن کان پڇيائين، ”ڇا مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ گهر ٻار ڇڏڻ جي ضرورت آهي؟“ سادوءَ چيو، ”نه. جڏهن جنڪ جهڙن راڄ ستن ۾ رهي مڪتي حاصل ڪئي ته پوءِ ٿوڪي گهر ڇڏڻ

گيان وان جو اڳ ۾ ورڻن ذڪر آيو آهي، مگر استري ٻڌيءَ وارن جهڙو
جو ورڻن سيني ڪان وڌيڪ وستار سان ۽ صاف ڪيو ويو آهي.
اُن ۾ سڀ لڇڻ سان گڏوگڏ سمان ڪي لڇڻ به ٻڌايل آهن. جهڙوڪ
ستياگرهي شام جو پرارٿنا ۾ انهن لڇڻن جو پاٺ ڪري ٿا. جي
هر هڪ گهر ۾ هر هڪ ڀوت ۾ اهي پهچايا وڃن ته ڪيترو نه
آئيڊيل ٿئي! مگر پهرين جڏهن اهي استريءَ ۾ وڌي وڃن ته
پوءِ ٻاهر پنهنجو پاڻ پهچي ويندا. امت پاڻ جو سلڪن، جي ڪل
وانگر ٿي وڃي ته پوءِ اهو جسم ۾ ڇنڊڇاڻ ٻوڙان هڪلوڙيءَ
موسمي جي ويندو. هيءَ اونائي لت پاڻ جي ناهي، پر اُن جو
چنتن ۽ ڪرڻ جي آهي. ليڪ پاڻ سان گڏ ليڪ چنتن ڪرڻ
۽ ٻيا آتم سڌارڻ جي ضرورت آهي.

استري ٻڌيءَ وارو پهريتا ڏير ٻڌيءَ واري ڪين. اهو ته سندس
ناليءَ مان ئي ظاهر آهي. مگر سنجم ڪالسواءِ ٻڌي ڪيئن استري
ليندي؟ ٿيهنڪري استري ٻڌيءَ واري کي سنجم مولي جهل
آهي. ٻڌي ته هنجي آتم-وشواسي ۽ اندريون ٻاهريون اندريون
ٻڌيءَ جي اڌين طرح، اها آهي سنجم جي ... ڏيو پرش
سهني اندرين کي لغام لڳائي انهن کي ڪرم يوڳ ۾ جوٽي ٿو.
اندرين روپي ڏاڍن سان هو لشڪام سوڌرم آڌار جي ٻچي
چڱيءَ طرح ڪرائي ٿو، پنهنجو هر هڪ پراڻ هو پرمارٿ ۾
خرچ ڪري ٿو.

هيءَ اندري سنجم آسان نه آهي. اندرين کان بلڪل ئي
ڪم نه وٺڻ هڪ آسان ئي سکڻي ئو. شانتي، ٿر آهار وغيره
ڳالهيون اندريون نڪيون ناهن. بلڪ اندرين کي ڪلهو ڇڏڻ نه
سڀ لاءِ سولو آهي. مگر جڏهن ڪيتريون خطري جي جڳهه لي
پنهنجن سهني عضون کي اندر لڪائي ڇڏيندو آهي ۽ پو خطري
جي جڳهه لي انهن کان ڪم وٺندو آهي، تئين وشه يوگ کان
اندرين کي سميٽڻ ۽ پرمارٿ جي ڪمن ۾ انهن جو واجب
استعمال ڪرڻ اهو سنجم مشڪل آهي. اللہ ڏاڍي محنت جي

ڀاڱسنا سان ڪهڙو واسطو؟ جڏهن ڦل ٿياڳ هن منزل تائين پهچي
وڃي ٿو تڏهن سمجهو ته جيون ڪلا جي پورڻتا اچي وئي.

١٠

آدرش گروهه جو روپ

شاستر ٻڌايو ويو. ڪلا به ٻڌائي وئي. پر انهيءَ ۾ ساڌڪ اڃا اڳيان ڪو ويو نٿي. شاستر لڪڻ آهي، ڪلا سڳڻ، ليڪن سڳڻ ۾ ساڪار لڪڻ کانسواءِ ظاهر ٿيو نٿي. لڪڻ جنهن [illegible] روپ ۾ رهي ٿو، انهيءَ طرح نراڪار سڳڻ جي حالت [illegible] ٿي سگهي ٿي. ان جو اپاءُ آهي ته جنهن ڪلي ۾ لڪڻ ظاهر ٿيو آهي ان کي ڏسڻ کپي، ان لاءِ ارجن پڇيو ته "ڀڳوان، لوڪان جيون جا ڪيئي سڌانت ٻڌايا. انهن سڌانتن کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪلا به ٻڌائي. تڏهن به ان جو صاف چٽر منهنجي سامهون نٿو اچي. انهيءَ مولڪي ان جو مثال ڏيو ۽ چٽر ٻڌايو. اهڙين ماڻهن جون نشانيون ٻڌايو جنهنجي ٻڌي ۾ سمائجي وشواس استر ٿي ويو هجي. ڦل ٿياڳ روپي يوڳ جنهنجي رڳ رڳ ۾ پيهي ويو هجي. جن کي اسين استر ٻڌي وارا چئون ٿا، جي ڦل ٿياڳ جي پوري گهرائي ڏيکارين ٿا. ڪرم سماڌي ۾ مگن آهن. سمجهه جا پڪا آهن. اهي ڪيئن ٿا ڳالهائين، ڪيئن ٿا هلن، هي سڀ مولڪي ٻڌايو. اها مورتي ڪيئن هوندي آهي، اٿڪي ڪيئن سهائون؟ هي سڀ ٻڌايو ڀڳوان!"

اللهءِ، ٻئي اڌياءَ جي آخرين اڙهن شلوڪن ۾ ڀڳوان استر ٻڌيءَ واري جو گهمر ۽ نرمل چٽر چٽيو آهي. جيڪر هنن ١٨ شلوڪن ۾ گيتا جي ١٨ اڌيائن جو سار سڄو ڪمل آهي. استر ٻڌيءَ وارو ڏير پرش گيتا جي آدرش مورتي آهي. هي اکر به گيتا جو پهچو آهي. اڳتي پنجين اڌياءَ ۾ جيون مڪتي جو، ١٢ ۾ ڀڳتي جو، ١٤ ۾ گڻن کان جٽل جو ۽ ١٨ ۾

اڌياءِ ٽيون

ڪرم يوڳ

11

ڦل تياڳيءَ کي اننت ڦل ملندو آهي

پاٺڪو! ٻئي اڌياءَ ۾ اسان سڄي جيون شاستر تي نظر وڌي. هاڻي هن ٽئين اڌياءَ ۾ جيون شاستر کي ڇنو ڪرڻو آهي. پهرياڻين اسان لڪتون جو ويچار ڪيو. هاڻي انهن جي تفصيل ۾ وينداسين. اڳئين اڌياءَ ۾ ڪرم يوڳ بسبت اپٽار ڪئي ويئي هئي. ڪرم يوڳ ۾ مکيه ڳالهه آهي ڦل تياڳ جي. ان ۾ ڦل تياڳ ته آهي، مگر سوال آهي ته ڦل ملندو به آهي ڪين نه؟ ٽئين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهي ته ڪرم ڦل تياڳ ڪرڻ سان ڪرم يوڳي هيڪاري اننت ڦل حاصل ڪري ٿو.

هتي مونکي لڪشميءَ جي ڪٿا ياد اچي ٿي. هن جو سويمبر هو. سڀ ديو، دئنت وڏيون اميدون رکي آيا هئا. لڪشميءَ پنهنجو پڻ ظاهر نه ڪيو هو. سڀا منڊپ ۾ اچي هن چيو، "مان ان جي ڳلي ۾ ور مالها وجهندس جنهن کي مونکي پراپت ڪرڻ جي خواهش نه هوندي." هاڻي هو ته سڀ هئا لالچي. لڪشمي اهڙو ور لوڀي پٽار چوڻ لڳي. اٽري ۾ شيش ناگ تي شانت ڀاو سان ليٽيل ڀڳوان وشنو جي مورتي هن کي ڏسڻ ۾ آئي. هن جي ڳلي ۾ ور مالها وجهي هوءَ اڄ تائين سندس پير مهٽيندي رهي آهي. "جو نه چاهي ان جي ٿيندي رما داسي" اها ئي ته خوبي آهي.

رواجي آدمي پنهنجي ميوي جي وڻ جي آسپاس ڪنڊن جو لوڙهو لڳائيندو آهي. پر ان ڪري هو اننت روپ سان

ضرورت آهي. گيان نه گهرجي. مگر اُتر هوندي به انهن لاهي
ته اهو ڪو هميشه چڱيءَ طرح پرائيت ٿي سگهندو. ته ڇا اسين
نراس ٿي وڃون؟ نه. ساڌڪ کي ڪڏهن به نراس نه ٿيڻ گهرجي.
هو ساڌنا جا سڀ وسيلا ڪم ۾ آڻي. جي پوءِ به ڪمي رهجي
وڃي ته ان ۾ ڀڳتيءَ کي جوڙي ڇڏي. ڀڳوان هيءَ ڏاڍو
قيمتي ويچار ڏيو پرش جي لڇڻن ۾ ڏنو آهي. هتا، اهو تمام
ٿورن لفظن ۾ ڏنو اٿس، ليڪن پوئين جي پرمل گاڏيءَ جي
ڀيٽ ۾ گهٽ قيمتي آهي. ڇو ته جتي ڏيش ڀڳتيءَ جي بلڪل
گهرج آهي الي اها ڏني وئي آهي. ڏيو پرش جي لڇڻن جو،
وستار سان ورنن اسانکي اڄ هتي نه ڪرڻو آهي. مگر پنهنجي
ساري ساڌنا ۾ ڀڳتيءَ جي پنهنجي نيڪ اهميت پلجي ته وڃون،
ابتداءِ لن طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي، پورن اسٿر بڌيءَ وارو
هن سنسار ۾ ڪير ٿي ويو آهي، اهو ته ڀڳوان ڄاڻي. مگر سواءِ
اسٿر بڌيءَ واري پنڊليڪ جي مورت سدائين منهنجي اکين
ڏامهون اڀندي آهي ۽ اها مون توهانجي اڳيان به رکي آهي.
چڱو اسٿر بڌيءَ جا لڇڻ پورا ٿيا ۽ ٻيو اڌياءِ به ختم ٿيو.

(نرگڻ) (سگڻ) (ساڪار)

سانکيه بڌي يوگ بڌي اسٿر بڌي

جيون ڪلا

ملائي

پورن جيون شاستر

هن مان پرهم نرواڻ ۾. موکش ڪالسوال ٻيو ڪهڙو ڪل ڪري
سگهي ٿو؟

آرتوار: ٢٨-٢-١٩٣٢.

ڪري سگهندو؟ پيچ پور نه پٿر جهڙي ٿيندي آهي، نه پاوَنا جي.
جڏهن مان پنهنجي پاونا مورتيءَ مان ڪڍي ڇڏيندس تڏهن
باقي پٿر ئي رهجي ويندو؛ پوءِ ان جا ٽڪرا ٿي سگهندا.

ڪرم يعني پٿر يا ڪاغذ جو ٽڪرو. پنڊت جي مالا ڪاغذ جي
هڪ ٽڪر تي ٻه چار ڏنگيون ڦڏيون سڌيون ڪڍي موڪلي
۽ پيو ڪير پنجاهه پنا پري سنن اکرن ۾ لکي وڏو ٿفافو موڪلي،
ته ٻنهي مان وڌيڪ وزن ڪنهنجو؟ پر مالا جي اٿهن ٻن ڇٽن
سٽن ۾ جو ڀاوُ آهي اهو ابلهه آهي، پورو آهي. اهڙي برابري
هو ردي ڪاغذ نه ڪري سگهندا. ڪرم کي شردا گهرجي،
ڀاوُ گهرجي. اسين مزدور جي ڪرم جي قيمت لڳائي ڪيس
مزدوري ڏيون ٿا. مگر پيتا جي حالت ۾ اها ڳالهه اهي، پيتا
ڀاونا سان ملائي ڏني وڃي ٿي. پيتا بنسبت اهو سوال ئي اهو
اٿي، ته ڪيتري ڏني ويئي. بلڪ اهو ڏٺو ويندو آهي ته اها
ڀاونا سان ڏني ويئي آهي يا نه. منو سمرتيءَ ۾ هڪ ڏاڍي
مزيدار ڳالهه چيل آهي ته هڪ شش ٻارهن سال گرو گهر ۾ رهي
پسونءَ مان منش بڻيو. هاڻي هو گروءَ کي ڪهڙي پيتا ڏئي؟
پراچين سمي ۾ فيءَ پڙهڻ نه ورتي ويندي هئي. ٻارهن سالن
جي پڙهي چڪڻا ڪان پوءِ گروءَ کي جو ڏيڻو هجي سو ڏنو
ويندو هو. منو چوي ٿو ته ”گروءَ کي ڪجهه نه ؛ ڦل ڇاڙهه،
ڏي هڪ وڄڻو يا چاکڙيون، ڏي پاڻيءَ جو گلاس.“ ان کي
توهين مذاق نه سمجهو. ڇو ته جيڪي ڏيڻو آهي سو شردا جي
پيتا سمجهي ڏيڻو آهي. گل ۾ پلا ڪهڙو وزن آهي؟ پر ان
ڀڳتيءَ ۾ برهمانڊ جي برابر وزن آهي.

”رتنمڻيءَ هڪڙي تلسيءَ پن سان تور يو پر پو گرڌر کي.“
ستيه ڀاما ... مڻين ڳهڻن سان ڪم نه ٿيو، پر ڀاو ڀڳتيءَ سان
ڀرپور هڪ تلسي پن، جڏهن رڪمڻيءَ مالا ۾ رکي وڌو ته سارو
ڪم ٿي ويو. اهو تلسيءَ جو پن ڀاونا سان ڀريل هو. اهو ڪو
معمولي پن ڪين هو. ڪرم يوگ جي ڪرم جي ٻه اهائي ڳالهه آهي.

ملندڙ ڦل وڃائي وهي ٿو. سنساري مڙس اپار ڪرم ڪري ٿورو ڦل حاصل ڪري ٿو. مگر ڪرم يوگي ٿورو ڪرم ڪري به اڻمئو ڦل حاصل ڪري ٿو. هي فرق صرف چاهنا ڪري ٿئي ٿو. ٽالسٽاءِ هڪ هنڌ چيو آهي ته "لوڪ يسوع مسيح جي بليدان جي ڏاڍي مهما ٿا ڳائين. پر هي سنساري جيو نه خبر ناهي روز ڪيترو ڏکن ٿا سهڪائين. ڪيڏي ڏک ڏوڙ ٿا ڪن! يوپين جي ڳالهه جو پڙ پنهنجي پٺيءَ تي رکي چڪر هڻڻ وارا هي سنساري جيو، انهن کي عيسيٰ کان ڪيترو نه گهڻو ڏک آهي ۽ ڪيڏي نه سندن بري حالت جي هيءَ ان جو اڌ ڏک ڀڳوان لاءِ ڀوڳين ته سچ پچ عيسيٰ کان به وڏي وڃن."

سنسار ۾ مڙس جي لهنيا سچ ۾ گهور آهي. ليڪن اهل ڪٿي وڃي ٿي جنس ڦل لاءِ. جهڙي واسنا اهڙو ڦل. پنهنجي چيز جو ملهه جو اسين ڪئيون ٿا، ان کان زياده قيمت سنسار ۾ ڪونه ڏيندي. سڌليو جانور ڪٺي ڀڳوان وٽ ويو. انهي ميلي ۾ جانورن جي قيمت شايد اڌ پئو به نه هجي. مگر سڌاميءَ کي اهي املهه معلوم ٿي ٿيا، جو نه انهن ۾ ڀڳتي ڀاو هو. اهي دلي عمر 13 سال ٻرل هئا. انهن جي ڏاڍي ۾ پاونا هئي. جيڪي ٻلي جنس جو نه هجي، پر عمر 13 سال ان جو ملهه، الحي شڪتي وڌي وڃي ٿي، لوهه جو وزن ڀلا ڪيترو هوندو. انڪي جلالي سان هڪ پولاد ٻالٽي به شايد گرم ٿئي، پر ان ٿي هڪ مهر لڳي رهي ٿي. ان مهر ڪري ان لوهه جي قيمت ٿئي ٿي.

ڪرم يوگ ۾ نه اهائي خوبي آهي. ڪرم کي لوهه ٿي سمجهو. سمجهو پاونا روپي مهر جي آهي ۽ نه ڪرم روپي ڪاغذ جي ٽڪر جي. هڪ لهولي، مان هي مورلي پوڄا جو ٿي مطلب ٻڌائي رهيو آهيان. مورلي پوڄا جي ڪلپنا ۾ ڏاڍي سندر نا آهي. هن مورلي ۾ ڪي ڪير پئي پوري؟ سکهند و؟ هي مورلي شروع ۾ هڪ ڪاغذ جو ٽڪر ٿي نه هئي. مون ان ۾ پران وڌو. پنهنجي پاونا وڌي. پلا ان پاونا جا ڪوتڪ

لائق رهي ٿو. سؤ ڌرم سندس مقصد ۽ پوڄن ان جو ڌريو آهي. مگر جو بيو هاري هوندو انلاءِ ادرپورنا مقصد ۽ ڪيتي روپي سؤ ڌرم انجو وسيلو هوندو. اهڙيءَ طرح هي هڪ ٻئي جي ابتڙ حالتون آهن.

ٻئي ادياءِ ۾ ڌيرپرش جا لڇڻ ٻڌائيندي هيءَ ڳالهه مزيدار ڍنگ سان چئي ويئي آهي. جتي ٻيا ماڻهو جاڳن ٿا اتي ڪرم يوگي سمهيا رهن ٿا. جتي ٻيا ماڻهو سمهيا رهندا، اتي ڪرم يوگي سجاڳ رهندا. اسين ادرپورنا لاءِ سجاڳ رهنداسين ته ڪرم يوگي انلاءِ سجاڳ رهندو ته سندس هڪ پل به ڪرم بنا نه وڃي. هو ڪاليءَ به ٿو مجبور نٿي ڪري. هن پيٽ جي هنديءَ ۾ الڪري ڪجهه وڌو وڃي ٿو ڇو ته وجهڻ ضروري آهي. سنساري منش کي پوڄن ڪندي آنند اچي ٿو. يوگيءَ کي پوڄن ڪندي ڪشٽ ٿئي ٿو. الڪري هو چشڪي لاءِ پوڄن نه ڪندو. سنجم کان ڪم وٺندو. هڪ جي رات، اهو ٻئي جو ڏينهن. هڪ جو ڏينهن، اهائي ٻئي جي رات. يعني جو هڪ جو آنند، اهو ٻئي جو دک ۽ جو هڪ جو دک اهو ٻئي جو آنند ٿي وڃي ٿو. سنساري ۽ ڪرم يوگي ٻنهي جا ڪرم ته هڪجهڙا آهن، پر ڪرم يوگيءَ جي خاصيت هيءَ آهي ته هو ڦل آشا ڇڏي ڪرم ۾ ٿي رڌل رهندو آهي. سنساريءَ وانگيان يوگي کائيندو، پيئندو، سمهندو مگر انلاءِ سندس ڀاونا نرالي هوندي. الڪري ته شروع ۾ ٿي ڌيرپرش جي سنجم موڙي ڪڙي رکي وئي آهي، جيتوڻيڪ اجا ١٦ ادياءَ رهيل آهن.

سنساري آدمي ۽ ڪرم يوگي ٻنهي جي ڪرمن جا گڻ اوگڻ هڪدم ظاهر ٿيو پون ٿا. فرض ڪريو ته ڪرم يوگي گئو رکيا جو ڪم ڪري رهيو آهي ته هو ڪهڙيءَ نظر سان ڪندو؟ ان جي هيءَ ڀاونا رهندي ته گئو سيوا ڪرڻ سان سماج کي ڀرپور کير ملندو. ڳانءِ جي ڀلائي انسان کان گهٽ درجي واري وشو سرشٽيءَ سان پريم پيدا ٿيندو. ان ڪري

ڪلهيا ڪربو نه به ماڻهو گنگا سنان ڪرڻ ويا آهن. انهن
مان هڪ ڇوڪري لاءِ ماڻهو جو، گنگا ماتا، گنگا ماتا پيا چون.
ان ۾ آهي ڇا؟ ۽ ڇا هائڊروجن ۽ هڪ حصو آڪسيجن
هي ٻئي گيسون گڏبون ته هيءَ گنگا ٿي. هن کان وڌيڪ
ان ۾ ڇا آهي؟ هيءَ ڇوڪري ته ڀڳوان وشنوءَ جي چرن ڪملن
مان اها نڪتي آهي. شنڪر جي جٽائن ۾ ان جو واسو آهي.
هزارين رشين منين ان جي ڪناري تي تپسيا ڪئي آهي.
بيشمار پوتر ڪارج ان جي ڪناري تي ٿيا آهن. اهڙي پوتر
هيءَ گنگا ماتا آهي. ان پاوتا سان پرجي هو اهو سنان ڪرڻو.
هو آڪسيجن هائڊروجن وارو اهو سنان ڪرڻو. هاڻي شرير
شڌيءَ جو ڦل نه ٻنهي کي مليو مگر ان ڀڳت کي ديهه شڌيءَ
سان گڏوگڏ چت شڌيءَ جو ڦل به مليو. اهين نه گنگا ۾ ٻڏڻ
۽ سنان ڪندي نه الهنڪي ۽ ديهه شڌي حاصل ٿيندي. شرير
جي گندگي لڪري ويندي پر من جو مٿل ڪيئن ڌوپندو؟
هڪ کي ديهه شڌيءَ جو خسيس ڦل مليو. ٻئي کي ديهه شڌيءَ
سان گڏ چت شڌيءَ جو ۽ اعليٰ ڦل مليو.

سنان ڪري سورج نمسڪار ڪندڙ کي ورزش جو ڦل
نه ملندو ٿي. پر هو تندرستيءَ لاءِ نمسڪار ٿو ڪري ان سان
هن جي شرير کي تندرستيءَ جو لاڀ نه ملي ٿي ٿو، مگر
ٻڌيءَ جي چمڪ به وڌي ٿي. صحت سان گڏوگڏ الساهه ۽
ٻڌي به ان کي سورج ديوتا کان ملي ٿي.

ڪرم ۾ ۽ اهو ٿي آهي پر ڀاونا جي ڪري اهو فرق پئجي
وڃي ٿو. پرمارٿيءَ جو ڪرم آتم وڪاس وارو ٿئي ٿو.
سنساريءَ جو ڪرم آتم پتن وارو ٿئي ٿو. ڪرم يوگي، جي
ڪاري هولڊر نه هو سوڌرم سمجهي ڪيتي ڪندو. ان مان
سندس پيٽ ڀرجي نه ضرور ٿيندي. پر هو ڪو اللهءَ ڪرم
ڪين ٿو ڪري نه سندس پيٽ ڀوڄا ٿئي ۽ ملڪ ڀوڄن کي
پر هڪ وسيلو سمجهندا، جڏهن سان سندس شرير ڪرم ڪرڻ

١٢

ڪرم يوگ جا اپديش

نِشڪام ڪرم يوگ ۾ عجيب شڪتي آهي. اهڙي ڪرم سان شخص ۽ سماج ٻنهي جو فائدو ٿيندو آهي. سو ڌرم پالن ڪندڙ ڪرم يوگيءَ جي شرير پاترا نه هلي ٿي ۽ سدائين ڪرم ۾ مشغول رهڻ سبب شرير نِروگي ۽ صاف رهندو آهي. مگر هن ڪرم جي ڪري سندس سماج جو به، جنهن ۾ هو رهي ٿو، چڱيءَ طرح واڌارو ٿيندو. ڪرم يوگي هاري، پئسا وڌيڪ ملڻ جي لوڀ ۾ آفيم يا تماڪ نه پوکيندو جو نه هن پنهنجي ڪرم جو لاڳاپو سماج جي سک سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. سو ڌرم روپي ڪرم، سماج لاءِ فائديمند ٿي ٿيندو. جو واپاري هجي تو نه سمجهندو هي وِهنوار روپي ڪرم سماج جي فائدي لاءِ آهي سو ڪڏهن به ودېشي ڪپڙو نه وڪڻندو. سندس واپار سماج جي اپڪار وارو هوندو. پاڻ کي وساري پنهنجي آس پاس جي سماج سان هڪ رس ٿيندڙ ڪرم يوگي جڏهن سماج ۾ پيدا ٿين ٿا، ان سماج ۾ انتظام، آسودگي ۽ آنند رهي ٿو.

ڪرم يوگيءَ جي ڪرم سبب ۽ سندس شرير پاترا هلڻ سبب هنجي ديهه ۽ بڌي طاقتور رهن ٿا ۽ سماج جو به ڪلياڻ ٿئي ٿو. الهن ئي ڦلن ڪانسواءِ چت شديءَ جو وڏو ڦل به کيس ملي ٿو. ”ڪرم سان شدي“ ائين چيو ويو آهي. ڪرم چت شديءَ جو سادن آهي. مگر اهو سڀني ماڻهن جو معمولي ڪرم ناهي. ڪرم-يوگي، جو پاڻ سان ڪرم ڪري ٿو، ان سان چت شدي ٿئي ٿي. مهاڀارت ۾ تلاڌار وئش جي ڪٿا آهي. جاجل نالي وارو هڪ براهمڻ تلاڌار وٽ گيان حاصل ڪرڻ لاءِ ويو. تلاڌار کيس چيو، ”پاڻي هن تارازيءَ جي ڏنڊي کي هميشه سڌو رکڻو پوندو.“ ان پاڻ ڪرم ڪي ڪندي ڪندي تلاڌار جو من به سڌو سادو ٿي ويو. دڪان ۾ ننڍو

نه، نه ڪيس پگهار ملندو، پگهار نه ملندو. پگهار ڪيترائين ڀيرا کين ٿو وڃي، پر اصلي آنند، سچو سک شانتي آنند پيارن ۾ آهي.

ڪرم يوگ جو ڪرم هن کي هن دنيا سان هڪ رس ڪري ڇڏي ٿو. سمجهو ته اسان نيم ناهي ڇڏيو ته تلسيءَ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ پوڄن نه ڪنداسين. انهن ڪرڻ سان اسين ونسپتي سرشٽيءَ سان پنهنجو پريم وارو لاڳاپو ڳنڍيون ٿا. تلسيءَ کي بکيو رکي مان کيئن کان؟ اهڙيءَ طرح ڳانءِ سان هڪ روپ، ونسپتيءَ سان هڪ روپ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي، ساري جڳ سان هڪ ٿيڻو آهيون. ڏسو مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ شام ٿيندي ئي سڀ ماڻهو سنڌيا وغيره ڪرڻ هليا وڃن ٿا. مگر ڀڳوان ڪرشن رٿ جا گهوڙا ڇوڙي الهڪي پاڻي پياري ٿو. کرو هٽي ٿو. انهن جي شرير مان تير ڪڍي ٿو. ان سيوا ۾ ڀڳوان کي ڪهڙو نه آنند اچيٿو! ڪوي نه هيءَ ورنن ڪندي ٿڪاپي ئي لٿو. پنهنجي پيتامبر ۾ داڻو آڻي گهوڙن کي ڏيندڙ آن ۽ انجن جي ڪوچوان جو چتر پنهنجي اکين جي سامهون ڪريو ۽ ڪرم يوگ جي آنند جي ڪلپنا ڪريو. هر هڪ ڪرم ڀرڻ ته روحاني ۽ تمام اوچو پرمارٿي ڪرم آهي! ڪاڏيءَ جي ئي ڪر ڳي رنو. ڪلهي ٿي ڪاڏيءَ جو ڀڪوڪلي ڦيري ڪندڙ ٻيا ڪڪ لٿو ٿئي؟ نه، جو نه هو ان وچار ۾ مست رهي ٿو ته ڏينهن ۾ هي لنگا ٻڪيا پاڻ پيهر آهن، مولڪي الهن کسي ۽ ونهن نارائڻيون آهن. انجو هڪ وال ڪاڏي وڪڻڻ ڪري جهٽ نه پوري دريدر نارائڻ سان ناتو ٿي وڃي ٿو.

مثال بڻجڻ جو، ڪم رهندو آهي. وڏي ڀاءُ لئي ننڍي ڀاءُ، ماتا پتا لئي ٻالڪ، اڳواڻ لئي پوئلڳن، گروءَ لئي شش اڳيان پنهنجي آچار ڪرم دوارا پنهنجو نمونو، آدرش مثال رکڻ جي جوابداري آهي. اهڙو مثال ڪرم يوگين کانسواءِ ٻيو ڪير پيدا ڪري سگهندو؟

ڪرم يوگي هميشه ڪرم ۾ لين رهندو آهي؛ جو نه ڪرم ۾ ئي ڪيس آنند معلوم ٿيندو آهي. انڪري سماج ۾ ڍونگ پاکنڊ نه ٿو وڌي. جيستائين ڪرم يوگي خود نرلپت رهندو آهي، نه ته هو ڪرم ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو آهي. تڪارام چوي ٿو، "ڀڄن سان ڀڳوان ملي ويو نه ڇا انڪري مان ڀڄن ڇڏي ڏيان؟" ڀڄن نه منهنجو سڀاوڪ ڌرم ٿي ويو آهي."

"ٻهرين ڪيو ستسنگ - لڪا پالو پالڊو رنگ،

ڀڄن جي ڪار نئي چو؟ مول سڀاوَ ڇٽي چو؟"

ڪرم جي ڏاکڻ چڙهي ڪرم يوگي چوٽيءَ تي پهچي ويٺو. مگر تنهن هن به هو ڏاکڻ نه ٿو ڇڏي. هو ان کان ڇني ئي نه ٿو سگهي. سنڌس اندرين کي انهن ڪرمن جي عادت پئجي ئي وڃي. اهڙيءَ طرح سؤ ڌرم روپي شيوا جي ڏاکڻ جي اهميت سماج کي سمجهائيندو ٿو رهي.

سماج مان ڍونگ کي مٽائڻ تمام وڏو ڪرم آهي. ڍونگ ۽ پاکنڊ جي ڪري سماج بڇي ويندي آهي. گياني جي اکمو ٻڌجي وهي نه ڪيس ڏسي ٻيا به هت بڌي وهڻ لڳندا. گياني نه سدا نرپت هجڻ ڪارڻ اندروني سک ۾ مگن رهي شانت رهندو آهي، پر ٻيا اندر ۾ رڙندي به ٻيڪار تي وهندا. هڪ اندر جي شانتي هوندي ڪم کانسواءِ رهيو، نه ٻيو من ڪڙهندي ڪم کان سواءِ رهي ٿو، اهڙي حالت ڀيانڪ آهي. ان مان ڍونگ پاکنڊ، وڌندو. تنهن ڪري ئي سڀ سنت منزل تي پهچي به ساڌنا جو پلئو اساه مان ڇڪڙيندا

اڇي خواهش ونڍو، ۽ ٻه سنڌس ٽارازيءَ جي ڪني سب لاءِ هڪ
جهڙي رهيتي. ۽ هيمٽ، نه مٽي. ڏٺلڏي جو اثر من لي
ٻه ٻولدو آهي. ڪرم ٻوگيءَ جي ڪرم ڪي هڪ قسم جو جه
ني سمجهو. الماڻ سنڌس چت شڌي ليندي آهي ۽ لرمل
چت ۾ گيان جي چاها ٻولدي آهي. پنهنجي جدا جدا ڪرمن
سان ڪرم ٻوگي آهر ۾ گيان حاصل ڪن ٿا. ٽارازي جي ڪني
سان ٿلاڏار ڪي سر ورلي پراپت ٿي، سٿو هجام وار ڪتر پند
هو. ٻين جي مٽي جي مٿل ڪدلدي ڪيس اگيان
مليو، ڏسو! "مان ٻين جي مٽي جي نه مٿل ڪيان ٿو. مگر
ڪڏهن خود پنهنجي مٽي جي، پنهنجي ٻڌيءَ جي مٿل
مون ڪدي آهي؟" اهڙي روحاني لولي ڪيس ان ڪرم مان
سمجهڻ لڳي. ٻيءَ مان ڪهڙو ڪدلدي ڪرم ٻوگيءَ
ڪي پنهنجي من جي وڪار ۽ واسنائن روپي ڪهڙي ڪد
جو خيال پيدا ٿئي ٿو. ڪهي مٽيءَ کي ٻوهي سماج ڪسي
ٻڪا ٽالو ڏيندڙ ڪوري ڪنهار هيءَ سکيا حاصل ڪئي ل
مونکي پنهنجي جيون جا ٽالو ۽ اهڙيءَ طرح ٻڪا ٻجالڻ گهرجن
اهڙيءَ طرح هو همٿ ۾ لهڪي ڪئي: "ٽالو ڪچا آهن
ٻڪا" الهن سنتن جي پرلڪيا ولندڙ، پرڪ هڪندڙ
وجهو. هن مان هيءَ سڌ لڳيو ته ڪرم ٻوگي جيڪي ٻه ڪرم
يا ڏلڏا ڪندو آهي الهن جي لي پرليءَ مان ڪيس لاٽائي
گيان حاصل ٿيو آهي. اهي ڪرم يا ڏلڏا جا هئا؟ جڏ
سنڌن روحاني مڪتب هئا، الهن جا اهي ڪرم، ٻوجا ۽
سان ٻر هئا. اهي ڏسڻ ۾ نه وهنواري هئا پر سچ پچ الدوان
اڌ يالمڪ هئا.

ڪرم ٻوگيءَ جي ڪرم مان هڪ ٻيو ٻه اثر ٿل مليو ۽ اهو
آهي سماج لاءِ هڪ آدرش جو ملڻ. سماج ۾ اهو پيد نه آهي
ني نه هي، ٻهرلن جالو آهي ۽ هڙ ٻوه. جنجو جنم الهرلن ل
آهي الهن جي ذمي ٻوه پيدا ٿيلن کي سکيا ڏيڻ جو، الهن لا

١٣

ڪرم يوگہ ورت ۾ رنڊڪون

ڪرم يوگيءَ جو ڪرم ٻين جي ڀيٽ ۾ الڳ ٿيندو، ڇو ته سندس لاءِ ڪرم ئي پرارٿنا آهي. ڪرم ئي ته پوڄا آهي. مون ڀڳوان جي پوڄا ڪئي. پوءِ پوڄا جو پوڄ پرساد روپ ۾ ملو. مگر ڇا هي پرساد ان پوڄا جو ڦل آهي؟ جو پوڄ جي لاءِ پوڄا ڪندو تنهن کي پرساد جو حصو ته ملندو، پر ڪرم يوگي پوڄا ڪرم سان پرميشور درشن جو ڦل چاهيندو آهي. صرف پرساد ئي ملي. هو پنهنجي ڪرم جي اتري پوري قيمت لڳائڻ لاءِ تيار ناهي. پنهنجي ڪرم جي پوري ۽ قيمت گهٽائڻ لاءِ هو تيار نه آهي. معمولي ماڻهن سان هو پنهنجن ڪرمن کي تئو ماپي. جنهن جي معمولي تئار آهي تنهنکي ڦل ٻه معمولي ملندو/ ڪيتيءَ جي ٻاري ۾ هڪ چوڻي آهي ته "گهرو پوک پسر آلو پوک." صرف اولهي هر ڏينهن سان ڪم نه هلندو. اندر آلاڻ ۽ هٺ گهرجي. گهرائيءَ ۾ آلاڻ هي هونديون ته دانو وڏو ۽ پيدا ايندو. تنهن ڪري ڪرم ۾ ألسم هٺ گهرجي. ان ۾ ايشور ڀڳتي، ايشور ارپنا ولي آلاڻ ۽ هٺ گهرجي. ڪرم يوگي گهرو ڪرم ڪري، اهو ايشور ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو.

پرمارٿ بسمس ڪجهه واهيات خيال اسان جي دماغ ۾ ويهي ويا آهن. ماڻهو سمجهندا آهن ته جو پرمارٿي ٿي وڃو لڪي هٿ پير هلائڻ جي ضرورت ناهي. ڪم ڪار ڪرڻ جي ضرورت ناهي. چوندا آهن ته جو ڪجهه ڪري ٿو، ڪاڏي ٿي ٿو، اهو ڇا جو پرمار؟ مگر ڪو اهو نٿو پڇي ته هو پوڄن ڪري ٿو اهو ڪهڙن پرمارٿي آهي؟ ڪرم يوگين جو پرميشور ڪتي گهوڙن کي ڪرڙو هٽي ٿو، واجسو ۽ يگيه وقت جونيون للون ڪٽيئو، جهنگ ۾ گايون چارڻ ويهو، اهو دوار ڪاناٿ،

رهيا. مرندي تائين پنهنجا ڪرم ڪندا رهيا. مانا پڇن
جي ڳڻن گڏين جي والدن ۾ چاهه وڌندي آهي. اهو سمجهندي
ته اهي ٻناوٽي آهن، تڏهن به ان ۾ شريڪ ٿي، انهن جي
والدين ۾ مزو پيدا ڪري ٿي. ٻار جي مائٽ انهن والدين ۾
شريڪ نه ٿئي نه ٻارن کي ان مان مزو نه اچي. اهڙيءَ
طرح ڪرم يوگي ترپت ٿي جيڪڏهن ڪرم ڇڏي ڏيندو ته
ٻيا اڻ ترپت هوندي به ڪرم ڇڏي ڏيندا، جيئن ٽيڪ من ۾
ٻڪيا ۽ دکي هوندا.

مطلب ته ڪرم يوگي رواجي آدميءَ وانگر ئي ڪرم ڪندو
رهندو. هو اهو نٿو سمجهي ته مان ڪو خاص ماڻهو آهيان. ٻين
جي ڀيٽ ۾ هو پاڻ گهٽ محسوس ڪري ٿو. فلاڻو ڪم
برابر جو آهي اهڙو ڀيو لڳائڻ جي ضرورت ناهي. ڪرم
جي ٻڌرائي ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جيئن اوهين اهر برهمچاري
آهيو ته پنهنجي ڪرمن ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ پنهنجي وڏائي
اظهار نه ڪريو. تون ڪاڏو ملڻ ٿي به، نهٺو ٿي بيٺو ڏيو،
سماج جي سيوا پنهنجي هٿان گهٽي ٿيڻ ڏيو. پنهنجو برهمچريه
پنهنجي هلت چلت ۾ ظاهر ٿيڻ ڏيو. چندن جي سڳنڌ پاڻ
پکڙڻ ڏيو.

ٻس هي آهي ته ڪرم يوگي ڦل آشا ڇڏڻ سان اهڙا انيڪ
ڦل پراپت ڪندو. سندس شريء پاڪرا ٿيندي رهندي. شريء
۽ ٻڌي تيز ۽ طاقتور رهندي. جنهن سماج ۾ هو هوندو انها
سماج سکي ٿيندي. سندس جس ڦهلبدي ٿيندي. ڪيس گيان
نه ملندو، سماج مان ڀونگ پاکنڊ لٽڪري ويندو ۽ سماج کي
پراڻ آڌرش هٿ لڳندو. هيءَ ڪرم يوگيءَ جي مهما آهي.
انجو سٽ ته انهو ڪيو آهي.

اڌياءِ چوٿون

ڪرم يوگ سان ڳنڍ - وڪرم

١۴

ڪرم کي وڪرم جي ضرورت

پانڊو! ٽيئين اڌياءِ ۾ اسان نشڪام ڪرم جو بيان ڪيو آهي. سوڌرم ڪسي ٿاري جي اسين پيو ڪو ڌرم سويڪار ڪنداسين ته نشڪامتا جو قل ناممڪن ٿي ٿيندو. سوديشي مال وڪڻڻ واپاريءَ جو سوڌرم آهي. مگر هن سوڌرم کي ڇڏي جڏهن هو سستو سمنڊ پار جو وديشي ڪپڙو يا مال وڪڻڻ لڳي ٿو تڏهن ان جي سامهون هيءَ ٿي خيال رهيتو ته وڌيڪ نفعو ملي. ته پوءِ ان ڪرم ۾ نشڪامتا ڪٿان ايندي؟ تنهنڪري ڪرم کي نشڪام بڻائڻ لاءِ سوڌرم پالڻ جي سخت ضرورت آهي. پر هيءَ سوڌرم آچرڻ به سڪام ٿي سگهي ٿو. اهنسا جو ٿي مثال اسين وٺون. جو اهنسا جو پوڄاري آهي ان لاءِ هنسا نه ڪرڻ واجب ٿي آهي. پر ممڪن آهي ته هو پاهران اهنسڪ هوندي به حقيقت ۾ هنسا سان ڀريل هجي. ڇو ته هنسا من جو هڪ ڌرم آهي. ائين ناهي ته صرف پاهران هنسڪ ڪرم نه ڪرڻ سان من اهنسڪ ٿي ويندو. تلوار هٿ ۾ کڻڻ سان هنسا ورتي اوس ظاهر ٿيندي آهي. مگر ائين ناهي ته تلوار ڇڏڻ سان من اهنسڪ ٿي ويندو. ٺيڪ اهڙي ٿي حالت سوڌرم آچرڻ جي آهي. نشڪام ٿيڻ لاءِ پرڌرم کان ته ڀڄڻو ٿي پوندو. پر هيءَ ته نشڪامتا جي شروعات ٿي آهي. ان سان اسين مقصد تائين پهچي نه وينداسين.

نشڪامتا من جو ڌرم آهي. ان جي پيدا ڪرڻ هڪ

جي دري گوڪل ۾ وڃي نه مستيءَ ۾ اچي بسري وڃائي
ڳائون چاريندو. سنتن نه، گهوڙن کي ڪِرڻو هڪليندڙ، ڳائون
چاريندڙ، رڍ هلائيندڙ، پالڻ ڪٽيندڙ، ليهو پائيندڙ، ڪرم
يوگي پرميشور ٿڙو ڪيو آهي؛ سنتن خود به ڪنهن درزي
جو ڪم نه ڪنهن ڪنير جو، ڪنهن ڪوريءَ جو ڪم نه
ڪنهن ماليءَ جو، ڪنهن الاچ ڇٽڻ ٻهارڻ جو ڪم نه ڪنهن
ا ٽڪي جو، ڪنهن حجام جو، نه ڪنهن چمار جو ڪم ڪندي
ڪندي مڪتي حاصل ڪئي.

هن پوري ڪرم يوگ جي ورت کان منش ٻن سببن ڪري
هٽي ٿو. هن سلسلي ۾ اسانکي الدرين جو خاص سڀاءُ خاص
ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. اسانجون الدريون هميشہ ”هي گهرجي
۽ هو نه گهرجي،“ اهڙين ڳالهين ۾ ڦاٿيون رهن ٿيون. جي
گهرجي ان لاءِ راڳ يعني پريت؛ جو نه گهرجي ان لاءِ من ۾
دويش پيدا ٿئي ٿو. اهڙا هي راڳ دويش، ڪام ڪروڌ
منش کي ٺڪر ٺڪر ڪري ڪاٽين ٿا. ڪرم يوگ ڪيترو سهڻو،
ڪيترو موهڻو ۽ ڪيترو ڦلدائڪ آهي! مگر هي ڪام
ڪروڌ ”هي وڻي، هي چڙ“ اهڙا جهڳڙا اسان جي ڳلي ۾
وجهي ڏيهن رات اسان جي پٺ وٺيو رهن ٿا. تنهن ڪري
ڀڳوان هن اڏياءَ جي آخر ۾ خطري کان خبردار ڪندي چوي
ٿو ته انهن جو سنگ ڇڏيو، انهن کان بچو. ڌير پرش جڏهن
سنجم جي موري هوندو آهي، تڏهن منش کي ڪرم يوگي
ٿيڻ گهرجي.

آرتوار، ٦-٣-١٩٣٢.

جڏهن اسانجي ٻاهرين ڪرم سان گڏ چت شڌي روپي ڪرم
جو به ميلاپ هوندو آهي.

”نشڪام ڪرم“ اڪر ڪرم آڏنا به ”ڪرم“ لفظ جي ٻٽ
۾ نشڪام لفظ ۾ وڌيڪ وزن آهي. جيئن ’اهنسڪ اسهيوگ‘
لفظ ڪم آئيا ۾ اسهيوگ جي بنسبت اهنسڪ صفت جو ئي
وڌيڪ وزن آهي. اهنسا کي ڇڏي ڏجي لفظ اسهيوگ جو آسرو
وٺبو ته اها هڪ خوفناڪ چيز بڻجي سگهي ٿي. ائين سوڌرم
آچرڻ روپي ڪرم ڪندي جي من جو وڪرم ان ۾ نه سمايل
آهي ته ان کي ڏوکو سمجهڻ گهرجي.

اڄ جي ماڻهو لوڪ سيوا ڪندا آهي سوڌرم جوني آچرڻ
ڪن ٿا. جڏهن لوڪ غريب، ڪنگال، ڏکي ۽ مصيبت ۾ آهن
جڏهن انهنجي سيوا ڪري الهڪي سگهي ٿا اسانجو سهولت
ڌرم آهي. مگر هنمان اهو الومان نه ڪرڻ گهرجي ته جيڪي
به ماڻهو لوڪ شيوا ڪن ٿا سي سڀ ڪرم يوگي آهن. لوڪ
سيوا ڪندي جي من ۾ شڌ ڀاونا نه هوندي . امڪان آهي
ته اها لوڪ شيوا ڀيانڪ روپ اختيار ڪري. پنهنجي ڪٽنب
جي سيوا ڪندي اسان ۾ جيترو اهنڪار، جيتري ڪاوڙ
غصو، جيترو سوارٿ وغيره وڪار پيدا ٿين ٿا، اوترائي
سڀ وڪار لوڪ سيوا ۾ به پيدا ٿين ٿا ۽ ان جو ظاهر ظهور
روپ اسانکي اڄڪلهه جي لوڪ سيوا جي سنستائن ۾ ڏسڻ
۾ اچي ٿو.

١٥

ڪرم-وڪرم جو ڦل اڪرم

ڪرم سان گڏ من جو ميل هئڻ گهرجي. من من جي
ميلاپ کي ئي گيتا وڪرم چوي ٿي. ٻاهريون ڪرم يعني روزاني
ڪرم ۽ هي اندريون ڪرم يعني خاص ڪرم. هي خاص
ڪرم پنهنجي پنهنجي مانسڪ ضرورت انوسار الڳ الڳ ٿئي

سوڌرم آچرڻ روپي وسيلو ئي ڪافي ناهي. ٻين وسيلن جو
به سهارو وٺڻو پوندو. صرف تيل ۾ ٻتيءَ سان ڏيئو نٿو جلي.
ان لاءِ جوت جي ضرورت پوندي آهي. جوت هوندي ئي ذهن
مان اونداهه دور ٿيندي. هيءَ جوت ڪيئن جڳايون؟ ان لاءِ
مانسڪ ڪوج ضروري آهي. آتم ڪوج وسيلي چت جو مئل به
ڪيرو ڌوئي ڇڏڻ گهرجي. ٽئين اڌياءِ جي پڄاڙيءَ ۾
اهائي اهم ڳالهه ڀڳوان چئي آهي. ان مان چوٿين اڌياءِ جو
جنم ٿيو آهي.

گيتا ۾ "ڪرم" اکر سوڌرم جي اوٽ ۾ ڪم آندو ويو
آهي. اسانجو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ هي ڪرم ئي آهن پر گيتا
جي "ڪرم" اکر سان هي ڪريائون ظاهر نٿيون ٿين. ڪرم سان
انجي مطلب آهي سوڌرم آچرڻ. مگر سوڌرم آچار روپي ڪرم
سان نشڪامتا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي به هڪ چيز ضروري آهي.
اها آهي ڪام ۽ ڪروڌ ڪسي جيتڻ جي. چت جيستائين
ڪنگال والگر نرمل ۽ نشچل نه ٿيو آهي، تيستائين نشڪامتا
اچي نٿي سگهي. اهڙيءَ طرح چت شڌيءَ لاءِ جي ڪرم ڪيا
وڃن ٿا انهن کي گيتا وڪرم چوي ٿي. ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم
هي ٽي اکر چوٿين اڌياءِ ۾ وڏي اهميت وارا آهن. ڪرم جي
معنيٰ آهي سوڌرم آچرڻ جهڙي ٻاهرين استول ڪريا. هن
ٻاهرينءَ ڪريا ۾ چت کي لڳائڻ ئي وڪرم آهي. ٻاهران اسين
ڪنهن کي نمسڪار ڪندا آهيون. پر ان ٻاهرين مٿي ٽيڪڻ
جي ڪريا سان گڏ، جي اندروني من نه جهڪندو ته ٻاهرين
ڪريا اجائي آهي. اندر ٻاهر ٻئي هڪ هجڻ گهرجن. ٻاهران
مان شو-پنڊ، تي دائمي جل ڌار اوتي پوڄا ڪريانسو. مگر هن
جل ڌارا سان گڏ جي مانسڪ چنتن جي ڌارا به اکنڊ نه
وهندي رهي ته هن پوڄا جي قيمت ڪهڙي؟ اهڙيءَ حالت
۾ شو-پنڊ به پٿر ۽ مان به پٿر. پٿر جي اڳيان پٿر ويٺو،
[illegible] ٿيندو. نشڪام ڪرم يوگ تڏهن ئي سڌ ٿيندو آهي

ڏوهي گل قبول نه لڳندا. فرض ڪريو ته، اسان ڪنهن مريض جي سيوا ٽهل شروع ڪريون ٿا. مگر ان سيوا ڪرڻ سان گڏ جي من ۾ ڪومل ديا ڀاءُ نه هوندو ته اها مريض جي سيوا ٻي جهڙي معلوم ٿيندي ۽ ان مان دل بيزار ٿي پوندي. اها هڪ بار محسوس ٿيندي. ڏوهيءَ کي به اها سيوا بار محسوس ٿيندي. ان ۾ جي من جو سهڪار نه هوندو ته ان مان اهنڪار پيدا ٿيندو. موڙ اڄ هنجو ڪم ڪيو آهي. هنکي ضرورت وقت منهنجي مدد ڪرڻ گهرجي. منهنجي تعريف ڪرڻ گهرجي. منهنجي وڏائي ڪرڻ گهرجي وغيره چاهنائون من ۾ پيدا ٿينديون يا اسين ڪڪ ٿي چوندا سين، ”اسان هن جي هيتري سيوا ڪريون ٿا ته ڏهن ۽ هي بڪ بڪ ڪندو رهي ٿو.“ بيمار آدمي انهن ٿي چيڙاڪ ٿي پوندو آهي. سندس اهڙي سڀاءَ ڪري اهو شيوڪ، جنهن جي من ۾ سيوا ڀاءُ نه هوندو سو ڪڪ ٿي پوندو.

ڪرم سان گڏ جڏهن [illegible] ٿي وڃي ٿو ته اهو ڪرم ڪڇهه لڙالو ٿي وڃي ٿو. [illegible] جو ميل لهي ٿو ته روشني پيدا ٿئي ٿي. ڪرم سان گڏ [illegible] جو ميل ٿيندو ته شڪتي ابندي. بارود کي تيلي لڳائڻ سان ڌڪاءُ لڳي ٿو. ان بارود ۾ هڪ شڪتي پيدا ٿئي ٿي. ڪرم کي بندوق جي بارود وانگيان سمجهو. ان ۾ وڪرم جي تيلي يا باهه لڳندي ته ڪم راس ٿيندو. جيستائين ان ۾ وڪرم لٿو ملي ٿيستائين اهو ڪورو ڪرم رڳو جڙ آهي، جنهن لاءِ هڪ دفعي جي وڪرم جي چڻنگ ان ۾ پئي ته پوءِ ان ڪرم ۾ جا طاقت پيدا ٿئي ٿي اها بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. بارود جي چپٽي کيسي ۾ پئي هوندي آهي يا هٿ ۾ هوندي آهي. پر جڏهن ان کي باهه لڳندي تڏهن شرير ٽڪر ٽڪر ٿي ويندو. سوڌرم آچرڻ مان پيدا ٿيندڙ انس طاقت اهڙيءَ طرح لڪل رهندي آهي. انهي وڪرم کي گڏ ڪيو، پوءِ ڏسو ته ڪهڙا نه رنگ

ٿو. وڪرم جا اهڙا گهڻيئي نمونا مثال طور چوٿين اڏياءَ ۾ ٻڌائ ويا آهن. ان جو وستار اڳتي ڇهين اڏياءَ ۾ ڪيو ويو آهي. هن خاص ڪرم جو، هن مالڪ جاچ پڙتال جو يوگ، جڏهن اسين ڪنداسين تڏهن ان ۾ نشڪامتا جي جوت جڳندي. ڪرم سان جڏهن وڪرم ملندو آهي ته پوءِ ڌيري ڌيري نشڪامت اسانجي اندر اڀرندي رهندي آهي. جي شرير ۽ من جدا جدا چيزون آهن ته ٻنهي لاءِ ساڌن به جدا جدا هوندا. پر جڏهن الهن ٻنهي جو ميل ٿئي ٿو ته مقصد اسانجي هٿ ۾ اچي وڃي ٿو. پر من هڪ طرف ۽ شرير ٻئي طرف نه وڃي الڪري ودوان ٻٽو رستو ٻڌايو آهي. ڀڳتي يوگ ۾ ٻاهران تپ اندران جپ ٻڌايو ويو آهي. اپواس وغيره ٻاهرين تپ جي هلندي جي اندرين مالڪ جپ نه رهيو نه اهو سارو تپ فضول ويندو. ڪهڙي ڀاونا سان مان تپ ڪري رهيو آهيان، اها ڀاونا سدا ياد رهڻ گهرجي. "اپواس" شبد جو ارٿ آهي ڀڳوان جي ڀرسان وهڻ. پرماتما جي نزديڪ اسهڻ ڇُٽ رهي، الهيءَ لاءِ ٻاهرين ڀوڳن جو دروازو بند ڪرڻ جي ضرورت آهي. مگر ٻاهران وشيه ڀوڳن کي ڇڏي جي من ۾ ڀڳوان جو چنتن نه هوندو نه پوءِ هن ٻاهرين اپواس جي قيمت ڪُ ڪهڙي؟ ايشور چنتن نه ڪندي جي ان وقت ڪاڏي پيٽي جي شين جو چنتن ڪريون ته پوءِ اهو ڏاڍو ڀيانڪ ڀوڄن ٿيندو. هيءُ جو من ۾ ڀوڄن ٿيو، من ۾ وشيه چنتن رهيو، انکان وڌيڪ خوفناڪ چيز ٻي ڪانهي. تنتر سان گڏ منتر هئڻ گهرجي. صرف ٻاهرين تنتر جي ڪائي اهميت ڪانهي، ۽ نه صرف ڪرم هيڻ منتر جي ئي قيمت آهي. هٿ ۾ سيوا هجي ۽ هردي ۾ به سيوا هجي، تڏهن ئي سچي سيوا اسان جي هٿان ٿيندي.

جيڪڏهن ٻاهرين ڪرم ۾ هردي جو ساٿ نه رهيو ته اسانجو سوڌرم آچرڻ رکو سکو رهجي ويندو. ان ۾ نشڪامتا

آخر ۾ اڪرم ٿي وڃي ٿو. ڪٿي ڪاٺي ۽ ڪٿي رک! انهن جي ڳڻن ۾ هاڻي ساڳيائي بلڪل نه رهي. ليڪن ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اها رک ان ڪاٺيءَ جي ئي آهي.

هاڻي ”ڪرم ۾ وڪرم وجهڻ سان اڪرم ٿئي ٿو،“ انجو مطلب ڇا؟ انجو مطلب اهو آهي ته اُنهن معلوم ٿي ٿو ٿئي ته ڪو ڪرم ڪيو ويو آهي. ان ڪرم جو بوجو معلوم ٿو ٿئي. ڪنڊي ۾ اڪرنا ٿئجي ٿو. ڪيترا ڇوي ٿي ته ماريندي ۽ لوهين ماريو ٿا. ماءُ ٻار کي مار ڏيندي آهي انڪري لوهين ته ان کي مار ڏيئي ڏسو! لوهانجي مار ٻار نه سهندو. ماءُ مار ڏيندي آهي، تڏهن ٻه ٻار انجي گود ۾ منهن لڪائيندو آهي. ڇو ته ماءُ جي ٻاهرين ڪرم ۾ چت سڌيءَ جو ميل آهي. انجو هيءُ مارڻ ڪرڻ نشڪام ڀاونا سان آهي. ان ڪرم ۾ انجو سوارٿ نه آهي. وڪرم جي ڪارڻ، من جي پوترائيءَ جي ڪارڻ ڪرم جو ڪرم پٺو اڏي وڃي ٿو. رام جي اها نظر الدروني وڪرم ڪارڻ، فقط پريم ڌارا ٿي وهئي هئي. مگر رام کي ان ڪرم لاءِ ڪا محنت ڪانه ڪرڻي پيئي. چت شڌيءَ سان ڪيل ڪرم نرليپ رهندو آهي. انجو پاپ پن باقي ڪجهه ٿو رهي.

ته ڪرم جو ڪيترو بوجو، ڪيترو زور اسانجي ٻڌيءَ ۽ هردي تي پوي ٿو. جيڪڏهن اڄ هيءُ خبر ٢ اچي ٿئي ته سڀان سڀ ٿي، راڄ ڀيٽي قيدي ڇٽڻ وارا آهن ته پوءِ ڏسو ته ڪيتري نه چوطرف پيڙ ڪئي ٿي وڃتي. چوطرف هلچل ۽ گڙ ٻڙ مچي ويندي. اسين ڪرم جي ٻلي بري هٿڙ سان جڪڙ ته وياڪل ٿي ويا. ڪرم اسان کي چوطرف ڏينري چڙهي ٿو. جڻ ته ڪرم اسانجو گلو دٻائي رکيو آهي.

جيئن سمنڊ جو وهڪرو زور سان زمين ۾ گهڙي ڪار ٻون ٺاهي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪرم جو هيءُ ڀاري ڦهلاءُ چت ۾ گهڙي گهور گهمسان پيدا ڪري ٿو. سک دک جا جهڳڙا پيدا ٿين ٿا. سڄي شانتي ناس ٿي وڃي ٿي. ڪرم شروع ٿي ٻاڙو

ٿا رچجن. ان جي ڦاٽڻ سان اهنڪار، ڪام، ڪروڌ جا پراڻ
نڪري ويندا. ان مان پرم گيان جي پراپتي ٿي ويندي.

ڪرم، گيان جو پليتو آهي. هڪ ڪاٺ جو ٽڪر ڪٿي پي
آهي، الڪي لوهين ٻلايو. اهو پرلدڙ ٿالڊو ۽ تي پولڊو آهي
ان ڪاٺيءَ ۽ ٿالڊي ۾ ڪيترو نه فرق آهي. مگر اها ٻاهه ان
ڪاٺيءَ جي ئي ٿيندي آهي. ڪرم ۽ وڪرم وچهڻ سان اه
ڪرم لاٽاني ڏسڻ ۾ ايندو. مالها ٻچي جي ٻنيءَ لي هٿ
گهمائيندي آهي. هڪ ٻني آهي جنهن لي هڪ هٿ انين ٿي
ڦريو ويو. مگر ان معمولي ڪرم سان ان ماءُ ٻت جي من ۾
جي ڀاونائون اٿنديون آهن، انهنجو بيان ڪير ڪري سگهندو؟
جي ڪو اهڙي پيٽ ڪرڻ ويهي ته هيتري ڏکهي ويکريءَ
ٻنيءَ تي هيتري وزن جو هڪ ملايم هٿ گهمايو ويو ۽ پوءِ
هيترو آنند حاصل ٿيو ته اهو هڪ مخول ٿيندو. هٿ ڦيرڻ جي
هيءَ ڪريا بلڪل خسيس آهي پر ان ۾ ماءُ جي دل اوليل
آهي، وڪرم اوتيل آهي. الڪري ئي بيحد آنند حاصل ٿئي
ٿو. تلسي رامائڻ ۾ هڪ پرسنگ آيو آهي. راڪشس سان لڙڻ
بعد باندر اچي ٿا، اهي زخمي پيا آهن. هنن جي بدن مان
خون وهي رهيو آهي. پرڀو رامچندر جي هڪ پيار جي نظر
سان انهن باندرن جي پيڙا گم ٿي وڃي ٿي. هاڻي جيڪڏهن
ٻيا ڪنهن آدميءَ رام جي اکين جو الوقت جو ڦوٽو يا نظارو
ڇڪي ڪنهن ڏانهن اهڙوئي اکيون ڦاڙي نهاريو هجي ها ته
ڇا ان جو اهڙو اثر پوي ها؟ انهن ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
ئي کل جهڙي ڳالهه آهي.

ڪرم سان جيڪڏهن وڪرم جو ميل ملي وڃيو ته طاقت
قائم ڪانئي نڪري ٿي ۽ الهان اڪرم پيدا ٿئي ٿو. ڪاٺي ٻرڻ
سان رک ٿي وڃي ٿي. ايڏو وڏو ڪاٺيءَ جو ٽڪر آخر چپٽيءَ
ڀر رک ٿي وڃي ٿو. خوشيءَ سان ان کي هٿ ۾ کڻو ۽ ساري
بدن تي ملهو. ان طرح ڪرم وڪرم جي جوت جلائڻ سان

”ڪام ڪروڌ جو ڪڙو آهي ٻهاڙ-رهجي ويو، ”اننت،“ پڙنين ٻار.“

ڪام ڪروڌ روپي ٻهاڙ جي ٻنهي طرف ناراض رهي ٿو. اهڙيءَ طرح انهن پستڪن جي ڍير پٺيان گيان راڄا لڪو ويٺو آهي. چوطرف پستڪالين ۽ ڪتاب گهرن هوندي به اڄا ڻئين انسان هر هنڌ سنسڪار هيڻ ۽ اگياني ٻالڊر وانگر پيو ڏسجي. ڦودي ۾ تمام وڏي لئبرري آهي. هڪ دفعي هڪ سڄڻ هڪ وڏو پستڪ کنيو پئي ويو. ان ۾ مورتون هيون. هو ائين سمجهي ڪئي ٿي ويو ته انگريزي پستڪ آهي. مون پڇيومانس ڪهڙو ڪتاب آهي؟ هن ڪتاب ڪري منهنجي اگيان رکيو. مون چيومانس، ”هيءُ فرينچ پستڪ آهي.“ ته هن جواب ڏنو، اڙي فرينچ پستڪ آهي؟ پوءِ رومن لپي، سندر مورتون، سندر جلد، باقي گيان جي ڪهڙي ڪمي؟“

انگريزيءَ ۾ هر سال ڏهه هزار نوان ڪتاب تيار ٿيندا. اهوئي حال ٻين ٻولين جو به آهي. گيان جي اهڙي ڦهلاءَ هوندي به انسان جو دماغ ڪٿي به هيلتائين کوکلو رهيو آهي؟ ڪو چوندو ته حافظو ڪمزور ٿي ويو آهي. ٻيو جواب ڏيندو ته ايڪاگرتا نٿي ٿئي. ڪنهن جو چوڻ آهي ته جو ڪجهه پڙهون ٿا سو سڀ سچ ٿي معلوم ٿيندو ۽ ڪو ته وري انهن پيو چوي ته پاڻي! ويچار ڪرڻ جي فرصت ئي نٿي ملي. شري ڪرشن چيو ٿو: ”ارجن، گهڻوئي ڪجهه ٻڌي ٻڌائي، تنهنجي ٻڌي چڪر ۾ ڦاسجي ويئي آهي. اها جيسين استر نه ٿيندي تيسين توکي يوگ پراپت نه ٿي سگهندو.“ ٻڌڻ ۽ پڙهڻ هاڻي بند ڪري سنتن جي شرن وٺ. اُهي توکي جيون گرنٿ پڙهڻ لاءِ ملندو. اتان جي سانتيڪي لئبرري ٻڌي ڪري تون نرشڪاما ٿي ويندين. انهي وچڻ سان توکي معلوم ٿيندو ته لڳاتار سيوا ڪرم ڪندي به من ڪهڙو نه تمام شانت رهي سگهي ٿو. ٻاهران ڪرم جو زور رهندي به هردي ۾ ڪٿي نه اکنڊ سنگيت جي ستار وڄندي رهي ٿي.

آ. ٽوار: ١٣-٣-١٩٣٢.

۽ ٿي وڃيتو پر انجو اثر قائم رهي ٿو. ڪرم ڇٽ لئي قبضو ڪري ڇڏي ٿو ۽ پوءِ انجي نتب حرام ٿي وڃيٿي.

مگر انهن جي هٿ ڪرم ۾ وڪرم ڪي ملايو وڃي ته پوءِ لوهمن چاهي جيترا ۾ ڪرم ڪريو ته ۾ انهن جو بوجهو يا بار محسوس نه ٿيندو. من ۾ ڏروهه واسنائن شانت ۽ استر ۽ ليهسوي پيلو رهندو. ڪرم ۾ وڪرم وجهڻ سان اهو اڪرم ٿي وڃيتو. جڻ ڪرم ڪري پوءِ انکي اڳهي ڇڏيو ويو آهي.

١٦

اڪرم جي ڪلا سنتن وٽ

هيءَ ڪرم مان اڪرم ڪئن لئي ٿو؟ هيءَ ڪلا ڪٿهن وٽان ملندي؟ سنتن وٽان. ڏهين اڏياءَ جي آخر ۾ ڀڳوان چيو آهي: "سنتن وٽ وڃي ويهو ۽ انهن کان سکيا وٺو." ڪرم مان اڪرم ڪئن ٿيندو آهي، انجو بيان ڪندي ڪندي ٻولي ٿي ختم ٿي وڃيٿي. انجي صحيح ويچار ڪرڻ لاءِ ته سنتن وٽ وڃڻ گهرجي. پرميشور جو ورڻن به ته آهي. 'پرميشور هزار قطن واري شيش ناگ لي ليٽندي به شانت آهي' اهڙيءَ طرح سنت به هزارين ڪرم ڪندي رليءَ جيتري دک جي لهر پنهنجي مانسروور ۾ اٿڻ نٿا ڏين. هيءَ کولي سنت سماگم ڪرڻ بنا سمجهه ۾ نٿي اچي سگهي.

اجوڪي زماني ۾ پستڪ تمام سستا ٿي پيا آهن. هڪ پن آنن ۾ گيتا جا شلوڪ وغيره ملندا. گرن جي ا. ڪمي ڪانهي. سکيا به سولي ۽ سستي آهي. وشو ودياليه ته ڄڻ گيان جي خيراتخانا ٿي رهيا آهن. مگر گيان روپي امرت پوڄن جي اوگرائي، ڪنهنکي به نٿي اچي. پستڪن جي پهاڙ کي ڏسي سنت سماهي ضرورت ڏهنهون ڏينهن زياده ڏسڻ ۾ اچيٿي. انهجو ٿيابو، پستڪن جي مضبوط ڪپڙي جي جلد کان ٻاهر نٿو اچي. اهڙي موقعي لي مونکي همسيهه هڪ سلوڪ ياد ايندو آهي.

پنهنجي سنساري پريتيءَ ۾
ڏيو ۽ جهنجهٽ ۾ گهٽ ... ۾ اهي ممتا ۾ نٿي ڇڏي ۽
ٿالي مالڪ رکي ڇڏيون ... ۾ ويندا آهن ۽ ... وڏا،
جن راڪاس ڪڍهن ... ويندا ٿي روپ ٻڌائي ٿو. اهي لنڌا هجن
تن هي سنسار ۾ پنهنجا روپ ... راڪاس ٿي ٿا. اهڙيءَ طرح اهي جواب
چاهي وڏا، پر ... ۽ خواهه جهوپڙين ۾، آهن ۽ ساڳيائي جي،
لتو محلن ۾ هجن ... سنسار کي محدود ڪري رکو ڇڏهن
سوڌرم جو ... وجهي، سنسار کي محدود ڪري رکو ڇڏهن
۾ اهي ايڪ جهيڙا پيدا ٿي ويندا ۽ توهانجو من الان ۾ بيزار
ٿي پوندو. اهي ۾ گهٽين ٿي سنتائن ۽ گهٽن ٿي ماڻهن سان
توهانجو لاڳاپو ٿيندو ۽ توهين اهي ۾ ڪڪ ٿي پوندا. توهين
جوڙ لڳيندا ۽ ڪتان هن آفت ۾ اچي اڙياسين. تڏهن ٿي
توهانجي من جي ڪسوٽي آهي. فقط سوڌرم آچار جي استعمال
سان ٿي ترليمنا لئي اچي. ڪرم جي دائري کي سوڙهو ڪرڻ
ترليم ٿيڻ ناهي.

۽ پوءِ ترليمتا ڪئن حاصل لئي؟ اللهءَ دل سان ڪوشش
ڪرڻ گهرجي. من جو سهڪار جيسين نه هوندو تيسين ڪابه
ڳالهه سڌي ٿي نه سگهندي. مالا ٻنا ڪنهن سنستا ۾ پنهنجو
بار موڪلين ٿا. هو اتي سوير اٿي ٿو. سورج کسي لمسڪار
ڪريٿو. چانهه لئو پيئي. مگر گهر ايندي ٿي بس ڇڻ ڏينهن
هو سڀ ڇڏي ڏني ٿو. اهڙا مثال ته روز پيا ملن. انسان
ڪو منيءَ جو ڳوڙهو نه ڪوٺهي. سندس من کي جو روپ
اسين ڏيڻ چاهيون ٿا ان سان سندس من کي ٿهڪڻ گهرجي!
جي من ان روپ سان نه ٿهڪيو نه ٻاهرين هيءَ ساري تعليم اجائي
هئي. الڪري ساڌنا ۾ مالڪ سهڪار جي ڏاڍي ضرورت آهي.

ساڌن جي روپ ۾ ٻاهران سوڌرم آچرڻ ۽ اندران وڪرم
ٿي گهرجن. ٻاهرين ڪرم جي ۾ ضرورت آهي ٿي، جو نه
ڪرم ڪان سواءِ من جي پرليڪيا ٿي ٿئي. پر هي ٿئي جي
سالتيڪي وقت اسالکي پنهنجو من ڏاڍو شالت معلوم ٿئي

ڏياڙ پنجون

ٻٽي ڪرم اوستا - يوگ ۽ سنياس

١٧

اندر جي آرسي - ٻاهريان ڪرم

سنسار ڏاڍي ڀيانڪ جبر آهي. گهڻئي ڀيرا الڪي سمن
سان مشابهت ڏيندا آهن. سمنڊ ۾ جيڏانهن ڏسو اوڏانهن پاڻي
ئي پاڻي! اهو ئي حال سنسار جو آهي. جيڏانهن نهار ليڏانهن
سنسار پکڙيو پيو ڏسجي. جيڪڏهن ڪو ئي گهر ٻا
ڇڏي لوڪ سيوا ۾ لڳي وڃي ته اتي به سندس من ۾ سنسا
پنهنجو ٺڪاڻو ڪيو ڇڏي ٿو. جي ڪو ڪٽي غفا ۾ وڃي وهي
ٿو ته به سندس گرالف پر لنگوٽي ۽ سنسار ٽاچي پيٽي پر
رهي ٿو. اها لنگوٽي سندس ممتا جو سارو مال متاع ٿي پوي
وڃي ٿي. جئن ننڍڙي لوٽ ۾ هزار رپيا پيل هوندا آهن
تئن ئي ان ننڍڙي لنگوٽي ۾ به اپار موهه پيو رهي ٿو
گهر جنجال ٽوڙي ڇڏيو. جهنجهٽ گهٽ ڪري ڇڏيو. تڏهن
به پرپنچ گهٽ ڪين ٿو ٿئي. ٢/٥ يا ١/٢-٥ ٿيو. ايتري جو مطلب
ته هڪ ئي آهي. گهر ۾ رهو خواهه ٻر ۾. ممتا ته اوڏو آهيئي
سنسار جو پرپنچ ڏرو به گهٽجي ٿو. ته يوگي ڀلي هماله جي
غفا ۾ وڃي وهن. پر اتي به جي هڪ ٻڪي جي ساراهه سندن
ڪئن لي پيٽي ته جلي ٻڇي ويندا. لوڪ سيوا جي ميدان
به اهو ئي نظارو پيو ڏسجي.

اهڙي نموني هي سنسار جو پرپنچ هٿ ڌوئي اسانجي
پٺيان پيل آهي. انڪري سڀ ڌرم آچرڻ جي مريادا ۾ رهندي

تيز جي ڪوشش ڪندا رهون.

ڪومنش وڃي غفا ۾ وهي ٿو. اُتي نه اڄ ڪنهن سان به لاڳاپو ٿو ٿئي. هو سمجهڻ لڳيو ته آءٌ هاڻي بلڪل شانتي تي ويو آهيان. مگر غفا ڇڏي ڪيس ڪٿي سگهيا پهڻ لاءِ موڪليو. اُتي ڪو ڪهڙو ٻنڌ ٻار دروازي جو ڪڙو کڙڪائي ٿو. هو ٻالڪ ته اُن ايشوري سنگيت ۾ لين ٿــي وڃي ٿو. مگر اُن ٻالي ڀولي ٻالڪ جو ڪڙو کڙڪائڻ ٻوڪيءَ ڪان سنو ٿو وڃي. هو چوي ٿو، "اڙي دشت! کهڙي کڙ کڙ لڳائي ويٺو آهين؟" غفا ۾ رهي ڪري اُن پنهنجي من کي ايترو ڪمزور بڻائي ڇڏيو آهي جو ذرو به کڙڪو سهي ٿو سگهي. ذرا کڙڪو ٿيو ته بس شانتي ڀنگ. تيز لڳي ٿي. من جي اهڙي ڪمزور حالت چڱي نه آهي.

مطلب هيءُ ته پنهنجي من جي سروپ سمجهڻ لاءِ ڪرم ڏاڍي ڪمائتي چيز آهي. جڏهن دوش ڏسڻ ۾ ايندا تڏهن اُهي دور به ڪري سگهبا. جي دوش معلوم نه ٿيندا ته ترقي روڪجي ويندي. وڪاس ختم ٿيندو. ڪرم ڪندا سين ته دوش ڏسڻ ۾ ايندا. انهن کي دور ڪرڻ لاءِ وڪرم جي تجويز ڪرڻي پوي ٿي. اندران جڏهن وڪرم جي ڪوشش ڏينهن رات جاري رهندي ته پوءِ سوڌرم جو استعمال ڪندي به اُپيت ڪئين رهون، اڪامي، اڪرودي، نرلوڀي، نرموهي ڪئين ٿيون، اُهي سڀ ڳالهيون وقت تي خيال ۾ اچي وينديون. ڪرم کي نرمل رکڻ جي لڳاتار ڪوشش هوندي ته پوءِ اڳتي هلي نرمل ڪرم پنهنجو پاڻ ٿيندو ويندو. نروڪار ڪرم جڏهن هڪڙي پٺيان ٻئي سهجائيءَ سان ٿيڻ لڳن ٿا ته پوءِ اُها ڪم تي لڳي رهي ته ڪرم ڪنهن مهل ٿي ويو. جڏهن ڪرم سهاوڪ ٿي وڃي ٿو ته اڪرم ٿي پوي ٿو. سهاوڪ ڪرم ڪسي تي اڪرم چولدا آهي. هيءُ اسان چوٿين اڌياءَ ۾ ڏٺو آهي. ڪرم مان اڪرم ڪئين ٿيندو آهي، اهو سمت چولن ۾ وهڻ

لوءِ پر جي ٻالڪ ٽورو رلو نه پوءِ اسان جي من جي شانتيءَ
جي اصلي قيمت معلوم ٿي ويندي. تنھنڪري ٻاھرين ڪرمن
کي نارڻ سان ڪم نه ھلندو. ٻاھرين ڪرمن سان اسانجي من
جو سچو روپ ٿو ظاھر ٿئي. پاڻي مٿان صاف ٿو ڏسڻ ۾ اچي،
مگر ان ۾ پٿر وجھو ته ترت ئي اندر جي گندگي مٿي لڙي
ايندي. اھڙي ئي حالت اسان جي من جي آھي. من جي
اندرئين تلاءَ ۾ گندگي گوڏن تائين موجود رھي ٿي. ٻاھرين
وستن کي ڇھندي ئي اھا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اسين چوندا
آھيون ھن کي ڪاوڙ آئي. نه ڄاڻ، ھيءَ ڪاوڙ ڪٿان ٻاھران
آئي. اھا نه اندر ئي ھئي. جي من ۾ نه ھوندي ته ٻاھر ڏسڻ
۾ ئي نه ايندي.

ماڻھو چوندا آھن ته ”اڇي ڪادي نه گھرجي. اھا ميري
ٿيو لي وڃي. رنگين ڪادي ميري ٿئي ٿي.“ پر ميري نه
اھا ۽ ٿيندي آھي. ھا، البت اھا ميري ڏسڻ ۾ ٿي اچي.
اڇي ڪاديءَ جي ميل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اھا چوڻي، ”مان
ميري آھيان، مونکي ڌوئي ڇڏ.“ ھاڻي ھيءَ زبان سان
بوليندڙ ڪادي ماڻھن کي ٿئي وڻي. اھڙيءَ طرح اسان جو
ڪرم ۽ بوليندو آھي. ڪرم ٻڌائي ٿو ته ٻوھين ڪروڌي
آھيو. سوارٿي آھيو يا ٻيو ڪجھ آھيو. ڪرم اھا آرسي
آھي جا اسانکي پنھنجو سروپ ڏيکاري ٿي. تنھن ڪري
اسانکي ڪرم جو احسانمند ٿيڻ گھرجي. آرسيءَ ۾ جي اسانجو
منھن گندو ۽ غليظ ڏسڻ ۾ اچيٿو ته ڇا اسين آرسيءَ کي ڀڃي
ڇڏينداسين؟ نه، الٽو ان جو احسان مڃينداسين. منھن ڌوئي
پوءِ وري ان ۾ شڪل ڏسنداسين. اھڙيءَ طرح جي ڪرم
سبب اسانجي من جو پاپ دوش ظاھر ٿئي ٿو ته ڇا الڪري
اسين ڪرم کان ڀڄڻ چاھينداسين؟ ڪرم کان ئي جي اسين ڀڄندا
رھون ته ڇا اسان جو من نرمل ٿي ويندو؟ تنھنڪري ٺيڪ
نه اھين آھي ته ڪرم ڪندا رھون ۽ درجي بدرجي نرمل

ڪرم کي اڪرم ڪرڻ اسانجو مقصد آهي. الله سڌرم آچرڻ روپي ڪرم اسانکي ڪرڻو آهي. ائين ڪندي اسانکي پهنجا دوش نظر ايندا. انهن کي دور ڪرڻ لاءِ وڪرم جو پلؤ پڪڙڻو پوندو. اهڙو ابياس ڪرڻ سان من جي پوءِ اهڙي حالت ٿي وڃي ٿي جو ڪرم ۾ تڪليف يا ڪشٽ بلڪل معلوم نٿو ٿئي. هزارين ڪرم هٿن سان ٿيندي به من بلڪل نرمل ۽ شانت رهيٿو. توهين آسمان کان پڇو: پاڻي آسمان ۾ ڇا تون گرميءَ کان سڙي نٿو وڃين؟ پاڻيءَ سان ڀڄي نٿو پوين؟ سرديءَ ڪري سڪي نٿو وڃين؟ ته هو ڇا جواب ڏيندو؟ هو چوندو: ”مونکي جو ڪجهه ٿئيٿو، ان جو فيصلو تون ڪر. مان ڪجهه نٿو ڄاڻان!“

”پاڳل لڳو آهي، يا ڀريل - ان کي لوڪ ڏسي ڪن فيصل.“

پاڳل اگهاڙو آهي يا ڍڪيل، اُن جو فيصلو ماڻهو ڪن.
پاڳل کي ان جي ڪهڙي خبر!

انجو مطلب هيءَ آهي ته سڌرم آچرڻ وارا ڪرم، وڪرم جي مدد سان، نروڪار بڻائڻ جي عادت پوندي پوندي، سهاويڪ ٿي ويندا آهن. وڏا وڏا پيچيدا پرسنگ به پوءِ مشڪل نٿا معلوم ٿين. ڪرم يوڳ جي اهڙي هيءَ چابي آهي. چابي نه هوندي ته تالي کي ٽوڙيندي ٽوڙيندي هٿن ۾ ڦلون پئجي وينديون. مگر ڪنجي هٿ اچڻ سان اک ڇنڀ ۾ ڪم راس ٿي ويندو. ڪرم يوڳ جي هن چابيءَ سبب سڀ ڪرم شانت معلوم ٿين ٿا. هيءَ ڪنجي من جيتڻ سان ملندي آهي. انڪري من جيتڻ جي لڳاتار ڪوشش هئڻ گهرجي. ڪرم ڪندي جيڪا به من جي مئل ڏسڻ ۾ اچي، ان کي ڌوئي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پوءِ ٻاهرين ڪرمن جو جهنجهٽ معلوم نٿو ٿئي. ڪرم جو اهنڪار ٿي مٽجي ويندو. ڪام ڪروڌ جو زور ختم ٿي ويندو، تڪليف ۽ ڪليش محسوس نٿو ٿئي ۽ ڪرم جو احساس ئي نٿو رهي.

سان معلوم ٿيندو، اهو به پڪوان چوٿين ڏاڍا جي آخر ۾ ٻڌايو آهي. ان ڪرم اسٽيٽ جو بيان ڪرڻ اسان جي زبان کان ٻاهر آهي.

١٨

اڪرم اوستا جو سروپ

ڪرم جي سياڻپ کي سمجهڻ لاءِ اسين پنهنجو جاتل مثال وٺون. ننڍڙو ٻالڪ جڏهن پهرين هلڻ سکندو آهي، ان وقت ڪيس ڪيتري نه تڪليف ٿيندي آهي! مگر ان ليلا ۾ اسانکي آنند ايندو آهي. اسين چوندا آهيون، "ڏسو، ٻالڪ هلڻ لڳو." پر بعد ۾ اهو هلڻ سهاوڪ ٿي ويندو آهي. هو هلندو رهي ٿو، ڳالهه ٻولهه به ڪندو رهي ٿو، هلڻ جي طرف سندس ڌيان به نه ٿو رهي. ساڳي ڳالهه ڪائڻ بنسبت اسين ٻارن کي * اَن-پراشن ڪرائيندا آهيون. جڏهن ڪائڻ ڪولي وڏو ڪم آهي. مگر اهو ئي کائڻ پوءِ سهاوڪ ڪرم ٿي ويندو آهي. ماڻهو جڏهن پهرين ترڻ سکندو آهي ته ڪيتري نه تڪليف ٿيندي اٿس. پهرين نه سهڪو اچي ٿيندو اٿس. پر پوءِ ته هيڪاري جڏهن ٻيو پورهيو ڪري ٿڪجي پوندو آهي ته چوندو آهي: "هلو ترو تري اچون ته ٿڪاوٽ دور ٿئي." پوءِ ان ترڻ ۾ تڪليف معلوم ئي ٿي ٿئي. شرير سولائيءَ سان پاڻيءَ تي ترندو رهندو آهي. محنت ڪرڻ من جو ڌرم آهي. من جڏهن ڪم ۾ رڌل رهي ٿو ته محنت معلوم ٿئي ٿي. مگر ڪرم جڏهن سهاوڪ ٿيڻ لڳن ٿا ته پوءِ انهن جو بوجهو معلوم نٿو ٿئي. ڪرم جڻ اڪرم ٿي وڃن ٿا. ڪرم آنند دائڪ ٿي وڃي ٿو.

* ٻار کي پهرين اَن کارائڻ جي رسم.

پاپ پيچ لاء سورج جوابدار ڪونهي. سورج چوي ٿو، ”پرڪاش منهنجو سياويڪ ڌرم آهي. مون وٽ جي پرڪاش نه هوندو نه ٻاقي هوندو ڇا؟ مان ڄاڻان ٿي نٿو ته مان پرڪاش ڏيندي رهيو آهيان. منهنجو هئڻ ئي پرڪاش آهي. پرڪاش ڏيڻ جي ڪريا جو ڪشٽ مون کي ڪونهي. مون کي اهو به محسوس نٿو ٿئي ته مان ڪجهه ڪري رهيو آهيان.“

سورج جو پرڪاش ڏيڻ جهڙو سياويڪ آهي تهڙو حال سنتن جو به آهي. انهن جو زندهه رهڻ ئي پرڪاش ڏيڻ آهي. جي ڪنهن گياني پرش کي چئو، ”توهين مهان ستيوادي آهيو“ ته هو چوندو، ”مان جي ستيه ٿي نه هلان ته ٻاقي ڪريان ڇا؟ مان خاص ڪريان ڇا ٿو؟“ گياني پرش وٽ ڪوڙ نه ٿي ٿي نٿو سگهي.

اڪرم جي هيءَ اهڙي ڀومڪا آهي، ڪرم اهڙا قدرتي ۽ سياويڪ ٿي ويندا آهن جو انهن جي اچ وچ معلوم نٿي ٿئي. [ا]لدريون ان جون سياويڪ هري وڃن ٿيون. ”سهج بولڻ ست اپديش“ واري حالت ٿي وڃي ٿي. جڏهن اهڙي حالت حاصل ٿي وڃي ٿي تڏهن ڪرم اڪرم ٿي وڃي ٿو. گيانيءَ لاء ست ڪرم سنهجا ٿي وڃن ٿا. ڇين ڇين ڪرڻ جهرڪين جو سياويڪ ڌرم آهي. ماءُ جي يادگيري ٻچن جو سياويڪ ڌرم آهي. اهڙيءَ طرح ايشور سمرڻ سنتن جو سياويڪ ڌرم آهي. صبح ٿيڻ ٿي ئي ڪڪڙن جو ”ڪڪڙو ڪو“ ڪرڻ سياويڪ ڌرم آهي. سُرن جي واقفيت ڏيندي ڀگوان پاڻيني ڪڪڙ جي آواز جو مثال ڏنو آهي. پاڻنيءَ جي وقت کان اڄ تائين ڪڪڙ صبح جو بوليندو آهي. پر ڇا ان ۾ ڪنهن کيس ماڻهتر ڏنو آهي؟ ڪڪڙ جو اهو سياويڪ ڌرم آهي. اهڙيءَ طرح سچ بولڻ، جيو ديا، ڪنهن جو به عيب نه ڪڍڻ، سڀ جي شيوا ٽهل ڪرڻ وغيره سڀ پرش جا ڪرم سياويڪ ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري ٻيا هو ڪيترا نه

هڪ دفعي مونکي هڪ سکر ماڻهوءَ خط لکيو: ”هيترا
دفعا رام نام جو جاپ ڪرڻو آهي. توهين به ان ۾ شريڪ ٿيو
۽ ٻڌايو ته اوهين روز ڪيترو جپ ڪندا؟“ هر شخص پنهنجي
ٻڌيءَ انوسار ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪيس ٻن چوڻ جي
خيال کان آءٌ هي لکو چوان. مگر رام نام ڪا ڳڻڻ ماپڻ جي
چيز ناهي. ماءُ ٻار جي سيوا ڪندي آهي ته ڇا انجي رپورٽ
ڇپائڻ وينديءَ آهي؟ جي رپورٽ ڇپائڻ لڳي ته ”ٿڪڻ بو
ڇتي انجو ٿورو لاهي سگهبو؟ پر ماتا رپورٽ نٿي لکي. هوءَ
چوندي آهي، ”مون ڪيو ڇا؟ مون ڪجهه نه ڪيو. هي ڇا
مون لئي ڪو ٻار ٿيو آهي؟“ وڪرم جي مدد سان من لڳائيءَ
هردي سان جڏهن منش ڪرم ڪريٿو لڏهن اهو ڪرم ٿي
نٿو رهي. اڪرم ٿي وڃيٿو. اتي ڪليش، ڪشٽ، ڇڪتاڻ
وغيره ڪجهه نٿو رهي.

ان حالت جو بيان نٿو ڪري سگهجي پر جهڪي ڪلپنا
ڪرائي سگهجي ٿي. سج ايري ٿو. پر ڇا سندس من ۾
ڪڏهن اهين ايندو آهي ته مان اولده مٽائيندس؟ ٻکين کي
آڏامڻ لاءِ آگاهه ڪندس؟ لوڪن ۾ ڪرم ڪرڻ لاءِ چاهنا پيدا
ڪندس؟ هو جتي ايري ٿو اتي بيٺو رهندو آهي. انهي
هستي ئي جڳت کي هلائي ٿي. مگر سورج کي ته انجي ڄاڻ
ئي ڪانهي. توهين جيڪڏهن سورج کي چوندا ته سورج
نارائڻ، توهانجا انيڪ ٿورا آهن. توهان ڪيتري اولده دور
ڪري ڇڏي.“ ته هو ڇڪر ۾ پئجي ويندو. چوندو ته
”توڙي اوندهه ته مون کي آٽي ڏٺڪار يو. جي مان انکي دور
ڪري سگهيس ته چوندس ته برابر مون ڪجهه ڪيو.“ ڇ
اولده سورج جي اڳيان ٽڪي وڃي سگهي؟ سورج جهڙي
هستيءَ سان انڌڪار دور ٿيندو هوندو، ان پرڪاش ۾ ڪو سلو
پستڪ ته ڪو خراب پستڪ پڙهندو هوندو، ڪو پاهه لڳائيندو
هوندو ته ڪو ڪنهن جو ڀلو به ڪري رهيو هوندو. پر ان

ڪرم سڌ ٿئي ٿو، الي ڪرم سنياس ڪيئن ٿيندو؟ ڀڳوان ارجن کي وشو روپ ڏيکاريو. اهو چوطرف ڦهليل وشو روپ ڏسي ارجن ڏجي ويو ۽ گهٻرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ڀلا اکيون بند ڪرڻ سان به هو اندر ۾ اهو ئي روپ ڏسڻ لڳو، هاڻي ان کان ڪيئن ڀڄي؟ نه ڪرڻ سان به جو ٿئي ٿو الکي ڪيئن ٽاريو وڃي؟

هڪ شخص جي ڳالهه آهي. هن وٽ سون جا تمام گهڻا قيمتي ڳهڻا هوا. هن انهن کي هڪ وڏيءَ صندوق ۾ بند رکڻ چاهيو ٿي. نوڪر هڪ وڏي لوهه جي صندوق نهرائي آيو. اها ڏسي ان شخص ان نوڪر کي چيو، ”تون ڪهڙو نه بيوقوف آهين! گنوار آهين! تون سولهن جهڙي چيز به سمجهندو آهين يا نه؟ جي اهڙا املهه زيور رکڻا آهن ته ڇا هن ردي لوهه جي پيٽيءَ ۾ رکيا ويندا؟ وڃ، وڃي سٺي سون جي صندوق نهرائي اچ.“ نوڪر سون جي صندوق نهرائي آيو. ”هاڻي تالو به سون جو وٺي اچ. سون جي صندوق کي سونو تالو سونهندو.“ هن شخص نه چاهيو ٿي سون اڪائڻ، سون کي ڍڪڻ. پر اهو سون لڪو يا ظاهر ٿيو؟ چورن کي زيورن ڳولڻ جي ضرورت ئي نه پيئي. صندوق کڻيائون ته ڪم راس ٿي ويو. مطلب هي آهي ته ڪرم نه ڪرڻ به ڪرڻ جو هڪ نمونو ٿي وڃي ٿو. اهڙو وياپڪ جو ڪرم آهي، انجو سنياس ڪيئن ڪجي؟

اهڙن ڪرمن جو سنياس ڪرڻ جي ريت هيءَ آهي ته اهڙي تدبير ڪئي وڃي، جنهن سان ساريءَ دنيا جا ڪرم ڪندي به اهي ڏورڀجي وڃن. جڏهن ائين ٿيندو تڏهن چئبو ”سنياس“ حاصل ٿيو. ڪرم ڪندي به انهن سڀني جو خاتمو ٿي وڃڻ، هيءَ ماجرا آخر آهي ڪهڙي؟ سورج جو مثال وٺو. سورج رات ڏينهن ڪرم ڪري رهيو آهي. رات جو به هو

رهي سگهندا. رسوئي ڪاڻ لاءِ ڇا اسين فخر وٺندا آهيون؟ ڪاڻ، پيٽ، سهڻ جهڙن سنسارين جو سڀاويڪ ڪرم آهي ان ۾ سيوا ڪرم گيانين جي لاءِ سڀاويڪ ڪرم آهي. اپڪار ڪرڻ انهن جو سڀاءُ ۾ وهندو آهي. هو جي چوندو ته مان اپڪار نه ڪندس ته اهو هن لاءِ ناممڪن آهي. اهڙي گياني پرش جو اهو ڪرم، اڪرم جي درجي ۾ پهچي ويو آهي، ائين سمجهڻ گهرجي. ان درجي کي ”سنياس“ نالي جي نام پوري پدوي ڏني وئي آهي. سنياس معنيٰ اڪرم ۽ اعليٰ اڪرم جي اوستا. ان اوستا کي ڪرم يوگ به چوڻ گهرجي. ڪرم ڪندو رهيو، تنهنڪري اهو يوگ آهي. پر ڪندي به هو ڪري ٿو ائين نٿو لڳي، انڪري اهو سنياس آهي. هو اهڙيءَ سڀاءَ سان ڪرم ڪري ٿو، جو اهو ڪيس ليپ نٿو لڳي. انڪري اهو يوگ آهي. ۽ ڪرم ڪندي به هو ڪجهه نٿو ڪري، انڪري اهو سنياس آهي.

١٩

اڪرم جو هڪ روپ - سنياس

سنياس جي آخر ڪلپنا ڇا آهي؟ ڪجهه ڪرم ڪرڻ، ڪجهه ڇڏڻ، هيءَ ڪلپنا آهي ڇا؟ نه، ائين نه آهي. سنياس جي وصف آهي؛ سڀني ڪرمن کي ڇڏڻ. سڀني ڪرمن کان مڪت ٿيڻ، ڪرم ذرو به نه ڪرڻ اهو سنياس آهي. پر ڪرم نه ڪرڻ جو مطلب ڇا؟ ڪرم ڏاڍي وچتر وستو آهي. سڀني ڪرمن جو سنياس ڪيئن ٿيندو؟ ڪرم ته اڳيان پٺيان هيڏانهن هوڏانهن ۽ هر طرف وياپڪ ٿي رهيو آهي. هلڻ، ويهڻ به نه ڪريا ئي آهي نه؟ ’ويهڻ‘ فعل آهي. صرف وياڪرڻ جي خيال کان اهو فعل نه آهي. پر سرشٽي شاستر ۾ به ويهڻ فعل ئي آهي. لڳاتار ويهڻ سان به پير ڏکڻ لڳندا آهن. بيهڻ ۾ به محنت نه آهي ڇا؟ جيتي نه ڪرڻ سان ب

ٿا. هن حالت ۾ اڪرم ۾ ڪرم ٿا پربل رهي ٿو ۽ ان سان ڀاري ڪرم ٿئي ٿو. اهڙيءَ حالت کي پهتل شخص ۽ ڪنهن آلسي آدميءَ ۾ وڏو تفاوت آهي. آلسي انسان ٿڪجي پوندو، ڪڪ ٿي پوندو. پر هي اڪرمي سنياسي ڪرم شڪتيءَ کي روڪي رکي ٿو. ذرو به ڪرم نٿو ڪري. هو هٿ پير يا ڪنهن به اندريءَ سان ڪرم نٿو ڪري. مگر ڪجهه نه ڪندي به هو الست ڪرم ڪندو رهي ٿو.

ڪنهن ماڻهوءَ کي غصو آيو. جي اسانجي ڪنهن ڳل سان هو غصي ٿيو آهي ته اسين ونس وڃون ٿا. هو چپ رهيو، ڳالهائي نٿو. هاڻ ان نه ڳالهائڻ جو، ان ڪرم تياڳ جو ڪيترو نه ڀاري اثر ٿئي ٿو! ٻيو ٻڙ ٻڙ ڪندو ڳالهائيندو هليو وڃي ٿو. ٻئي آهن ته غصي ۾ ئي. مگر هڪ شانت آهي، ٻيو ٻڙ ٻڙ ڪندو ٿو رهي. ٻئي آهن غصي جا نمونا. نه ٻولڻ به نه ڪرڻ جو هڪ روپ آهي. پر ان سان ٻ ڪم ٿئي ٿو. ماءُ يا پيءُ ٻار سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي ته انجو اثر ڪيترو نه ڀاري ٿيندو آهي. ان ڳالهائڻ جي ڪرم کي ڇڏي ڏيڻ سان، ان ڪرم کي نه ڪرڻ سان انترو ڀاري ڪرم ٿئي ٿو جو ظاهر ظهور ڪرم ڪندي به انجو انترو اثر نه ٿي سگهي ها. ان نه ڳالهائڻ سان جو اثر ٿيو اهو ڳالهائڻ سان ٿي نه سگهي ها. گياني پرش جي اهڙي حالت ٿيندي آهي. سندس اڪرم ئي، سندس خاموش وهڻ ئي ڀاري ڪم ڪندو رهي ٿو، زبردست شڪتي پيدا ڪندو رهي ٿو. اڪرمي رهي هو انترا ڪرم ڪري ٿو جو اهي سڀ ڪرمن دوارا ظاهر ٿي نه سگهن. اهڙيءَ طرح هي سنياس جو ٻيو نمونو آهي.

اهڙي سنياس جا سارا ڪرم ۽ سڀ ڪوششون هڪ آسري ئي اچي وڃن ٿيون.

”هٿ لي ڪرم جي ٻڪ ٻوڙ منهنجي،
ڪم ٻاڻ پهچو ٻريوءَ جي سوالي.

اڻ گول ۾ ڪم ڪندو رهي ٿو. مگر اهڙو ڪم ڪندي به انهن
ڇهو ويندو آهي ته هو ڪجهه نٿو ڪري. انڪري ئي ڇوٽين
اڻ ڀاڻ ۾ ڀڳوان ڇوي ٿو ته مون هي يوگ ڀهرين سورج کي
سيکاريو. پوءِ سورج کان، وچار ڪندڙ ؛ منن ڪندڙ، منو
سکي ورتو. ڇوويهه ڪلاڪ ڪرم ڪندي به سورج ذرو به
ڪم نٿو ڪري. سچ پچ اهيءَ حالت عجيب آهي!

٢٠

اڪرم جو ٻيو روپ - يوگ

ٻيو هيءُ ته سنياس جو صرف هڪ نمونو ٿيو. "ڪرم
ڪندي به نٿو ڪري،" هيءُ ان سنياس جو هڪ پاسو آهي.
"مون ڪجهه به ڪرم نٿو ڪري، اڌهن به ساري سنسار کي
ڪرم ڪرڻ لاءِ اساهه ڏئي ٿو." هي ان جو ٻيو پاسو آهي.
ان ۾ اساهه ڏيڻ جي اپار شڪتي آهي. اڪرم جي ته خوبي
ته اها ئي آهي. اڪرم ۾ پي انت ڪارڻ جي لاءِ ڏهراڻ شڪتي
ڀرئل رهي ٿي. پاڻ به ائين آهي نه! پاڻ کي روڪي رکو
ته ڏسو ته ڪيڏا وڏا ڪم ٿي ڪري. ان روڪيل پاڻ ۾
اپار شڪتي اچي وڃي ٿي. هوءَ وڏي جهاز کي ۽ ريل گاڏيءَ
کي ڏسندي ڏسندي ڇڪي وڃي ٿي. سورج جي به اهڙي
ئي ڳالهه آهي. هو رلي ماڻ به ڪرم نٿو ڪري. مگر ڇوويهه
ڪلاڪ ساندهه ڪم ڪندو ۽ ڪرائيندو رهي ٿو. ڪانئس پڇندا
ته چوندو "مان ڪجهه به نٿو ڪريان." 'رات ڏينهن ڪرم
ڪندي به نه ڪرڻ،' هيءُ جڻ سورج جو هڪ روپ ٿيو نٿن
"ڪجهه نه ڪندي رات ڏينهن بيشمار ڪرم ڪرڻ ۽ ڪرائڻ"
هي ٻيو روپ ٿيو. سنياس انهن ٻنهي نمونن سان سڳارڻ آهي.
ٻئي غير رواجي آهن: هڪ نموني ۾ ڪرم ظاهر آهي ۽
اڪرم اوسڻا لڪل آهي. ٻئي نموني ۾ اڪرم اوسڻا ظاهر
[illegible]

هيءَ وشيه ئي لاثاني ۽ اُلر آهي. سچ پچ ته سنياس جي
يءَ ڪلپنا ئي ٻولر ۽ شاندار آهي. جنهن هيءَ وچار، هيءَ
ڪلپنا ڳولي لڌي ان کي ڪيتري ته ليواد ڏجي! هيءَ ڏاڍي
سدر ڪلپنا آهي. السالي بڌيءَ، السالي وچار هيستائين
پيدڪا ٻه اوچي اڏام ماري آهي انهن سيڌي ٻه اوچي اڏام سنياس
ٿين پهتي آهي. ان کان اڳتي اجا ٿائين ڪو ڪولہ وجي
ڪهيو آهي. اڏامڻ ته جاري آهي. مگر مان نٿو چئي سگهان
وچار ۽ الهڻ ٻه ايتري اوچي اڏام ڪڏهن لڳائي هوندي.
هن ٻن لمولن سان گڏيل سنياس جي رڳي ڪلپنا ئي اکين
ي سامهون اچڻ سان ٻيحد آنند ٿئي ٿو. پر ٻوليءَ ۽ وهنوار
ي هن جڳت ٻه جڏهن اچون ٿا ته اهو آنند گهٽجي وڃيٿو،
سڻ ٻه اڇيتو ته همت ڪري رهيا آهيون. مان ٻهنجن مترن
ان هن ٻاري ٻه هميشه بحث ڪندو رهندو آهيان. اڄ ڪاءِ
ڪيترن سالن کان مان الهن ٻولر وچارن جو منن ڪري رهيو
ليان. هتي ٻاشا الهوري ئي ٻوئتي. اڪرن ٻه انجو ورن ئي
ٿو سگهي.

ڪرم ته ڪندي ٻه سپ ڪرم ڪرڻ ۽ سپ ڪرم ڪندي
ڪجهه ڪرم ته ڪرڻ، ڪيتري ته اوچي، رسيلي ۽ شاعراڻي
يءَ ڪلپنا آهي! ڪڙتا ٻه باقي ڪهڙي ڪمي رهي؟ جو
ڪجهه ڪرتا جي لالي سان مشهور آهي اهو سپ هن ڪرتا
ي اڳيان ڦڪو آهي. هن ڪلپنا ٻه جو آنند ۽ جو الساھ، ڄا
لي ۽ جا ٻولرتالي آهي، اها ڪڏهن ٻه ڪرتا ٻه له آهي.
ڙيءَ طرح هي ٻنهون اڏياءَ اوچي، امام اوچي ٻومڪا تي
هارٻل آهي. چوٿين اڏياءَ ٿائين ڪرم، وڪرم بڌائي هتي
وب اوچي اڏام لڳائي ويئي آهي. هتي اڪرم حالت جي
لمولن جي ظاهر ٻيمت ڪئي ويئي آهي. هتي ٻولي ٻيڪار
و ٻوي. ڪرم ٻوگي چگو يا ڪرم سنياسي چگو؟ ڪرم ڪمر
ادهه ڪندو آهي، اهو چئي نٿو سگهجي. سپ ڪندي

ٿم آس آڌار وڃي جهانءِ جهوري،
جنم ۽ مرڻ کان ڇٽي جند منهنجي؛
جيئان ڪين تو مان، جيئاري تو سائين؛
ڪيو دور اهنڪار پرڀوءَ دئيا سان.
تڪارام! سائين جيئاري تو ماري،
مان سڪڙو ۽ خالي سدا وس پرڀوءَ جي."

تڪارام چوي ٿو ته "مان هينئر خالي ٿي پيو آهيان، سڀ ڪوششون ختم ٿي ويئون." تڪارام خالي ڀنڀل ڪوڪلو ٿي ويو. پر ان خالي ڪوکي ۾ زبردست الساهه ڏيندڙ طاقت آهي. سورج خود آواز نٿو ڪري، پر الکي ڏسندي ئي پکي اڏامڻ لڳن ٿا. مور نچڻ لڳن ٿا. ڳئون ٻن ۾ چرڻ وڃن ٿيون. واپاري شاهوڪار دوڪان کولين ٿا. هاري هر ٻئي لئي وڃن ٿا، سنسار جا جدا جدا وهنوار شروع ٿي وڃن ٿا. سورج موجود هجي ۽ اهو ئي بس آهي. ان سان ئي الست ڪرم شروع ٿي وڃن ٿا. ان اڪرم حالت ۾ الست ڪرم ڪرڻ جو الساهه پيل رهندو. ڪرم ڪرڻ جي شڪتي پرپور رهندي. سنياس جو اهو ٻيو نمونو آهي.

٢١

ٻنهي جي ڀيٽ، ٻيان کان ٻاهر

پنجين اڌ ڀاڱي ۾ سنياس جي ٻن پرڪارن جي ڀيٽ ڪيل آهي. هڪ چوويهه ڪلاڪ ڪرم ڪندي به ڪجهه نٿو ڪري ۽ ٻيو هڪ گهڙي به ڪرم نه ڪندي به سڀ ڪجهه ڪري ٿو. هڪ ڳالهائي نه ڳالهائڻ جو نمونو، ته ٻيو نه ڳالهائي ڳالهائڻ جو نمونو. انهن ٻن نمونن جي هتي ڀيٽ ڪئي ويئي آهي. اچو ته هنن ٻنهي پورن نمونن جي جاچ پڙتال ڪريون. انهن جو ويچار ڪريون، منن ڪريون. ان ۾ لالاي آنند آهي.

بلڪ صاف ٿلهي ليک ڏسجي ٿي ۽ چئو ٿا ته "سمجهو ته اُلڪي ويکر ته آهي. هي ڪهڙي بيوقوفي آهي؟" خورد بيني سان ڏسندا ته اها اڌ انچ ويکري ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن توهين جاميٽريءَ ۾ پڙهو ٿا، لڪن لاءِ ڀڳتي شاستر چوندو ته "سمجهه ته هن پٿر ۾ پرميشور آهي." هاٿي جي ڪوچڙي ته "پرميشور نه ننڍو آهي نه پڇندو آهي، لوهانهو هيءُ پٿر ته ڪهڙي بولدو. هٿان هڪ ڏڪ؟" ته هيءَ سمجهداري نه ڀڃي ويندي. جو ته جڏهن جاميٽريءَ ۾ "سمجهو ته" هلهو ته پلا ڀڳتي شاستر ۾ چو ته هلڻ گهرجي؟ ٻڙيءَ کي چوندا آهن "خيالي" ۽ لڪتي لاءِ ظاهر ظهور ٻڙي ڪندا آهن. ٻڙي ۾ هڪ خاصو گول ٽڪيتو. ٻڙيءَ جي وصف ۽ برهم جي لاءِ وصف آهي. ٻڙيءَ کي نه ڏيکهه، نه ويکر، نه ٿلهائي، ڪجهه به نه آهي. وصف ته اهڙي ڪندا آهن پر وري لڪتي لاءِ ڪڏي به ڏيکاريندا آهن. پر ٻڙي ته حقيقت ۾ خيالي هستي آهي. ٿهي ماپن ڪان رهت. مطلب ته سچو نڪتو، سچي ٻڙي، وصف ۾ ٿي رهندي آهي. مگر اسين الهڪي مڃي اڳتي هلندا آهيون. ڀڳتي شاستر موجب سالگرام ۾ نه اڻ ٽڪندڙ، اڻ پڇندڙ سرووياپڪ پرميشور مڃيو ويندو آهي. اسين نه اهڙائي خيالي مثال وٺي ان جي مشابهت ڪندا سين.

فيلسوفن هڪ مزي جي ڳالهه ڪئي آهي. پرميشور ڪٿي آهي؟ انجا ترڪ دليل ڏيندي انهن ڏاڍو سندر ورلن ڪيو آهي. ويدن ۾ اِندر، اگني، ورڻ وغيره ديوتائون اچن ٿا. انهن ديوتائن جو ويچار ڪندي الي هڪ اهڙو سوال پڇيو ويندو آهي ته "هي اِندر ڪٿي آهي؟ انجو روپ ڪهڙو آهي؟ هو رهي ڪٿي ٿو؟" فيلسوف جواب ڏين ٿا، "'اِندر' شبد ئي اِندر جو روپ آهي. اِندر شبد ۾ ئي هو رهيتو." 'اِ' ۽ اَن ٿنيان 'ن' ۽ 'در' هي انجو سروپ آهي. اهائي ان جي مورت، اهائي انجي ماپ: 'ورڻ ديوتا ڪٿي آهي؟ انهن لئي.

نہ ڪجھہ نہ ڪرڻ ۽ ڪجھہ نہ ڪندي بہ سڀ ڪجھہ ڪرڻ
اهي ٻئي سنياس آهن، يوڳ آهن. پر مشابهت لاءِ هڪ کي
يوڳ چئو الي ۽ ٻئي کي سنياس.

٢٣

جاميٽريءَ ۽ تتو گيانين جا مثال

هاڻ انجي مشابهت ڪهڙي ڪئي وڃي؟ اللاءِ مثال کان ني
ڪم وٺڻو پوندو. جڏهن مثال ڏيڻ لڳون ٿا تہ معلوم ٿئيتو
جڻ هيمٽ ڪري رهيا آهيون. مگر هيٺ تہ لهڻو ٿي پوندو
سڀ پهرين پورڻ ڪرم سنياس يا پورڻ ڪرم يوڳ، اهي
ڪليانون اهڙيون آهن جي هن شريرم سمانجي ليون سگهن
اهي هن ديهہ کي ٽوڙي ڇڏينديون. پر جي مهاپرش هن
ڪلهنا جي لرديڪ پهچي ويا آهن ۽ انهنجو مثال وٺي اسانکي
وڏو پوندو. مثال تہ هميشہ اڌوراڻي رهڻ وارا آهن. مگر
لوري ديو لاءِ اهو قبول ڪرڻو پوندو تہ اهي پورڻ آهن.

جاميٽريءَ ۾ جنهن چوندا آهن تہ سمجهہ تہ 'الف-ب-ت
هڪ ٽڪنڊو آهي. ڀلا سمجهون ڇا لاءِ! ڇو تہ هن ٽڪنڊي
جون ليڪون سڀ ٻہ ليڪون ناهن. ليڪن جي وصف ٿي اه
آهي تہ انکي ڊگهائي آهي پر ويڪرائي نہ. نہ هاڻي ڪهتي
ليڪ ٻيا ويڪرائيءَ جي ڊگهائي ڪهڙي ڏيکارجي؟ من ڳهائي
ڪڍسون تہ ويڪرائي اچي وڃي ٿي. جا بہ ليڪ اسين
ڪڍنداسين ان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ويڪرائي تہ رهندي ٿي. ان
ڪري جاميٽريءَ ۾ ليڪ ميڻ کان سواءِ چارو ٿي ڪونهي
ڀگتي شاستر ۾ بہ اهائي ڳالهہ آهي. الي بہ ڀڳت چوندو، هن
اڏڙي پترجي سالگرام ۾ اکنڊ برهمانڊ پتي آهي، انهن سمجهہ
جي ڪو چوي تہ "هيءَ ڪهڙي بيوقوفي لڳائي اٿو؟" تہ
ان کي چئو "توهانجي هيءَ جاميٽري جا بيوقوفي نہ آهي؟"

ياداشت ڏني آهي. جنڪ، شري ڪرشن وغيره هي رستو ورتو. شڪديو، ياگيه ولڪيه وغيره هي رستو ورتو. ذرا ٿوري وچار ڪرڻ سان هيءَ ياداشت، جنهن لڪاوت آلي هئڻ سان ٻالي ويندي آهي، لڪن مٽائي ويندي. ياگيه ولڪيه سنياسي هو. جنڪ ڪرم يوگي. انجو ارٿ هي آهي ته ياگيه ولڪيه سنياسي جو، ڪرم يوگي جنڪ، ششيه هو. وري ان جنڪ جو ششيه شڪديو، سنياسي ٿيو. ياگيه ولڪيه جو ششيه جنڪ ۽ جنڪ جو ششيه شڪديو. سنياسي، پوءِ ڪرم يوگي ۽ وري سنياسي. هن ترتيب طرح هيءُ سلسلو هلندو ٿو. يوگ ۽ سنياس هڪ ئي سلسلي ۾ اچي وڃن ٿا.

شڪديو کي وياس چيو، "پيارا شڪ، تون گياني ته آهين پر گروءَ جي مهر اڃا توتي نه لڳي آهي. الڪري تون جنڪ وٽ وڃ." شڪ ويو. جنڪ ته ماڙلي پنهنجي وڏي محلات ۾ ويٺو هو. شڪ ته بنواسي هو. شهر ڏسندو گهمندو هليو. جنڪ شڪديو کان پڇيو، "ڪٿان آيو آهين؟" شڪ جواب ڏنو، "گيان وٺڻ لاءِ." "ڪنهن موڪليو؟" "وياسديو." "ڪٿان آئين؟" "آشرم کان." "ايندي بازار ۾ ڇا ڏٺئي؟" "چوطرف ساڳي ئي کنڊ جي مٺائي سجيل ڏسڻ ۾ آئي." "پوءِ ڇا ڏٺئي؟" "گهمندڙ قلندر ۽ ڳالهائيندڙ کنڊ جا پتلا ڏٺم." "پوءِ ڇا ڏٺئي؟" "هتي ايندي کنڊ جون سخت ڏاڪڻيون ڏٺم." "پوءِ ڇا ڏٺئي؟" "کنڊ جون صورتون هتي به چوطرف ڏسڻ ۾ آيون." "هاڻي ڇا ڏسي رهيو آهين؟" "هڪ کنڊ جو پتلو ٻئي کنڊ جي پتلي سان ڳالهائي رهيو آهي." جنڪ چيو، "وڃ، توکي سڀ گيان ملي چڪو." جنڪ کان الڪي گهرايل سراپ ڪمت ملي ويو. مطلب ته ڪرم يوگي جنڪ سنياسي شڪديو کي ششيه جي روپ ۾ پاس ڪيو. شڪ ته سنياسي ئي هو پر پرسنگ ڪهڙو نه مريدار آهي."

پرڪشت کي سراپ مليو. ستن ڏينهن ۾ تنهنجو موت

پهريون 'و' 'ر' ۽ پوءِ 'ڻ'- ورڻ. هي ٽيئي ورڻ جو روپ. اهڙيءَ طرح اگني وغيره ديوتائن لاءِ سمجهو. هي سڀ ديوتا اڪ- روپ- ڌاري آهن. ديوتا سڀ اڪ- مورتي آهن. هن ڪلپنا، هن وچار ۾ وڏو مناس آهي. ديو جي ڪلپنا- ديو جهڙي شيءِ ڪنهن آڪار ۾ سمائجڻ واري ناهي. ان ڪلپنا کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اکر جهڙي نشاني ئي ڪافي ٿيندي. ايشور ڪئن آهي؟ نه پهرين 'اي'، پوءِ 'شو'، پوءِ 'ر'. آخر ۾ 'اوم' نه ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. اوم اکر ئي ايشور ئي ويو آهي. ايشور جي لاءِ اهو هڪ نالو ئي ٺهي ويو آهي. اهڙا نالا نهاڻا ٿي پون ٿا. ڇو نه مورتيءَ ۾، آڪار ۾ هي وشال ڪلپنائون سمائجي نٿيون سگهن. ۾ انسان جي اچڻ ڏاڍي زبردست ٿئي ٿي. هو انهن ڪلپنائن کي مورتيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بنا رهي نٿو سگهي.

٢٣

سنياسي ۽ يوگي- شڪديو ۽ جنڪ جا مثال

سنياس ۽ يوگ هي ڏاڍيون اُتم ڪلپنائون آهن. پورن سنياس يا پورن يوگ جي ڪلپنا هن ديهه ۾ نٿي سمائجي سگهي. ڀلي هن ديهه ۾ هي ڪلپنائون نه سمائجي سگهن پر ڌهن ۾ ويچارن ۾ ضرور سمائجي سگهجن ٿيون. پورن سنياس ۽ پورن يوگ نه وصف جي روپ ۾ ئي ٿي رهندا. آدرش ۽ اٽلب ٿي رهندا. مگر مثال اهڙن شخصن جا وٺڻا پوندا جي انهن ڪلپنائن کي گهٽي ۾ گهٽو ويجها پهتا هوندا. ۽ پوءِ جاميٽريءَ وانگيان ڇوٽو پوندو نه هنکي پورن يوگي ۽ هنکي پورن سنياسي سمجهو. شڪ، ياڳيه ولڪيه جا نالا سنياسين ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. ڪرم يوگيءَ جي روپ ۾ جنڪ ۽ شري ڪرشن جو نالو خود اڳيوس گهڻا ۾ ئي ويو آهي. لوڪمانيه تلڪ "گيتا رهسيه" ۾ هڪ

ٻه مطلب هڪ ئي اٿن. هڪ لفظ جا ٻه پاسا يا نمونا آهن. مٿين جڏهن ٻيڙيءَ سان هلندي آهي ته اُئين ڌسڻ ۾ ايندي آهي جڻ بيٺي آهي؛ هلي ٿي نه رهي آهي. سنياسيءَ جي به حالت اهڙي آهي. سنڌس شانتيءَ مان، استرتا مان، الست طاقت، اپار اُتساهه نڪري ٿو. مهاوير، ٻڌ، يورِيانڪ اهڙيون ئي شخصيتون هيون. سنياسيءَ جي سيني محنتن جي ٻڌڪ ٻدوڙ هڪ جڳهه ٿي اچي استر ٿئي، ته به هو زبردست ڪرم ڪندو آهي. مطلب هيءُ ته يوگي ئي سنياسي آهي ۽ سنياسي ئي يوگي آهي. ٻنهي ۾ ڪو ڀيد ڪونهي. ڌار ڌار آهن پر مطلب ته هڪ ئي آهي. جئن ٻٽو معمولي ٻهڻ ۽ ٻهڻ معمولي ٻٽو. تئن ئي ڪرم يوگي معمولي سنياسي ۽ سنياسي معمولي ڪرم يوگي.]

٢٤

سنياس کان ڪرم يوگ بهتر

جيتوڻيڪ ڳالهه اهڙي آهي تڏهن به ڀڳوان ان ۾ ڪجهه تفاوت ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوان چوڻو ته سنياس کان ڪرم يوگ وڌيڪ چڱو آهي. جڏهن ٻئي هڪ جهڙا آهن ته پوءِ ڀڳوان ائين ڇو ٿو چوي؟ اهو وري ڪهڙو رهسيه آهي؟ جڏهن ڀڳوان چوي ٿو ته ڪرم يوگ وڌيڪ چڱو آهي ته هو سادڪ جي وچار کان چوي ٿو. ”بلڪل ڪرم نه ڪندي به سڀئي ڪرمن ڪرڻ“ جي وات هڪ پهتل شخص لاءِ ممڪن آهي، پر سادڪ لاءِ نه. ”پر شيءِ ڪرم ڪري به ڪجهه نه ڪرڻ،“ ان طرفي جي ٿوري گهڻي پيروي ڪري سگهجي ٿي. هڪ وات اهڙي آهي جا سادڪ لاءِ ناممڪن آهي پر صرف پهتل لاءِ ئي ممڪن آهي. ٻي وات اهڙي آهي جا سادڪ لاءِ به ٿوري گهڻي ممڪن آهي. بلڪل ڪرم نه ڪندي به ڪرم ڪئن ڪجن، اها سادڪ لاءِ هڪ پرولي آهي. اها سنڌس سمجهه ۾ ئي نه اچي. ڪرم يوگ، سادڪ لاءِ هڪ رستو آهي ته منزل به.

ٿيندو. پر ڪشت ڪسي مرڻ جي تياري ڪرڻي هئي. ڪيس
اهڙو ڳرو ڳهرڻ هو جو ڪيس سيکاري ته هو مري ڪيئن؟ هن
شڪ آچاريه کي گهرايو. شُڪ آچاريه اچي ويٺو ۽ ١٦٨=٧x٢٤
ڪلاڪ پلٿي ماري ڀاڳوت ٻڌائيندو رهيو. جيئن هو ويٺو، وري
ڪين اٿيو، سالڌ ڪٿا ڪندو رهيو، ته ان ۾ ڪهڙي وڏي
ڳالهه آهي؟ وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ست ڏينهن سالده
ڪيس محنت ڪرڻي پيئي، ته ڏهن ته ڪيس ڪجهه ڪشت معلوم
ڪين ٿيو، لڳاتار ڪرم ڪندي به جڻ هو ڪرم ڪري ٿي
نه رهيو هو. محنت جي ته ڳالهه ئي ڪين هئي. مطلب ته
سنياس ۽ ڪرم يوگ ٻئي نيارا نه آهن. الڪري ئي ڀڳوان
چوٿو:- جو درجو ملي سانکيه يوگيءَ کي، ڪرم يوگيءَ کي به سو،
ٻنهي کي هڪ روپ جو ڄاڻي، ٻسي سولي نيڪ ٿو. (٥-٥)

سنياس ۽ يوگ ۾ جو هيڪڙائي ڏسندو، چئي سگهبو ته
ان ئي سچو مطلب سمجهيو آهي. هڪ، نه ڪندي ڪريٿو؛
ٻيو، ڪندي به نٿو ڪري. جو سچ پچ الم سنياسي آهي،
جنهن جي سدائين سماڌي لڳي رهي ٿي، جو بلڪل نروڪار
آهي اهڙو سنياسي اسان جي وچ ۾ ڏهه ڏينهن ٿي رهڻ ڏيو،
ڏسو ته ڪيتري روشني، ڪيترو الساهه هن وٽان ملندو
ٿو رهي. ايڪ ساڻن ڪان ڪم جا ٿيرو لڳائيندي به جو ڪم
نه ٿي سگهيو سو صرف سندس درشن، سندس موجودگيءَ
سان ٿي ويٺو. فوٽو ڏسي جي من ۾ پولرتائي پيدا ٿيندي
آهي، مري ويلن ماڻهن جي مورتن سان جيڪڏهن پڪتي،
ٻريل، پولرتا هردي ۾ الهن ٿيندي آهي ته جيئري جاڳندي
سنياسيءَ جي ملڻ سان ڪيترو نه الساهه ملندو! سنياسي ۽
يوگي ٻئي لوڪ شيوا ڪندا آهن. هڪ هٿن جي ٻاهران ڪرم
ٿيا ڏسڻ ۾ آيو ته به ان ڪرم ٿيا ۾، ڪرم ڪڻ لاءِ ٻڌل
آهي. ڪمالي سنياسي ۽ ڪمالي ڪرم يوگي ٻئي هڪ ئي
سنگهاسن تي وهندڙ جهڙو آهن. انهن جا نالا جدا جدا هوندي

ٿي اڪٺا ٿي ويندا. ان جي جاءِ ٻيهي ڪيس هڪ هنڌ ڦهارڻ چاهيندا ته ٿو لاهي ٿي ويندو. جدا جدا الدرين کي الم سندر ڪم ۾ لڳايو. ان من کي خوشيءَ سان ڇڪڻ ڏيو. هو ڇڪيندو ٿي ڏيو. الڪي وڃڻ جي اجازت ڏيو ته چوندو، ”ونو آءٌ هتي ئي ويٺو آهيان.“ جي الڪي چوندا ته بس ڪري ويهه ته چوندو ”اجهو مان هليس.“

ديهه ڌاري منش، لاءِ سولائيءَ جي خيال کان ترڪڻ کان سگهڻ وڌيڪ چڱو آهي. ڌڪر، ڌڪيندي رهندي ۽ الڪي اس ڪرڻ هي ريت، ڪرم ته ڇڏيندي ڪرم ڪرڻ جي ريت ۾ وڌيڪ وچي آهي. جو ته الهه آسالي ٿيندي. ڪرم يوگ ۾ ڪوشش، سنياس لاءِ جاءِ آهي. سڀني الدرين کي پنهنجي اڌين ڪري ڏيري ڏيري سڀ ڌڪيهن کان من هٽائڻ جو ابياس ڪرم يوگ ولي ڪري سگهجي. ان هيءَ تدبير اچ ته سڦل ٿي سگهي ته سهائي سڦل ٿيندي. ڪرم يوگ جي پيروي سولي آهي، سنياس جي پيٽ ۾ هيءَ ئي الجي خاصيت آهي. پر پورن حالت ۾ ڪرم يوگ ۽ سنياس ٻئي هڪجهڙا آهن. پورن سنياس ۽ پورن ڪرم يوگ ٻئي هڪجهڙا آهن. الا ۾ آهن ۽ ڏسڻ ۾ جدا جدا آهن، پر حقيقت ۾ ٻئي هڪجهڙا آهن. هڪ ٽمونهي ۾ ڪرم جو پورت باهر لڳندو ڏسجي ٿو، پر اندر ۾ شانت آهي. ٻئي مونهي ۾ ڪجهه نه ڪندي به، ٽن لوڪن کي لرزش ۾ آڻي هي شڪتي آهي. پر ڏسجي ٿو ته اهڙو نه آهي. اهوئي ٻنهي جو روپ آهي. پورن ڪرم يوگ سنياس آهي، ته پورن سنياس ڪرم يوگ آهي. ڪوئي تفاوت ڪونهي. پر ساڌڪ جي لاءِ ڪرم يوگ سولو آهي، پورن اوستا ۾ ٻئي هڪ ئي آهن.

گيالديو کي چالگد ديو هڪ خط لکيو، اهو هرف ڪورو

---

* گيالديو، چالگد يو، ٽور ليدان، مڪتابائي سڀ مهاراشٽرا سنت ٿي گذريا آهن.

پر سنياسي ته آخرين منزل تي آهي، جنهن ۾ اُهو [illegible] آهي. ان سبب ساڌڪ جي درشٽيءَ کان سنياس جي ڀيٽ ۾ ڪرم يوگ وڌيڪ چڱو آهي.

ان ئي خيال کان ڀڳوان اڳتي هلي ٻارهين اڌياءَ ۾ نرگڻ جي ڀيٽ ۾ سگڻ کي چڱو سمجهو آهي. سگڻ ۾ سڀني اندرين لاءِ ڪم آهي. پر نرگڻ ۾ ناهي. نرگڻ ۾ هٿ بيڪار، پير بيڪار سڀ اندريون بيڪار رهن ٿيون. ساڌڪ کان هي سڀ ڪين ٿو سگهجي، پر سگڻ ۾ اهڙي ڳالهه ناهي. اکين سان روپ ڏسي سگهن ٿا، ڪنن سان ڪيرتن ٻڌي سگهن ٿا، هٿن سان پوڄا ڪري سگهن ٿا. لوڪن جي سيوا ڪري سگهن ٿا. پيرن سان تيرٿ يالرا ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح هرهڪ اندريءَ کي ڪم ڏيئي ان کان اهڙو ڪم ڪرائيندي آهستي آهستي الڪي هري [illegible] بنائڻ، اهو سگڻ ۾ ممڪن آهي، پر نرگڻ ۾ هي سڀ بند آهي. زبان بند، ڪن بند، هٿ پير بند، هي سڀ بندش جو نمونو ڏسي وچارو ساڌڪ ته گهٻرائجي وڃي ٿو، سندس چت ۾ نرگڻ وهندو ڪٿان؟ هو جي خاموش ويٺو رهندو ته سندس چت ۾ اجايا سجايا وچار اچڻ لڳندا. [illegible] جو اهو سڀاءُ آهي ته انهن کي جي ڪجهه به نه ڪريو، ته [illegible] ضرور ڪندا نون. اشتهار بازيءَ ۾ ڇا ائين نه ٿيندو آهي؟ [illegible] لکندا آهن ته هي نه پڙهو! پالڪ من ۾ چوندو آهي ته هيءَ جو نه پڙهو، لکيل آهي تنهن نه الڪي پڙهان. پر هي نه پڙهو، ائين مطلب سان ئي ته لکيل هوندو آهي ته [illegible] ضرور پڙهن. ماڻهو اوس ئي الڪي الٽو سان پڙهندا آهن. نرگڻ من ڀٽڪندو رهندو. سگڻ ڀڳتيءَ جي ڳالهه ائين نه آهي. الي آرتي آهي، پوڄا آهي، سيوا آهي، جپو [illegible] آهي، اندرين لاءِ اتي ڪم آهي. انهن اندرين کي نيڪ ڪم ۾ لڳائي پوءِ من کي، جو "هاٿي وانگر جتي دل چاهي" [illegible] ذهن من رچڻ جو ناهي، البتي رهڻ لڳندو. لکيل بولدي

وڃي ٿي. پر جي ٻنهي مان گيان کي هٽائي ڇڏجي ته ڪرم لاڳو جي پيٺ ۾ ڪرم يوڳ ئي ساڌڪ لاءِ وڌيڪ بهتر ثابت ٿيندو. شڌ گيان جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ته ٻنهي جي منزل هڪ جهڙي آهي. منزل تي پهچڻ وقت تي گيان ۽ ڪرم = گيان + ڪرم لاڳو. پر گيان کي ٻنهي طرفن کان هٽائي ڇڏجي ته پوءِ ڪرم لاڳو جنهن جي پيٺ ۾ ڪرم ئي ساڌڪ لاءِ بهتر ثابت ٿيندو. ڪرم نه ڪري ڪرڻ جو انت سمجهه ۾ اچي تو اهي سگهي. ليڪن ڪرم ڪري نه ڪرڻ اهو سمجهي سگهجي ٿو. ڪرم يوڳ، رستي ۾ به آهي ته منزل تي به، پر سنياس صرف منزل تي ئي آهي، رستي ۾ نه آهي. هيءَ ڳالهه شاستري ٻوليءَ ۾ چوڻي هجي ته ڪرم يوڳ ساڌن به آهي ته لڪشا به آهي. مگر سنياس صرف لڪشا آهي. لڪشا جي معنيٰ آهي آدرش اوستا.

آچر وار: ٢٠-٣-١٩٣٢ع.

ڪاغذ هو. ڇاڪاڻ تہ گيانديو ننڍي عمر ۾ ننڍو هو. جي ’نور چشم‘ ٿو لکي تہ گيانديو گيان ۾ وڏيڪ هو. پوءِ لکي تہ عمر ۾ ننڍو هو. وري مضمون بہ ڇا لکي، ڪجهہ سمجهي نٿي سگهيو. آخر چالاڪ ڏيو ڪورو ڪاغذ ئي موڪلي ڏنو. اهو پهرين نور ليلانند جي هٿ ۾ آيو، جنهن اهو پڙهي گيانديو کي ڏنو، گيانديو پڙهيو ۽ مکتا ٻائيءَ کي ڏنو. مکتا ٻائيءَ پڙهي چيو، ”اڃا ننڍو آهي تہ بہ، ڪوري جو ڪورو.“ نور ليلانند تہ بيوقوف اڻڄاڻ پڙهيو هو. الهيءَ چيو چالاڪ ڏيو ڪورو آهي، نرمل آهي، شڌ آهي، اپديش ڏيڻ جي لائق آهي. پوءِ گيانديو کي چيو ويو تہ توهين جواب ڏيارو. گيانديو ڪورو ئي هن کي خط لکي موڪليو. الکي ’گيانديو پاسنتي‘ چوندا آهن. ان خط جي اهڙي وڏي ڪٿا آهي. لکيل خط پڙهڻ سولو آهي، پر نہ لکيل خط پڙهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهڙو پڙهڻ ڪنهن ڪنهن کان ئي ٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح سنياسي بلڪل خالي لاٺ ۾ اچي ٿو تہ بہ ان ۾ پورو ڪرم ڀريل رهي ٿو.

سنياس ۽ ڪرم يوڳ جي پورن روپ ۾ قيمت هڪجهڙي آهي، پر ڪرم يوڳيءَ جي وهنواري قيمت اڃا بہ وڌيڪ آهي. سَو جي نوٽ جي قيمت پنج روپيہ آهي. سون جو سڪو بہ پنجن روپين جو هوندو آهي. جيستائين ساکي سرڪار قائم آهي تيستائين ٻنهي جي قيمت ساڳي آهي. پر جي سرڪار ٽٽي پئي تہ پوءِ وهنوار ۾ نوٽ جي قيمت هڪ پئسو بہ نہ ملندي. پر سون جي قيمت ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ويندي، ڇو تہ آخر اهو سون آهي. پورن اوستا ۾ ڪرم تياڳ ۽ ڪرم يوڳ ٻنهي جي قيمت هڪجهڙي آهي، ڇو تہ گيان ٻنهي ۾ هڪ جيترو آهي. گيان جي قيمت اڻ ملهہ آهي. اڻ ملهہ ۾ ڪجهہ ملايو تہ بہ قيمت اڻ ملهہ ئي رهي ٿي. حسابي سمجهوتي سان اڻ ملهہ آهي. ڪرم تياڳ ۽ ڪرم يوڳ جڏهن پورن گيان ۾ ملي وڃن ٿا تہ ٻنهي جي قيمت برابر ٿي

جيئو آهن. ۽ پرمارٿ صرف انهن لاءِ ئي رکيل آهي. باقي جي وهنوار سنسار ۾ رهندا آهن سي ڇڏ ڪنهن ٻي ذات جا آهن. انهن جا ويچار الڳ، آچار الڳ، ان ڪلهنا، وهنواري لوڪن ۽ سادن سنتن جون انهن ۾ الڳ الڳ جاليون لاهي ڇڏيون آهن. 'گيتا رهسيه' ۾ تلڪ مهراج هڪ ڳالهه طرف اسانجو ڌيان ڇڪايو آهي. اها هيءَ آهي. "گيتا سڀني رواجي وهنواري لوڪن لاءِ آهي." تلڪ مهراج جو هي چوڻ مان اکر ۾ اکر صحيح ٿو سمجهان. پڪوت گيتا سڄي سنسار لاءِ آهي. سڀ پرمارٿي سادن هر هڪ وهنواري آدميءَ لاءِ آهن. پرمارٿ سيکاريتو ته پنهنجو وهنوار شڌ ۽ نرمل رکي، من ۾ جو سنتوش ۽ شانتي ڪٿان حاصل ڪجي. وهنوار شڌ ڪئن ڪيو وڃي، اهيءَ سيکارڻ لاءِ گيتا آهي. تنهنڪري جتي جتي لوهين وهنوار ڪريو ٿا، اتي اتي گيتا ته اچيٿي ٿي. پر هوءَ توهان کي اتي ئي رکڻ نٿي چاهي، بلڪ اوهان جو هٿ پڪڙي توهان کي آخرين منزل تائين وٺي ويندي. هڪ مشهور چوڻي آهي ته 'جبل، جي محمد وٽ نه ايندو ته محمد جبل وٽ ويندو.' محمد ڪي اها چنتا آهي ته سندس سنديش سڀجان جبل تائين ۾ پهچي. جبل بيجان آهي ان ڪري محمد اهڙي اچڻ جي وات نهاريندو نه رهندو. اهائي ڳالهه گيتا گرنٿ جي آهي. ڪهڙو به ڪمزور محتاج هجي، ڳنوار هجي، گيتا ان وٽ پهچي ويندي. مگر ان لاءِ نه، ته ڪوالڪي جتي جو اتي رکي ڇڏي، بلڪ اللاءِ ته سندس هٿ پڪڙي ڪيس اڳتي وٺي وڃي، مٿي کڻي وڃي. گيتا چاهي ٿي ته منش پنهنجو وهنوار شڌ ڪري، اوچي منزل کي پراپت ڪري. اللاءِ ئي گيتا جو جنم ٿيو آهي.

تنهن ڪري "مان جڙ آهيان. وهنواري آهيان، سنساري ماڻهو آهيان" انهن چئي پنهنجي آسپاس لوڙهو نه لڳايو. انهن ته چئو ته "منهنجي هٿان ڇا ٿيندو؟ هن سادن ٿن هڪن

چت جي ورتين کي روڪڻ

٢٥

آتم اُڌار جي اپاءَ

پنجين اڌياءَ ۾ اسين ويچار ۽ ڪلپنا ڏوارا، ڏسي سگهيا سين
ته انسان ڪيتري حد تائين اوچي کان اوچو ٿي سگهي ٿو
ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم کي ملائڻ سان سڄي ساڌنا پوري ٿئي ٿي
ڪرم اسٿول چيز آهي. جيڪي سڀ ڏينهن ڪرم اسين ڪريون ٿا
انهن ۾ اسان جي من جو ميلاپ هجڻ گهرجي. مانسڪ سکيا
لاءِ جو ڪرم ڪيو وڃي اهو وڪرم، خاص ڪرم يا سوکيم
ڪرم آهي. ڪرم ۽ وڪرم ٻنهي جي ضرورت آهي. انهن
ٻنهي کي گڏي اڪرم جي ڀومڪا تيار ٿئي ٿي
اسان اڳين اڌياءَ ۾ ڏٺو ته هن ڀومڪا ۾ ڪرم ۽ سنياس ٻئي
هڪ روپ ٿي وڃن ٿا. هاڻي ڇهين اڌياءَ جي شروعات ۾
وري چيو ويو آهي ته ڪرم يوگ جي ڀومڪا سنياس جي
ڀومڪا کان الڳ ڏسڻ ۾ نه ايندي. ٻئي هڪ روپ آهي
صرف درشٽيءَ ۾ فرق آهي. پنجين اڌياءَ ۾ جنهن حالت
جو ورڻن ڪيل آهي، اها ساڌن ڳولهڻ ۾ ڇهين اڌياءَ جي
وشيه آهي.

ڪنهن ماڻهن جو هي ڀرم آهي ته ڀڳوت گيتا وغيره
گرنٿ ساڌن جي لاءِ آهن. هڪ سڄڻ چيو، ”مان ڪو ساڌ
ڪونه آهيان.“ اُهو ارٿ هي ٿيو ته ساڌو ٿي واڙا ڪي
جهڙو آهن جن مان هي سڄڻ نه آهي. ٻين گنوارن، ڇهيڙ
اڻپڙهيل، گاڏهه وغيره ڀرائي آهن ڇڏن کي ساڌو ٿي به ڪي

وقت جي وشال ڪلپنا هوندي، آتم وشواس هوندو، تڏهن ئي هو ٽڪاءُ ڪري سگهندو. ان سان سندس اُڌار ٿيندو. پر ڌرم نه ساڌو سنتن لاءِ ئي آهي. ساڌو سنتن وقت وچي به نه ان سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ نه توهين جنهن حالت ۾ آهيو، ان ۾ اهوئي وهنوار واجب آهي." اهڙا خيال جهڙي ڏنو. اهڙيون فرق پيدا ڪندڙ ڪلپنائون ڪري ٻاڻ ڪسي ٻڌڻ ۾ نه وڃهو. جي اوچي ابلاڪا نه رکندا نه هڪ قدم به اڳتي نه وڌي سگهندا.

هيءَ ڌرشٽي، هيءَ خواهش ۽ اهڙي ڀاونا جيڪڏهن هجي تڏهن نه ساڌن جي پڄ ڀاهه ضروري آهي، نه نه پوءِ قصو ئي ختم. ٻاهرين ڪرم جي مدد لاءِ مانسڪ ساڌن روپي وڪرم ٻڌايو ويو آهي. ڪرم جي مدد لاءِ وڪرم هميشه هئڻ گهرجي. اِهن ٻنهي جي مدد سان جا اڪرم ٿالي واري الوڪڪ حالت پيدا ٿيندي آهي، اها ۽ انجا نمونا پنجين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهن. هن ڇهين اڌياءَ ۾ وڪرم جا نمونا ٻڌايا ويا آهن. مانسڪ ساڌنا ٻڌائي ويئي آهي. هن مانسڪ ساڌنا کي سمجهائڻ کان پهرين گيتا چوي ٿي: "ڀائي جيو! تون ڌيوتا ٿي سگهين ٿو. تون اهڙي ئي اوچي چاهنا رک. من کي وسيع ۽ اُدار ڪري الچي پٽون کي مضبوط ڪر. ساڌنا جا، وڪرم جا الڳ الڳ نمونا آهن. ڀڪتي يوگ، ڌيان، گيان-وگيان، گڻ-وڪاس آتما-انات آلمڪ وويڪ گهڻيئي پرڪار آهن. ڇهين اڌياءَ ۾ ڌيان يوگ ٻالي وارو ساڌنا جو نمونو ٻڌايو ويو آهي.

٣٦

چت جي ايڪاگرتا

ڌيان يوگ ۾ ٽي ڳالهيون مکيه آهن. (١) چت جي ايڪاگرتا،

جي شرڻ ۾ ئي منهنجو سڀ ڪجهه آهي.“ اهڙن بندنن
ديوارن کي پنهنجي چوگرد کڙو ڪري قيدي ٿيڻ جي رهڻ
ڀسون کي ڏيا نو سولهين. لوهين ته اڳتي وڌڻ، مٿي چڙهڻ
جي همت رکو.

پنهنجي آتما سان آتما پنهنجو اڌار ڪري،
اُهيءَ جي ٻري گت نه ڪري. (گيتا ٦-٥)

اهڙي همت رکو ته مان ڀاڻ کي ضرور مٿي چاڙهيندس
اٿين ڇٽي نه آءٌ ڦالي سنسار آهيان، پنهنجي من جي طاقت
کي ماري نه ڇڏيو. ڪلپنا جا ڪنب ڪتري نه ڇڏيو. پنهنجي
ڪلپنا کي وسيع بڻايو. چنڊول جو مثال پنهنجي سامهون
رکو. ٻرهه ڦٽيءَ سورج کي ڏسي چنڊول چوندو آهي ته آءٌ
سورج ديوتا تائين اُڏامي ويندس. اهڙو ئي اوچو آدرش
سامهون رکڻ گهرجي. پنهنجن ڪمزور ڪنبن سان چنڊول ويچار
ڪيترو ٻه اڏامي تڏهن ٻه سورج تائين ڪٿي پهچندو؟ مگر
پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ دواران هو سورج تائين ضرور پهچي
سگهيتو. اساڻجي هلت ان جي ابتڙ آهي. اسين جيترو اوچو
وڃي سگهون ٿا، ايترو به نه وڃي پنهنجن ڪلپنائن ۽ ڀاونائن
کي روڪي ڀاڻ کي ايا ٻه هيٺ ڪيرايون ٿا. جيتري
شڪتي اٿئون ان کي پڻ جي ڪمزور ڀاونا سان ناس
ڪري ڇڏيون ٿا. جتي ڪلپنا جا پير ئي نٿي ايا ڪٿ ٻو
همت ڪرڻ ڪالسواءِ ڀو ڪهڙو چاڙهو هوندو؟ تنهن ڪري
ڪلپنا جو رخ هميشه اوچي طرف هئڻ گهرجي. ڪلپنا جي
مدد سان ئي منش اڳتي وڌي ٿو. تنهن ڪري ڪلپنا کي
سوڙهو نه ڪري ڇڏيو.

”وهنواري جيون ڪين ڇڏيو؛
وهنوار ۾ ڦاسي اُڪي همت لوهين نا ٻڪو.“

اهڙو روزڻو نه رونو. آتما جو ايمان نه ڪڏهن رهو. سڌ ڪ

آهن. اڳين مسلمانن جي هن ايشور وشواس جي ڪري ئي، هن ايڪاگرتا جي ڪارڻ ئي اسلام مذهب ايترو ڦهليو.

ان ڏينهن مون هڪ ڪهاڻي ٻڌي. هڪ فقير هو. سندس شرير ۾ تير چڀي ويو. ڪيس ڏاڍو درد ٿي رهيو هو. تير ڪڍڻ سان پيڙا اجا به وڌي ٿي وئي. الڪري اهو تير ٻاهر ڇڪي به نٿي سگهيا. ڪلوروفارم جهڙي بيهوش ڪرڻ جي دوا ان وقت نه هئي ڪا. ڏکيو سوال کڙو ٿي پيو. ڪي آدمي ان فقير کي سڃاڻندا هئا. انهن اڳتي وڌي چيو، "تير هاڻي نه ڪڍو. هيءُ نماز پڙهڻ ويهندو ته ڪڍي وٺنداسين." شام جي نماز جو وقت ٿيو. فقير نماز پڙهڻ لڳو. گهڙيءَ ۾ ئي اهو چت ايترو ايڪاگر ٿي ويو جو تير سندس بدن مان ڪڍيو ويو ته به ڪيس معلوم ڪين ٿيو. ڪهڙي نه ڳهري آهي هيءَ ايڪاگرتا!

تاتپرج هيءُ آهي ته وهنوار خواهه پرمارٿ ۾ چت جي ايڪاگرتا بنا ان ۾ ڪاميابي ملڻ ڪٺن آهي. جي چت ايڪاگر هوندو ته شڪتيءَ جي ڪڏهن به ڪمي نه رهندي. توهين سٺ ورهين جي عمر جا هوندا ته به ڪنهن نوجوان وانگر اوهان ۾ اتساهه ۽ طاقت ڏسڻ ۾ ايندي. انسان جئن جئن ٻڍو ٿيندو وڃي ٿو تئن تئن اهو من زياده مضبوط ٿيڻ گهرجي. ڦل کي ئي ڏسو. پهرين اهو ساوو هوندو آهي. پوءِ پچندو آهي. پوءِ سڙندو آهي ۽ ختم ٿي ويندو آهي. مگر تنهن ئي اهو اندر جو ٻج زياده سخت ٿيندو ويندو آهي. هيءُ ٻاهريون شرير نه سڙي ويندو، ڪري پوندو. مگر ٻاهريون شرير ئي ڦل جو سڀ ڪجهه ناهي. ان جو سڀ ڪجهه، ان جي آتما ته ٻج ئي آهي. ساڳي ڳالهه شرير جي آهي. شرير ڀلي ئي ٻڍو ٿيندو وڃي مگر حافظي جي شڪتي نه وڌندي ئي رهڻ گهرجي. ٻڌي [illegible]وي هئڻ گهرجي. مگر ابتو ٿئي ٿو. مدش هوندو آهي "اڄڪلهه منهنجي يادگيري گهٽجي وئي آهي." "ڇو؟"

(٢) چت جي ايڪاگرتا لاءِ لائق جيون جي مريادا. (٣) سامهه دشا يا سمان درشٽي. انهن ٽن ڳالهين بنا سچي ساڌنا ٿي نٿي سگهي. چت جي ايڪاگرتا جو ارٿ آهي چت جي چنچلتا تي روڪ. جيون جي مريادا جي معنيٰ آهي سڀني ڪريائن کي مايپي پوري ڪرڻ. سم درشٽيءَ جو مطلب آهي، سنسار جي طرف ڏسڻ جي اُدار درشٽي. انهن ٽن ڳالهين سان ڌيان يوڳ ٻڌجي وڃيٿو. انهن ٽنهي رستن جا ٻه وري ٻيا رستا آهن، اهي آهن ابياس ۽ ويراڳ. انهن ٻنهن تي ڳالهين جي پوري چرچا هيٺ ڪريون ٿا.

پهرين چت جي ايڪاگرتا کي وٺو. هر هڪ ڪم ۾ چت جي ايڪاگرتا ضروري آهي. وهنواري ڳالهين ۾ ٻه چت جي ايڪاگرتا گهرجي. انهن لاءِ نه وهنوار ۾ الڳ ڳڻن جي ضرورت آهي ۽ پرمارٿ ۾ الڳ. وهنوار کي شڌ ڪرڻ جي معنيٰ ئي آهي پرمارٿ. ڪٿي ٻه ڪهڙو به وهنوار هجي ته انهيءَ جس اپجس، ڪاميابي ناڪامي اوهانجي ايڪاگرتا تي مدار ٿي رکي. واپار، وهنوار، شاستر-کوج، راجنيتي ڪنهن کي ٻه وٺو. انهن سڀني ۾ جو ڪجهه جس ملندو واهو انهن پرشن جي ايڪاگرتا انوسار ملندو. نيپولين لاءِ چيو ويندو آهي ته هو جو العظام هڪ بار ٺيڪ ڪري پوءِ جنگ جي ميدان تي حسابي سوالن حل ڪندو هو. ڏيرن يا ٽمبن تي گولا ڪرن، سپاهي مرندا رهن، پر نيپولين جو چت پنهنجي حساب ۾ ئي مگن. مان انهن ڪمن اُچوان ته نيپولين جي ايڪاگرتا تمام گهري هئي. ان ڪان ٻه وڌيڪ اوچي درجي جي ايڪاگرتا جا مثال ڏيئي سگهبا. خليفي عمر جي ٻه اهڙي ئي ڳالهه ڪندا آهن. نماز واليءَ ۾ ٻه نماز جو وقت ٿيندو هو ته هو اتي ئي جنگ جي ميدان ۾ چت ايڪاگر ڪري گوڏا کوڙي نماز پڙهڻ لڳندو هو ۽ سندس چت اهڙو ايڪاگر ٿي ويندو هو جو کيس اها به خبر نه رهندي هئي ته ڪٿي مٿهن آدمي قتل ٿي رهيا

ڳالهين جي چنتائن ۾ خرچ ڪرڻ نه گهرجي. هي گيان شڪتي اسان جي اَملهه ذخيرو آهي. مگر اسين ان کي حسد وشين ۾ خرچ ڪري ڇڏيون ٿا. هي ڄاڃي ڇڱي نه ٿي آهي. ان ۾ لوڻ گهٽ آهي. سيرو زيادهه منو ٿي ويو آهي. اهڙن مهان خيالن ۾ ٿي اسان جو گيان خرچ ٿئي ٿو! ٻارن کي اسڪول جي چئن ديوارن جي اندر ڪي قاسالي پڙهايون ٿا. جو نه جوللا آهن نه جي ٻاهر وڃن نٽن هينان پڙهائينداسين نه ڪانءُ، ٻلبليون ۽ جهرڪيون ڏسي من ايڪاگر نه ٿيندن. ٻار جو ٿيا. ڪانءُ ۽ جهرڪيون نه ڏسڻ ۾ اينديون نه ايڪاگرتا اچي ويندي! پر اسين هاٿي ٿي ويا آهيون گهوڙن برابر. اسان جا هاڃ سڳهه ڪري آيا آهن. جي اسان کي سٺن ديوارن اندر بند ڪري ڇڏيو نه به اسان جي من جي ايڪاگرتا نه ٿيڻ واري آهي. جو نه اسان کي دنيا ۾ هر ڪنهن نندي وڏي چيز جي اپنار ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي آهي. جنهن ڳالهه سان پرماتما کي حاصل ڪري سگهجي ٿو ان کي اسين ساڳي ڄاڃيءَ جي اپنار ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيون ٿا. ۽ ان ۾ پنهنجي فرض ادائي سمجهون ٿا.

ڏٺو وڃي ته هي پيالڪ سنسار اسان جي چوطرف، اندر ٻاهر پان، پان ڪري رهيو آهي. پراڻ تنا يا پنجن ديکڻ ۾ به اسان جو اراده ٻاهريون ٿي رهندو آهي. نه ميشور ۾ لين ٿي هڪ ڪو لاهه نه سنسار کي پلجهڻ جي ٻاوتا ٿئي رهي. پراڻ تنا جتي ڏيکاءُ آهي، اهڙي جتي من جي حالت آهي، السي آسڻ جمائي ۽ اکيون بند ڪري ويهڻ اجايو آهي. من جي روز هميشه ٻاهر ٿي هلڻ سان، انسان جي ساري طاقت ناس ٿي وڃي ٿي. ڪنهن نه لمولي جو انتظام، سنجم انسان ۾ نه ٿو رهي. اڄوڪو اسان جي ديس ۾ اڄ ڪالهه قدم قدم تي ملي رهيو آهي. حقيقت ۾ ڀارت ورش نه پرمارٿ پوڄي ٿي آهي. هتان جا ماڻهو شروع کان ئي اولها هوا ۾ الڪاسيه

”هاڻي ٻڌايو اچي ويو آهي“ مگر سچ ۾ اهو آهي ته تنهنجو
گيان، ودیا يا حافظو ٻج آهي. شروع ۾ جڏهن اُهو ٿيندو ويندو
تڏهن ڊلو پوندو ويندو. مگر ڪٿي ڪٿي آتما ٻلوان ٿيندي وڃڻ
گهرجي. ۽ اهو ٻنا ايڪاگرتا جي نه ٿي سگهندو.

۲۷

ايڪاگرتا ڪيئن حاصل ڪريون

هاڻي ايڪاگرتا ته هئڻ گهرجي. پر اها ٿئي ڪيئن؟ ان لاءِ
ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڀڳوان چوڻو:
”اندر ۾ من کي روڪ
ٻي ڪجهه به چنتا نه ڪر.“ (گيتا ٦-٢٥)
مگر هي ٿئي ڪيئن؟ من کي روڪي شانت رکڻ ڏاڍي
ڏکي ڳالهه آهي. ويچارن جي چڪر کي زور سان روڪڻ کانسواءِ
ايڪاگرتا ڪيئن ٿيندي؟ ٻاهريون چڪر نه ڪنهن طرح روڪي
به وٺجي پر اندر ۾ چڪر هلندو ٿي رهي ٿو. جيئن جيئن
ايڪاگرتا لاءِ هي ٻاهريان ساڌن جڏهن جڏهن ڪم ۾ لڳايا وڃن ٿا
تڏهن تڏهن اندر جا چڪر زياده رفتار سان هلڻ لڳن ٿا. لوهين
آسن جمائي ويهي ويو. اکيون اسٿر ڪري ولو. پر اِنتري
سان من ايڪاگر نه ٿي سگهندو. مکيه ڳالهه آهي ته من جو
چڪر هلڻ بند ٿي وڃي.
مگر مکيه ڳالهه اها آهي ته هي ٻاهريون وشال سنسار جو
اسانجي من ۾ ڀريل رهيو، ان کي بند ڪرڻ کانسواءِ ايڪاگرتا
ناممڪن آهي. پنهنجي آتما جي اپار گيان شڪتي اسين
ٻاهرين ٻي ٻنا چيزن ۾ خرچ ڪري ڇڏيون ٿا. ائين نه ٿيڻ
گهرجي. جهڙيءَ طرح ايڪ ڪان نه ڪسيندي خود پنهنجي مدت
سان شاهوڪار ٿي ويندو پوءِ ٻنا ضرورت خرچ نه ڪري
تهڙيءَ طرح اسان کي به پنهنجي آتما جي گيان شڪتي خسيس

”هن ڪارڻ منهنجي ساري محنت،
سڦلي گهڙي ٿئي منهنجي انت.“

هيءَ ساري جفاڪشي، هيءَ ساري ڊڪ ڊوڙ، ان لاءِ آهي نه، ته اسانجا آخرين ڏينهن سکيا ٿين؟ زندگي ۾ ڪوڙو زهر ڇو کاڌو وڃي؟ ان لاءِ ته اسان جو انت ڪال، اسان جو موت ڀلو ٿئي. ڏينهن جي آخرين گهڙي شام جو ايندي آهي. اڄوڪي ڏينهن جو سارو ڪم، جي ڀلي ڀاونا سان ڪيو ويو ته رات جي آرام لاءِ اهڙي ئي مدد ٿيندي. اهو ڏينهن جو آخرين پل جي مدد ٿيو ته ڏينهن جو سارو ڪرم سڦل سمجهو. تنهن من ايڪاگرتا ٿيندو.

ايڪاگرتا لاءِ اهڙي جيون شڌيءَ جي ضرورت آهي. ٻاهرين ڳالهين جو چنتن ختم ٿيڻ گهرجي. انسان جي عمر گهٽجي ڪانهي. مگر هن ٿوري عمر ۾ به پرميشوري سک جو سواد وٺڻ جي طاقت آهي. ٻه منش بلڪل هڪ ئي سانچي ۾ لهمل، هڪ جهڙي ڇاپ لڳل، ٻه اکيون انهن جي وچ ۾ هڪ نڪ ۽ ان نڪ جون ٻه ناسون، اهڙيءَ طرح بلڪل هڪجهڙا هوندي به هڪ انسان ديو سمان ته ٻيو پسوءَ سمان. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ هڪ ئي پرميشور جا سڀ ٻار، سڀ هڪ ئي کاڻ جا هيرا! پوءِ هي فرق ڇو ٿو ٿئي؟ انهن ٻنهي شخصن جي ذات هڪ آهي. اهڙو يقين نٿو ٿئي. هڪ نر جو نارائڻ ته ٻيو نر جو ٻاندر.

منش ڪيترو مٿي چڙهي سگهي ٿو، انهيءَ جو نمونو ڏيکارڻ وارا انسان اڳي به ٿي ويا آهن ۽ اڄ به اسان جي وچ ۾ آهن. هي انهيءَ جي ڳالهه آهي. هن منش ديهه ۾ ڪيتري شڪتي آهي اهو ڏيکارڻ لاءِ سنت اڳ به ٿيا آهن، اڄ به آهن. هن ديهه ۾ رهي جي منش اهو پراڪرم ڪري سگهي ٿو ته پوءِ مان ڇو نه ڪري سگهندس؟ مان پنهنجي ڪلپنا کي ڇو حد ۾ ٻڌان؟ جنهن منش ديهه ۾ رهي ٻيا منش وڏا ٿي ويا انهائي منش

وارا سمجهيا ويندا آهن. پر اهڙي ديس ۾ توهان جي ۽ اسان جي ڪهڙي حالت آهي؟ بلڪل ننڍڙن ننڍڙن ڳالهين جي ايتري چنتا سان ويچار ۽ پنيرائي ڪندا آهيون جو ڏسي دک ٿئي ٿو. انهن ڳالهين ۾ ئي اسان جو چت ٻڌل رهي ٿو.

"ست سنگ ڪٿا ۾ ننڊ ٿي ورائي،
مگر ليٽندي ٿي چنتا ستائي،
عجب ڪرم پرولي روئڻ سان نه ٿيي."

ڪٿا پراڻ ٻڌڻ وقت نه الي ننڊ پئي اچي ۽ ننڊ ڪرڻ وقت نه الي چنتا ۽ ويچارن جا چڪر اچيو گهيرين. هڪ طرف شوليه گرتا (بي خيالي) ٻئي طرف ايڪا گرتا (گهڻ خيالي). ايڪا گرتا جو نه ڪٿي پتو به ڪونهي. ڪيترو نه هي منش الله رين جو غلام ٿي ويو آهي. هڪ دفعي ڪنهن پڇيو ته پرارٿنا وقت اکيون اڌ کليل ڇو رکڻ گهرجن؟ مون ڇهو سولو جواب آهي: اکيون بلڪل بند ٿيون ته ڇڏيون ته ننڊ ٿي اچي؛ کولي ٿا رکون ته چوطرف نظر وڃڻ سان ايڪاگرتا لٽي ٿئي. اکيون بند ڪرڻ سان ننڊ اچي وڃي ٿي. اهو تموگڻ ٿيو. کليل رکڻ سان نظر سڀ طرف وڃي ٿي. اهو رجوگڻ ٿيو. ان ڪري وچ واري حالت چڱي آهي.

تنهنڪري هي آهي ته من جي حالت بدلائڻ بنا ايڪاگرتا نٿي ٿي سگهي. من جي حالت نيڪ ۽ شڌ هئڻ گهرجي. صرف آسڻ جمائي ويهڻ سان اها نٿي حاصل ٿي سگهي. ان لاءِ اسان جا سڀ وهنوار شڌ هئڻ گهرجن. وهنوار شڌ ڪرڻ لاءِ ان جو مقصد بدلجڻ گهرجي. اسان کي شخصي لاڀ لاءِ، واسنا ترپتيءَ لاءِ يا ٻاهرين ڳالهين لاءِ وهنوار نه ڪرڻ گهرجي.

وهنوار ته اسين سڀ ڏينهن پيا ڪريون. آخر سڄي ڏينهن جي جفاڪشيءَ جو مطلب ڪهڙو آهي؟

نه ٿو کان، وڌيڪ نه ٿو سمهان، فضول نه ٿو ڏسان ۽ نه ڳالهايان، هميشه باريڪيءَ سان اهڙو ڌيان رکڻ گهرجي.

هڪ صاحب ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ چئي رهيو هو ته هو ڪنهن جي ڪمري ۾ ويندو هو ته اک ڇنڀ ۾ سندس نظر ۾ اچي ويندو هو ته ڪمري ۾ ڇا ڇا آهي ۽ ڪٿي رکيو آهي. مون من ۾ چيو ته ”ڀڳوان، شل هيءَ ڳڻ مونکي حاصل نه ٿئي.“ مان ڇا سندس منشي آهيان جو پنجاهه سٺ شين جي ياداشت من ۾ رکان؟ الان ڇا مونکي چوري ڪرڻي آهي؟ صاڻ هتي هو، گهڙي هتي هتي. ان سان مونکي ڇا ڪرڻو آهي؟ هن گيان جي مونکي ڪهڙي ضرورت؟ اکين جي هيءَ فضول استعمال مونکي ڇڏي ڏيڻ گهرجي؟ اهڙيءَ طرح ڪنن تي به پهرو رکڻ گهرجي. ڪي ماڻهو ائين چاهيندا آهن ته ڪنن وانگر اسانجا ڪن هجن ها ته ڪيترو نه چڱو ٿئي ها. جيڏاهن چاهيون اوڏاهن انهن کي ڦيرائي سگهون ها. منش جي ڪن ۾ ڀڳوان هيءَ ڪمي رکي ڇڏي. مگر ڪن جي هيءَ فضول طاقت اسان کي نه گهرجي. ٽڻ هيءَ من به ذائو ۽ بردست آهي. تورو ڪٿي ڪڙڪو ٿيو، آهٽ آئي ته ويو ڌيان. ٿهڪري جيون کي مريادا ۽ انتظام ۾ رکون ۽ خراب چيز ڏسون ٿي نه. خراب ڪتاب پڙهون ٿي نه. نندا يا ساراهه سڻون ٿي نه. خراب چيزون نه ڇڏيو پر سٺيون چيزون جو نه ضرورت کان زياده استعمال نه ڪريو. لالچ ڪنهن به پرڪار جي نه هئڻ گهرجي. شراب، ڪوڙا، جمون نه ڇڏيو پر سنگترو، ڪيلو، موسمبي به گهڻو نه کائڻ گهرجي. ميوو نه سٺو کاڌو آهي پر اهو به ٿورو، ماپ بنان نه کائڻ گهرجي. جڀ جي چڙوائي اَندرين مالڪ کي برداشت نه ڪرڻ گهرجي. اِندرين تي هيءَ دٻاءُ هئڻ گهرجي ته اسين گڙٻڙ ڪنداسين ته اَندريون مالڪ ضرور اسان کي سزا ڏيندو. نيمائتي رهڻي ڪي جيون جي مريادا چون ٿا.

ڏيهه مون کي ٻه ملي آهي. پوءِ منهنجي اهڙي حالت ڇو؟ ڪٿي نه ڪٿي مون کان ڀل ٿي رهي آهي. منهنجو هيءُ چت سدائين ٻاهر ويندو رهندو آهي. ٻئي جي ڳڻ دوش ڏسڻ ۾ هو ڏاڍو واهيات ٿي ويو آهي. پر مون کي ٻئي جي ڳڻ اوڳڻ ڏسڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي.

ڇو پراوا ڳڻ اوڳڻ ڏسان، ڇا مان دوش بنا آهيان؟ خود مون ۾ ڇا اوڳڻ گهٽ آهن؟ جي مان سدائين پنهنجي نندڙن نندڙن ڳالهين ڏسڻ ۾ ئي مگن رهيس ته پوءِ منهنجي چت جي ايڪاگرتا ٿيندي ڪيئن؟ پوءِ ته منهن جي حالت پڻ قسمن جي ئي ٿي سگهندي. هڪ ته شونيه اوستا (بي خيالي) يعني لئه ۽ ٻي ايڪاگرتا. تمو ڳڻ ۽ رجو ڳڻ ۾ ئي مان اٽڪيو رهندس.

ڀڳوان هي ضرور چيو آهي ته چت جي ايڪاگرتا لاءِ هن طرح وهو ۽ هن طرح اکيون رکو، هن طرح آسڻ ڄمايو وغيره. مگر هن سڀ مان فائدو تڏهن ٿيندو جڏهن پهرين پهرين چت جي ايڪاگرتا جا اسين خواهشمند هجون. هي نشچيه هئڻ ضروري آهي ته چت جي ايڪاگرتا اسان کي کپي. پوءِ ته منش خود ئي اهو رستو ڳولي ڪڍندو.

٣٨

جيون ۾ سڀ ڪجهه حد اندر

چت جي ايڪاگرتا ۾ ٻي مددگار چيز آهي، جيون کي نيم ۾ رکڻ جي عادت. اسان جو سڀ ڪم نيمائتو هئڻ گهرجي. حسابي اصول اسان جي سڀني ڪمن ۾ اچڻ گهرجي. دوا جهڙن ماپي توري ورتي آهي تهڙن ئي کائڻ، پيئڻ، گهمڻ، سمهڻ به ماپيل هئڻ گهرجي. جيون ۾ سڀ جڳهه ماپ تور ڪرڻ گهرجي. هر هڪ اندريءَ لئي پورو پهرو گهرجي. مان زياده

مان خود الجهي ويو هوس ۽ مان ئي ڪوڙو؟" آخر جهيڙو رامچندر جيءَ وٽ ويو. انهيءَ چيو "گل ته اڇا هوا پر هنومان جون اکيون ڪروڌ ڪري ڳاڙهيون ٿي ويون هيون، ان ڪري کيس گل اڇن بدران ڳاڙها ڏسڻ ۾ آيا." هن منوهر ڪٿا جو تاتپرج هي آهي ته سنسار کي ڏسڻ جي جهڙي اسانجي ڀاونا هوندي، سنسار به اسان کي اهڙو ئي ڏسڻ ۾ ايندو.

جيڪڏهن اسان کي هڪ ڳالهه جي پڪ نه هجي ته هيءَ سرشٽي ڀلي آهي ته چت جي ايڪاگرتا نه ملي سگهندي. جيسين تائين مان سمجهندو رهندس ته هيءَ سرشٽي بري آهي، خراب آهي تيستائين مان گمان جي نظر سان چوطرف نهاريندو رهندس. ڪوي پکين جي آزاديءَ جا گيت ڳائيندا آهن. انهن کي چوڻ گهرجي ذرا هڪ دفعو پکي ٿي ته ڏسو. پوءِ انهن جي آزاديءَ جي ٺيڪ قيمت معلوم ٿي ويندي. پکين جي ڳچي اڳتي پوئتي لڳاتار لڏندي رهندي آهي. انهن کي هميشه ڀين جو ڀؤ لڳو رهندو آهي. جهرڪيءَ کي آسڻ تي آڻي وهاريو. ڇا هوءَ ايڪاگر ٿي ويندي؟ منهنجي ٽورو وجهو وجڻ ئي ئي جهٽ ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامي ويندي. هوءَ ڊڄندي ته هي مونکي مارڻ نه ته اچي رهيو آهي. جن جي اندر ۾ اهڙي امنگل ڪلپنا هوندي ته هيءَ سڄي دنيا شڪاري آهي، مارينڙ آهي، انهن کي شانتي ڪٿي؟ جيستائين هي خيال مٽو مان نه ڪندو ته "پنهنجو رکيڪ مان آهيان" باقي ٻيا سڀ شڪاري آهن، تيستائين ايڪاگرتا نه ملي سگهندي. سمدرشٽيءَ جي ڀاونائي ان جو الاج ۽ سڀ کان سولو رستو آهي. توهين هر هنڌ شيءِ ڏسڻ لڳو ته چت پنهنجو پاڻ شانت ٿي ويندو.

ڪنهن دکي انسان کي ڪل ڪري وهندڙ نديءَ جي ڪناري وٺي وڃو. اتي صاف ۽ شانت وهڪري کي ڏسي سندس به چنتا گهٽ ٿي ويندي.

٣٩

سڀ ۾ چڱائي!

ٽين ڳالهه آهي سمِ درشٽي ڌارڻ. سم درشٽيءَ جو ارٿ آهي شڀ درشٽي. شڀ درشٽي هئڻ کان سواءِ چت ايڪاگر ٿي نه سگهندو. شينهن هيڏو وڏو جهنگل جو راڄا آهي مگر چار قدم هلي وري پٺتي نهاريندو آهي. ان هوندي شينهن کي ايڪاگرتا ڪٿان پراپت ٿيندي؟ شير، ڪانءُ ۽ ٻليءَ جون اکيون ڦرنديون رهن ٿيون. انهن جي نظر خبردار ۽ گهٻرايل هوندي آهي. هنسڪ پراڻين جو اهڙو ئي حال رهندو. سم-درشٽي اچڻ گهرجي. هي سارو سنسار ڪلياڻڪاري معلوم ٿيڻ گهرجي. جڏهن منهنجو پاڻ تي وشواس آهي تڏهن سڄي سرشٽيءَ لاءِ به منهنجو وشواس هئڻ گهرجي. هتي ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ سڀ ڪجهه شڀ ۽ پوتر آهي. هي جڳ منگل ڪاري آهي، ڇو ته ايشور انجي نگهباني ڪري رهيو آهي. الگريز ڪوي براؤننگ به ائين چيو آهي: ايشور آڪاش ۾ براجمان آهي ۽ سنسار سڄو نيڪ طرح هلي رهيو آهي. سنسار ۾ ڪجهه به برائي ڪانهي. جيڪڏهن ڪٿي به برائي آهي ته اها منهن جي نظر ۾ آهي. جهڙي درشٽي اهڙي هيءَ سرشٽي. جي مان ڳاڙهي رنگ جي عينڪ پائيندس ته سارو سنسار ڳاڙهو نظر ايندو، پيلو نظر ايندو هو.

رامداس رامائڻ لکندو ويندو هو ۽ شش کي پڙهي ٻڌائيندو ويندو هو. هنومان به ان کي ٻڌڻ لاءِ لڪي اچي ويهندو هو. سمرٿ رامداس لکيو هو، "هنومان جڏهن اشوڪ بن ۾ ويو ته اتي هن اڇا گل ڏٺا." اهو ٻڌندي ئي جهٽ هنومان ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو، "مون اڇا گل نه پر ڳاڙها گل ڏٺا. توهان غلط لکيو آهي. ان کي درست ڪريو." سمرٿ چيو، "مون ٺيڪ لکيو آهي. توهان اڇا گل ئي ڏٺا هئا." هنومان چيو

ٿيندو؟ هڪ دفعي ٽراونڪور ويو هوس. هڪ ڏينهن سمنڊ
جي ڪناري تي ويٺو هوس. اهو اپار سمنڊ، تنهن ۾ گرجنا،
لما شام جي ويل، مان بلڪل چپ ۽ شانت ويٺو هوس. سامهون
هڪ مترالي سمنڊ جي ڪناري تي ڪجهه ڦل وغيره کائڻ لاءِ
آڻي ڏنا. ان وقت اهو ساتوڪ کاڌو به مونکي زهر سمان
لڳو. سمنڊ جي اها "اوم، "اوم" گرجنا مونکي گيتا وچن
"منهنجو سمرڻ ڪر ۽ يڌ به ڪندو رهه" جي ياد ڏياري
رهي هئي. سمنڊ ۾ ساڳئي اوم جو سمرڻ ڪري رهيو هو ۽
يڌ به ڪري رهيو هو. هڪ لهر آئي، اها ويئي ۽ ٻي آئي.
ڪيس هڪ گهڙيءَ لاءِ به آرام ڪين هو. اهو نظارو ڏسي
منهنجي بک پياس اڏامي ويئي. آخر ان سمنڊ ۾ اهڙو ڇا
هو؟ ڪاري پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسندو ڏسي منهنجو
من به ڪِڇڻ لڳو هو ته ٻوءِ گيان ۽ برهم جي اٿاهه ساگر جهڙي
هردي ۾ ڇوليون مارڻ لڳي. مان ڪيترو نه ڪِڇڻ لڳندس ته
ويدڪ رشيءَ جي هردي ۾ اهڙوئي سمنڊ ڇوليون ماريندو
هو. هن ايشوري ٻوليءَ تي ٽيڪا ڪندڙ به هار کائي ويٺا،
آها! گهڙي نه گهڙي جي ڌارا! گهڙي نه اها ماٽيءَ جهڙي
ڌارا!!! ڇا منهنجي اندر جي سمنڊ ۾، اهي ڪاريون لهرون
اٿنديون؟ نه نه منهنجي هردي ۾ نه گهر، ماٽي ۽ گهڻيون لهرون
ڇوليون ماري رهيون آهن.

٣٠

بالڪ گرو

پنهنجي هردي جي هن سمنڊ ۾ نهاري سگهو. ٻاهرين مهراڻ
جهڙي آسمان کي ڏسي جنهن کي نه ٿڪ ۽ نه ڇيهه [illegible]. [illegible]
ٻولو جنهن جي اڪاڳرتا هڪ ڪمال آهي. ٻاهرين [illegible] آهي،
جنهن جي چنچلتائي اسهاويڪ ۽ [illegible] آهي. [illegible]
ڪيئن ڏانهن نه نهاريو. [illegible]

لڳي رهندو، ان جهرڻي ۾، ان وهڪري ۾ اهڙي شڪتي ڪٿان آئي؟ پرميشور جي پورڻ شڪتي ان ۾ ٿي ظاهر ٿي آئي. ريٽن ۾ جهرڻن جو ذڪر سندر بيان آهي. جهرڻو اڪيلو وهندڙ آهي. سندس پنهنجو ڪو گهر بار ڪونهي. هو سياسي آهي. اهڙو پورڻ جهرڻو ڪن پل ۾ منهنجي من کي ايڪاگر بنائي ڇڏيندو. اهڙي سندر جهرڻي کي ڏسي منهنجي من مان پرڻم جو، گيان جو چشمو ڇو نه ڦاٽي نڪرڻ گهرجي؟

هي دنيا جو بيحد ڀاڳي آهي جي منهنجي من کي شانتي ڪجهه سگهي ٿو ته پوءِ منهنجي من ۾ جي پڪي ۽ گيان جو جهرڻو وهڻ لڳي ته منهنجي من کي جيڪر ڪيتري نه شانتي حاصل ٿئي؟ منهنجو هڪ دوست، هماليه ۾، ڪشمير ۾ گهمي رهيو هو. اتان جي پورڻ پهاڙن، سندر جل ۽ وهڪرن جو احوال لکي موڪليندو هو. مون کيس جواب ڏنو ته جي ڀاڳيءَ جا چشما، جي پهاڙن جون قطارون، جي پورڻ هوائون لوڪي لاثاني آنند ڏين ٿيون، انهن سڀني جو انڀو مولڪي پنهنجي سرشٽي ۾ ٿي سگهي ٿو. پنهنجي اندر جي دنيا ۾ هميشه انهن سڀني منوهر قطارن کي ڏسندو آهيان. ٿنهنڪري ٿنهنجي دوست لئي به مان پنهنجي هردي جي هن لاثاني انڀوري سنڌاس کي ڇڏي نه ڏيندس.

"اسٿرن ۾ مان هماليه." (گيتا ١٠-٥)

اسٿرتا جي مورتيءَ جي روپ ۾ جنهن هماليه جي پوڄا اسٿرتا اڳيان لاءِ ڪرڻي آهي ان جو بيان سڀني جيڪڏهن مون منهنجو فرض ڇڏي ڏنو ته هيءَ التي ڳالهه ٿيندي.

ٺاهرج هي آهي ته چت کي ذرا شانت ڪريو. سرشٽيءَ کي سڪل درشٽيءَ سان ڏسو. ته پوءِ توهان جي هردي ۾ ...رتا رسڻ لڳندا. ڪلپنا جا لاثاني ٿرا هردي ۾ چمڪڻ لڳندا. سرشٽيءَ جي سڀني چيز ڏسي جيڪڏهن چت شانت ٿي رهي ٿو ته پوءِ اندروني دنيا جو نظارو ڏسي ڪيئن نه

جا وڏا ٻالدر هئا.

لمدڙو ٻار وشواسي آهي. جيڪي ماءُ چواس سوئي سندس
لاءِ سچ آهي. جيڪي آکاڻيون کيس ٻڌايون وينديون آهن اهي
کيس ڪوڙيون نه لڳنديون آهن. طوطي ٻوليو، مينا ڳايو، اهو
کيس سچو محسوس ٿيندو آهن. هن وشواس ورليءَ ڪري،
هن منگل ورليءَ ڪري ٻار ترت ايڪاگر ٿين ٿا.

٣١

ايياس، ويراڳ ۽ شردا

ڏالهورج نه ڏيان ٻوڪ لاءِ چت جي ايڪاگرتا، جيون جي
مريادا ۽ پوتر ۽ سامهي درشتيءَ جي ضرورت آهي. ٿنهن ڪان
سواءِ ٻيا ٻه ٻه سادن ٻڌايا ويا آهن. ويراڳ ۽ ايياس. هڪ آهي
ڏاهيندڙ نه ٻيو آهي اڏيندڙ. ٻنهيءَ مان ڳاهه ڪڏي ڦٽو ڪرڻ
ٿيو ڏاهيندڙ ڪم. ان کي چون ٿا ويراڳ. ان ۾ ٻج چٽڻ آهي
اڏيندڙ ڪم. من ۾ سٺن ويچارن جو وري وري چنتن ڪرڻ کي
ايياس چئبو آهي. ويراڳ، ڏاهيندڙ ڪريا آهي. ايياس،
اهيندڙ ڪريا آهي. هاڻي ويراڳ اچي ڪٿان؟ اسين چوندا
آهيون انب مٺو آهي. پر ڇا، هي ميناج رڳو انب ۾ ئي آهي؟
، رڳو انب ۾ نه آهي. اسين پنهنجي آلما جو ميناج چيز ۾
ڄهون ٿا ۽ پوءِ اها چيز مٺي لڳي ٿي. ٿنهنڪري اندروني
ميناج چکڻ سکو. صرف ٻاهرين چيز ۾ ميناج ناهي. بلڪ اهو
سن جو رس، ميناج جو ساگر آلما، مون وٽ ئي آهي. انجي
ي ڪارڻ منهن چيزن ۾ ميناج آيو آهي. اهڙي ڀاونا ڪندو
هڻ سان من ۾ ويراڳ جي پيدائش ٿئيٿي. سيتا ماتا، هنومان
ي موتين جو هار انعام ڏنو. هنومان موتين کي ڇٻاڙيندو،
سعدو، اڇليندو ويو. انهن ۾ هن ڪسي ڪٿي نه 'رام' ڏسڻ
نه آيو. رام نه سندس دل ۾ هو. مگر انهن موتين لاءِ مورک
لکين [illegible] ڏين ٿا.

آهي، پر لوهين ڏه دفعا اک ڇنڀيندا. ٻارن جو من ڪرت ايڪاگر ٿي ويندو آهي. ڇهن پنجن مهينن جي ٻار کي ٻاهرين سرسبز سرشتيءَ جو ديدار ڪرايو، هو سالده نهاريندو رهندو. اسڪولن جو نه اهڙي قدر ڇوڻ آهي لاءِ ٻاهرين سبز دنيا ڏسي ٻار جي وشتا ۾ ساني ٿي وڃي ٿي. ڄڻ نه سڀني الدرين کي اکيون ٻڌائي هو ڏسي ٿو. ننڍڙي ٻار جي من لاءِ ڪنهن ۾ ڳالهه جو گهرو اثر پوندو آهي. تعليمي ماهر چون ٿا ته شروع جي ٻن ڇهن سالن ۾ جا سکيا ٻار کي ملندي آهي اهائي سڄي سکيا آهي. توهان ڪيترائي سڪول، ڪاليج سنستائون قائم ڪريو، پر شروع ۾ جا سکيا ملي آهي وري ڪڏهن نه ملي سگهندي. سکيا وشيه سان منهنجو خاص لاڳاپو آهي. ڏينهون ڏينهن مون کي اهو يقين ٿيندو ٿو وڃي ته ان ٻاهرين سکيا جو اثر ڪجهه ۾ نه آهي. شروعاتي سنسڪار ئي مضبوط بڻائيندڙ مصالحو آهن. پوءِ جي سکيا کي ٻاهريون رنگ، ٻاهريون پردو سمجهو. صابڻ لڳائڻ سان ٻاهريون داغ، مٽي وغيره لڪري وڃي ٿي پر چمڙيءَ جو ڪارو رنگ ڪيئن لهي ويندو؟ اهڙيءَ طرح جي سنسڪار وغيره شروع ۾ ئي پئجي وڃن ٿا، انهن جو لڪرڻ مشڪل ٿي پوندو.

ته پوءِ اهي شروعاتي سنسڪار ٻلوان ڇو؟ پوءِ جا سنسڪار ڪمزور ڇو؟ الڪري ته ٻال اوستا ۾ چت جي ايڪاگرتا قدرتي رهي ٿي. ايڪاگرتا هئڻ جي ڪارڻ جي سنسڪار پون ٿا سي وري ناس نٿا ٿين. چت جي ايڪاگرتا جي اهڙي مهما آهي. جنهنڪري اها ايڪاگرتا ملي وڃي ان لاءِ سنسار ۾ ڪا ناممڪن آهي؟

اسان جو سارو جيون اجڪلهه نقلي [illegible] آهي. اسانجي بالڪ ورتي ختم ٿي وئي آهي، ناس [illegible] وئي آهي. جيون ۾ سڄو ميناج ٿي ڪولهي. اهو [illegible] آهي. اسين، جڏهن اڃي لئي پيا هلون. صرف ڊارون صاحب [illegible] ته، پر اسين ٻاڻ نه پنهنجن ڪرتوتن سان سڌ ڪري [illegible] آهيون ته اسان

اڌياءُ ستون

ايشور جي شرڻ ۾

٣٢

ڀڳتيءَ جو شاندار درشن

ڀائرو، ارجن جي سامهون جڏهن سوڌرم پالڻ جو سوال کڙو ٿيو ته سندس من ۾ پنهنجي پرائي جو موهه پيدا ٿيو ۽ هو سوڌرم آچرڻ کان ڀڄڻ لاءِ اُپاءَ سوچڻ لڳو. سندس هي اجاير موهه پهرئين اڌياءَ ۾ ڏيکاريو ويو. هن موهه کي مٽائڻ جهڙي تجويز سان ٻيو اڌياءُ شروع ٿيو. ان ۾ هي ٽي سڌانت ٻڌايا ويا: (١) آتما امر آهي ۽ اها هرهنڌ وياپڪ آهي. (٢) ديهه فاني آهي. (٣) سوڌرم ڪڏهن به نه ڇڏڻ گهرجي. گڏوگڏ ڪرم ڦل تياڳ رُوپي طريقو به ٻڌايو ويو، جنهنجي مدد سان انهن سڌانتن تي عمل ڪرڻ جي ڪنجي هٿ اچي ٿي. ان ڪرم يوگ جو بيان ڪندي الٰهي ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم، هي ٽي ڇرون پيدا ٿيون. ڪرم ۽ وڪرم جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ٻن نمونن جا اڪرم پنجين اڌياءَ ۾ اسان ڏٺا. ڇهين اڌياءَ ۾ طرحين طرحين جا وڪرم ٻڌائڻ جي شروعات ڪئي ويئي. ڇهين اڌياءَ ۾ ساڌنا جي لاءِ ضروري ايڪاگرتا جي اهميت ٻڌائي ويئي آهي.

اڄ ستون اڌياءُ آهي. هن اڌياءَ ۾ وڪرم جو هڪ ٻيو عمدو محل ٺاهيو ويو آهي. سرشٽي ديويءَ جي مندر ۾، ڪنهن وشال بن ۾ جئن اسين نموني نموني جا منوهر نظارا ڏسندا آهيون، اهڙائي انيڪ گيتا گرنٿ ۾ ٿين ٿا. ڇهين اڌياءَ ۾ ايڪاگرتا جو محل ڏٺوسين. اچو ته هاڻي ٻئي محل ۾ داخل ٿيون.

هن ڏٺان پوءِ جو بيان ڪندي ڀڳوان هڪ تمام اهم ڳالهه شروع ۾ ئي ٻڌائي آهي. اها هيءَ ته منش ڪسي ٻئي ڪو ارادو ڪرڻ گهرجي ته مون کي خود پنهنجو اڌار ڪرڻو آهي. مان اڳتي وڌندس. مان اوچو اڏامندس. مان هن منش ديهه ۾ ئي پيو ڪونه رهندس. مان پرميشور وٽ وڃڻ جي همٿ ڪندس ۽ اهڙي ڪوشش به ڪندس.

هي سڀ ٻڌي ارجن جي من ۾ شنڪا آئي ته: "ڀڳوان، هاڻ ته منهنجي عمر گذري چڪي آهي. ڪجهه ڏينهن بعد مان مري ويندس ته پوءِ هيءَ ساڌنا ڪهڙي ڪم جي؟" ڀڳوان چيو، "موت جي معنيٰ ته آهي ڊگهي ننڊ. روز ڪم ڪري اسين ست اٺ ڪلاڪ سمهون ٿا. ان ننڊ کان ڪو ئي ڊڄندو آهي؟ بلڪ ننڊ ته اچي ته چڱا ٿي پوندي آهي. جيئن ننڊ ضروري آهي تيئن موت به ضروري آهي. جيئن ننڊ مان جاڳي وري اسين ڪم شروع ڪندا آهيون تيئن ئي مرڻ کان پوءِ به ٻهون ڪم هيءَ ساري ساڌنا اڳئين ڪم اچي ٿي. گيتا ۾ هيئن ڪوٽا ۾ جڻ پنهنجو آهر ڇوڙ ئي لکيو آهي.

بالپڻ ۾ ئي سارو گيان ڪيئن حاصل ٿئي ٿو،
سمجهندس مڪ مان اڳين شاستر ۽ ڪامل ٿئي ٿو.

اهڙن سلوڪن ۾ انهن ئي ڏسجي پيو. اڳين جنم جو اڀياس انسان کي ڇڪي وٺي ٿو. ڪٿهن جو جيت واسنائن طرف لڙو وڃي. هو جاڳي ئي لڙو ته موهه. ڪهڙي وٽ آهي. جو ته پير جنم ۾ هو اها ساڌنا ڪري چڪو آهي. ڀڳوان پڌين ڏنو آهي.

"شب ڪرمي، جو آهي، درگتي ڪڏهن نه پائي."

هو منش ڪلياڻ مارگ تي هلندو اڳو ڌرو ته پورهيو اجايو نه وڃي. آهو انهي قسم جي شرڌا جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته هو اپورڻ آهي، اهو آخر پورڻ ٿي رهندو. ڀڳوان جي هن اپديش جو مطلب گرهڻ ڪريو ۽ پنهنجو جيون سڦل ڪريو.

آڪاشواڻي: ٢٧-٣-١٩٦٧

اهڙي هوشياري آهي جو هو اعمالڪي وقتي ڏارين تا ۽ وقتي ڪلائين ٿا. هيءَ ساري هوشياري انهن جي اکرين ۾ آهي.

هي ويڇهو هجي، هو ڏور هجي، هي منهنجو، هو پرائو، اهڙائي ويچار من ۾ اڀجندا ۽ جن جي ڪري ڪڏهن فرض کان پٺتي هٽڻ جي ورتي ٿئي ٿي. ان جو ڪارڻ موهه آهي. ان موهه کان ڇٽو هجي ته سرشٽي پيدا ڪندڙ جي آڳو جي پرڪرامت جو راز سمجهڻ گهرجي. پرهدار ٽيڪ اپنشد ۾ نغاري جو مثال ڏنو ويو آهي. هڪ ئي نغاري مان جدا جدا آواز نڪرن ٿا. ڪن آوازن ٻڌڻ سان ميان نچي وڃان ٿو. ڪن کي ٻڌي ننڊ لڳان ٿو. انهن سڀني آوازن کي جيڪڏهن جيتڻو آهي ته نغاري وڄائيندڙ کي پڪڙڻ گهرجي. انکي هٿ ڪرڻ سان سڀ آواز قبضي ۾ اچي وڃن ٿا. ڀڳوان هڪ ئي جملي ۾ چيو آهي ته جيڪي مايا مان ترڻ پار پهچڻ چاهين ٿا اهي منهنجي شرن ۾ اچن.

"جو منهنجي چرنن ۾ ايندو، هڪ ساڳرادل ئي ويندو،
مايا چار هٿم ٿي ويندس، آتم شانتي پراپت ٿيندس."

۽ هيءَ مايا ڇا آهي؟ مايا چولدا آهن پرميشور جي شڪتيءَ کي، سندس ڪلا چترائيءَ کي. آلما ۽ برڪرلي، يا جينن جي ٻوليءَ ۾ چتون ۽ جيو ۽ اجيو واري هن مصالح مان جنهن هيءَ النت ڏنگن واري سرشٽي رچي آهي، ان جي شڪتي يا ڪلا هيءَ مايا آهي. جيل ۾ جمن هڪ ئي اناج جي روٽي ۽ هڪ ئي سپ رسن واري دال ٿيندي آهي لٽن هڪ ئي اڪنڊ آلما ۽ هڪ ئي اَن لٽن جو شرير سمجهو. هن مان پرميشور طرح طرح جون چيزون ٺاهيندو رهندو آهي. اسين هنن چيزن کي ڏسي جدا جدا ۽ هڪ ٻئي جي وروڌي خراب ۽ سٺين ڀاوناتن جو انيتو ڪندا آهيون. ان کان دور ٿي جي اسين سچي شانتي پالڻ چاهيون ٿا، ته پوءِ انهن وستن پيدا ڪندڙ کي پڪڙڻ گهرجي. ان جي واقفيت ڪري وٺڻ

ان محل جو ڊر کولڻ کان ٻاهرين ڀڳوان هن موهه ڀريل جڳت
رچنا جو راز سمجهايو آهي. هڪ ئي لمولي جي ڪاغذ تي هڪ
ئي برش سان چترڪار طرح طرح جا چتر چٽيندو آهي. سازيندڙ
ستن سرن مان انيڪ راڳڻيون ڪڍندو آهي. ساهتيه ۾ اسين
ٻاونجاهه (٥٢) اکرن جي مدد سان ڪيترن لمولن جا وچار
۽ ڀاو ظاهر ڪندا آهيون. هن سرشٽيءَ کي به ائين سمجهو.
هن سرشٽيءَ ۾ اننت شيون ۽ اننت ورليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.
پر ساري آلَدِ رپن ٻاهرين سرشٽي هڪ ئي اکنڊ آلما ۽ هڪ
ئي انن لتون واريءَ قدرت جي ٽني مصالح مان ٺهيل آهي.
ڪروڙيءَ جو ڪروڙ، پريميءَ جو پريم، دکيءَ جو درد،
آنديءَ جو آنند، آلسيءَ جو ننڊ جي طرف جهڪاءُ، محنتيءَ
جو ڪم ۾ اتساهه، اهي سڀ ساڳي چيتن شڪتي جا ڪيل
آهن! هنن هڪ ٻئي جي وروڌي ڀاونائن جي ٻنياد ۾ هڪ
ئي چيتن شڪتي سڀ ۾ ساڳي آهي. ان طرح ٻاهرين پردي
جو سروپ ساڳيو آهي. چيتن مهه آلما ۽ جڙ پرڪرتي (قدرت)
هن ٽني مصالح مان ساري سرشٽي پيدا ٿي آهي. اها ڳالهه
شروع ۾ ئي ڀڳوان ٻڌائي آهي.

آلما ۽ ديهه، پرا ۽ اپرا * پرڪرتي ساڳي آهي. پوءِ منش
موهه ۾ ڇو ٿو ڦاسي پوي؟ ڀيد ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ پراڻي
منش جو چهرو وڻندڙ معلوم ٿيندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪي
ڏسي طبيعت ٻي مري ٿيندي آهي. هڪ سان گڏجڻ جي ۽
ٻئي کان دور رهڻ جي طبيعت ڇو ٿيندي آهي؟ هڪ ئي
پينسل، هڪ ئي ڪاغذ، هڪ ئي چترڪار مگر طرح طرح جي
چترن سان طرح طرح جا ڀاو ظاهر ٿين ٿا. چترڪار جي هيءَ
چترائي آهي. چترڪار جي برش ۾، سازيندڙ جي آڱرين ۾

* پرا پرڪرتي = اوچي پرڪرتي. اپرا پرڪرتي =
نيچي پرڪرتي.

مها چترڪار جي ڪلا کي اسين ڏسي سگهنداسين. سندس هٿ جي ان قلم کي به اسين ڏسي سگهنداسين. جنهن هڪ دفعو ان ايشوري جهرٽي کي ۽ انهيءَ عمدي ملي وس کي چکيو ته باقي سڀ رس لوڻ ۽ ڦڪا معلوم ٿيندس. جنهن سٺا ڪيلا ڪالهه ڏٺا، اهو ڪاٺ جا رنگين ڪيلا هٿ ۾ ڪٽيندو؟ جي ڪٽيندو به ته انهن جي سندرتا ڏسي هڪ طرف رکي ڇڏيندو. اصلي ڪيلن جو سواد وٺڻ سبب ڪڏهن به نقلي ڪيلن مان ڪو مزو نه ايندو. اهڙيءَ طرح جنهن کي اصلي جهرٽي جي ميٺاج جو مزو آيو آهي اهو بازارين گلاب جي شربت تي مست نه ٿيندو.

هڪ فيلسوف کي ماڻهن چيو "مهراج، اڄ شهر ۾ هلو. اڄ شهر ڏاڍو سينگاريو ويو آهي." فيلسوف چيو، "اڙي ٻالي، هي سجاوٽ ڇا ٿيندي آهي؟ هڪ ڏيئو، ان بعد ٻيو، ٻيو ٽيون، اهڙيءَ طرح ڏهه لک، ڪروڙ، جيترا چاهيو اوترا، انهن جي هڪ قطار نه؟ نه مون اها سجاوٽ ڏٺي. الڪي حساب ۾ هوندو آهي ١ + ٢ + ٣ اهڙيءَ طرح اننت ٿانئون. عدد ۾ تفاوت جو جي گيان ٿي وڃي ته پوءِ سڀ الڪ لڳن. هي ضرورت ڪهڙي؟ اهڙيءَ طرح جي اهي ڏيئا هڪ ٻئي پٺيان ڪيترائي رکيا ويا ته ان ۾ عجب ۽ آنند جي ڳالهه ڪهڙي آهي؟ پر ماڻهن کي اهڙا آنندا وٺندا آهن. هو ليمو آڻيندو، کنڊ آڻيندو، پاڻيءَ ۾ ان کي ملائيندو ۽ پوءِ وڏي سواد سان پي چوندو ته واه ڪهڙي نه عجيب شڪنجبي ٺهي آهي! زبان جي ذائقي کان سواءِ ٻيو ڪرڻي ڪهڙو آهي؟ هي ٽن ۾ ملايو، هو هن ۾ ملايو. اهڙن سوادي ڪاڏن ۾ ٿي سندن سڄو سک ۽ مزو آهي. ٿيندي هوندي هڪ دفعي امان سڪيما ڏسڻ ويس. ٻاهر سان هڪ فراسي به ڪٺي ويس. ان مطلب سان ته جي ٿيندا اهي ته سمجهي پوان. پردي تي اکين کي چوڪو ڪندڙ اها روشني مان ڏسڻ لڳس. پر چئن منٽن ۾ انهن

گهرجي. ان جو گيان حاصل ٿيڻ کان پوءِ ئي هو پنڊ پيدا ڪندڙ، پالڻي پيدا ڪندڙ موهه کان ڇٽي سگهبو.

ان پرميشور کي سمجهڻ لاءِ هڪ مهان رکون ٿا. هڪ مهان وڪرم بڻائڻ لاءِ ستين اڏياءِ ۾ پڪتيءَ جي اعليٰ عمارت ڪولي وٺي آهي. ڇت شڏيءَ لاءِ پکيه داڻ، ڇپ ٿنڀ، ڏيان ڏارٽا، وغيره الڳ وڪرم بڻايا وڃن ٿا. مگر انهن رستن ڪسي مان سوڍا، صابڻ، آريٺن سان مشابهت ڏيندس. ٻر پڪتيءَ کي پاڻي چوندس. سوڍا، صابڻ، آريٺا صفائي ڪن ٿا، مگر پاڻيءَ کان سواءِ ڪم ڪو هلي سگهي. پاڻي نه هجي ته صرف آريٺا وغيره ڪهڙو ڪم ڏيندا؟ انهي اٽڙ جي سوڍا، صابڻ، آريٺا نه به هجن پر فقط پاڻي هجي ته به صفائي ته ضرور ٿيندي. ان پاڻيءَ سان جي هي شيون به هجن ته جلد ڪير ۾ ڪٽ پيئي. تنهڪري پکيه، ڏيان، ٿنڀ ۾ جي من جو ميل لــــ هجي ته پوءِ ڇت شڏي ڪيئن ٿيندي؟ من جي ميل جي معنيٰ ئي پڪتي آهي.

سڀني لمولن جي ساڌن لاءِ پڪتيءَ جي ضرورت آهي. پڪتي هڪ ويابڪ اپاءُ آهي. ڪوئي شيوا شاستر جو ڄاڻو، علاج ڪان پليءَ پعن واقف آدمي، ڪنهن مريض جي شيوا ٽهل لاءِ وڃي ٿو. پر جي سندس من ۾ شيوا جي ڀاونا نه هجي ته بڏايو سچي شيوا ڪئن ٿي سگهندي؟ ٻ ئو پلي ئي للهو ممارو هجي، پر جي هنڪي گاڏي ڇڪڻ جي اڇا نه هوندي ته هو گردن جهڪائي ويهي رهندو؛ ممڪن آهي ته گاڏيءَ کي وڃي ڪنهن کڏ ۾ ڪيرائيندو. تنهن ڪري لگن کان سواءِ ڪمل ڪم مان نه سنتوش ٿو ملي ۽ نه ترقي ئي ٿئي.

٢٤

پڪتيءَ مان پورن آنند جي پراپتي

جهڪلهن هيءَ سڀني پکتي اسان ۾ اچي وائي لــــ ان

اهڙي آنند ۾ ماڻهو ڇو مست ٿي وڃڻو آهي؟ ڇو نہ ڪيس قيمتي آنند جو پتو ڪونهي. منش پاڇي لئي پاڳل ٿي پوي ٿو. اڄ تہ هو پنجن گيان اندرين جوئي آنند وٺي رهيو آهي. جيڪڏهن اک اندري ڪيس نہ هجي ها تہ هو چئن اندرين جوئي آنند سنسار مڃي ها. سياڻي جيڪڏهن منگل گره ٽان ڪو ڇهن اندرين وارو انسان هيٺ لهي اچي تہ هي ويچارا پنجن اندرين وارا انسان روئڻ لڳندا ۽ چوندا "هن جي مقابلي ۾ اسين ڪهڙا نہ ويچارا ۽ پٺتي پيل آهيون."

سنسار جو سارو راز انهن پنجن اندرين سان ڪئن معلوم ٿيندو؟ انهن پنجن ڇڙن ۾ نہ هو چوڻ ڪري ٿو ۽ انهن ۾ مست رهي ٿو. ڳڏهہ جي هينگ جي سندس ڪن لئي پيٺي نہ هو چوندو تہ ڪتان هي اشپ آواز آيو؟ نہ ڇا لنهنجي درشن ڪرڻ سان ان ڳڏهہ جو ڪجهہ بگاڙ نہ ٿيندو؟ المعہ لوڪي ان مان نقصان ٿئي ٿو. ڇا پين جو بہ لنهنجي ڪري ڪجهہ لقو بگڙي؟ اها عام چوڻي آهي تہ ڳڏهہ جي هينگ اشپ آهي. هڪ دفعي ٽڙودي ڪاليج ۾ رهندي ڪي يورپين ڳائيندڙ آيا هئا. هئا تہ هو سٺا ڳائيندڙ. پنهنجي طرفان لئہ ڪمال ڪري رهيا هئا. مگر مان تہ سوچي رهيو هوس تہ ڪڏهن هنان جند ڇٽندي. ڇو نہ مولڪي اهڙي سنگيت ٻڌڻ جي عادت ڪانہ هئي. موڻ انهن کي ناپاس ڪيو. اسان جي طرف جا ڳوئيا اوڏانهن وڃن تہ شايد هو بہ ناپاس ٿين. اهڙيءَ طرح سنگيت مان هڪ کي آنند ملي ٿو تہ ٻئي کي نہ. ان کي سچو آنند نہ چئي سگهبو. هيءُ تہ دنيوي آنند آهي. جيستائين سچي آنند جو درشن نہ ٿيندو. تيستائين هن ڪوڙي ۽ دوکي ڏيندڙ آنند ۾ مست رهنداسين. جيستائين اصلي کير نہ مليو هوس تيستائين اشوٿاما اٽي مان ٺاهيل کير سچو سمجهي پيئندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن توهان سچو سروپ سمجهندا ۽ اهو آنند چکندا تہ ٻوءِ پيون سڀ ڇڙون ڦڪيون لڳنديون.

اکين چترن کي ڏسي منهنجون اکيون آڪجڻ لڳيون. مان پنهنجي فراسي وجهي سمهي پيس؛ جيم نہ جڏهن ناٽڪ پورو ٿئي نہ جاڳائيجو. رات جو ٻاهر کلي هوا ۾ آسمان جا چنڊ تارا ڏٺي، شايد دنيا جو اهو پورو آنند ڏٺي، ان ننگ سئنيما گهر ۾ بجليءَ جي پتلين کي نچندو ڏسي، اسين ٿاڦيون وڄائيندا آهيون. اهو سڀ ٻولکي سمجهه ۾ ٿي نہ ايندو آهي.

منش اهڙو آنند رهت ڪٿي؟ انهن بي جان پتلين کي ڏسي وچار و ڪنهن طرح تورو آنند حاصل ڪري ٿو. جيئن ۾ جڏهن آنند ڪولهيمن نہ پوءِ اهڙو نقلي آنند گهولهي ٿو. هڪ دفعي انسان جي ٻاڙي ۾ نر نر وهڻ شروع ٿي. مون پڇيو "هي ٻاجو ڇا لاءِ؟" نہ ڇيائين "پت جانو آهي." نہ ڇا دنيا ۾ صرف لوڪي ئي پت جانو آهي جو ٻاجا وڄائي ماڻهن کي ٻڌائين ٿو نہ پت جانو آهي؟ ناچ گانا، کيل تماشا آهن السلام نہ پت جانو آهي؟ هي سڀ ٻازاري راند نہ آهي نہ پيو ڇا؟ جڳ نہ آنند جو ڏڪار پنجي ويو آهي. ڏڪار سمي جٿن اللج جو ڪو دائو ڏسي ماڻهو هڪ ٻئي متان اچي ڪرندا آهن تئن جتي پت جانو، سرڪس آئي، سئنيما آئي نہ هي آنند بکيا پياسا مڪڙن والکيان اچي ٿا آلي ڪرن.

ڇا، هي سچو آنند آهي؟ گاني جون لهرون ڪن ۾ گهڙي دماغ تي هلڪا ڌڪ لڳائين ٿيون، اکين ۾ روپ گهڙي دماغ کي ڌڪ هڻي ٿو. انهن ڌڪن لڳڻ ۾ ٿي وچارن جو اهو آنند سمايل رهيو. ڪو نماڪ ڪٿي ان کي لڪ ۾ وجهي ٿو، نہ ڪو ٻيڙي ناهي واٽ ۾ وجهي ٿو. ان سنگهڻ يا ان دولهين جو ڌڪ لڳو نہ جڳ ساري دنيا جو آنند ملي ويو. ٻيڙيءَ جو نشو ماڻدي ٿي سمڌن آنند جي حد ٿي رهي. ڏامتاءُ لڪي ٿو ان سگريٽ جي خمار ۾ هو ڪڏهن ڪنهن جو خون بہ ڪري ڇڏي نہ اچرج ڪوهي. اهو هڪ قسم جو نشو ٿي ـــ پچهو.

ڀڳتي پوري ڀڳتي ڪندڙ. نشڪام مگر انڪالڳي ڀڳتي ڪندڙ
جا ٽي قسم آهن: (١) آرت (٢) جگياسو ۽ آرٿارٿي. ڀڳتي
ڏويني تڙپ عرض شيءِ تمنا تاڙيون آهن.
نشڪام سڪار ڀڳتيءَ ۾ ڇا؟ سڪام ڀڳتيءَ سنڌ ۾
وڪي ڀڳوان وٽ وڃڻ وارو. مان اهڙي ڀڳتي ان جهڙي لنڊا ۽
ڪندس ته اها ڀڳتي گهٽ درجي جي آهي. ڪيترا ماڻهو
لوڪ شيوا ۾ ان لاءِ نه ٿا ڪن ته مان عزت ملي. ان ۾ نقصان
ڪهڙو آهي؟ اوهين انهن کي ڇا ڏيو. انهن جي عزت ڪريو
ڪريو. ان عزت ڏيڻ مان ڪجهه ڪين بگڙندو. ٻڙو مان
ملندو رهڻ سان هو انهيءَ ڪري لوڪ شيوا ۾ ٻيڪا ٿي ويندا.
پوءِ انهيءَ ڪرم ۾ انهن کي آنند معلوم ٿيڻ لڳندو. مان پائڻ
جي جا خواهش هوندي آهي ان جو به آخر مطلب ڇا؟ اهو ئي
ته ان عزت ملڻ سان اسان کي وشواس ٿئي ته ٻين کي وڻندو آهي ته
جو ڪم اسين ڪريون ٿا اهو چڱو آهي. انهيءَ جي شيوا چڱي
آهي يا بري، ان سمجهڻ لاءِ ونس ڪالي الدروني ڪسوٽي
ڪانهي. تنهنڪري هو انهن ٻاهرين رستن جو آسرو وٺي ٿو.
جڏهن مالا ٻار جي پٺي ٿپري شاباس چوندي آهي ته ٻار جي
دل ٿيندي آهي ته ماءُ جو ٻيو به ڪجهه ڪم ڪريان. ساڳي
ڳالهه ڀڳتيءَ جي آهي. سڪار ڀڳت پرميشور وٽ وڃي چوندو
آهي ”ڏيو.“ سٺي ڳالهه پرميشور کان گهرڻ جي عادت ڪا
معمولي ڳالهه ناهي هيءَ غير رواجي ڳالهه آهي. گيانديو ۽ نامديو
کان پڇيو، ”ٽيرٿ ياترا تي هلندين؟“ نامديو پڇيو، ”ڇا
لاءِ؟“ ”سادو سنتن جو سنگ ملندو“ گيانديو چيو. نامديو
وراڻيو ته ”ڀڳوان کان پڇي اچان ٿو.“ نامديو مندر ۾ وڃي
ڀڳوان جي اڳيان بيٺو. سندس اکين مان آنسو وهڻ لڳا. ڀڳوان
جي انهن پولر چرلن ڏانهن ٿي هو ڏسڻ لڳو. آخر روئندي
روئندي هن پڇيو، ”ڀريو! ڇا مان وڃان؟“ گيانديو پرسان
ٿي بيٺو هو. نامديو کي ڇا اوهين پاڳل چوندا؟ اهڙا ماڻهو

هن آنند ڪسي ڄاڻپڻ لاءِ سچو رستو آهي ڀڳتي. ان رستي تي هلندي هلندي پرميشور جي ڪاريگري معلوم ٿي ويندي. ان ٿوري ڪلپنا جي اڇڻ سان پيون سڀ ڪلپنائون پنهنجو پاڻ ختم ٿي وينديون. پوءِ جيئن ڳالهين ۾ ڪشش نه رهندي. پوءِ سنسار ۾ هڪ ٿي آنند ڀريل نظر ايندو. مٺائيءَ جا دڪان ڀلي سوين هجن پر مٺاين جا نمونا نه سڀ هڪ جهڙا هوندا آهن. سو جيستائين اصل چيز هٿ نه لڳندي، تيستائين اسين ڇنڊل جهرڪين وانگر هڪ چيز هتان، ٻي هتان جي پيا ڪاليندا سون. صبح جو مان ٽلسي رامائڻ پڙهي رهيو هوس. ڏاڻي جي پرسان جيت گڏ ٿي رهيا هئا. ايتري ۾ اتي هڪ ڪرڙي آئي: ان کي منهنجي رامائڻ سان ڪو واسطو ڪونه هو پر جيت ڏسي کيس ڪيترو نه آنند اچي رهيو هوندو! هوءَ جيئن ٿي جهٽڪو هڻڻ واري هئي ته مون هٿ وڌايو ۽ هوءَ اچي ويٺي. مگر ان جو ڌيان لڳاتار جيتن طرف هو. مون پنهنجي من ۾ چيو ته "تون جيتن کي ڪاڻيندينءَ؟ تنهنجو واسطو پاڻي ٿي تو؟" منهنجو واسطو پاڻي پاڻي ڪين ٿيو. مگر جنهن رس جو آنند آءٌ لٽي رهيو هوس انجو هن ويچاري ڪرڙيءَ کي ڪهڙو پتو؟ هوءَ رامائڻ جو رس چکي نٿي سگهي. ان ڪرڙيءَ وانگيان اسان جو حال آهي. اسين قسمين قسمين رسن ۾ مست آهيون. مگر جي سچو رس ملي وڃي ته ڪهڙي نه بهاري ٿئي. ڀڳوان ڀڳتي روپي هڪ سادن بڻائي رهيو آهي. جنهن سان اسين اصلي رس کي پائي ۽ چکي سگهون ٿا.

٣٤

سڪام ڀڳتيءَ جي اهميت

ڀڳوان ڀڳت جا ٽي پرڪار ٻڌايا آهن: (١) سڪام ڀڳتي ڪندڙ، (٢) نشڪام پر اڻڪالگي ڀڳتي ڪندڙ ۽ (٣) گياني

اچل جڳهه ڏني. مان جيڪڏهن نشڪام نه هجي ها ته ڇا ٿي پيو؟ اصل ڳالهه نه هيءَ آهي ته منش وڃي ڪمالهن ٿو، اگهري ڪٿهن کان ٿو؟ سنسار جي اڳيان هٿ نه ٽنگي، ايشور کان ٿي گهرڻ جي ورتيءَ جي اهميت وڏي آهي.

ڪنهن ٻه نمولي لوهين ڀڳتي مندر ۾ وڃو نه سهين. شروع ۾ جي ڪامنا رکي آيا هوندا ته اڳتي هلي نشڪام ٿيندا. نماءُ ڪيو ويندو آهي. لن جا ڪم هلائيندڙ چوندا آهن: صاحب، لوهين ڏسو نه اچي، کهڙي نه عمدي رنگين ڪنادي نهڻ لڳي آهي. ذرا نمونو نه ڏسو. گراهڪ اچي ٿو. ان تي اثر پوي ٿو. ساڳي ڳالهه ڀڳتيءَ جي آهي. ڀڳتي مندر ۾ هڪ دفعو داخل نه ٿيو. پوءِ الان جي سوڀيا ۽ شڪتي پنهنجو پاڻ ۾ ور ٿي ويندي. سرڳ ويندي ٻڌشٽر سان گڏ آخر هڪ ڪتو وڃي رهيو هو. ڀيم، ارجن سڀ رستي ۾ ختم ٿي ويا. سرڳ جي در وٽ ڌرمراج ڪيس چيو، ”توهين اچي سگهو ٿا پر هي ڪتو اچي نٿو سگهي.“ ٻڌشٽر چيو، ”جي منهنجو ڪتو نه ٿو وڃي سگهي ته آءٌ به ڪين ويندس.“ اهين نه ڪتو ليڃ پراڻي سمجهو ويندو آهي پوءِ ڀلي ٿي هو هڪ ـ مني شهوا ڪندڙ هجي. مگر هو پهن 'مان، مان' ڪندڙن کان نه بهتر آهي. اهو ڪتو ارجن، ڀيم کان ٻه سرپشت ثابت ٿيو. پرميشور طرف ويندڙ ڪٽي هڪ جيت چو نه هجي، پر اهو پرميشور طرف نه ويندڙ وڏي ۾ وڏي شخص کان به الرءِ بهتر آهي. مندر ۾ ڪيترن ۽ ننڍي ٻڍي جون مورتون هونديون آهن. مگر ان ٻڍي ڪي نه سڀ نمسڪار ڪندا آهن. ڇو ته هو رواجي ٻڍو ڪين آهي. هو ڀڳوان جي سامهون رهندو آهي. ٻڍو هوندي به اهو ٻلجي نٿو سگهجي ته هو پرميشور جو آهي. وڏن وڏن سيائن جي پيٽ ۾ هو بهتر آهي. ڪو پاڳل ڀلي چو نه هجي، پر جيڪڏهن ڀڳوان جو سمرڻ ڪري ٿو ته هو نه پوڄينه ٿي وڃي ٿو.

۾ پيا آهن جي استري گهر ۾ نه هئڻ ڪري روئندا آهن. مگر پرميشور جي اڳيان روئندڙ ڀڳت، پوءِ هو پهرين ڪامني جو نه هجي، پر لاثالي آهي. اهو ڀڳت جو اڳيان آهي جو هو گهرڻ جهڙي چيز نه گهري، پر ان ڪري اُسندس سڪام ڀڳتي ڇڏي ڏيڻ لائق آهي، اهو درست نه آهي.

استريون صبح جو اٿي قسمين ورت رکنديون آهن، آرتي ڪنديون آهن، ڏيئا ٻارينديون آهن، تلسيءَ جي پرڪرما ڏينديون آهن. ڇا لاءِ؟ مرڻ کان پوءِ پرميشور جي دَيا حاصل ٿئي. هنجي من جي اهڙي سمجهه ٿي سگهي ٿي. پر ان لاءِ اهي ورت، جپ تپ، اپواس وغيره هو نيم سان ڪنديون آهن. اهڙن ورت نيم وارن گهرن ۾ مهاپرشن جو جنم ٿيندو آهي. تلسيداس جي گهراڻي ۾ رام تيرٿ پيدا ٿيو. رام تيرٿ پارسي ٻوليءَ جو ماهر هو. ڪنهن کيس چيو، ”تلسيداس جي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا آهيو؛ توهين سنسڪرت نٿا ڄاڻو؟“ رام تيرٿ کي هيءَ ڳالهه چڀي وئي. گهراڻي جي ياد جي ڪيڏي نه شڪتي! ان ڪري اُتساهه سان هو سنسڪرت جي اڀياس ۾ لڳي ويو. تنهن ڪري استريون، جو ڀڳتي ڀاو رکنديون آهن، انهن کي چٿر نه ڪرڻ گهرجي. جتي ڀڳتيءَ جو ڪڻو ڪڻو گڏ ٿئي ٿو، اتي تيجسوي سنتان پيدا ٿئي ٿي. الڪري ڀڳوان چوي ٿو، ”منهنجو ڀڳت سڪامي هوندو، نه ته به آءٌ سندس ڀڳتيءَ کي دڙهه ڪندس. سندس من ۾ الجهن هئڻ نه ڏيندس. جيڪڏهن هو سچيءَ دل سان مولڪي پرارٿنا ڪندو ته منهنجي بيماري دور ڪر، ته مان سندس تندرستيءَ جي ڀاونا مضبوط ڪري سندس بيماري دور ڪري ڇڏيندس. ڪڏهن به نمت هو مون وٽ ايندو ته مان سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيري، کيس اوس پنهنجو ڪندس. ڏروءَ جو مثال وٺو. پتا جي هنج ۾ ويهي ڪين سگهيو ته ماتا چيس ته ايشور کان اها جڳهه گهر. هو پوڄا ۾ لڳي ويو. ڀڳوان کيس

۾ ڀلا ڪهڙي خوبي آهي؟ اها به ته آخر هڪ اڇي مٽي ئي آهي. ان لاءِ ڇو ٿا ڇپ ڇپيو. ايڏو وڏو هي سورج اڀريو آهي. اهڙي هيءَ سندر ندي وهي رهي آهي. انهن مان جي پرميشور جو اپوءِ نه ٿيندو ته ٻيو ڪٿي ٿيندو؟“ انگريزي ڪوي ورڊسورٿ وڏي ذاتي ڏک سان ڇوٽي تو ته ”ٻهرين جڏهن مان الڊلٽ ڏسندو هوس ته نچڻ لڳندو هوس. هردو لهرون مارڻ لڳندو هو. پر اڄ مان ڇو نٿو نچي سگهان؟ نديءَ واري جيون جو ميناج وڃائي آءٌ پٿر نه ته ٿي ويو آهيان؟“

مطلب ته نشڪام ڀڳتي يا ڀڳوان انسان جي ڀاونائن جو به وڏو وزن، گهڻو ملهه ٿيندو آهي. آخر ۾ ان مان زبردست طاقت پيدا ٿيندي آهي. ساهه وارو ڪوبه، ڪهڙو به هجي ته جيڪڏهن هڪوار پرميشور جي دربار ۾ اچي ته ته پوءِ طو قابل ٿي وڃيتو. باهه ۾ ڪنهن به ڪاٺيءَ کي وجهو ته اها جلي ويندي. تئن پرميشور جي ڀڳتي به لاثاني ساڌنا آهي. پرميشور نشڪام ڀڳتيءَ جو به قدر ڪندو آهي، ڇو ته اڳتي هلي اها ڀڳتي نشڪامتا ۽ پورنتا ڏانهن وٺي ويندي.

۳۵

نشڪام ڀڳتيءَ جا نمونا

هي نشڪامي ڀڳتن جو نمونو ٿيو. هاڻي نشڪام ڀڳتي ڪندڙ سان ملون. انهن ۾ به ٻه نمونا آهن. ايڪانگي ۽ ڀرورانگي. ايڪانگي جا به ٻي نمونا آهن. ٻهرين اڇن ٿا آرت ڀڳت. آرت ڀڳت ٿيندو آهي دکيا پيندڙ، ڀڳوان لاءِ روئندڙ رڙندڙ ۽ تڙپندڙ. جنن نامديو. هو ان ڳالهه لاءِ آتڻ ته وياڪل، آتر ۽ آتو رهندو آهي ته ڪڏهن ڀڳوان جي پريم رس جو مزو چکندس. ڪڏهن سندس ڪلي ۾ لپيٽبي جيون سڦل ڪندس. ڪڏهن سندس چرڻن ۾ پاڻ آپي

هڪ دفعي ريل ۾ وڃي رهيو هيس. جمنا جي پل لسي گاڏي آئي. پر واري ماڻهوءَ ڏاڍي التماس سان هڪ آڌيلو نديءَ ۾ وڌو. پر سان هڪ لڪته جهڙو مهاشيه ويٺو هو. چوڻ لڳو، "ديش اڳيئي ڪنگال ٿي رهيو آهي؛ هي ماڻهو اجايا پئسا پيا نديءَ ۾ اڇلين." مون چيو ته "توهان انجو مقصد سمجهو ٿي ڪونه. جنهن ڀاونا سان هن پئسو، آڌيلو اڇليو، ان جي قيمت ٻه چار پئسا ٿي سگهي ٿي ڀلا؟ جيڪڏهن ٻئي ڪنهن ستي ڪارڻ لاءِ اهي پئسا دان ڏنا وڃن ها ته اجايا وڃڻ ڪجهه گهٽ ٿي ها. پر ان ڳالهه جو ويچار ڪنداسين [illegible] مگر ان ڀاوڪ آدميءَ ته ان ڀاونا سان الباهه [illegible] ڪيو آهي، ته هيءَ ندي جڳ ايشوري دئيا جي [illegible] وهي رهي آهي. ان ڀاونا لاءِ ڇا توهان جي [illegible] ۾ ڪا به جڳهه نه آهي؟ ديش جي هڪ نديءَ [illegible] سبلس هردو ڪومل ٿي ويو. جيڪڏهن توهين هن ڀاونا جو قدر ڪري سگهو ته مان توهان جي ديش ڀڳتيءَ [illegible] سمجهي سگهندس. ديش ڀڳتيءَ جو مطلب ڇا رڳو [illegible]؟ ديش جي هڪ مهان نديءَ کي ڏسي جيڪڏهن هيءَ ڀاونا من ۾ جاڳي ته پنهنجي ساري جائداد هن ۾ ٻوڙي [illegible]، ان جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪري ڇڏيان ته اها ڪهڙي [illegible] ديش ڀڳتي ٿيندي؟ اها سڄي ڌن دولت، هي سڀ [illegible] ڳاڙها پٿر، جيڪي جي وشتا مان ٺهيل هي موتي؛ [illegible] مان ٺهيل هيرا، الهن سڀني جي قيمت ڀاڳيءَ ۾ ڦٽي ڪرڻ لائق آهي. پرميشور جي چرڻن اڳيان هي سڀ [illegible] ڌوڙ، مٽي ٿي سمجهو. توهان چوندا ته "نديءَ جو؛ پرميشور جي چرڻن جو ڪهڙو لاڳاپو؟" ته مان پڇان ٿو ته ڇا توهان جي دنيا ۾ پرماتما کي ڪا جاءِ آهي؟ ندي آهي [illegible]؛ هنڌ روجن. سورج آهي گئس جي ٻتيءَ جو هڪ وڏو گولو. ان کي نمسڪار ڇا لاءِ ڪريون؟ نمسڪار ڪرڻ ٿو پولو، صرف توهانجي روئيءَ کي! پر اهڙيءَ روئيءَ

سو سڀ پرميشور جو روپ. ٻڍڙيو، ٻاراڻو، فقير امير، نر ناريءَ پسون پکيءَ سڀ ۾ پرماتما جوئي پورو درشن.

'ٻارن وڏن ۾، ناري نر ۾؛
ڏسان شال سائين، سدا روپ سندر.'

سنت تڪارام جي اهڙي پرارٿنا آهي. هندو ڌرم ۾ جئن ناڳ پوڄا، هاٿيءَ جي سونڊ رکندڙ ديوتا جي پوڄا، وڻن جي پوڄا وغيره، جي جڙ ڀاڳپٽيءَ جا نمونا آهن، ان کان ٻه وڏيڪ ڀاڳپٽي جو ڪمال گياني ڀڳتن وٽ ته ڏسڻ ۾ اچي. انهن کي ڪير ٻه چوڙ ملي، انهن کي ڪٿليءَ کان وٺي چنڊ سورج تائين هر هنڌ هڪ ئي پرميشور ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ سندن هردو آنند کان ڇوليون مارڻ لڳندو آهي.

'پوءِ انهيءَ جو سک اپار، آنند ساگر ۾ هو ٽمٽار.'

اهڙي هن ايشور درشن کي ڀلي لوهين ڀرم چئو. مگر اهو پڻ سچ پچ سکن جو پيدار آهي. آنند جو گهر ۽ خزانو آهي. گنيو ساگر ۾ ڪيس پرتيشي جو آنند ڏسڻ ۾ اچيتو. گنو ماللا ۾ ڪيس ايشور [illegible] ۾ ايشور جهڙي طاقت پسجڻ ۾ اچي ٿي. [illegible] سندس [illegible] سچ چنڊ تارن ۾ سندس تيج ۽ شان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گل ۾ سندس ڪوملتا ڏسجي ٿي. ٻن ماڻهن ۾ ٻوليا ونديءَ اهو ايشور ڏسڻ ۾ اچيتو. اهڙيءَ طرح هڪ ئي پرماتما هر هنڌ حاضر ناظر آهي. هي ڏسڻ جو اڀياس، گياني ڀڳت ڪندو آهي. اهين ڪندي هو گياني ڀڳت هڪ ڏينهن ايشور سان ئي ملي ويندو.

آرتوار: ٣-٤-١٩٣٢.

ڏليه ڙيندس. هوهڪ ڪم ۾ هو اهو ڏسندو ته سچائي
لڳن، ڙياڪلتا ۽ پريم آهي يا نه؟ اهو قسم آهي جڳياسن جو
في الحال اسانجي ديش ۾ هن قسم جا ڀڳت گهٽا ڪولهن
هن درجي جا ڀڳت گوري شنڪر هماليه جي چوٽيءَ تي
بار بار چڙهندا ۽ مرندا، ڪي اتر ڌروءَ جي ڳولها ۾ نڪرندا
۽ پهچي ڪوچ جو قل ڪاغذ تي لکي شيشي جي ٻاٽليءَ
بند ڪري پاڻيءَ ۾ ڇڏي مري ويندا. ڪي جوالامکيءَ جي
منهن ۾ ويندا. اجا ته هندستانين لاءِ موت هڪ هائو آهي
ڪتب جي پالڻ پوشڻ کان سواءِ ڪو پرشارٿ ٿي نه رهيو
آهي. مگر جڳياسو ڀڳت وٽ زبردست جڳياسا ٿيندي آهي
هو هرهڪ وستوءَ جي گڻ ڌرم جي ڳولها ڪندو آهي. منش
جٽن لديءَ وسيلي آخر سمندر تائين پهچندو آهي اهڙيءَ طرح
جڳياسو به الک ۾ پرميشور تائين پهچي ويندو آهي. ٽيون
قسم آهي ارٿارٿين جو. ارٿارٿيءَ جو مطلب آهي هرهڪ ڳالهه
۾ ارٿ ڏسڻ وارو. ارٿ جو مطلب هتي رپيا پئسا ناهي
بلڪ فائدو يا ڪلياڻ. ڪنهن به ڳالهه جي جاچ ڪندي
ان کي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو ته هن دوارا سماج جو ڪهڙو
ڪلياڻ ٿيندو. هو ڏسندو ته مان جو ڪجهه چوان، لکان
ڪرڻالتو ان مان سنسار جو ڪلياڻ ٿيندو يا نه. بيڪار يا
فائدي وارو ڪم ڪنهن منظور نه پوندو. ڪيس سنسار جي
ڪلياڻ ڪرڻ ۾ لين ٿيل مهاتما ٿي سمجهو. جڳت جو ڪلياڻ
سندس آنند آهي. ٿوري ۾ چئجي، ته پريم جي نظر سان سڀني
ڪرڻالن ڏانهن نهاريندڙ آرت، گيان جي نظر سان ڏسندڙ
جڳياسو، ۽ سڀ جي ڪلياڻ جي نظر سان ڏسندڙ ارٿارٿي آهي

هي، ٽيئي ڀڳت آهن نشڪام، پر ايڪانگي آهن. هڪ
ڪرم دوارا، ٻيو هردي دوارا، ٽيون بڌيءَ دوارا ايشور
نومت پهچي ٿو. هاڻي رهيا باقي پورڻ ڀڳت. انهن کي گيان
ڀڳت به چئجي ٿو. هن ڀڳت کي جو ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي

۽ گيان نہ ڦٽر لڳي وڃن ٿا. ٻيءَ پاريءَ ۾ صرف سنسڪار لڳي وڃن ٿا. واقعا جو سمهڻ وقت جي ڏينهن جون سڀ ڪرڻيون ياد ڪرڻ لڳون ٿا تہ ياد ٿيون اچن. ياد ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرڻيون ايندڙيون آهن؟ اهي ئي ڪرڻيون اکين سامهون اينديون آهن جي تمام اثرائتيون ٿيل هونديون آهن. جيڪڏهن انسان جو ڪنهن سان تڪرار جهيڙو ٿيو هجي تہ اهو ياد رهندو آهي. جو تہ ان ڏينهن جي اهائي مکيہ ڪمائي هوندي آهي. مکيہ ۽ صاف ڪرڻيون جا سنسڪار من ۾ ڏاڍا گهرا پوندا آهن. مکيہ ڪرڻيون ياد رهنديون آهن. باقي سڀ ڪرڻيون ڦڪيون ٿيون وينديون آهن. جيڪڏهن روزانو لکو ويهون تہ بہ چار ڳالهيون لکي وٺون ٿا. جيڪڏهن هر هڪ ڏينهن جي اهڙن سنسڪارن کي وٺي هفتي جو حساب لڳائڻ وهون تہ ٿيون ۽ ڳالهيون ان مان لڪي وينديون ۽ هفتي جون مکيہ گهٽنائون ئي قائم رهجي وينديون. وري مهيني کان پوءِ اسين پنهنجن ڪمن جو حساب لڳائڻ وهون تہ اوترديون ڳالهيون ئي سامهون اينديون جيڪي ان مهيني ۾ خاص مکيہ ٿي رهيون هونديون.

اهڙيءَ طرح پوءِ ڇهماهي، سال، پنجن سالن جو حساب لڳايون تہ تمام ٿوريون ڳالهيون باقي بچنديون ۽ تمام مکيہ ۽ اهم ڳالهيون ئي يادگيريءَ ۾ اينديون ۽ انهن جا سنسڪار باقي رهندا. ٻي الڳ ڪرڻيون ۽ ٻي اهم گيان جي لڳي وڃڻ سان ۾ آخر من ۾ باقي ٿوريون ڳالهيون رهجي وڃن ٿيون. هي جدا جدا ڪرم ۽ گيان آيا ۽ پنهنجو پنهنجو ڪرم ڪري هليا ويا. هاڻي انهن سڀني ڪرمن جا پنج ڏهہ پڪا سنسڪار ئي باقي رهجي وڃن ٿا. هي سنسڪار ئي انسان جي پونجي آهن. اسين جيئن روپيي واپار ڪري صرف سنسڪار روپي پونجي ٺاهيون ٿا. جيئن جو حال هڪ واپاريءَ وانگر آهي. جيئن واپاري روزانو، ماهوار ۽ ساليانو پورتاميل ڪري آهر ۾

اڌياءُ اٺون

ڪرم جو اٽل ڀوڳ

۳٦

شڀ سنسڪار

منش جو جيون ايڪ سنسڪارن سان ڀريل لڳي ٿو. اتان ڪان ايڪ ڪرياڻون ٿينديون رهن ٿيون. جيڪڏهن اسين انهن جو حساب لڳايون ۽ ڪرياڻون ڳڻڻ لڳون ته انهن جي ڳڻپ ڏکي ٿي پوندي. کائڻ، پيئڻ، ويهڻ، سمهڻ، گهمڻ، ڪرم ڪرڻ، لکڻ، ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ، انهن کان سواءِ ڪيترن ئي قسمن جا سپنا، راڳ دويش، سک دک وغيره اهڙا بيشمار ٿيندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن سڀني جا سنسڪار آسانيءَ سان من تي پوندا رهن ٿا. انڪري ڪير مون کان پڇي ته جيون ڇا کي چئجي ٿو؟ ته مان ان جي وصف ڪندس. سنسڪارن جو سنگرهه.

سنسڪار ٻن قسمن جا ٿين ٿا: چڱا سنسڪار ۽ برا سنسڪار، ٻنهي جو اثر منش جي جيون تي پوندو آهي. ننڍيءَ وهيءَ جي ڪرياڻن جي ته اسانکي ياد به ناهي. سارو ٻالڪپڻ اهڙيءَ طرح اُگهجي وڃي ٿو جڻ سليٽ تي لکيا اُگهي ڇڏيل هجن. اڳين جنم جا سنسڪار ته بلڪل ئي متجي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري هن ڳالهه ۾ به شڪ ٿئي ٿو ته اڳيون جنم به ڪو هو يا نه. جڏهن هن جنم جو ٻالپڻ ئي وسري وڃي ٿو ته پوءِ اڳين جنم جي ڪهڙي ڳالهه؟ اڳين جنم کي ڇڏيو. اسين هن جنم جو ويچار ڪريون. جيتريون ڪرياڻون اسانکي ياد رهن ٿيون اوتريون ئي ٿينديون آهن، ائين ناهي. ڪرياڻون ته ايڪ ٿينديون آهن ۽ گيان ۾ ايڪ آهن. مگر هي ڪرياڻون

اڳياڙي سرهي". آخر ڇڱو سوني ڇڱو. ان آخرين جواب ۾ ڏيان رکي سڄي جيون جو سوال حل ڪرڻ گهرجي. ان مقصد کي نظر ۾ رکي سڄي جيون جي تجويز ٺاهيو. جيڪڏهن ڪ سوال حل ڪندا آهيون ته جيڪو خاص سوال پڇيو ويندو آهي، ان کي سامهون رکي جواب ڏيندا آهيون. اهڙيءَ ريت ٿي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. تنهنڪري مرڻ وقت ڪهڙا سنسڪار پڪا رهن يا ٿين، ان خواهش کي جاڳي، ان انوسار ئي سڄي جيون جو وهڪرو موڙڻ گهرجي. ڏينهن رات ان طرف ئي اسان جو جهڪاءُ هئڻ گهرجي.

٣٧

موت نه وسار

هن اتين اڏياءَ ۾ هي سڌانت ٻڌايو ويو آهي ته جي اوڀچار مرڻ وقت بلوان رهن ٿا، اهي ئي ٻئي جنم ۾ طاقتورا ثابت ٿين ٿا. اهو سمر ڪٺي ياترا لاءِ لڳرجي ٿو. اڄ ڏينهن جي ڪماڻي ڪٺي تنهن کان پوءِ اسين پيو ڏينهن سياڻي شروع ڪريون ٿا. اهڙيءَ طرح هن جنم جي پوڄي ڪٺي موت روپي تنهن کان پوءِ وري اسانجي ياترا شروع ٿئي ٿي. هن جنم ۾ جيڪا پڇاڙي آهي اهائي ٻئي جنم جي شروعات آهي. تنهنڪري سدائين مرڻ جي ياد رکي هلو.

مرڻ جـــي ياد رکڻ جي ضرورت ان ڪري به آهي ته موت جي ڀيانڪ حالت جو مقابلو ڪري سگهون ۽ ان جو رستو ڳولهي سگهجي. ايڪناٿ مهراج جي ڳالهه ٻڌو. هڪ سڄڻ ڪالهه پڇيو، "مهراج! اوهان جو جيون ڪهڙو نه سڌو سادو، ڪيترو نه نشپاپ آهي! اسانجو جيون اهڙو ڇو نه ٿيو ٿئي؟ اوهين ڪڏهن، ڪنهن تي ڪاوڙ ڪرو نه ڪريو، نه ڪنهن سان جهيڙو جهٽو، نه ـــ ڪو گوڙ گهمسان، ڪهڙو نه شانت،

نفعي نقصان جو الڳ ڪيل هوندو آهي، جيئن جو ٻه هوبهو اهڙو ئي حال آهي. انيڪ سنسڪارن جو جمع خرچ ٿيندي ٿيندي آخر هڪ مايدار ات جهڙي چيز باقي بچي رهي ٿي.

جڏهن جيون جي آخرين گهڙي اچي ٿي تڏهن جيون جي باقي روڪڙ، آئينا ياد اچڻ لڳي ٿي. ساري زندگيءَ ۾ ڇا ڇا ڪيوسين، ان جي جڏهن ياد ڪندا آهيون ته ساري ڪمائيءَ جي روپ ۾ ٻه چار ڳالهيون نظر اينديون آهن. انجو هي مطلب ناهي ته باقي سڀ ڪرم، گيان وئرٿ ويا. پر انهن جو ڪم پورو ٿي ويو آهي. هزارن لکن جي ڏي گهڙ ڪرڻ کان پوءِ آخر ۾ ڪل چار پنج هزار نفعو يا ڏهه ويهه هزار نقصان ۾ ايترو ئي واپاريءَ جي هٿ لڳندو آهي. نقصان ٿيو ته دل تي لهي ويندي آهي، پر نفعو ٿيو ته دل ڦولجڻ لڳندي آهي.

اسانجي جيون جي به اهڙي ڳالهه آهي. مرڻ وقت جي کاڌ جي واسنا ٿئي ته سمجهو ساري زندگي سوادي کاڌ جو ئي اڀياس پئي ڪيو اٿئون. کاڌ يا سواد جي واسنا ئي اسانجي زندگي ۾ جي ڪمائي سمجهڻ گهرجي. ڪنهن ماتا کي مرڻ وقت، ٻار جي ياد آئي ته سمجهه پتر پريم ئي بلوان سمجهڻ گهرجي. باقي جيڪي بي انداز ڪرم هن ڪيا سي سڀ رواجي هوا. حسابن ۾ اٿپور جا سوال هوندا آهن. ڪيترا ته وڏا وڏا الڳ! مگر انهن کي ساديءَ صورت ۾ آڻيندي آخر ۾ هڪ يا ٻڙي جواب ايندو آهي. اهڙيءَ طرح جيون ۾ سنسڪارن جا انيڪ تعداد هلندي آخر ۾ هڪ بلوان سنسڪار ئي سار روپ ۾ رهجي ويندو آهي. جيون روپي سوال جو اهو ئي جواب ٿيندو آهي. آخرين گهڙيءَ جي ياد ئي ساري جيون جو ڦل ٿيندي آهي.

جيون جو هيءُ آخرين سار سندر هئڻ گهرجي. پڇاڙيءَ جي هيءَ گهڙي مٺڙي، سهڻي ٿئي، ان نظر کان جيون جا سڀ ڪم هئڻ گهرجن. ”جنهن جي پڇاڙي مٺي تنهن جي

ڳالهه ٻنهي جي سامهون نٿو رکي ۽ موت کي ياد ڪري ڪٿي هلان." انسان کي موت جو نه اکر به نٿو وڻي. ڪاڻ وقت جي ڪنهن موت جو نالو ڪڍي ورتو ۽ چوندا آهن ڪيتري نه عجيب ڳالهه واهه مان ٿو ڪڍين. مگر انترو ٿيندي ۽ اسانجو هر هڪ قدم موت جي طرف ٿي ۽ وڌي رهيو آهي. ٻهني جسي لڪيت وٺي جيڪڏهن ڪو دعوا سين ريل ۾ وهاسين ۽ اسين ٻلي ٿي وينا هجون ۽ به گاڏي ۽ اسانکي ٻمبئي وٺي هلي چڏ ٻهدي. عمر ٿيندي ٿي اسان موت جي لڪيت وٺي رکي آهي. هاڻي اوهين وينا رهو يا ڊوڙندا رهو. وينا رهندا ۽ به موت ايندو. توهين موت جو ويچار ڪريو، خواهه نه ڪريو، اهو اچڻ کان نه رهندو. مرڻ ۽ نشچيه ٿي آهي باقي ڳالهيون ٻلي انشچت هجن. سورج اولهه طرف هليو ۽ معني اسانجي عمر جو حصو ڪاٽي ويو. جيون جا ڏينهن اڳين کٽجي ويا آهن. جيون گهٽجي رهيو آهي. تڏهن به انسان کي ان جو ويچار نٿو ٿئي. گياليشور چوٿو "عجيب ڏسجي ٿو."

گياليشور مهراج کي عجب ٿو لڳي ۽ انسان ايترو بيفڪر ڇو آهي؟ مش کي مرڻ جو ايترو ڊپ ٿو لڳي جو هو مرڻ جو ويچار به سهي نٿو سگهي. هو سدائين اڳجي ويچار کان، خيال کان ٻي ڀڄندو رهڻ چاهيندو. اکين تي پردو وجهي ويهي رهي ٿو. مرڻ جو خيال ۽ اچي ان لاءِ لڙائي ۾ ويندڙ سپاهي راند ڪندا آهن، ليڇندا ڳائيندا آهن، سگريٽ ڇڪيندا آهن. پاسڪل چوٿو ۽ "مرڻ هر هنڌ ظاهر ڏسندي به هي سپاهي ان کي ٻلجڻ لاءِ ڪائڻ پيئڻ ۾، ڳائڻ وڄائڻ ۾ لڳي مست هندو آهي."

اسين سڀ هن سپاهيءَ وانگر آهيون. جهري کي ڪول ڪامڪ ٻنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، سڪل هجي ۽ نيل پائوڊر لڳائڻ، وار سفيد ٿي ويا هجن ۽ خضاب لڳائڻ وغيره جون ڪوششون انسان ڪري ٿو. جائي ٿي موت ڏسي رهيو آهي،

ڪمرو نہ ٻرندو ٻرندو ۽ ٻرندو؛ اوھانجو سچو آھي!" ايڪناٿ چيو، "في الحال منھنجي ڳالھ ڇڏي ڏي. تنھنجي ٻاري ۾ مونکي ھڪ ڳالھ معلوم ٿــي آھي. اڄ کان ستين ڏينھن تنھنجو موت ٿيڻو آھي." ھاڻي ايڪناٿ جي جھل ڳالھ کي ڪوڙو ڪيئن سمجھندو؟ ستن ڏينھن ۾ موت! باقي فقط ١٩٨ ڪلاڪ ٿي رھيا آھن. ھي ڀڳوان! ھي ڪھڙو انياءُ! ھو آدمي جلدي جلدي گھر ويو. ڪجھ سجھيس ٿي نہ. آخري وقت ۾ سڀ ڪجھ سميٽڻ جون ئي ڳالھيون ڪري رھيو ھو. بيمار ٿي پيو. بستري تي ليٽي پيو. ڇھ ڏينھن گذري ويا. ستين ڏينھن ايڪناٿ کيس ملڻ آيو. ھن آخرين ٻولا سان نمسڪار ڪيو. ايڪناٿ پڇيس، "ڪھڙو حال آھي؟" جواب ڏنائين: "بس، ھاڻي ھليو." ايڪناٿ پڇيس، "ھنن ڇھن ڏينھن ۾ ڪيترو پاپ ڪيئہ؟ پاپ جا ويچار من ۾ ڪيترا آيا؟" ھو، مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پيل، چوڻ لڳو، "ناٿ، پاپ جي ويچار ڪرڻ جي تہ بلڪل واندڪائي نہ ملي. موت لڳاتار اکين سامھون کڙو رھيو ٿي." ايڪناٿ چيو، "منھنجو جيون اھڙو نشپاپ ڪئن آھي ان جو جواب ھاڻي مليئہ نہ؟ موت روپي شينھن جيڪڏھن ھميشہ سامھون رھي تہ پوءِ پاپ ڪنھن کي سجھندو؟ پاپ ڪرڻ لاءِ بہ واندڪائي گھرجي. تنھنڪري مرڻ کي سدائين ياد ڪرڻ، مرڻ کان مڪت ٿيڻ جو اپاءُ آھي. جيڪڏھن موت ھميشہ سامھون پيو ڏسجي تہ منش ڪھڙي طاقت سان پاپ ڪندو؟"

پر منش مرڻ جي ياد ٽاريندو آھي. پاسڪل نالي ھڪ فرينچ فيلسوف ٿي گذريو آھي. سندس ھڪ ڪتاب آھي "پانسي." پانسي معنيٰ "ويچار". ھن ان ڪتاب ۾ جدا جدا ترح ويچار ڏنا آھن. انھن ۾ ھو ھڪ ھنڌ چوي ٿو، "موت سدائين پاسان کڙو بيٺو آھي. مگر منش جي ھيءَ ڪوشش سدائين چالو آھي تہ ھن کي ڪئن ٽاري وڃان. ليڪن ھو اھا

هميشه ٿي رهي آهي. مگر ان ڪري مرڻ ٽري ويندو ڇا؟
سڀاڻي ماڻهو مرندي ته موت اچي سامهون بيهندو. انسان لريتا
سان موت جو ويچار ڪري ان مان رستو ڪڍڻ جي همت
ئي ڪو ڪري. ڪنهن هرڻ جي پٺيان شينهن پيو آهي. هرڻ
ڀيو ڀڄڻ ڪري خوب ڀڄندو آهي. سندس شڪتي گهٽجي
وڃي ٿي ۽ آخر ٿڪجي پوي ٿو. پٺيان هو موت روپي شينهن
ڊوڙندو اچي رهيو آهي. اُن وقت هرڻ جي ڪهڙي
حالت هوندي آهي؟ هو اُن شينهن طرف ڏسي به نه سگهندو
آهي. هو مٽيءَ ۾ سڱ ۽ منهن وجهي ويهي رهندو آهي. ڄڻ
ته ڪو ٿي چوندو آهي "اچي مونکي هڙپ ڪر." ائين
ئي اسين به موت طرف ڏسي نٿا سگهون. ان کان ڀڄڻ لاءِ
اسان هزارين تجويزون ڪنداسين تڏهن به آخر ۾ اچي ٿو
ڪنڌ کان جهلي.

جڏهن موت ايندو آهي ته انسان پنهنجي جيون جي ٻاقي
روڪڙ ڏسندو آهي. امتحان ۾ ويٺل آلسي ۽ موڳو وديارٿي
گهڙيءَ ۾ قلم وجهي ٿو ۽ ٻاهر ڪڍي ٿو. پر لکڻ جي همت
نٿي ٿئيس. اڙي ٻالڪ، ڪجهه لکندين يا نه؟ وديا ديوي
سرسوتي تو وٽ اچي جواب لکي ويندي؟ ٽي ڪلاڪ ختم
ٿي وڃن ٿا، هو ڪورو ڪاغذ ڏيئي ڇڏي ٿو يا آخر ڪجهه
نه ڪجهه الڪڙا ٻالي ڏئي ٿو. سوال کي حل ڪرڻ، جواب
لکڻ سجهيس ئي نٿو. هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو رهي ٿو.
اهڙو ئي اسان جو حال سمجهو. ڀلهڪري اسان کي گهرجي
ته اسين ان ڳالهه کي ياد ڪريون ته جيون جو هڪ سرو موت
جي طرف ويل آهي، ان ڪري آخرين گهڙيءَ کي پيچوان،
پوتر ۽ منوهر بڻائڻ جو ابهياس جيون ۾ ڪرڻ گهرجي. اڄ کان
ئي ان ڳالهه جو ويچار ڪندو رهڻ گهرجي ته من ئي اوچي
۾ اوچا ۽ سندر ۾ سندر سنسڪار ڪهڙا ٿين؟ مگر چڱن
سنسڪارن جي ابهياس جي ڪنهن کي پئي آهي؟ ان جي اهڙ

پوءِ به انهن سڀني والنگر الڪي وسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پوڻ چاهي کڙيون ته ڳالهيون ڪريو پر موقعي جي ڳالهه نه ڪجو. جيڪڏهن مسٽر ڪ پاس ٽيڪل ڇوڪري کان پڇو ته اڳتي ڇا ڪندين؟ ته هو چوندو آهي، هاڻي نه نه پڇو. اڃا ته پورا ٽين سال ۾ آهيان. ٻئي سال وري پڇندا ته چوندو، "پورا ٽين الٽر پاس ڪري ڏيو پوءِ ڏسنداسين." اهو ئي سلسلو هلندو ٿو. جو آئينده ليڪ وارو آهي، ان جو ويچار ڇا پوءِ به نه ڪرڻ گهرجي؟ اڳتي قدم جي پاري ۾ پورا سوچي وٺڻ گهرجي. نه ته هو ڪڏهن ۾ ڪري سگهي ٿو. مگر ڏاڍا ٿي ان کي ٽاريندو آهي. ويچاري جي سڪيا ٿي اهڙي انڪار واري هوندي آهي جو ڪنهن ٻئي پاسي جو آئينده ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي. ڇاڪاڻ ته هو آئينده جو سوال اڳيان اچڻ ٿي نه ڏئي. جو نه ڪنهن ڇوطرف انڪار ٿي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مگر سچ پڇو ته آئينده ٽاري ٿي نٿو سگهجي. اهو نه سر تي سوار اچي ٿڪي ٿي ٿو.

ڪاليج ۾ ماستر لاڪ شاستر پڙهائيندا آهن: "منش فاني آهي. سقراط منش آهي. ان ڪري سقراط مرندو." اهڙيءَ طرح اهو انومان ڪرڻ سيکاريندا آهن. هو سقراط جو مثال ڏيندا آهن. خود پنهنجو ڇو نه ٿا ڏين؟ ماستر به نه فاني آهي. مگر هو نه سيکاريندو ته منش ناسولمع آهي، ان ڪري مان ماستر ۽ توهين شاگرد به ناسولمع آهيو. هو ان موقعي کي سقراط مٿان اڇلي ڇڏين ٿا. ڇو ته سقراط مري چڪو آهي. هو اوهان سان لڙڻ نه ايندو. شاگرد ۽ استاد ٻئي سقراط کي موقعي سولي "پنهنجي لاءِ نه مانڊ ته توهان لاءِ به مانڊ،" اهڙو مصلو ڪري وٺن ٿا. ڄڻ هو اهو سمجهي ويٺا آهن ته اسين لڪل سلامت آهيون.

اهڙيءَ طرح اهن موقعي کي اڇلڻ جي ڪوشش هر هنڌ

ساڻ ڪٿي نه چنبڙي رهندي؟ اجاميل جي ڪٿا پڙهي پوءِ ۽ نه پڇجو. هو ڀاڳوان پاپي هو. مگر سندس جيون جي اندر مان ٻچ جي ڌارا وهي رهي هئي. اهو ٻچ آخر جاڳي اٿيو. سدا هر هنڌ پاپ ڪندي آخر ۾ رام نام ضرور ياد اچي ويندو، ان دوکي ۾ نه رهجي وڃجو. ننڍيءَ وهيءَ کان ئي من لڳائي ابياس ڪريو. اهڙي چنتا رکو ته هميشه چڱا سنسڪار لي گڏ ٿيندا رهن. ائين نه چئو ته هن مان ڇا ٿيندو؛ هن مان ڇا ٿيندو. ڇنين ٻجي جو اٿون؟ سٺين ٻجي اڀياسن سان ڇا بگڙندو؟ ائين چوڻ سان ڪم نه ٿيندو. جيڪڏهن من کي اهڙي ڇوٽ آزادي ڏيندا ويا ته آخر ۾ ڦاسي پوندا. پوءِ سڀا سنسڪار لوهان ۾ ايري نه سگهندا. ڪٺو ڪٺو ڪري لڪشمي پيدا ڪئي ڪرڻو پوي ٿو. هڪ هڪ گهڙيءَ کي اجائو وڃڻ نه ڏجي ودبا ڀراپتيءَ ۾ لڳائڻو پوندو. ان ڳالهه جو ڌيان رکو ته هر هڪ گهڙيءَ سنسڪار چڱا ٿي پئجي رهيا آهن يا نه؟ خراب ڳالهه چئبي ته ان وقت برو سنسڪار پوندو. اساڻي هر هڪ ڪريا چيٽي پئجي، اساڻي جيون روپي پٽ کي گهڙي ٿي. ڏيهن چڱيءَ رنڊ ڳاڙهو لڏهن ته سهڻي ۽ خراب وچار اچن ٿا. ڏهن ٻاهر ڏيهن جا وچار سهڻي ۾ اچن ٿا، ائين ناهي. ڪينئن برا سنسڪار غلط ڪارڻ پئجي ويندا آهن. جيئن لتو سگهجي ته اهي ڪڏهن جاڳي اٿندا. الڪري هميشه ۽ هميشه ڳالهه ۾ به سڄاڳ رهڻ کپي. ٻُڏندڙ کي ڪک جو به سهارو ملي ويندو آهي. اسين سمنڊ ۾ ٻڏي رهيا آهيون. جيڪڏهن اسين ٿورو به چڱو ٻوليون ته اهو اسان لاءِ سهارو ٿي پوندو آهي. چڱو ڪم وٿرڻ لڳو وڃي. اهو اسان کي تاري ڇڏيندو. ٿورو ڪري ذرو، برو سنسڪار سان هٽڻ گهرجي. هميشه اهڙا ئي ڪم ڪريون جنهن سان اکيون پوتر رهن، ڪن ڪلا نه سڻن، چڱو ٻوليون. جيڪڏهن اهڙي زبردست خبرداري رکنداسين ته آخر سمي اسان جو ئي

پوءِ ٽائيپ جو اڀياس الهيءَ ڏينهن وانگر ٿيندو رهي ٿو.
جيئن، اڄ ڪن کي اسين جهٽڪو سيکاري رهيا آهيون.
انهن ڪري جسم کي اڻ ڳڻ اڳ اڀياس ۾ لڳائڻ گهرجي.
انهن ۾ ڪيس مستي ٿي وڃڻ گهرجي. جتي ته پل معلوم ٿئي
نه هڪدم اڳڪي سڌارڻ ۾ لڳي وڃڻ گهرجي. پل معلوم ٿيڻ
تي پڇا اسين اُهن جو اٿين: ڪريندا رهنداسين؟ جنهن وقت
اسان کي پل معلوم ٿئي، ان وقت اسان جو پُر جنم ٿيو. ان
کي پنهنجي ٿيمن ٻالپڻ، پنهنجي جيون جي ٽئين پرياڻ
سمجهو. هاڻي لوهين سچ پچ سجاڳ ٿيا آهيو. هاڻي ڏينهن
واٽ جيون جي جاچ پڙتال ڪندا رهو ۽ خبردار رهو. ائين
نه ڪندا ته وري ٿڙ ڪندا. وري پڙين ڳالهين جو جهٽڪو
لڳي ويندو.

گهڻا ڏينهن اڳ مان پنهنجي ڏاڏيءَ سان ملڻ ويو هوس.
ڏاڏي پوڙهي ٿي وئي هئي. مولڪي چوڻ لڳي، "وليا،
هاڻي نه مولڪي يادگيري ٿي لٿي رهي. گيهه جو دٻو ڪٿڻ
رکيان، اُهن ٿي واپس هلي اچان." مگر پنجاهه سال اڳ
جي ڳڻڻ جهڙي هڪ ڳالهه مولڪي چولدي رهندي هئي.
اُن پنج ست اڳ جي ڳالهه ياد لٿي رهي پر پنجاهه سال اڳ
جي ڳالهه سنسڪار اچا ٿالين ٿيو هو. انجو ڪارڻ ڇا؟ زنون
وارين ڳالهه هُن ڪيترن کي ٻڌائي. ان ڳالهه جو همهه ياد
رهندو رهيو. تنهن ڪري اها جيون سان جهلي پيئي. جيون
سان سڪ زري ٿي وئي. مون من ۾ چيو: ڀڳوان ڪري
ڏاڏيءَ کي مرندي ويل اُهن زنون جي ياد نه اچي ته چڱو.

٣٨

مرڻمهو ياد ۾ سدا مست

جيئن جو اسين ڏينهن رات اڀياس ڪريون ٿا، اها اسان

ڻين هڪ هڪ سچ سنسڪار جي ايشوري ڌارا سڀني جيون
، هميشه وهندي رهڻ گهرجي. اهڙو وهڪرو اکنڊ چالو
هندو تڏهن آخر جيتي سگهنداسين. تڏهن ئي اسين هلي
منزل تي پهچڻ جو جهنڊو ڦڙڪائي سگهنداسين. سنسڪارن جو
وهڪرو هڪ ئي طرف وهڻ گهرجي. نه نه جبل تي ڪريل
ٽي، جي سڀني طرف وهڻ لڳو نه پوءِ اهو ڪٿي نه پهچي
سگهندي. ان جي سڀ پاڻي هڪ ئي طرف وهندو
نه ان ڌارا مان وهڪرو، وهڪري مان ندي، نديءَ مان
گنگا ٿيڃي وڃي سمنڊ ۾ ملندي جو پاڻي هڪ ئي طرف
وهيو اهو ئي وڃي سمنڊ ۾ مليو. مگر جو چئني طرف وهيو
سو ڪٿي اڳتي وڃي ختم ئي ٿي ويو. اهڙو ئي حال سنسڪارن
جو آهي. سنسڪار جي ايندا ويا ۽ هلندا ويا نه فائدو ڪهڙو؟
جيڪڏهن جيون ۾ سنسڪارن جو پورو وهڪرو ساڳيو
وهندو رهيو تڏهن ئي پهاڙيءَ ۾ موت، الله جو پيار معلوم
ٿيندو. جو پاڻي رستي ۾ گهٽو نه ٿرسندي، رستي جي موه
۽ لالچ کان بچندي، ڏکي چاڙهي قدم جمائي چڙهندي
چوٽيءَ تي پهتو ۽ متي پهچي دل جو ٻار هلڪو ڪري ۽
پيدن ٿوڙي الي جي کلي هوا جو اپٽ ڪرڻ لڳو نه سندس
الله جو انداز بيا ماڻهو ڇا لڳائي سگهندا؟ مگر جو مسافر
رستي ۾ ئي روڪجي پيو ان لاءِ سورج لٿو پيو آهي.

٣٩

رات ڏينهن پڻ چالو

ڪالهه جي هيءَ آهي نه پاهران هميشه سوڌرم آچرڻ ۽ اندران
هري سمرڻ روپي چت شڌي جي ڪريا، اهڙيءَ طرح جڏهن
اندر پاهر ڪرم وڪرم جا وهڪرا ڪم ڪندا تڏهن مرت
الله دايڪ معلوم ٿيندو. انڪري پيگوان چوي ٿو، 'مولڪي

حڪم هلندو. اسين پنهنجي موت جا سوامي ٿي رهنداسين.

پورا سنسڪار وجهڻ لاءِ من ۾ اوچ ويچار رکڻ گهرجن. همت پورا ڪم ڪندا رهن. 'همت هاج ۾، دل يار ڏي.' اندر من ۾ اهنور پيگٽي، ٻاهران سوڌرم آچرڻ. هٺ سان شيوا روپي ڪرم؛ من ۾ وڪرم. انهن هميشه ڪبندو رهڻ گهرجي. گانڌيجيءَ کي ڏسو، روز چرخو هلائيندو آهي. هو روز ڪتڻ تي زور ڏيندو آهي.' ڀلا روز ڇو ڪتيون؟ ڪهڙي لاءِ ضرورت پيئي؛ ڪتيوسين، نه ته نيڪ نه ٿيندو؟ مگر هي ته وهنوار ٿيو. روز ڪتڻ ۾ روحاني راز آهي. ديش لاءِ مولڪي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو آهي. ان ڳالهه جو اهو چٽن آهي. اهو ست اسان کي هميشه ديدر ناراڻ سان ڳنڍي ٿو. اهو سنسڪار پڪو ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر روز دوا پيئڻ لاءِ چيو. پر اسين هڪ ٻي ڏينهن اها پي ڇڏيون، ته اها پي پئي ڳالهه ٿيندي. دوا جو مقصد ان مان پورو نه ٿيندو. روز روز دوا جو اثر وجهي طبيعت جو روڳ دور ڪرڻ گهرجي. ساڳي ڳالهه جيون جي آهي. شڪر تي ڏيري ڏيري پولڊ ڪري جل چاڙهيو آهي. منهنجو هي دلپسند درشنالت آهي. ليڊي هولڊي مان هميشه هن ڪرپا کي ڏسندو هوس. چوويهن ڪلاڪ ۾ گهٽ ٿيو، نه ته بالٽيون پاڻي ٿيندو هو لڊو پوءِ شو، شڪر تي هڪدم ٻه بالٽيون پاڻي ڇو نه وجهون؟ ان جو جواب مولڪي بالپڻي ۾ ٿي ملي ويو. پاڻي هڪدم وجهڻ سان اهو ڪرم سڦلو ٿي نٿو سگهي. هڪ هڪ بولڊ جي ڌارا لڳاتار پوڻ تي پوڄا آهي. هڪ جهڙن سنسڪارن جي لڳاتار ڌارا وهڻ گهرجي. جيڪي سنسڪار صبح، اهيئي منجهند، اهيئي ڏينهن جو نه اهيئي رات جو؛ جيڪي اڄ نه سڀان ٻه اهيئي، جي سڀان اهيئي نه هڪ سال ڪالهوءِ ٻه اهي ٿي رهندا؛ جيڪي هن جنم ۾، اهو ٿي ٻئي جنم ۾؛ جيڪي جيون ۾ سو ٿي مرڻهوءِ ۾.

ڇڏي ڏيندا آهن. مگر استاد پاڻيءَ ۾ ٽٻي رهندا آهن. اهڙو ڪون سڪندڙ ڦهرڻ نه ٻه چار دفعا ٻڏندو چڙهندو آهي. مگر آخر هو ترڻ جي ڪلا سکي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح پرميسر ۾ انسان کي جيون ڪلا سيکاري رهيو آهي.

٤٠

اونداهي ۽ سهائي پکيہ جو مطلب

ٿڪهڪري پرميسر ۾ شرڌا رکي جيڪڏهن ڪرم، واڻي ۽ من سان ڏينهن رات لڳندا رهندا نه آخرين گهڙي تمام سندر ٿي پوندي. ان وقت سڀ ديوتائون پرسن ٿي ويندا، هيءَ ٿي ڳالهه هن اڌياءَ جي آخر ۾ هڪ مثال وسيلي ٻڌائي وئي آهي. هن نظاري کي اوهين سڀ سمجهي وٺو. جنهن جي موت وقت باهه ٻري رهي هجي، سورج چمڪي رهيو هجي ۽ شڪل پکيہ جو چندرما وڌي رهيو هجي، اترائڻ ۾ سندر صاف آسمان ڦهليل هجي، اهو برهم ۾ لين ٿئي ٿو ۽ جنهن جي موت وقت دونهون ڦهليل هجي، اندر ٻاهر اونداهي هجي، ڪرشن پکيہ جو چندرما گهٽجي رهيو هجي، دکشڻ دشا ۾ ڪارا ۽ ٻادلن وارو آسمان ڦهليل هجي نه اهو وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي ٿو.

گهڻائي ماڻهو هن بيان کي پڙهي چڪر ۾ اچي ويندا آهن جيڪڏهن چاهيو ٿا نه سٺو موت ٿئي نه ان لاءِ اگني، سورج، چندر ۽ آسمان الهن ديوتائن جي ڪرپا ضروري آهي. اگني ڪرم جي نشاني آهي، پکيہ جي نشاني آهي. آخرين گهڙيءَ نه پکيہ جي جوالا جلندي رهڻ گهرجي. نياوڪاري شريءِ راڻائي کي چوندو هو نه لڳاتار فرض پاليندي جي موت اچي وڃي نه اهو مبارڪ آهي. ڪجهه نه ڪجهه پڙهي رهيا هجون، لکي رهيا هجون، ڪوئي ڪم ڪري رهيا هجون، اهڙيءَ حالت

ياد ڪري سمرڻ ڪر ۽ ياد ڪر، ان ۾ لڳي هميشه رڳيو رهه
سدائين ايشور ۾ لين رهه. ايشور پريم ۾ جڏهن اندر ٻاهر رڳي
وسندي ته اهو رنگ ساري جيون ۾ نه هوندو. تڏهن بولڻ
ڳالهين ۾ سدائين آنند معلوم ٿيندو. تڏهن ٻڌڻ ڳالهيون
سمجهڻ ٿي نه ايندي. سندر ۽ اتم منظر جا انگور هن
آهيندا. چڱا ڪرم پنهنجو پاڻ ٿيڻ لڳندا.

هي نه ٺيڪ آهي ته ايشور سمرڻ مان چڱا ڪرم سڀاويڪ
ٿيڻ لڳندا. مگر ڀڳوان جي هيءَ به آگيا آهي ته هميشه ڪم ڪندو
رهه. لڪارام مهراج چوي ٿو:

”ڏينهن رات اسان کي يڌ جي ڏن، اندر ٻاهر، جڳ ۽ من.“
اندر ٻاهر ٻي الڳ دنيا پرپل آهي. هن دنيا سان من جو
جهڳڙو هميشه جاري آهي. هن جهڳڙي ۾ هميشه جيت لڳي
ٿيندي، انهن جٽي نه سگهبو. جو آخر ۾ ڪٽندو سو لڳي سچو
سرٻارو ليکبو. آخر ۾ جو فيصلو ٿيو اهو لڳي سچ. ڪڏهن جس
ملندو ته ڪڏهن اپجس. اپجس يا اسقلتا ملي ته ا، تراس ٿيڻ
جو ڪارڻ ڪونهي. پتر لي الوپهه ڏک هٽڻ سان جي اهو ل
پکو نه وڃين ڏک سان ضرور پهچندو. نه جيسا اهي پهريان
الهه ڏک اچايا ريا؟ سچي ڳالهه نه هيءَ آهي ته ان وڃين
ڏک جي سقلتا جي ٿياري پهريان الوپهه ڏک ڪري رهيا
هئا. تراس ٿيڻ جي معنيٰ آهي ناستڪ ٿيڻ. وشواس ڪرڻو
ته پرميشور اسانجو رکوال آهي. ٻار جي همت وڌائڻ لاءِ ماءُ
ڪيس هٿڙائين هوڏائين وڃڻ ڏئي ٿي. مگر اها ڪيس ڪرڻ
ڪين ڏئي. جڏهن ڪرڻ لڳي ٿو ته جهٽ اچي ڪيس سهارو
ڏئي ٿي. ايشور تولي هميشه نگاهه رکي ٿو. تنهنجي جيون
ورتي جي ڏوري سندس هٿ ۾ آهي. ڪڏهن اها ڏوري
ڪڏهن ڪڏهن ڍلي ڇڏي ٿو. مگر اهو وشواس رکو ته
ڏوري آهي سندس هٿ ۾. ڪنگا جي ڪنارن تي ترڻ سيکاريندا
آهن. ڏوري يا ڪنهن جيله ۾ ٻڌي آدمي؛ ڪسي پاڻي ۾

اڌياءُ نائون

منش شيوا جي راڄ وديا-سمرپڻ يوگ

۴۱

ساکيات انڀو جي وديا

اڄ منهنجي گلي ۾ سور آهي. مونکي شڪ آهي ته منهنجو آواز اوهان سڀني تائين پهچي سگهندو يا نه. هن وقت ساڍو ٻهاءُ واري وڏي ماڻهوءَ پيشوا جي آخرين گهڙي ياد اچي ٿي. هو مهاپرش مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هو. ٻلغم ڏاڍو وڌي ويو هوس. ٻلغم کي اليسار ۾ بدلائي سگهجي ٿو. تنهڪري ماڻهوءَ حڪيم کي چيو ته، ”ڪا اهڙي تجويز ڪريو جنهن سان منهنجو ٻلغم هٽي وڃي؛ ان جي بدلي اليسارُ ڀلي ٿئي. الڪري واڻ صاف ٿي پوندو؛ مان رام نام جپي سگهندس.“ مان ته اڄ پرماتما کي پرارٿنا ڪري رهيو هوس. ڀڳوان چيو: ”جهڙو ڪلو اليٽي تنهن سان تيئي ڳالهائيندو رهه.“ مان اهڙي گيتا ٻڌائي رهيو آهيان. اهو ڪنهن کي اپديش ڏيڻ لاءِ نه. جو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهيندو انکي ته اوس ملندو. پر مان ته گيتا رام نام سمجهي ٻڌائي رهيو آهيان. گيتا جو ورڻن ڪندي منهنجي ٻولي 'هري نام' جي رهندي آهي.

مان جو ڪجهه اڄ چئي رهيو آهيان ان جو نائين اڌياءَ سان لاڳاپو آهي. هن اڌياءَ ۾ هريءَ نام جي عجيب مهما ٻڌائي ويئي آهي. هي اڌياءُ گيتا جي وچم آهي. سڄي مهاڀارت جي وچم گيتا ۽ گيتا جي وچم هي نائون اڌياءُ آهي. گهڻن سببن ڪري هن اڌياءَ کي پوترتائي ملي آهي. چون ٿا ته گيانديو جڏهن آخرين سماڌي ورتي ته هن اڌياءَ جو پاٺ ڪندي پراڻ ڇڏيا هئائين. هن اڌياءَ جي صرف سمرڻ سان ئي منهنجون اکيون ڀرجي اچن ٿيون. دل ۾ ڀرجي اچي ٿي.

۽ مان مري وڃڻ کان مان سڀاڳو. ٻاهر جلي رهي آهي الڳ
اهو مطلب ته مرڻ وقت به ڪرم ڪندا رهون. هيءَ اگني
جي ڪرڻا آهي. سورج جي ڪرڻا آهي ته ٻڌيءَ جي چمڪ
آخر تائين ليڪ رهڻ گهرجي. چندرما جي ڪرڻا جنهن جو مطلب
آهي ته موت سمي ٻوليءَ ڀاو ۾ هميشه وڌندي رهي. چن
من جي ڀاونا جو ديوتا آهي. شڪل پڪيءَ جي چندر وانگ
من جو پريم، ڀڳتي، الساهه، پراپڪار، ديا وغيره شڌ ڀاوناٺ
جو پورو واڌارو ٿيڻ گهرجي. آسمان جي ڪرڻا جو مطلب آهي
نه هردي-آسمان ۾، موهه روپي بادل بلڪل نه رهڻ گهرجن
هڪ دفعي گاللابجيءَ جيو مان ڏينهن رات چرخو چرخو ڪري
رهيو آهيان جو نه چرخي کي پورو ڇيو سمجهان ٿو. مگر آخر
گهڙيءَ ان جي واسنا نه رهڻ گهرجي. جنهن مولڪي چرخي
لاءِ الساهه ڪيو آهي، اهو خود چرخي جي چنتا ڪرڻ
پورن سمرٿ آهي. چرخو هاڻي ٻين چڱن ماڻهن جي هٿ
۾ هليو ويو آهي. چرخي جي چنتا ڇڏي مولڪي پرماتما جي
درشن جي تياري ڪرڻ گهرجي. مطلب هي ته الراڻ جي
معنيٰ نه هردي ۾ موهه روپي ڪڪر نه هجن.

آخر دم تائين ڪجهه نه ڪجهه سيوا ڪارڻ به ٿيندي رهي
آهي، ڀاونا جي پورڻما چمڪي رهي آهي، هردو به آسمان
ڊرو به موهه ڪوڙهي، ٻڌي ليڪ آهي، اهڙيءَ طرح جنهن جو
موت ٿيندو، اهو پرماتما سان وڃي ملندو. اهڙي سڀوڳ
پراپتي آڻڻ لاءِ ڏينهن رات خبردار ۽ هوشيار ٿي ڪڙلدو رهڻ
گهرجي. هڪ ڪن لاءِ به من کي اهو سنسڪار نه پوڻ گهرجي
۽ اهڙي طاقت ملندي رهي ان لاءِ پرميشور کي هميشه
پرارٿنا ڪندو رهڻ گهرجي. نام سمرڻ ۽ ٽڪو سمرڻ وري
وري ڪندو رهڻ گهرجي.

آروڙا : ١٠-٣-٣٢.

٤٢

آسان رستو- راج مارگ

گيتا جنهن ڌرم جو سار آهي ان کي ويدڪ ڌرم چوندا
آهن. ويدڪ ڌرم جو ارٿ آهي ويدن مان نڪتل ڌرم.
هن دنيا جي لکتن ۾ جيڪي بہ پراچين لکتون آهن انهن
۾ ويد سڀني کان پهرين لکيل چيا وڃن ٿا. انهيءَ سبب
پاوڪ لوڪ انهن کي انادي سمجهن ٿا. ان ڪري ويدن کي
پوڄا جو پد ڏنو ويو آهي. جي تواريخ جي نقطہ نگاهہ کان
ڏٺو وڃي تہ بہ اهي اسان جي سماج جي پراچين پاولن جون
تمام جهونيون نشانيون آهن. ٽامي جا پترا، پٿر تي نڪاوٽ،
سڪا، برتن، ساهوارن جا هڏا وغيرهہ کان بہ هي لکيتون
وڌيڪ اهم آهن. سنسار ۾ جيڪڏهن ڪا پهرين تواريخي
ثابتي آهي تہ اها ويد آهي. انهن ويدن ۾ جو ڌرم، ان جي
روپ ۾ ڏنل آهي، اهو وڌ وڌندي وڌندي آخر گيتا جي
روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي؛ ان ۾ مٺا ڦل لڳل آهن. ڦل کان سواءِ
وڻ مان اسين ڪاٿون نہ ڇا؟ جڏهن وڻ ۾ ڦل لڳندو آهي،
جڏهن اسانجي ڪاٿي جي ڇير ان مان اسان کي ملي سگهندي
آهي. ويد- ڌرم جي سار جو بہ سار هي گيتا آهي.

جو ويدڪ ڌرم پراچين زماني کان هلندڙ هو ان ۾ نسبين
سمبين يڳيہ ڪريائون، جدا جدا تپسيائون، انيڪ ساڌنائون
ڏايون ويون آهن. هي جو ڪرم ڪانڊ آهي سو بيڪار نہ
آهي. ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ لياقت گهرجي. ڪرم ڪانڊ سڀ لاءِ
سولو نہ آهي. اوچي ناريل جي وڻ تي چڙهي ڪير ڦل ڇني،
ڪير جهلي؛ ڪير پچي؟ مان ڪٿي ڪيترو بہ ڪير هٿان ٿو
پچي وڻ تان اهو ناريل ملي ڪٿن؟ مان هيٺان بيهي ان
انهن ڏسان ٿو. مٿان ناريل مونکي ڏسي ٿو. مگر ان مان
ڪٿن لهندي؟ جيستائين ناريل منهنجي هٿ ۾ نہ اچي

وياس ديو جو هي ڪيڏو نه وڏو اپڪار آهي. صرف پارد
ورش لي لي نه پر سڄي مش جاتي لاءِ سندس اپڪ
آهي. جا لاثاني ڳالهه ڀڳوان ارجن کي ٻڌائي، اهـا شبد
وسيلي ظاهر ڪرڻ لائق نه هئي. مگر ديا ڀاو سان الساهه
لي، وياس ديو ان کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪيو. گهڻ
ڇپر ڪي واڻيءَ جو روپ ڏنو. هن اڌياتم جي شروع ۾ ڀڳوا
چوي ٿو ته "راڄ وديا ڳوڙهي ۾ ڳوڙهي، آهه پوتر ۽ اتم."

هيءَ جا راڄ وديا آهي، هيءَ جا عمدي ڇپر آهي، اه
جوڙ انڀو ڪرڻ جي آهي. خود گيتا ۾ اهين چيو آهي: اڪو
۾ نه اچڻ واري، مگر انڀو جي ڪسوٽيءَ تي پرکيل، هيءَ ڳال
هن اڌياتم ۾ ٻڌايل آهي. ان ڪري هيءَ اڌياتم ڏاڍو مٺو لڳ
پيو آهي. تلسيداس چيو آهي:-

"سرڳ لوڪ جي ڪير لو جاڻي، آهه عجب اسرار سمورو
تلسي، رام غلام ٿي مان، ماڻيان جڳ جو آنند پورو."

سرڳ ڪان پوءِ ملندو سرڳ ۾ اهڙي ڪتاني مان هتي ڪهڙ
ڪم ملندو؟ ڪير چئي ٿو سڪهي نه سرڳ ڏانهن ڪير ويند
يا نرڪ ڏانهن ڪير ويندو؟ جيڪڏهن سنسار ۾ چار ڏينهن
رهڻو آهي ته رام جو ٿي غلام ٿي رهڻ ۾ آنند آهي. اهي
تلسيداس چوي ٿو. رام جي غلام ٿي رهڻ جو مزو هن اڌيا
۾ ٻڌايل آهي. بلڪ هن ديهه ۾ ئي اکين سان انڀو ٿيند
ال، جيتري ئي انڀو ڪرڻ وارئون ڳالهيون هن اڌياتم ۾ ٻڌايو
ڇڏيون آهن. جيڪڏهن ڪو ڪاليدا آهيون ته ان جو ميلاپ ظاه
معلوم ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح رام جو غلام ٿي رهڻ جو مز
ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هن ٿالي ديا ۾ جيون جـو هڙ
سهو ڏيکارڻ واري راڄ وديا هن اڌياتم ۾ چئي ويئي آهي
اها ڳوڙهي نه ڳوڙهي آهي. مگر ڀڳوان ان کي سڀ لاءِ سولي
ڪري ڪري ٻڌائي آهي.

ان خوبيءَ واريگيان ۾ هن راڄ مارگ (راڄ وديا) جي هيءَ خوبي آهي. منش جنهن جڳهه تي ڪرم ڪندي رهندو آهي اُتي ان ساڳي ڪرم سان، هن رستي وسيلي هو پرماتما کي حاصل ڪري سگهي ٿو. اهڙو هي مارگ آهي.

پرميشور ڇا ڪٿي لڪي ويٺو آهي؟ ڪنهن غار ۾، ڪنهن گهٽيءَ ۾، ڪنهن ٻيلي ۾ يا ڪنهن سرڳ ۾ لڪي ويٺو آهي؟ لعل، نيلم، سون، چاندي ... ن جي پيٽ ۾ لڪل رهندا آهن. موتي ۽ رتن سمنڊ ۾ لڪل رهندا آهن. اهڙيءَ طرح ڇا هي پرميشور روپي لعل رتن به ڪٿي لڪو ويٺو آهي؟ ڀڳوان کي ڪٿان کوٽي ڳولي ٻاهر ڪڍڻو آهي! هو ته دائما اسان سڀني سامهون حاضر بيٺو آهي. هي سڀ جيترا به انسان آهن سي پرماتما جون ئي ته مورتون آهن. ڀڳوان چوي ٿو ته "هن منش چولي ۾ ظاهر هن هري مورتيءَ جو اپمان نه ڪريو." ايشور ته هر هنڌ ۾ وسي رهيو آهي. ڪيس ڳولڻ لاءِ نقلي اپاءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ اپاءَ ته صاف سولو آهي. توهين جو به ڪجهه شيوا ڪارج ڪريو، ان سڀ جو لاڳاپو ڀڳوان سان ڳنڍيو. بس پوءِ ته ڪم ئي راس. توهين رام جا غلام ٿي وڃو. هي ڏکيو وڏو مارگ، هي ڀڳتي، هي سواها، هي پترن کي آن پاڻي ڏيڻ، هي شراڌ، هي سڀ ڀيٽائون جون ڪرٻائون اسان کي موڪش طرف وٺي ... ويون. پر ان ۾ ... ۽ ذاتي جي تفاوت جو وڏو جهڳڙو آهي. اسان کي ان جي ضرورت ڪانهي. صرف شرو ڪرڻو ... ڪجهه ڪريو ته سو ايشور کي ارپڻ ڪري ڇڏيو. پنهنجي هر هڪ ڪرم جو سنبنڌ ايشور سان ڳنڍيو. هن لائين اڌياءِ جي هيءَ سکيا آهي. ان ڪري ڀڳتن کي ڏاڍو پيارو آهي.

٤٣

مُڪتي مارگ سڀ لاءِ کليل

ڪرشن جي سچي جيون ۾ سندس ٻالپڻو ڏاڍو مٺو آهي.

ڀستائين سڀ فضول. ويدن جي انهن جدا جدا ڪرياڻن ۾
وري ڏاڍا ٻاريڪ ويچار ڀريل هئا. عام لوڪن کي انهن جو
گيان ڪٿان ملي؟ هڪ طرف ويد مارگ کان سواءِ مڪتيءَ جو
رستو ڪونهي. مگر ٻئي طرف ويدن سمجهڻ جي لياقت
ڪانهي. ماڻهن بين جو ڪم ڪٿان هلندو؟ ڀهڪري دياوان
سنتن اڳتي وڌي چيو، "اچو، اسين ويدن جو رس ڪڍون.
ويدن جو سار توري ٻه ڪڍي ڪري سنسار کي ڏيون." ان
ڪري تڪارام مهراج چوي ٿو:

"ويدن کي ٻي اَنت چيو، اهڙو سنتن ارٿ ڪيو."

اهو ارٿ ڇا آهي؟ اهو آهي هري نام. هري نام ويدن
جو سار آهي. رام نام سان مڪتي نشچت آهي. استريون،
ٻار، شودر، ونش، ڌنار، ڪريل، ڪمزور، روڳي؛ پنڪلا
سڀ لاءِ مڪتي سولي ٿي وئي. ويدن جي ڪٺن ۾ هلد
لمل مڪتي، ڀڳوان چو سول ٿي آڻي رکي. موڪش جي هيءَ
ڪيڏي نه سادي سودي نجوڙ! جنهن جو جهڙو سادو سودو
جيون آهي، جيڪي ڪجهه سوڌرم ڪرم آهي، سيوا ڪرم
آهي، ان کي چوڻ ڀڳتي روپ بڻائجي. پوءِ ٻئي ڀڳتي وغيره
جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ توهانجو هميشه جو جيڪو
سيوا ڪرم آهي ان کي ڀڳتي روپ بڻائي ڇڏيو. بس هيءَ ٿي
راج ودا آهي.

هن رستي ٿي جي اکيون ٿونٿي نه ورڻدا وڃو نه ته ڪرڻ
جو ٻا نوڪر ڪانهن جو ڪو ڀپ ڪونهي: اهو رستو آهي تلوار
جي ڌار وانگر. تلوار جي ڌار ته هڪ ڏفعو مڙئي ٿي سگهي
ٿي. پر هي ويدڪ رستو ان کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. الٻان
نه رام جو غلام ٿي رهڻ وڌيڪ سولو آهي. ڪو انهيءَ رستي
جي اوچائي ڏيري وڌائيندو مٿي ڪڍي ويندو آهي ۽
اسالڪي اوچي ٿيونيءَ ٿي وهي وهاريندو آهي. اسالڪي ٿيندو نه
نه پوندو آهي نه اتر و مٿي چڙهي رهيا آهيون. انهيءَ جي

ناهي. مهاڀارت ۾ 'جنڪ-سلڀا-گفتگو' هڪ باب آهي. ان ۾ وياس هڪ پرسنگ ڏنو آهي جنهن ۾ جنڪ راجا گيان جي پراپتي لاءِ هڪ استريءَ وٽ وڃي ٿو. اوهين ڀلي ڪلپنا ڪندا رهو ته استريءَ کي ويد پڙهڻ جو حق آهي يا نه. مگر سلڀا ته هئي جنڪ راجا کي برهم وديا سيکاري رهي آهي اها هئي هڪ رواجي استري، مگر جنڪ ڪيڏو نه سمراٽ، ڪيترن وديائن ۾ پڙهيل! مگر ان مها گيانيءَ جنڪ کي به اڃان موڪش نه مليو هو. ان ڪري وياس ديو کيس سلڀا جي چرڻن ۾ موڪليو. اهڙي ئي ڳالهه ان تلاڌار ويش جي آهي. جاجلي برهمڻ ان وٽ گيان پائڻ ويو. تلاڌار چوي ٿو ته، ”تارازي جي ڏنڊي سڌي رکڻ ۾ ئي منهنجو سارو گيان سمايل آهي.“ اهڙي ئي ڪٿا وياڌ جي آهي. وياڌ ته هو قصائي. پسن کي ماري هو سماج جي سيوا ڪندو هو. هڪ اهنڪاري تپسوي برهمڻ کي سندس گروءَ ان وياڌ وٽ وڃڻ لاءِ چيو. برهمڻ کي عجب لڳو ته هي قصائي مون کي ڇا سيکاريندو. مگر هو وياڌ وٽ آيو. وياڌ ڇا ڪري رهيو هو؟ ماس ڇيري ۽ صاف ڪري وڪڻڻ لاءِ رکي رهيو هو. هن برهمڻ کي چيو، ”ڏس هي منهنجو ڪرم جيترو ٻوڙو ٿي سگهي ٿو، اوترو ڪريان ٿو. پنهنجي آتما جيتري هن ڪرم ۾ وجهي سگهجي ٿي اوتري وجهي مان هي ڪرم ڪريان ٿو؛ پنهنجي ماءُ پيءُ جي سيوا ڪريان ٿو. اهڙيءَ طرح هن وياڌ جي روپ ۾، وياس ديو هڪ آدرش صورت کڙي ڪئي آهي.

مهاڀارت ۾ هي جو استرين، ويشن شودرن جون ڪٿائون آيون آهن انهن جو مقصد هي آهي ته سڀني کي هي صاف صاف ڏسڻ ۾ اچي ته موڪش جو دروازو سڀني لاءِ کليل آهي. انهن ڪٿائن جو لب هن نائين اڌياءَ ۾ ٻڌايل آهي. انهن ڪٿائن تي هن اڌياءَ ۾ ڇاپ لڳائي وئي آهي. رام جي غلام هئڻ ۾ جو مزو آهي، اهو ئي هن وياڌ جي جيون ۾ آهي. سنت تڪارام

ٻالڪرشن جي خاص طرح پوڄا ڪئي ويندي آهي. هو ٻال گوالن سان ڳائيون چارڻ ويندو هو. انهن سان کائيندو پيئندو هو، کلندو ڳالهائيندو هو. اندر جي پوڄا ڪرڻ لاءِ جڏهن ٻال گوال لڳا ته هن انهن کي چيو، ”اندر کي ڪنهن ڏٺو آهي؟ هن اسان لاءِ ڪهڙو اپڪار ڪيو آهي؟ مگر هي گوردن پربت اسان کي صاف ڏيکاري ڏئي رهيو آهي. هن تي ڳائيون چرن ٿيون. ان مان پاڻيءَ جا چشما لڳن ٿا. تنهن ڪري توهين ان جي پوڄا ڪريو.“ اهڙيون ڳالهيون هو انهن کي سيکاريندو هو. جن گوپالن سان گڏ کيڏيائين، جن گوپين سان گڏ راس رچايائين، جن ڳائين ڳاهن سان گڏ رهيو، انهن سڀني لاءِ هن موڪش جو دروازو کولي ڇڏيو. ڪرشن پرماتما پنهنجي اپديش ۾ هي سولو رستو ٻڌايو آهي. ٻالپڻ ۾ سندس لاڳاپو ڳائين ڳاهن سان ٿيو. وڏي هوندي گهوڙن سان. مرليءَ جي ڌن ٻڌندي ئي ڳائيون گڏ گڏ ۽ ٻي سڌ ڀلي وينديون هيون ۽ ڪرشن جي ٻڌڻ تي گهوڙا مست ٿيڻ لڳندا هئا. اهي ڳائيون ڳاها، اهي رٿ جا گهوڙا ڪرشڻ ميه ٿي ويندا هئا. پاپي جوڻ ملڻ انهن پسن کي به جڏهن موڪش ملي ويندو هو. موڪش تي نه صرف منش جو ئي حق آهي، بلڪ پسون پکين جو به. هيءَ ڳالهه سري ڪرشن صاف ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي جيون ۾ هن ان ڳالهه جو اپديش ڪيو هو.

جو آزمودو ڀڳوان کي ٿيو، اهو ئي وياس ديو کي به ٿيو. ڪرشن ۽ وياس ٻئي هڪ ئي روپ آهن. ٻنهي جي جيون جو سار به هڪ ئي آهي. موڪش، وديا تي، ڪرم چترائيءَ تي مدار نٿو رکي. ان لاءِ ته سادي سودي ڀڳتي ڪافي آهي. ”مان مان“ ڪرڻ وارا گياني ته پٺتي ئي رهيا ۽ ٻوڙيون پاڙهڪ استريون انهن کان اڳتي وڌي ويئون. جڏهن مون ٻولو آهي ۽ سڌو سادو ٻولو ٻاڙو آهي ته ٻڌو موڪش ڪلن

ڪيون آهن. مگر ان جي منهنجي ٻڌايل لنيڙي وصف آهي ڪرم يوگ ۽ ڀڳتي يوگ جو سنڌر ميلاپ.

اسين ڪرم نه ڪريون پر ڦل ڦٽو نه ڪريون، بلڪ الڪي پرماتما جي ارپڻ ڪري ڇڏيون. جڏهن چئون ٿا نه ڦل ڇڏي ڏيون نه ان جو ارٿ ٿئي ٿو ڦل نه ماڻڻ. مگر ڦل ارپڻ سان اهين ٿو ٿئي. هي ڪهڙي نه سنڌر ڳالهه آهي. ڏايو آنند آهي ان ۾. ڦل ڇڏڻ جو ارٿ هي نه آهي نه ڦل ڪم ٻه گرهڻ نه ڪري ۽ ڪنهن کي ٻه نه ملي. ڪنهن نه ڪنهن کي نه اهو ضرور ملندو ۽ هو ضرور گرهڻ ڪندو. الي هي دليل ڏيڻ سکڻو ٿو نه جو هن ڦل کي پالي ٿو اهو اهڙي لائق ۾ آهي ڪين نه؟ ڪو ڀيکاري گهر ايندو آهي نه اسين چوندا آهيون، "اڪمو ڪنهن جاءِ جو! پيندي شرم ٿو اچيئي؟ وڃ، ٻيو ڪو گهر وڃي ڳولهه." اسين ان ڳالهه جو ويچار نه ڪندا آهيون نه سندس پيٽ مناسب آهي يا نه. ڀڪاري ويچارو شرمندو ٿي ويندو آهي. اسان کي سندس لاءِ همدردي بلڪل نه رهندي آهي نه پوءِ اسين ڪٿي فيصلو ڪنداسين نه هن کي پيٽ جو حق آهي يا نه؟ مون پنهنجي ماتا کان ننڍي هوندي ڀڪارين جي باري ۾ سوال ڪيو هو. ان جيڪو جواب ڏنو هو اهو اڄ تائين منهنجي ڪنن ۾ گونجندو رهيو آهي. مون کانئس پڇيو نه "هي ڀڪاري ته ڏٺو مٺو آهي. هن کي ڀڪيا ڏيڻ سان سندس خراب عادت ۽ آلس ٿي نه وڌندا. گيتا جو هي سلوڪ "هنڌ، وقت، دان وٺندڙ جي جهڪي پوري ڄاڻ" ۾ مون کيس ٻڌايو. هن جواب ڏنو، "اڙي هو ڀڪاري نه پر پرميشور هو. هاڻي ڪر لائق ۽ نالائق جو ويچار. ڀڳوان کي ڇا ٿو نالائق چوندين؟ ان نالائقيءَ جي ويچار ڪرڻ جو توکي مولڪي حق ئي ڪهڙو آهي؟ وڏيڪ ويچار ڪرڻ جي ضرورت ئي نه آهي. مون لاءِ هو ڀڳوان ٿي آهي." ماتا جي هن جواب کان ڪو سنڌر

اهنسڪ هو. پر هن ڏاڍي پريم سان ورڻن ڪيو آهي ته سڌني ڪاسائيءَ ڪاسائڪو ڪم ڪري به موڪش پاتو. لڪارام پڇيو آهي: ڀڳوان، پسن جي هتيا ڪرڻ واري جي ڪهڙي گتي ٿيندي؟ پر سڌنو ڪاسائي وڪڻندو آهي ماس. انهن لکندي به ان ڇيو ته ڀڳوان سڌني ڪاسائي جي مدد ڪري ٿو. نرسي مهتا جي هنڊي ڀريندڙ، ايڪنات جو پاڻي ڀريندڙ، داماجيءَ لاءِ ڪوتوال ٿيندڙ، مهاراشٽر جي ڀارتي جنا ٻائي کي ان ڪٽڻ ۽ پيهڻ ۾ مدد ڪندڙ ڀڳوان، سڌني ڪاسائيءَ جي به اولري ٿي پريم سان سنڌ ڪندو هو. اِنهن لڪارام چيو آهي: تاتپرج هي آهي ته پنهنجي سهج ڪرمن جو سنڀال پرميشور سان جوڙڻ گهرجي. جيئن، ڪرم شڌ ڀاونا سان ڀريل ۽ شوار پڻ هوندو ته اهو ڀڳتي روپ ٿي آهي.

۴۴

ڪرم ڦل ايشور ارپڻ

تنهن اڌياءِ ۾ هڪ خاص ڳالهه چئي وئي آهي. ان ۾ ڪرم يوڳ ۽ ڀڳتي يوڳ جو متوهر مطلب آهي. ڪرم يوڳ جو ارٿ آهي ڪرم ڪرڻ پر ڦل جو تياڳ ڪرڻ. ڪرم اهڙي نموني ڪرڻ جي واسنا جو بڌو به نه لڳي. هي اڪرمت جي وڻ لڳائڻ وانگر آهي. اڪرمت جي وڻ کي پچڻ سالن کان پوءِ وڏي ميوو لڳندو آهي. منهنجي خيال ۾ ڪنهن کي شايد ڦل چکڻ لاءِ ٿي نه ملي. تنهن هوندي به اڪرمت جا وڻ پوکتا ئي آهن ۽ انهن کي پريم سان پالي به ڏٺو آهي. ڪرم يوڳ جي معني آهي وڻ لڳائڻ مگر ڦل جي اِڇا نه رکڻ. ڀڳتي يوڳ ڇا کي چوندا آهن؟ پريم سان ايشور ۾ لين ٿي وڃڻ کي ڀڳتي يوڳ چوندا آهن. راج يوڳ ۾ ڪرم يوڳ ۽ ڀڳتي يوڳ ٻئي گڏجي وڃن ٿا. راج يوڳ جون ماڻهن ڪمتريون ٿي وصفون

ڪرڻو آهي ۽ ۾ انهن ڇوڙڻ مشڪل آهي . اهو ڪرم سنجم پوروڪ ٿي ٿيندو، انڪري اهو چڱو ٿيندو ۽ اسين ڀڳتي من ۾ اينڌڙ واسنائون ۽ ڪام ڪروڌ وغيره وڪار ۽ پرميشور جي ارپڻ ڪري ڇڏيون ۽ ڇوٽڪارو پايون.

'ڪام ڪروڌ منهنجا ارپڻ پريوءَ کي'

هتي سنجم اڳيءَ ۾ جلڻو پيٽو کولهي. جهٽ ارپڻ ڪري مڪت ٿيو. ڪو ڪنهنکي ڏهاڙو نه ماريندو. ڪنهنکي ڪاليءَ سان ڇو ڪهجي جو تنهن سان ڇهجي؛

اندريون ۾ ۽ ساڌن آهن. انهن کي ايشور ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڇو ته اهي نه ڪن اسان کي لڳا هئڻ. ۽ پوءِ ڇا هٿڻ ٿي بند ڪريون؟ نه، هٿو ضرور، پر هري ڪٿا هٿو. ۽ هٿڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، مگر هري ڪٿا هٿڻ لاءِ ڪن جو استعمال ڪرڻ وڏي ڪ وٺندڙ ۽ لايڪ آهي. پنهنجا ڪن لوهين رام کي ڏيئي ڇڏيو. مکه سان رام نام وٺندا رهو. اندريون اسانجون دشمن نه آهن. اهي آهن ۾ چڱيون. انهن جي طاقت جي ڪا حد ڪانهي. تنهن ڪري ايشور ارپڻ هڏيءَ سان هرهڪ اندريءَ کان ڪم وٺڻ، هيءَ ئي راڄ مارگ آهي. الڪي ٿا ڇون راڄ يوگ.

٤٥

سڀ ڪرم ايشور ارپڻ

انهن لاهي ۽ اسين کي خاص ڪرهائون ڀڳوان کي ارپڻ ڪريون. ذات ڪرم ٿي ان کي سولهي ڇڏيون! شبريءَ جا آهي بير. رام انهن کي کيڏي ۽ سواد سان چکيو! پرميشور جي پوڄا ڪرڻ لاءِ غفا ۾ وڃي رهڻ جي ضرورت ڪانهي. لوهين جتي ۾، جو ۽ ڪرم ڪريو، اهو پرميشور کي ارپڻ ڪريو. ماتا ٻچي کي سنڀاليندي آهي. جڻ ڀڳوان کي سنڀاليندي آهي. ٻچي کي سنان ڪرائڻ جڻ ۽ پرميشور کي شنوڌارا

جواب- اِجِ ڳالهين ۾ ملهو الم.
ٻين کي ٻوڇن ڪرائيندي سندن لائقي ۽ نالائقيءَ جو
ويچار ڪرڻان ٿو. مگر پنهنجي ٻيٽ ۾ لنگهائيندي مولکي
۾ خيال ۾ نٿو اچي ته مولڪي ۾ ان جو حق آهي يا نه. جو
اسان جي دل ۾ اچي ٿو، الڪي لکمو بيڪاري لي جو سمجهيو
وڃي؟ جنهن کي اسين ڏيون ٿا اهو ڀڳوان لئي آهي. اسين
اُهين چو نه سمجهون؟ راج ٻوڳ چوي ٿو ته: پنهنجي ڪرم جو
ڦل ڪنهن کي نه ڪنهن کي نه ملندو ٿي. ۽ اهو ڀڳوان کي
ڏيڻي ڇڏبو. الهيءَ کي لي ارپڻ ڪري ڇڏبو. راج ٻوڳ، ارپڻ
ڪرڻ جي مناسب جڳهه لوهان کي ٻڌائي رهيو آهي. هتي
۾ ته ڦل ليائڻ روپي منع ڪيل ڪرم آهي ۽ نه لائقي ۽
نالائقيءَ جو لي سوال آهي. چاڪاڻ ته سڀ ڀڳوان کي لي ارپڻ
ڪرڻو آهي. ڀڳوان کي جو دان ڏنو ويو آهي اهو هميشه
پورڻ آهي، پنهنجي ڪرم ۾ جي دوش هوندو ته ۾ ڀڳوان
جي هٿن ۾ پوندي لي اهو پورڻ ٿي ويندو. اسين دوش دور
ڪرڻ جي ڪيتري ۾ ڪٿي ڪوشش ڪريون لڏهن ۾ ٿورو
گهڻو دوش ته رهجي وڃي ٿو. تنهن هوندي ۾ جيترو شڌ
ڪرم اسين ڪري سگهون اوترو شڌ ڪرم ڪرڻ گهرجي.
ٻڌي ايشور جي بخشش آهي. الڪي جيترو لي سگهي اوترو
شڌ روپ ۾ ڪرم آڻڻ اسان جو فرض آهي. اُهين ته ڪرڻ لي
گناهه آهي. پنهنجري لائقيءَ يا نالائقيءَ جو ٻيد نه ڪرڻ لي
گهرجي مگر ڀڳوان جي ڀاونا رکڻ سان اهو سڙلو ليو پوي.
ڦل جي استعمال ڪرڻ ۾ چٽ شڌيءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي.
هر ڪم جهڙو لي وڃي اهڙو لي ڀڳوان جي ارپڻ ڪري ڇڏبو.
ظاهر طور ڪريا جڏهن جڏهن ٿيندي وڃي تڏهن تڏهن ان کي ڀڳوان
ارپڻ ڪري من جي شانتي برابر ڪرڻ گهرجي. ڦل کي
[illegible] نه آهي. پر ان کي ڀڳوان ارپڻ ڪرڻو آهي. جڏهن
[illegible] ڀاونا سان ڪمو وڃي ته اهو ڦل ڀڳوان کي ارپڻ

آهي، صاف سٺرو ۽ ٻو ڙ ٻوڄن لاهيندي آهي ۽ هيءَ خواهش
رکندي آهي تہ هيءَ رسوئي منهنجي گهر جي سهڻي ٻالڪن
کي ٻل ٻهتي ڏيندڙ ٿئي تہ هنجو هي سارو ڪرم ڀڳيہ روپ
ٿي آهي چلهو چا، جڻ ان ماتا هڪ لنڊڙ و ڀڳيہ لئي شروع
ڪيو آهي. پرميشور کي ارپت ڪرڻ جي ڀاونا من ۾ رکي جهو
ٻوڄن تيار ڪيو ويندو، اهو ڪيترو نہ صاف ۽ پوتر هوندو،
ذرا ان جي ڪلپنا ڪريو. جي ان گهر-لڪشميءَ جي من ۾
اهڙي اوچ ڀاونا هجي تہ پوءِ اها ڀاڳولت جي رشي استرين
جهڙي ٿي ٿيندي. اهڙيون ڪيتريون ماتائون شيوا ڪندي
لري ويئون هونديون ۽ 'مان مان' ڪندڙ ڀلوڻ ۽ ڪپالسي
ڪندڙ ٿي رهجي ويا هوندا.

٤٦

ساري جيون رام سان رڱيل

١٠١٠٠ جي، روزاني گهڙيءَ گهڙيءَ جي جيون معمولي ڏسڻ
۾ ايندو... حقيقت ۾ اها اهڙي نہ آهي. اهڙا
مطلب واري آهي. سارو جيون هڪ مها ڀڳيہ ڪرم لئي آهي.
منهنجي لئہ ہ هڪ سماڌي آهي. سڀ پرڪارن جي پوڄن
جي جي. اسين ايشور ارپڻ ڪري لئہ ڪنداسين تہ اها سماڌي
ٿي، تہ ڇا ٿيندي؟ اسان ماڻهن ۾ سنان ڪرڻ وقت پرش
سوڪت جي پاٺ ڪرڻ جي رسم هلندي آئي آهي. ڪا
سوچيو تہ هن سنان جي ڪريا سان ان پرش سوڪت جو
ڪهڙو لاڳاپو ؟ سڄ چاهيندا تہ ضرور ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن
ورات پرش جا هزارين هٿ ۽ هزارين اکيون آهن انجو منهنجي
هن سنان سان ڪهڙو سنبنڌ؟ سنبنڌ هيءُ تہ توهين جو لوٽن
پاڻيءَ جو مٿي لئي وجهو ٿا ان ۾ هزارين بوندون آهن. سڀ
بوندون توهانجو مستڪ ڌوئي رهيون آهن. توهانکي لنهنهہ

وهائيندي آهي. لڪ پرميشور- ڪرپا جي بخشش آهي.
ائين ڄاڻي ماتا کي گهرجي تہ هوءِ پرميشور پاولا سان پيار جو
پالڻ پوشڻ ڪري. ڪوشليا راڻي جي؛ يشودا ڪرشن جي
پرگهور ڪيتري نہ لاڏ ڪوڏ سان ڪندي هئي. ان جو بيان
ڪندي شڪ، والميڪ، تلسيداس هارائي ڪي ڌليہ سمجهو. ان
ڪرم ۾ انهن کي اپار آنند معلوم ٿئي ٿو. ماتا جي شيوا جي
ڪرپا تمام اوچي آهي. اهو بالڪ پرميشور جي مورتي آهي.
ان مورتيءَ جي شيوا کان وڌيڪ خوش نصيبي ڪهڙي ٿي
سگهندي؟ جي اسين هڪ ٻئي جي شيوا ڪرڻ وقت اهڙي
ٿي . پاولا کي جڳهہ ڏيون تہ اساڻي ڪرمن ۾ ڪيتري
نہ تبديلي ٿي وڃي؟ جنهنکي جا شيوا ملي وڃي اها ايشور
جي ئي شيوا آهي. اهڙي پاولا ڪندو رهڻ گهرجي.

هاري ڍڳي جي شيوا ڪندو آهي. ان ڍڳي کي ڇا ٿو
سمجهڻ گهرجي؟ نہ نہ، ويدن ۾ واسديو شڪتي روپ سان
ٻڌل جڳت ۾ جنهن ڍڳي جو بيان ڪيو آهي؛ اهو ئي ان
هاريءَ جي ڍڳي ۾ بہ موجود آهي.

جنهن جا چار سڱ آهن، ٽي پير آهن، ٻہ منهن آهن، ست
هٿ آهن، جو ٽن جڳهين تي ٻڌل آهي، جو مهاديو ٿي بہ
سهڻي ناسوٽ جهڙن ۾ ٻڌل آهي، ان گرجنا ڪندڙ وشو
وياپي ڍڳي جي پوڄا هاري ڪندو آهي. لکتيس ڪندڙ ٽن
هن هڪ ٿي ست جا پنج ست جدا جدا ارٿ ڏنا آهن. جو
هي بيل آهي بہ وچ آسمان ۾ گرجنا ڪري ڍڳو برسات
وسائي ٿو، اهوئي مل مولي جي بارش ڪري زمين ۾ فصل
پيدا ڪندڙ ان هاريءَ جي ڍڳي ۾ موجود آهي. جنهنڪري هن
هاري ان اوچ پاولا سان پنهنجي ڍڳن جي شيوا ٽهل ڪندو
نہ سندس هيءَ ڏواجي شيوا بہ ايشور جي ارپڻ ٿي ويندي.

ان طرح اسان جي گهر جي لڪشمي، جا چوڪو لڳائي
رسوئي گهر کي صاف سٿرو رکندي آهي، چلهو جلائيندي

لي اهو سارو اندر باهر بدلجي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح
هرهڪ ڪرڻ بولڻ تيڻ لڳندي آهي. اڄ اسان جي جيون ۾
آنساهه آهي ڪٿي؟ اڄ اسين جيئرا آهيون جاڳائڻ ۽ مرون
ٿا. آنساهه جو چڙهڻ لاهڻ ڏڪار بڻجي ويو آهي. ڪلاءِ سندو
ڪان خالي ڏکي جيون! مگر توري پاولا من ۾ آڻيو ۽ اسانکي
پنهنجون سڀ ڪرڻ سڀ وهنوار اهڙو سان ڪندا
آهن. پوءِ ڏسندا ته اوهان جو جيون ڪيترو نه رهڻ ۾
شاندار ٿي پوي ٿو.

پرميشور جي صرف ٽالي اُچارڻ سان تي مڪمل تبديل
ٿي. من ۾ شڪ جي ضرورت ئي ڪانه ٿي. انهن ته ڇهو
رام چوڻ سان ڇا ٿيندو. تورو چئي ته ڏسو. ويچار ڪرڻ
سالجهي جو هاري ڪم ڪري گهر اچي رهيو آهي. رستي
ڪو مسافر گڏجيس ٿو. ان مسافر کي چئي ٿو، "ڀائي مسافر
و ٿالڪ، ڏڍا ٿرس، هاٿي رام اچي ٿي آهي. پڪوان
پنهنجي گهر هلو. ان هاري جي منهن مان اهڙا اکر ٻڌي
ڏسو ته ان مسافر ۾ ڪيترو اچيتو يا نه؟ مسافر جي ناڪر يا ٿورو
هولڊو ته به پولو ٿي ويندو. هي پاولا جي ڪارڻ ٿيندو آهي.
اوئان ۾ ئي سڀ ڪجهه پرپل آهي. جيون پاولا سان پر آهي.
ڪ ويهن سالن جو ڏاڍو جوان اسان جي گهر اچي ٿو. پتا
پس پنهنجي ڪنيا ڏئي ٿو. اهو جوان ويهن سالن جو آهي،
پتا پنجاهه سالن جو هولدي به سندس پير ڏوئي ٿو. هي
ا آهي؟ ڪنيا دان جو اهو ڪم ٿي ڪيترو نه پڙ آهي. اها
پنهنڪي ڏئي ويندي آهي اهو پرميشور ئي معلوم ٿيندو آهي.
ي جا پاولنا لاڳي لاءِ رکي ويندي آهي، ان کي اڄا مٽي
ڻي وڃو ۽ اڳتي وڌايو.

ڪو چوندو ته آخر اهڙي ڪوڙي ڪلپنا ڪرڻ مان فائدو
ا؟ مان چوندس ته پهرين ان کي ڪوڙو يا سچو نه چئو.
پهرين ابهاس ڪريو، آزمودو پرايو، پوءِ توهان کي ڪوڙ

ٺهائي رهيون آهن. جڏهن لوهالجي مستڪ ۾ ايشور جي آسيس
وسي رهي آهي. جڏهن پرميشور جي سهڻين هٿن سان سهڻين
ٿالائون ۾ لوهان ۾ وسي رهيون آهن. انهن ٻولڊن جي
روپ ۾ جڏهن پرميشور ۾ لوهان. جي مستڪ جي مٿل ڏولي
رهيو آهي. اهڙي عمدي ڀاولا ان سٺان ۾ وجهو للاهن اهو
سٺان ڪجهه ٻي شيءِ ٿي وڃي. ان سٺان ۾ البت شڪتي
اچي وڃي.

ڪوه ڪم جڏهن هن ڀاولا سان ڪهو وڃي آهي ته اهو
پرميشور جو آهي، نه معمولي هولڊي ته ٻولڙ ۾ وڃڻو آهي.
ٻيءِ ڳالهه انهيءَ سڌ آهي. من ۾ ذرا هيءَ ڀاولا ڪري ڏسو ته
جو شخص اسان جي گهر آيو آهي اهو ايشور روپ آهي. ڪو
رواجي وڏو ماڻهو نه جڏهن اسان جي گهر ايندو آهي ته اسين
ڪيتري نه صفائي رکندا آهيون ۽ ڪهڙو نه سٺو کاڌو تيار
ڪندا آهيون. پوءِ جي هيءَ ڀاولا ڪرڻو نه هو پرميشور
آهي نه ٻڌايو نه اسالجي ڀاولا ۾ ڪيترو نه فرق پئجي وڃڻو؟
ڪبير ڪهڙو اٿندو هو. ان ۾ مڪن ٿي ڳالهندو هو:

جهيني جهيني ٻيني چدريا...

اهو ڳالهيدي ڳالهيدي هو جهولڻ لڳندو هو. جڏهن نه
پرميشور جي ڀانڻ لاءِ هو چادر اڻي رهيو هو. رڳو وڃڻ ۾ رشي
چوڻ ٿو: مان پنهنجو هي سلوڪ سڌ رهڻ سان اُڻيل ڪهڙي
رالنگر انهور ڪي ڳرهڻ ڪرايان ٿو. ڪوي سلوڪ ٺاهي ٿو
انهور لاءِ. ڪوري جو ڪهڙو ٺاهي لو اهو به انهور لاءِ.
ڪهڙي نه دل پڄالهندڙ ڳلهيا! ڪيترو نه چمڪي ڪسي ڇڏ
ڪئي وارو ۽ هردي ۾ لهرون اٿاريندڙ وچار! اهڙي ڀاولا ۽
جي ممڪن ۾ هڪ وار اچي وڃي نه پوءِ جيون ڪيترو نه نرمل
ٿي پوندو. اولده ۾ جڏهن ٻهلي ايندي آهي نه اها اولده
ست گن ۾ پرڪاش پئجي وڃندي آهي. اها اولده ڇا
ڏيري ڏيري پرڪاش پئجندي آهي؟ نه، هڪ گهڙيءَ ۾

جو نه ڇهو وڃي نه سرشٽي نه ڇڳي آهي. لوهمڻ دشت آهيو ان ڪري اوهان کي سرشٽي دشت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڏسو سرشٽي ڇا آهي؟ هڪ آرسي آهي. لوهمڻ جهڙا هوندا، اهڙو ڪي، لوهالجو پاڇو سامهون ڏسڻ ۾ ايندو. جهڙي اسانجي دِرشٽي تهڙي هيءَ سرشٽي. ان ڪري انهن سمجهو نه هيءَ سرشٽي ڇڳي آهي، پوتر آهي. پنهنجي هرروز جي وهنوار ۾ به اهڙي پاونا پريو. پوءِ ڏسو ته ڪهڙو نه چمتڪار ٿئي. ڀڳوان هيءَ ئي ڳالهه سمجهائڻ چاهي ٿو،

”اي ارجن، جيڪي ڪرين،
جيڪي کائين، هون ۾ وجهين،
دان ڏين، تپسيا ڪرين،
سڀ ڪجهه مونکي لون ارپڻ ڪرين.“

لوهين جيڪي ٻه ڪريو اهو ڀڳوان کي ارپڻ ڪريو. منهنجي ماتا پالپڻ ۾ هڪ آکاڻي ٻڌائيندي هئي. ڪل جهڙي ڳالهه آهي. پر ان جو لت ڏاڍو قيمتي آهي. هڪ مالي هئي. ان جو نشچو هو ته جيڪي ڪجهه، اهو ڪرشن ارپڻ ڪري ڇڏجي. هوءَ جا ڪئي جو لمبو پالح بعد جيڪو ڇڏو پيندو هو ان جو ڳوڙهو ناهي ”ڪرشن ارپڻ“ چئي ٻاهر اڇلائيندي هئي ۽ ليندڙ پيا هو، جو اهو ڳوڙهو الان ڪهي مندر ۾ ڀڳوان جي مورتيءَ جي منهن ڏي وڃي چنبڙندو هو. پوڄاري وچارو مورتيءَ کي ڌوئي تنگ ٿيو. مگر ڪو اپاءُ ٿي ڪو نه هو. آخر معلوم ٿيو ته اها ڪرامت ان استريءَ جي آهي. جنهن اها مالي جيتري آهي ليڪن اها مورتي صاف رهي نه سگهندي. هڪ ڏينهن اها مالي بيمار ٿي پيئي. مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هئي. هن، موت کي به ڪرشڻ ارپڻ ڪيو. ان وقت مندر جي مورتي ٽڪر ٽڪر ٿي پيئي. مورتي پڄي پري ڪري پيئي. مٿان ماليءَ کي وٺڻ لاءِ وِمان آيو. ماليءَ اهو به ڪرشڻ ارپڻ ڪري ڇڏيو. وِمان وڃي مندر

يا سچ معلوم ٿيندو. ان ڪنيا دان ۾ صرف اکري نہ پر سڄي
ڀاونا وجهو تہ هو ٽالي سچ پچ ٿي پرماتما آهي، پوءِ ڏسندا
تہ ان ۾ ڪيترو فرق پئجي ويندو. ڀاونا جي اثر ڪري ڇپر
جهڙي پٿرن ۾ پوڄين روپ ۾ زمين آسمان جو فرق پئجي
ويندو. ڪهاڻي سهائر ٿي پوندو. جو دشت آهي اهو ديوتا
ٿي پوندو. والميڪ (ٻاليا ڀيل) جي ڪايا پلٽ اهڙيءَ طرح
ٿي ويئي نہ؟ سارنگيءَ ٿي آگريون لڳي رهيون آهن ۽ مکہ
سان ٽارائي ٽارائي جو جاپ هلي رهيو آهي. ڪوماريءَ لاءِ
ڍوڙي ٿو لڌهن نہ شانتيءَ ۾ ڀيڪ لڳو پوي. الٽو ان طرف
پير پوي لکاهہ سان ڀهاري ٿو. اهڙو لطارو والميڪ هن ڪان
اڳ ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو هو. ان مهل ٽالين تہ هن ٻن لمولن جا
[illegible] ڏنا هئا. هڪڙا تہ سندس هٿيار ڏسي ڀڄي ويندا،
ٻيا منهن ڦيري مٿس حملو ڪندا. مگر ٽارد ڪمس ڏسي
[illegible] نہ وري حملو ٿي ڪيو. مگر شانتيءَ سان بيٺي
رهيو. ٻاليا جو تير ڪمان روڪجي ويو. ٽارد جي لہ پرون
ڏي، نہ اک ٿي جهپي. مڌر پڇن جيئن جو لهنن جاري رهيو
ٽارد والميڪ کان پڇيو، ٿهنجو تير هو روڪجي ويو؟"
والميڪ چيو، "اوهان جي شانتيءَ کي ڏسي." ٽارد والميڪ
جو روپ ٿي بدلي ڇڏيو. اها تبديلي ڪوڙي هئي يا سچي؟

سچ پچ سنسار ۾ ڪو دشت آهي يا نہ؟ ان جو فيصلو
آهر ڪير ڪري؟ سچ پچ سنسار ۾ ڪو دشت سامهون اچي تہ
اهڙي ڀاونا ڪريو تہ هو پرميشور آهي، جي هو دشت هوندو تہ
[illegible] ٿي پوندو! اهڙي اجائي سهائي ڀاونا ڪريون؟
[illegible] هوندس تہ ڇا ڪنهن کي خبر آهي تہ هو دشت ٿي آهي؟
[illegible] هوندا تہ سڄي ماڻهو ٻار ڇڱا هوندا آهن. ان ڪري
ماڻهن کي سڀ ڇڱا لڳندا آهن. مگر حقيقت ۾ الٽو ٿو ٿئي.
[illegible] ڇڪي لوڪي ڏسڻ ۾ اچڻو اهو سچ ڪٿي؟ سرشٽيءَ
[illegible] سڀ [illegible] هٿيءَ جو ڏيو جا دشٽن ومت ٿي آهي؟ هتي

ڀڳوان سڀ کو ڏسڻ چاهيو. هاڻي ان جي سمهڻ جو وقت ٿيو. ڀڳت ڳائيندا آهن:

"سک جي ننڊ ڪر هاڻ شيام!"

پر لڇمڻ پڇندو، "اڙي ڀڳوان ائين سمهندو آهي ڇا؟ اڙي ڀڳوان ڇا ننڊ ڪري؟ ڀلا آدمي! ڀڳوان جي ننڊ سمهي، ننڊ جاڳي نه، ڇا هي پڻ سمهندو جاڳندو؟ ڀانئي ڀڳوان ٿي سمهي ٿو، ڀڳوان ٿي جاڳي ٿو؛ ڀڳوان ٿي کائي پيئي ٿو. تلسيداس پرڀات جو ڀڳوان کي پرارٿنا ڪري ٿو:

"جاڳيئي رگهوناٿ ڪنور، پڇي بن بولي."

ڀڳتجن ڀائرن ڀينرن کي، استرين پرشن کي رامچندر جي مورتي سمجهي ٿي ٿو، مهنجا رامچندر هاڻي اٿو. ڪهڙو نه سندر وچار! نه نه ڪڏهن پورڻ لڳي ۾ ڏسو. اهي ٻارن کي رڙ ڪري اٿاريندا آهن. اڙي! اٿو ته ڀلا نه؟ پرڀات جي مڱل ويل. اهڙي وقت ڪنور واڻي ڇا ٿيهي ٿي؟ وشوامتر جي آشرم ۾ رامچندر سمهي رهيو آهي. وشوامتر کيس اٿاري رهيو آهي. والميڪ رامائڻ ۾ ان جو هڪ ٺهوڪي ورڻن آهي.

"اٿ رام، ڀڄا هاڻي اٿ." اهڙيءَ طرح مٺي واڻيءَ سان وشوامتر کيس اٿاري رهيو آهي. ڪيترو نه سندر آهي هي ڪرم! ۽ پورڻ لڳي هي اها رڙ ڪيتري نه ڪنور آهي! وچاري سمهيل ٻالڪ کي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ته ڪو سٺن جنمن جو ويري جاڳائڻ آيو آهي. پهرين آهستي سڏ ڪريو. پوءِ ڪجهه زور سان آواز ڪريو. مگر ڪڙائي، ڪنور ته بلڪل نه هڻڻ گهرجي. جي نه اٿي ته وري ڏهن منٽن بعد وڃو. آشا رکو ته هو اڄ نه، ته سڀاڻ سويل اٿندو. ان جي اٿڻ لاءِ منوهر ڀڄن، پرڀاتي سلوڪ وغيره ڳايو. جاڳائڻ جو ڪم آهي نه رواجي؛ پر اسين ان کي ڪيترو نه منوهر ۽ سندر بڻائي سگهون ٿا. جڻ ته ڀڳوان کي ٿي اٿاري رهيا آهيون. پرميشور جي مورتيءَ کي آهستي جاڳائڻو آهي.

سان لڳو. اهو ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو. سرڳ سري ڪرشن جي
ڏيان جي پيت به ليچ آهي.

مطلب هي ته جو ڪجهه به ڀلو برو ڪرايان کان ٿئي سو
ايشور ارپڻ ڪري ڇڏڻ سان ان ۾ ڪجهه عجيب طاقت پيدا
ٿي ٿئي. جوئر جو داڻو ٿورو پيلو ٿورو ڳاڙهو هوندو آهي
مگر ان کي پيهڻ سان ڪهڙو نه سندر ڦلو لهي پوي ٿو؟ صاف
سفيد، اڇ ڪنڊو، سهڻو ۽ شاندار ڦلو ان داڻي جي سامهون
رکي ڏسو. ڪيترو نه فرق آهي؟ مگر اهو ڦلو آهي ان داڻي
جو ئي. هي فرق صرف هڪ باھ جي سبب ٿي ٿي ويو
اهڙيءَ طرح ان سخت داڻي کي چڪيءَ ۾ وجهي پيهون
ان جو سنهو اٽو ٺهي وڃي ٿو. باھ جي لاڳاپي سان ڦلو ٺهي
پيو، نه چڪيءَ ۾ وجهڻ سان سنهو اٽو ٺهي پيو. اهڙيءَ
طرح اسان جي حبس ۾ حبس ڪريا ڏسي ته هري سمرڻ
روپي سنسڪار ڪرڻ سان اها لاثاني ٿي ويندي. پاول
سان ان جي قيمت وڌي ويندي. اهي ياسمين جا رواجي
گل، ان ڳانوڙيءَ جا بڻ، للسيءَ جو بوڙ ۽ گاھ جا پن. انهن کي
حبس نه جاڻو.

”ڪاڪا ڪيهن کي مزو اچي ويو،
جنهن سان پاڻ پريو گڏجي ويو.“

هرهڪ ڳالهه ۾ ڀڳوان کي ملايو ۽ پورو اهو ڪريو. لوهين
ڏسندا ته هٿ رام روپي مصالح جي برابر ڪو نه ”مصالح
ڪولهي. اهڙي ايشوري مصالح کان وڌيڪ بهتر لوهين ڀيو
ڪهڙو مصالح آڻيندا؟ هيءُ ٿي ايشور روپي مصالح پنهنجي
هرهڪ ڪريا ۾ ملايو پوءِ سڀ سندر ۽ وڻندڙ ٺهي پوندو.

راڪ جو انهن ٻجي جڏهن منڊر ۾ آرتي ٿي رهي هجي
۽ ڏوپ جي سگنڌ ڦهلي رهي هجي، جرس جلائي وئي
هجي، آرتي پوري ٿي رهي هجي، اهڙيءَ طرح سڀ ٻيو
اهو اها ٿيندو آهي ته اسين پرماتما کي ڏسي رهيا آهيون.

ٿي ويندا. پاپ ڀڄي ويندا. اوديا جي اونده هٽي ويندي. ٽڪارام چيو آهي:

الٽي پاپ جي جوٽ، جهين نام هر هر،
ڪندو ڀاپُ ڇٽا لو، وٺين نام واهر.

چڱو هلو، توهان کي پاپ ڪرڻ جي چوٽي آهي. مولڪي ڏسڻو آهي نه هاڻي توهين ته پاپ ڪرڻ کان ٽڪجو ها ڦري نام تو پاپ ناس ڪرڻ ۾ لڳي. ڏسان نه اهو ڪهڙو زبردست مغرور پاپ آهي جو رام نام اڳيان رهي تو سگهي؟ جيترا چاهيو اوترا پاپ ڪريو، جيترا ٿي سگهن اوترا ڀل ڪريو. توهان کي کلي موڪل آهي. ڀل لڳي رام نام ۽ لڳي پاپن جو ملاکڙو. اڙي ٿين رام نام ۾ هن جنم جا نه، پر بيشمار جنمن جا پاپ گهڙي ڪن ۾ ناس ڪرڻ جي طاقت آهي. غفا ۾ بي الت سمي کان اونده ٿهليل هجي ليڪن هڪ ليلي ٻارڻ سان سڀ اونده ختم ٿي ويندي. ان اندڪار مان پرڪاش ٿي وڃي ٿو. پاپ جيترا پراڻا اوترا جلد ناس ٿي وڃن ٿا. سچ پڇ ته اهي ختم ٿيڻ لاءِ ٿي هوندا آهن. پراڻيون ڪاٺيون جلد ٻري وينديون آهن.

رام نام جي ويجهو پاپ بيهي نه سگهندو. ٻار چوندا آهن نه، نه ڇا رام چوندي جن ڀوت ڀڄي ويندا آهن؟ اسين ٻالپڻ ۾ رات جو مساڻن ۾ ايندا ويندا هئاسين. مساڻن ۾ وڃي ڪلو هڻي اچڻ جي شرط لڳائيندا هئاسين. رات جو ٽالگ نه هوندا، ڪنهن به هوندا ۽ چوطرف اندڪار ۾. ڪنهن به ڪجهه به معلوم نه ٿيندو هو. جن ڀوت نه ڪڏهن به ڏسڻ ۾ نه آيو. ڀلا خيالي ڀوت ڏسبا ڪٿان؟ هڪ ڏهن ورهين جي ٻالڪ ۾ رات جو مساڻن ۾ وڃڻ جي جرئت ڪٿان آئي. رام نام مان. اها طاقت ۽ جرئت ستيه روپ پرماتما جي هئي. جي هيءَ ڀاونا هجي ته پرماتما مون وٽ آهي ته ساري دنيا جي اونده ٿيڻ لي نه هري ۽ جو داس نه ٻڌندو. ڪيس ڪهڙو راڪاس کائي سگهندو؟ راڪاس سندس لن بدن ڪڪا پي ڏي نه وڃي ۽ هضم نه ڪري وڃي، پر راڪاس ستيه کي ڪڏهن نه

لنڊن مان ڪيترن جڳهن تي اچڻ - وڃڻ جو آهي.
پهنجي سيني وهنوارن ۾ ... ...
تعليم شاستر ۾ نه ... ... آهي. ...
ڇا آهن؟ پرڀوءَ جون مورتيون آهن. گروءَ جيسي هي پاو
هٿيل گهرجي نه مان انهن ديوتائن جيسي شيوا ڪري ره
آهيان. تڏهن هو ٻارن کي انهن ڇڙٻون ڪونه ڏيندو. "هل
وڃ پنهنجي گهر. الي ييه ڪلاڪ. هت ايا ڪري پيه
کهڙا نه گندا ڪهڙا اليڻي! هت منهن کهڙا نه گندا اليڻي!
بلڪل پرير سان، هتڪ سان ٻار جو لڪ صاف ڪندو. مي
ڪپڙا ڌوئيندو. قائل ڪپڙا سبندو. جي ماستر انهن کن
ان جو ڪهڙو نه سلو اثر پوي! مار سان ڇا ڪو اهڙو لئيج
ڪري سگهندو؟ ٻارن کي نه گهرجي لـــ اهي نه اهڙ
امهوري پاونا سان ماسترن کي ڏسن. جي ماستر ودياريءَ کي
هري-مورتي سمجهي ۽ ودياريءَ ماستر کـــي هري-مورتي
سمجهي، اهڙي پاونا پاڻ ۾ رکي هڪ ٻئي سان ملن نه ود
ڪيتري نه لمجسوي ٿي پوي! ودياريءَ نه ڀڳوان لـــ ماسـ
نه ڀڳوان. جي وديارٿين جو هي خيال ٿئي نه هي ماستر
پرميشر جي مورتي آهي ۽ اسين ان کان سکيا امرت ولـ
رهيا آهيون. انهيءَ جي شيوا ڪندي گيان حاصل ڪري ره
آهيون نه پوءِ پڙهائو نه وديارٿي سانس ڪهڙو ورتاءُ ڪندا؟

٤٧

پاپ کان نه ڊڄو

هر هنڌ پرميشور براجمان آهي. اهڙي ڀاونا جيسـ ۾ ويه
ر هي تڏهن اسين هڪ ٻئي سان ڪئن وهنوار ڪريون، هي
اسٽاٽي سکيا ڀنهنجو پاڻ اـان ر پيدا ٿيندي. ان لاءِ پستڪ
پڙهڻ جي ضرورت ئي ڪا ن هوندي. تڏهن سڀ دوش د

چاڙهيندا، ان جو وزن ڪونهي. سوال ناڻي جو، اندازي جو ۽ قيمت جو ناهي. سوال ڀاونا جو آهي. ڪيترا ڪرم ارپڻ ڪيئا، ان سان واسطو ڪونهي. بلڪ ڪهڙي ڀاونا سان ڪيئا، اهو سوال آهي. گيتا ۾ ڪل ست سؤ سلوڪ ئي آهن. مگر اهڙا به گرنٿ آهن جن ۾ ڏهه ڏهه هزار سلوڪ آهن. چيز جي شڪل وڏي هئڻ سان انهيءَ جو استعمال ۽ اثر وڏو ۽ وڏيڪ هوندو، ائين نه چئي سگهبو. ...سڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته چيز ۾ ايج ڪيترو آهي، طاقت ڪيتري آهي. جيون ۾ ڪرم ڪيترو ٿيو، ان جي اهميت ڪانه آهي. ايشور ارپڻ ٻڌيءَ سان جي هڪ ئي ڪرم ٿئي ته اهو ...سان کي پورو پورو لاڀ يا آزمودو ڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن ... هڪ ئي ٻوٽو گهڙيءَ ۾ اسانکي ايترو آزمودو ملندو آهي جو جيڪر ٻارهن سالن ۾ به نه ملي سگهي.

تاتپرج هي آهي ته جيون جي رواجي ڪرمن ۽ ڪرياڻن کي ايشور ارپڻ ڪري ڇڏيون ته ان مان جيون ۾ عجيب شڪتي اچي ويندي. شڪتي ملي ويندي. ڪرم ڪندي ان جو ڦل نه ڇڏي جو ايشور ارپڻ ڪرڻ، هي راج يوگ آهي. هي ڪرم يوگ کان ۽ هڪ قدم اڳتي وڌيل. ڪرم يوگ چوي ٿو ته ڪرم ڪريو پر ڦل جي آشا نه رکو. جتي ڪرم يوگ ختم ٿئي ٿو اتي پر راج يوگ چوي ٿو ... ڪرم جي ڦلن کي ڇڏيو نه، بلڪ سڀ ڪرم ايشور ارپڻ ڪريو. هي گل آهن. ٽنهي جي ترقي جا وسيلا آهن. انهن کي الهي مورتيءَ تي چاڙهي ڇڏيو. هڪ طرف کان ڪرم، ٻئي طرف کان ڀڳتيءَ جو ميل ملائي جيون کي سندر بڻائيندا وڃو. ڦل کي لتاڙيو نه. ڦل کي ڇليو به نه، بلڪ ڀڳوان سان ڳنڍي ڇڏيو. ڪرم يوگ ۾ ڇڏيل ڦل، راج يوگ ۾ ڳنڍيو ٿو وڃي. ٻوڪڻ ۽ اڇلڻ ۾ فرق آهي. ٽوڙو ۽ ڦوڪيل شمار ٿي ملندو آهي. پر اڇليل ائين ئي ناس ٿي ويندو آهي، جو ڪرم ايشور کي ارپيو ويو آهي اهو ڦوڪيو ويو آهي. ان جيون ۾ الست آنند ۽ اپار ٻولڻائي اچي ويندي:

آرتوار: ١٧-٣-٣٢.

هضم نه ڪري سگهندو. ستيه کي هضم ڪرڻ جي طاقت سنسار ۾
ڪٿي به ڪانه آهي. ايشور نام اڳيان پاپ ٿورو به رهي نه سگهندو
ان ڪري ايشور سان من لڳايو. ان جي ڪرپا حاصل ڪري
وٺو. سڀ ڪرم کيس ارپڻ ڪري ڇڏيو. ان جا ٿي وڃو. پنهنجن
سڀني ڪرمن جي پيتا پرميشور کي ارپڻ ڪرڻي آهي. ان پاونا کي
درجي بدرجي وڌيڪ بلوان ڪندا هلندا ته هيءَ فاني جيون
ايشوري جيون ٿي ويندو. ملين جيون سندر ٿي ويندو.

٤٨

ٿورو به ملو

'پن، ڦل، ڦول ۽ جل' انهن مان ڪجهه به لوهان رمت
سڀني نه هرج ڪونهي. فقط ان سان ڳالهه پاؤ گهرجي. ڪيترو
ڏنو، ڪيترو چاڙهيو، جيءَ سوال ناهي. ڪهڙي پاونا سان
ڏنو، اهو سوال آهي. هڪ ڏينهن هڪ پروفيسر سان منهنجي
گفتگو ٿي رهي هئي. اها تعليم بنسبت هئي. اسان ٻنهي جا
وچار لهي مليا. آخر پروفيسر چوڻ لڳو، "پاڻ سي مان ارڙهن
سالن کان ڪم ڪري رهيو آهيان." پروفيسر کي گهربو هو ته
مون کي محسوس ڪرائي ها. مگر انهن نه ڪندي جڏهن مون کي
پتو ته مان هيترن سالن کان وديا جو ڪم ڪري رهيو آهيان ته
مون پڇو ڪري کيس چيو، "ته جيڪڏهن ڪو ڏيڍو ارڙهن
سالن تائين ڪنهن مشين کي چڪيندو رهندو آهي ته ڇا هو
ڪاريگر مستري ٿي ويندو آهي؟ ڪاريگر هڪ چيز آهي ۽
ٻه اهو اکيون ٻوني هلندڙ ڏيڍو ٻي چيز آهي. سکيا شاستري هڪ
چيز آهي ته سکيا جو ٻار ڏيو ٺيندڙ ٻي چيز آهي. جو شاستري گيالي
سوندو ته اهو ڇهن مهنن ۾ ئي اهڙو آزمودو ٻرائيندو جو ويهن سالن
تائين ٻوجو ڏيو ٺيندڙ مزدور جي سمجهه ۾ ئي نه ايندو." مطلب
سي ته ان پروفيسر مون کي پنهنجي ڏاڙهي ڏيکاري ته مان هيترن
سن کان ڪم ڪري رهيو آهيان. مگر ڏاڙهي سان سچ سڌ نه
ٿي سگهندو. اهڙيءَ طرح پرماتما جي اڳيان ڪيترين پيتائون

اهڙيءَ طرح گيتا جي پهرين ڇهن اڌيائن ۾ ڪرم جي ساري ڇنڊ ڇاڻ پوري ٿئي ٿي.

ان کان پوءِ ڇهين اڌياءَ ۾ اڪرم روپي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪرم جي ايڪ طريقي سان من کي اندران شد ڪرڻ جا جي ايڪ سادن آهن، انهن مان مکيه سادنن جي پڌائڻ جي شروعات ڪيل آهي. ڇهين اڌياءَ ۾ چت جي ايڪاگرتا لاءِ ڌيان يوگ پڌائي ابياس ۽ ويراڳ جي مدد اهڪي ڏني ويئي آهي. ستين اڌياءَ ۾ وشال ڀڳتيءَ جا اوچ سادن پڌايا ويا آهن. اوهين ايشور جي طرف چاهي پريم ڀاونا سان وڃو، پيا جگياسو ٻڌيءَ سان وڃو، سنسار جي ڪلياڻ جي چنتا سان وڃو، يا شخصي ڪامنا سان وڃو، ڪنهن به طريقي سان وڃو، مگر هڪ دفعو سندس درٻار ۾ وڃو ضرور. ههن اڌياءَ جي وشيه جو نالو مون ”پرپتي يوگ“ يعني ايشور جي ڀڳتيءَ ۾ وهڻ جي لاءِ الساهت ڪرڻ وارو يوگ نالو ڏنو آهي. ستين اڌياءَ ۾ پرپتي يوگ پڌائي، اٺين اڌياءَ ۾ ”ساتتيه يوگ“ ڇيو ويو آهي. مان جو هي نالا پڌائي رهيو آهيان، اهي ڪنهن پستڪ ۾ ڪين ملندا. پنهنجي لاءِ جي ڪارائتا نالا معلوم ٿيا اهي ئي مون رکيا آهن. ساتتيه يوگ جي معنيٰ: الف کان لائين پنهنجي سادنا کي چالو رکڻ. جنهن رستي تي هڪ دفعو هلجي، ان تي هميشه قدم وڌائيندو رهڻ گهرجي. ڪڏهن هيڏانهن، ڪڏهن هوڏانهن وڃڻ سان منزل تي پهچڻ جي آشا ڪڏهن به نه ٿي سگهندي. ڪڪ ٿي، اداس ٿي، ڪڏهن به هيءُ خيال نه ڪرڻ گهرجي ته اڃا ڪيترائين سادنا ڪندا رهنداسون. جيسين نه ظاهر ٿئي تيسين سادنا جاري رکڻ گهرجي.

هن ساتتيه يوگ جي واقفيت ڏيئي نائين اڌياءَ ۾ واڪي جيون جو سڄو رنگ بدلائي ڇڏڻ واري هڪ ڳالهه ڀڳوان پڌائي آهي. اها آهي راج يوگ. نائين اڌياءَ چوي ٿو ته جهڙي به

اڌياءِ ڏهون

وڀوتي چنتن

٤٩

گيتا جي پهرئين اڌ تي سرسري نظر

مترو، گيتا جو پهريون اڌ سماپت ٿيو. هن اڌ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ پهرئين حصي جو ٿوري ۾ سار ڏسي وٺون ته چڱو ٿيندو. پهرئين اڌياءِ ۾ اهو ٻڌايو ويو ته گيتا موهه ناس ڪرڻ ۽ سوڌرم آچرڻ جي ورتي جاڳائڻ لاءِ آهي. ٻئي اڌياءِ ۾ جيون جا سڌانت، ڪرم يوگ ۽ ڌير پرشن جو درشن اسان کي ٿيو. ٽئين، چوٿين ۽ پنجين اڌياءِ ۾ ڪرم، وڪرم ۽ اڪرم تي روشني وڌي وئي. ڪرم جو ارٿ آهي سوڌرم آچرڻ. وڪرم جو ارٿ آهي اهو مانسڪ ڪرم، جو سوڌرم آچرڻ جي مدد لاءِ ڪيو ويو آهي. ڪرم ۽ وڪرم جي هڪ روپ ٿي وڃڻ تي چت جي شڌي ٿيندي، هر ڪنهن قسم جي مئل صاف ٿي ويندي، واسنا نشٽ ٿي وينديون، وڪار شانت ٿي ويندا، ڀيد ڀاءُ مٽجي ويندا ۽ تڏهن اڪرم اوستا حاصل ٿيندي. هيءَ اڪرم اوستا ٻن قسمن جي ٻڌائي وئي آهي. انجو هڪ نمونو ته هيءُ آهي ته ڏينهن رات ڪرم ڪندي به چڻ ذرو به ڪرم نٿو ڪجي، اهڙو انڀو ٿيڻ. الهي اهڙو ٻيو نمونو هيءُ آهي ته ڪجهه به نه ڪندي هميشه ڪرم ڪندو رهڻ، اهڙو انڀو ٿيڻ. اهڙي طرح اڪرم حالت ٻن حالتن ۾ ٻڌائي وئي آهي. هي ٻه نمونا ڏسڻ ۾ ته جدا جدا ٿا اچن تڏهن به آهن پورن روپ ۾ هڪ ئي. جيتوڻيڪ انهن جا نالا ڪرم يوگ ۽ سنياس جدا جدا ٻڌايا ويا آهن، تڏهن به اندروني مطلب ٻنهي جو هڪ ئي آهي. اڪرم اوستا آخرين منزل آهي. ان اوستا کي مڪتي نالو ڏنو ويو آهي.

۽ ٽي سيني جا دماغ مجھيل آهن. ساڳيءَ آچاريه رُدر جو بيان ڪيو آهي: "ڳيارهن ئي رُدر جا اوتار آهن." انهن جي ڏک دور ڪرڻ لاءِ انيڪ فيلسوفيون ۽ الڳ الڳ راجنيتيون ٺهيون پيون آهن. جدا جدا واد ان رُڪنيءَ لاءِ ئي پيدا ٿيا آهن. انهن کان ڇٽڻ جي، ٻچڻ جي اڄ فرصت ئي ڪانهي. اڄ اسان جون سڀ زبردست ڪوششون هن ڏس ۾ لڳي رهيون آهن ته هڪ ٻئي سان نه لڙندي نه جهيڙندي سک شانتي آنند سان رهڻي ڪيئن حاصل ڪريون؟ اهڙي عجيب سماج رچنا جنهن زماني ۾ ٿي رهي هجي، اتي ايشور ارپڻ جهڙي سڌي سادي ۽ سولي ڳالهه ڏي ڏکي ٿي پوي ته ڪهڙو عجب! مگر ڪجهي ڇا؟ ۽ هن ڏهين اڌياءَ ۾ اڄ اسين اهو ڏسنداسين ته ايشور ارپڻ يوڳ ڪيئن پورو ڪجهي، ڪيئن سولو بڻائجي.

٥٠

پرميشور درشن جو سولو رستو

ڏيڻ ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ جو طريقو اسين اختيار ڪندا آهيون، ساڳيو ئي طريقو پرماتما کي هرهنڌ ڏسڻ لاءِ هن اڌياءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي. ٻارن کي آليونيا ٻن طريقن سان سيکاري وينديون آهي. هڪ ته پهرين وڏا اکر لکي ٻڌائڻ جو ۽ ٻيو انهن کي ننڍو ڪري ٻڌائڻ جو. ساڳي "ا" ساڳي "ب" پهرين وڏا هئا ۽ پوءِ ننڍا ٿي ويا. هي هڪ طريقو آهي. ٻيو طريقو هي آهي ته پهرين سولا سادا اکر سيکارڻا وڃن ۽ پوءِ ڏکيا ۽ گڏيل اکر. پرميشور جو درشن ڪرڻ به ليڪ انهن ئي سکڻ گهرجي. پهرين ظاهر پرميشور کي ڏسون. سمنڊ، جبل وغيره وڏيون ۽ ظاهر تيل پرميشور جلدي ئي اکين ۾ سمائجي وينديون آهي. هي ظاهر پرميشور سمجهڻ ۾ اچي ويو ته، هڪ پاڻيءَ جي ٻوند ۾، مٽيءَ جي هڪ ذري ۾

ڪرم هر گهڙيءَ پيا ٿين. اهي سڀ ڪرشن جي ارپڻ ڪري ڇڏيو. هن هڪ ئي ڳالهه سان سڀ شاستر، ساڌن، سڀ ڪرم وڪرم پورا ٿي وڃن ٿا. سڀ ڪرم ساڌنا: هٺ، سمرپڻ يوگ ۾ سمائجي ويٺي. سمرپڻ يوگ کي ئي راج يوگ چوندا آهن. هتي سڀ ساڌن پورا ٿي ويا. هي وياپڪ ۽ ڀلوان ايترو ارپڻ روپي ساڌن تمام سادو ۽ رواجي ڏسجي ٿو. پر آهي ڏاڍو ڏکيو. هيءَ سولو ان ڪري آهي جو هڪ ڳنوار کان وٺي هڪ وڏوان تائين هر هڪ گهر ۾ وٺي به ٿا ڪنهن خاص مقصد جي هي ساڌن ساڌي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ڏاڍو سولو آهي، تڏهن به ان کي ساڌڻ لاءِ وڏي پڄ جي ضرورت آهي.

”گهڻي سٽ ڪرم سان پريو - پريم جاڳيو“

جڏهن گهڻن جنمن جي پڄ جي سٽي ڪمائي ڪڏجي ٿي تڏهن ايترو ڏاڍو لاڙو ٿئي ٿو. اکين ۾ ڪجهه ٿوروئي ٿئي نه اکين مان پاڻي وهي اچي. مگر ڀڳوان جو نالو وٺندي ئي اکين مان به ڳوڙها به ڪڏهن نٿا نڪرن. انجو اپاءُ ڪهڙو؟ سٽن جي ڇوڙ موجب هڪ تمولي هي، ساڌنا ڏاڍي سولي آهي. مگر هتي تمولي اها ڏکي به آهي ۽ هاڻوڪي زماني ۾ نه اها به وڌيڪ ڏکي ٿي پيئي آهي.

اڄ نه جڙواد جو پردو اسانجي اکين تي پيل آهي. اڄ نه شروعات الان ٿئي ٿي نه جا ايترو آهي سهڻ؟ ڪٿي به، ڪنهن کي به ان جو احساس ٿيو ٿئي. ساري جيون وڪارن ڀري، وشين ڀري، ويو ورود سان تمتار ٿي رهي آهي.

ڳالهه وڏي ۾ وڏا فيلسوف آهن. انهن جا به ويچار هن پاڻ لهه کان اڳتي وڌي نٿا سگهن نه سهڻي ڪي پوري روئي ڪئن ملندي؟ هن ۾ انهن جو ڏوش ڪونهي. جو نه اڄ حالت ئي اهڙي آهي جو گهڻن کي روئي ئي نصيب نٿي ٿئي. اهو وڏو مسئلو روئي جو آهي. هن مسئلي کي حل ڪرڻ

برداشت ٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪيس چئون ته لون مالا
۽ ايشور ڏيس ته هو چوندو ته ڇا ايشور اهڙو سولو آهي؟
مگر جي اهو زبردست پرماتما ظاهر ٿيو ته ان جو تيج توهين
سهي سگهندا؟ ڪنتي ۽ جي من ۾ آيو ته اهو پري وارو سورج
مورتي ظاهر اچي ملي. مگر سورج جي نزديڪ ايندي ئي
هوءَ جلڻ لڳي. انهيءَ تيج هوءَ سهي نه سگهي. ايشور جي
پنهنجي سموري تيج سان اچي سامهون بيهي ته نه انسان
کان اهو برداشت ٿيو ٿئي. جي مالا جي ڪومل روپ ۾ اچي
ٿو ته انسان کي آنڙي ٿو. پيڙا، مانو هضم نٿا ٿين ۽ رواجي کير
وڻي ٿو. هي نشانيون ليڪتا، بدنصيبي ۽ موت جون آهن.
اهڙي روڳي من جي حالت پرميشور درشن ۾ وڏي رنڊڪ
آهي. من جي ان حالت کي مٽائڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين
اسين پنهنجي ويجهو استول ۽ سولي ايشور کي سمجهون ۽
پوءِ سوکشم ۽ گڏيل پرماتما کي سمجهون.

٥١

انسان ۾ براجمان پرميشور

پرميشور جي پهرين مورت جا انسان وٽ آهي سا آهي
انسان جي مالا. شرلي چوٿي؛ پيدا ٿيندي ئي ٻار کي مالا کان
سواءِ ٻيو ڪير ڏسڻ ۾ ايندو آهي؟ مالا جي پرلم روپ ۾
پرميشور جي مورت ٿي ڪيس ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان مالا
جي وياپڪتا کي اسين وڌايون ۽ وڏي مالرم ڇٽي راشٽريه
مالا جي ۽ پوءِ هن اکنڊ ڌرتي مالا جي، پرٿوي جي پوڄا
ڪريون. مگر شروع ۾ سڀ کان اوچي پرميشور جي پهرين
نشاني جا ٻارن جي سامهون ايندي آهي اها مالا جي روپ
۾ مالا جي پوڄا سان مڪتي ملڻ ناممڪن ناهي. مالا جي
پوڄا ڇا آهي؟ ڇڻ ممتا پريل پرميشور جي ئي پوڄا آهي.
[illegible] نه هڪ ڏيهو آهي. پرميشور ان ۾ پنهنجو پرلم اولي

ساڳيو ليکي پرمانند پڙهيل آهي، سمايل آهي، هي به اُچتي هلي پاڻيهي
سمجهه ۾ اچي ويندو. وڏي الف ۽ ننڍي الف ۾ ڪو فرق
ڪونهي. جهڙو ٻڌو آهي تهڙو لکيو آهي. هيءَ هڪ طريقو
آهي. هاڻي ٻڌايو ٿو ته پرماتما جي سولي روپ کي ڏسڻ ۽
پوءِ ان جي ڏکئي روپ کي. جنهن شخص ۾ شڪ پرميشور جي
ظهور ٿيڻ لاءِ وڌيڪ لمولي ظاهر ٿيو آهي، پرماتما جو اهو ظهور
جلد ڪرڻ ڪري سگهجي ٿو. درشن رام ۾ ظاهر ٿيل پرميشور جي
ظهور جلدي من ۾ جمي ويندو. تنهن رام هڪ سولو اکر آهي.
اهو هڪ سولو پرميشور جو روپ آهي. ۽ راوڻ؟ هيءَ گڏيل
اکر آهي. ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه گڏيل آهي. راوڻ جي لنڪا،
ڪرم شڪتي مهان آهي. مگر ان ۾ ڪلور نا مليل آهي. پهرين
رام روپي سولي اکر کي سکو. جنهن ۾ دنيا آهي، سک آهي،
پرلوڪ آهي. اهڙو رام سولو پرميشور آهي. اهو جلدي حاصل
ٿيندو. راوڻ جي حالت ۾ پرميشور ڏسڻ ۾ ٿوري دير لڳندي.
پهرين سولو ۽ پوءِ گڏيل. پهرين سڀڻ ۾ پرماتما ڏسڻ ۽ پوءِ
دشمن ۾ به. پرماتما ڏسڻ جو ابياس ڪرڻ گهرجي. سمندر
وارو وشال پرميشور پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي ۾ به آهي. رامچندر
وارو پرميشور راوڻ ۾ به آهي. جو استول ۾ آهي، اهو ئي
سوکشم ۾ به آهي. جو سولي ۾ آهي، اهو ئي ڏکئي ۾ به.
الهو ٿي رهڻ سان اسان کي هي سنسار روپي گرنٿ پڙهڻو
سکڻو آهي.

هيءَ اپار سرشٽي جڳ ايشور جو هڪ پستڪ آهي. اکين
سان ڏسو پڙهو پوڻ ڪري هيءَ پستڪ اسانکي بند معلوم
ٿيندو آهي. هن سرشٽي روپي پستڪ ۾ سندر اکرن ۾
پرميشور هر جڳهه لکيل آهي. مگر هو اسان کي ڏسڻ ۾ نٿو
اچي. ايشور جي درشن ٿيڻ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. اها
هيءَ آهي ته سولو ۽ ڏکيائيءَ وارو ايشور سروپ مڇ جي
سمجهه ۾ نٿو اچي ۽ ٻئي جو زبردست لالچ وارو روپ هو،

ذڪر ڪندا آهيو ته ان ايشوري دربار ۾ آخر وڃي ڪير سگهندو؟ پرسان ۾ هڪ ٻالڪ ويٺو هو. عيسيٰ ان کي ڀر ۾ ويهاري چيو: جيڪي هن ٻالڪ وانگر هوندا اهي ئي ايشوري دربار ۾ پهچي سگهندا. عيسيٰ جو چوڻ بلڪل سچ هو. رامداس سوامي هڪ ڏينهن هڪ ٻار سان کيڏي رهيو هو. ٻار سان سمرٿ رامداس کيڏي رهيو آهي! اهو ڏسي ڪن پيرسن ماڻهن کي عجب لڳو. هڪ ڪاٿس پڇيو، "اوهين اڄ هي ڇا ڪري رهيا آهيو" سمرٿ جواب ڏنو:

"جيها سرشٽ جي نه ٻالڪ هئا، تيها ڇور جي نه ٻوڙها هئا."

جئن جئن عمر وڌندي آهي، تئن تئن منش وڪاري ٿيندو ويندو آهي. ٻوءِ پرميشور جو سمرڻ ڪٿي؟ ننڍڙن ٻارن جي من ۾ ڪو پردو نٿو رهي. سندن ٻڌي نرمل رهندي آهي. ننڍڙن ٻارن کي اسين سيکاريندا آهيون، ڪوڙ نه ڳالهايو." هو پڇندو آهي ڪوڙ ڇا کي چئبو آهي؟ ٻڌهن ڪمس سڌاڪ ٻڌائيندا آهيون. ٻالڪ جيئن ٿيئي تئن چوڻ گهرجي. ويچارو ٻار الجهن ۾ پوي ته ڇا جيڪو ڏسي ٿو سو چوڻ کان سواءِ ڪو ٻيو به رستو آهي؟ جيئن نه ڏٺو هجي، تئن ڇو چئون؟ اهو ٻيو چورس کي چورس چئو، گول نه چئو. ان ٻار کي عجب لڳندو آهي. ٻار ڇا آهن؟ ٻولڻ پرماتما جون مورتون آهن. وڏا کين غلط سکيا ڏيندا آهن. ڪٿي نه هجي، ماءُ، پيءُ، گرو، سنت، ٻار الهن ۾ جي اسين پرماتما کي نه ڏسي سگهياسين ته ٻوءِ ڪهڙي روپ ۾ ڏسنداسين؟ الهيءَ کان وڌيڪ سندر روپ پرميشور جو ٻيو ڪو آهي، پرميشور جيسي الهن سان ئي سندر روپن کي ٻهرين سڃاڻو. الهن ۾ پرميشور ساڪار ٿي وڏن اکرن ۾ لکيل آهي.

٥٢

سرشٽيءَ ۾ براجمان پرميشور - خاص مثال

ٻهرين اسين انسان جي سندرتا ۽ ٻولڻ مورتين ۾ پرماتما جو.

ڪيس لهائي رهيو آهي. ان ويچاريءَ کي معلوم بہ ڪونہ ٿي تہ هيتري ممتا اندر ۾ ڪٿان آئي. ڇا هوءَ حساب لڳائي ٻيهي جو ٻالڪ پالڻ پوشڻ ڪري ٿي تہ ٻڍاپي ۾ هي ڪم ايندو؟ نہ، نہ. هن ٻالڪ کي جنم ڏنو آهي. ٽن ويهن جا سور سٺا آهن. انهن سورن کيس پيار لاءِ پاڳل بڻائي ڇڏيو آهي. اهي سور کيس ممتا وارو بڻائين ٿا. هوءَ پيار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهي. هوءَ مجبور آهي. اها ماءُ جڻ اپار شيوا جي مورتي آهي. پرميشور جي ڪاڻ بهترين پوڄا آهي تہ اها آهي ماتري پوڄا. ايشور کي ماتا جي لالي سان لئي پڪاريو. ماءُ کان وڌيڪ سندر ٻيو شبد آهي ڪٿي؟ ماءُ-هيءَ پهريون استول اکر آهي. ان ۾ ايشور پسڻ سکو. پوءِ پتا ۽ گروءَ کي بہ ڏسو. گرو سکيا ڏئي ٿو. هو اسان کي پشوءَ مان انسان بڻائي ٿو. ڪيترا نہ سندس ٿورا! پهرين ماتا، پوءِ پتا، پوءِ گرو، پوءِ ديالو سنت. صاف استول روپ ۾ پيئل ان پرميشور روپ کي ڏسو. جيڪڏهن پرميشور هتي نہ ڏسڻ ۾ آيو تہ پوءِ ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندو؟

ماتا پتا، گرو سنت انهن ۾ پرماتما کي ڏسو. اهڙيءَ طرح جيئي ننڍن ٻارن ۾ اسين پرماتما کي ڏسي سگهون تہ پوءِ ڪيترو نہ مزو اچي؟ ڌرو، پرهلاد، لڇمڻ، سنڪ، سنندن، سنتڪمار، هي سڀ ننڍا ٻار ئي تہ هوا. مگر پراڻ لکندڙن کي، وياس ديو کي بہ انهن سان ايترو پريم ٿي ويو جو انهن لاءِ هيءَ مسئلو ڪڙو ٿي پيو تہ انهن کي ڪهڙو استان، ڪهڙو پد ڏين. شڪديو، شنڪراچاريہ ٻالڪپڻ کان ئي ويراڳي هئا. گيانديو جو بہ اهوئي حال هو. گيانيشور تہ سورهن سترهن سالن جو ئي هو. آهن تہ سڀئي ٻالڪ. مگر انهن ۾ پرميشور جيترو شڌ روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي اوترو ٻيو ڪٿي بہ نہ ٿيو آهي. يسوع مسيح ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس شاگردن کانس پڇيو اوهين هميشهہ ايشوري دربار جو

سرڳ ۽ پرٿويءَ کي ڌارڻ ڪيو آهي. سچ پچ هي سورج
ڄڻون جو آڌار آهي. ان ۾ پرماتما جو درشن ڪريو.

۽ هوءَ پوتر گنگا! جڏهن مان بنارس ۾ هوس ته گنگا
جي ڪناري وڃي ويهندو هوس. رات جو ايڪانت وقت ۾
ويهندو هوس. ڪهڙو نه سندر ۽ منوهر سندس وهڪرو!
سندس اهو عمدو، گنڀير وهڪرو ۽ سندس پيٽ ۾ گل لبل
آهن آسمان جا تارا. مان چپ ۽ خاموش ٿي ويهندو هوس.
شنڪر جي جٽائن مان يعني ان همالیه کان وهي ايندڙ اها
گنگا، جنهنجي ڪناري تي راج پاٽ کي خسيس سمجهي ڪيترو
ڪري راجا لوڪ تپ ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، ان گنگا جو
درشن ڪري مونکي بيحد شانتي اچي ٿيندي هئي. ان
شانتيءَ جو مان ڪهڙو بيان ڪريان؟ واڻيءَ جي حد اچي ٿي
وڃي. پوءِ ٿي اهو سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو ته هندو جو چاهيندا آهن
ته مرڻ کان پوءِ اسان جون هڏيون گنگا ۾ ٿي پون. اوهين
ڀلي کلو. اوهان جي کلڻ مان تنهنجو نقصان ٿو ٿئي. مگر
مونکي هي ڀاوناڻون تمام پوتر ۽ ياد ڪرڻ لائق معلوم ٿين
ٿيون. مرڻ وقت گنگاجل وات ۾ وجهندا آهن. اهي ٻه ڦڙا
ڇا آهن؟ ڄڻ پرميشور ئي اسانجي وات ۾ گهڙي وڃي ٿو.
ان گنگا کي پرماتما سمجهو. اها پرميشور جي ديا وهي رهي
آهي. تنهنجو سارو اندريون ٻاهريون ڪچرو اها ماتا ڌوئي
ڇڏي آهي، وهائي کڻي رهي آهي. اهڙيءَ گنگا ماتا ۾
جڏهن توهان کي پرميشور ظاهر ڏسڻ ۾ نه اچي ته ڪٿي
ڏسڻ ۾ ايندو؟ سورج، نديون، ڏرن ڏون ڪري لهرون
هاريندڙ اهو اپار سمندر سڀ پرميشور جون ئي مورتون آهن.

۽ هوءَ هوا؟ ڪٿان ٿي اچي ۽ ڪيڏانهن ٿي وڃي. ڪجهه
پتو ٿي ڪونهي. هي ڀڳوان جو دوت ٿي آهي. هندستان ۾
ڪجهه هوا اتر همالیه تان ايندي آهي ته ڪجهه گنڀير
سمندر مان. هيءَ پوتر هوا اسان جي هردي کي ڇهي ٿي.

درشن ڪري سگهون. اهڙيءَ طرح هن سرشٽيءَ ۾ جيڪي وشال ۽ منوهر روپ آهن انهن ۾ ان جو درشن ڪريون.

پرڀات جو ئي مثال وٺو. سورج اڀرڻ کان پهرين اهڙا انوکي پرڀات. ان پرڀات ديويءَ جا ڪيس ڳائيندي رشي مست ٿي ڳائين ٿا، "پرڀات، تون پرميشور جو سنيهو آڻيندڙ قاصد آهين. تون سرڳ جي ٻولڻ سان سنان ڪري آئي آهين. تون امرتا جو جهنڊو آهين." اهڙا سندر، وڻندڙ ورڻن رشين پرڀات جا ڪيا آهن. ولڊڪ رشي چون ٿا "تنهنجي درشن سان، جا پرميشور جو روپ آهي، جيڪڏهن پرميشور جو روپ نه ڏسڻ ۾ اچي، نه سمجهه ۾ اچي، ته ٻيءَ ڪهڙي پرميشور جي واقفيت ڪم ڪرائيندو؟" اهڙي سندرتا ۽ منوهرتا واري پرڀات سامهون بيٺي آهي، مگر اسانجي نگاهه ان تائين پهچي ٿي نه؟

اهڙيءَ طرح سورج کي ڏسو. سندس درشن جڳ پاليا جهولي درشن آهي. هو قسمين قسمين رنگ برنگي چتر آڪاش ۾ چٽي ٿو. چترڪار مهين جا مهينا ڀينسل هيڏانهن هوڏانهن گهمائي سورج اڀرڻ جو نظارو ڪڍي ٿو؛ ان ۾ رنگ ڀري ٿو. مگر اوهين صبح جو اٿي ان پرميشور جي ڪلا کي ڏسو ۽ سهين. ان انوکي ڪلا لاءِ، ان جي الڪ سوڀين لاءِ، ڀلا ڪنهن جي مجال ڏئي سگهي؟ مگر ڏسي ڪير ٿو. هتي هو سندر ڀڳوان دري کوليو آهي ۽ هتي هي منهن تي چادر چاڙهيو ننڊ ۾ گونگهرا هڻي رهيو آهي. سورج ديوتا چوي ٿو "اڙي آلسي تون نه هند ۾ ڀورهٽ ٿو چاهين، مگر لوڪي هرو ورو اٿاريندس." ۽ هو پهچجا جهون ڪرڻا درشن کان محروم ڪلي ان آلسيءَ کي جاڳائي ٿو.

سورج سڀني متحرڪ غير متحرڪ جيون جي آتما آهي، چل اچل جو آڌار آهي. رشيءَ ڪيس مٿو ٽالو ڏاو آهي. "هي مٿو لوڪن کي پڪاري ٿو. انهن کي ڪم ڪار ۾ لڳائي ٿو. هن

ڪٿي منهنجي مدد ڪندو. ٻليءَ لهڻ سان ئي هو ڪئن نه تنزيم وڃان ڦڙ ڦڙائيندو آهي. ڪهڙيون نه عمديون سندس ٻهڪون! سچ نه گهوڙيءَ ۾ املهه گڻ آهن. هن سائيڪل ۾ ڇا رکيو آهي؟ گهوڙيءَ کي ڪڙو ڪريو. هو توهان لاءِ جان ڏيندو. توهان جو ساٿي ٿي رهندو. منهنجو هڪ دوست گهوڙيءَ سواري سکي رهيو هو. گهوڙو کيس ڪيرائي ڇڏيندو هو. هُو مولڪي چوڻ لڳو ته ’گهوڙو چڙهڻ ئي ڏکو ڏسي!‘ مون کيس چيو ته تون صرف گهوڙيءَ تي چڙهڻ لاءِ وڃين ٿو يا سندس ڪجهه شيوا به ڪندو آهين؟ شيوا ڪن پيا پر سواري ڪرين ٿو! هي ڪئن؟ تون کيس خود داڻو پاڻي ڏي. پوءِ سواري ڪر. هن ائين ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مولڪي اچي چيائين، ”هاڻي نه گهوڙو ٿو ڪيرائي. گهوڙو نه پرميشور آهي هو ڀڳت کي ڪيئن ڪيرائيندو؟ سندس ڀڳتي ڏسي گهوڙو نرم ٿي ويو. گهوڙو ڄاڻڻ چاهيندو آهي ته هي ڀڳت آهي يا ڪو ٻيو. ڀڳوان ڪرشن خود گهوڙن کي ڪرڙو هڻندو هو ۽ پنهنجي پلاند ۾ داڻو آڻي انهن کي کارائيندو هو. نڪري اچي وڃي يا ڪسي اچي وڃي يا ڪٻ هجي، سائيڪل روڪجي وڃي ٿي، مگر گهوڙو ڇلانگ ماريندو ويندو آهي. هي سندر پريمي گهوڙو جڻ پرميشور جي مورت ئي آهي.

۽ ان شينهن کي. ولو. ٻڙودي ۾ رهندو هوس. صبح جو سندس عجيب گرجنا جو آواز ڪنن تي پوندو هو. سندس آواز اهڙو نه گنڀير ۽ عمدو هوندو هو جو دل ٽپا ڏيڻ لڳندي هئي. مندر جي گنبذ ۾ جيئن آواز گونججي رهيو هجي، اهڙو ئي گنڀير آواز سندس دل جي گنبذ مان ايندو هو. شينهن جو اهو ڏيو ۽ گنڀير، شاندار ۽ بي خوف چهرو سندس اهو شاهي ڍنگ ۽ شاهي شان، سندر ۽ عمديون ٻهڪون جڻ نه ٻولي ٿي ان ٻن جي راجا مثان لڏي رهيا آهن. ٻڙودي جي

اسان ۾ اُتساھ، جاڳرتا پيدا ڪندي آھي. اسانجي ڪمن ۾ گونججندي آھي. مگر ھن ھوا جو سنديش ٻڌي ڪير ٿو؟ جيڪر جيڪڏھن اسان کي ڇٹڻ سڻ وارو خط نہ ڏيو ٿي، اسان جي دل ڪٿي ٿي پوي ٿي. اڙي ڪم نصيب! ڇا رکيو آھي ان ڇنيءَ ۾؟ پرميشور جو ھي پريم سنيھو ھوا سان گڏ ھردم اچي رھيو آھي، ان کي لون ٻڌ.

۽ اسان جي گھر ۾ ھردم ڪم ڪار ۾ الجھڻ اُٿھن ڀيڻ کي نہ ڏسو! ھوءَ ڪٿو ماتا ڪيتري نہ موھيندڙ، ڪيتري نہ ممتا سان ڀريل آھي! ٻن ٻن، ٽن ٽن ميلن تان جھنگل جھاڳيندي پنھنجن ٻچن لاءِ ڪٿن نہ ڊوڙندي ويندي آھي! ويدڪ رشين کي ڀهاڙ تان صاف جل ڪٽي ڇل ڇل ڪندڙ ايندڙ ندين ڏسي، پنھنجن ٻچن لاءِ کير ڀريل ٿڻن سان رنڀندڙ ايندڙ ڳائين جي ياد اچي ويندي آھي. ھوُ رشي، ندين کي چوندا آھن: ”ھي ديوي! کير وانگر پوتر، پاون ڪندڙ منيءَ جل آڻڻ واري تون ڌنوءَ جھڙي آھين. جئن ڳانءِ جھنگل ۾ لتي رھي سگھي ٿئين توھان ندين ڪان نہ جل ۾ تئو رھيو ٿئي. توھين ھڪدم ڊوڙندڙ پياسي ٻارن کي ملڻ لاءِ اچو ٿيون.“

ھن منوھر ڳانءِ جي روپ ۾ ڀڳوان ٿي اسان وٽ ڪڙو آھي. ۽ ھن گھوڙي کي ڏسو. ڪيترو نہ ايماندار ۽ وفادار! عرب گھوڙن کي ڪيترو نہ پيار ڪندا آھن. ان عرب جي آکاڻي ياد اٿو نہ؟ ھڪ مصيبت ۾ قاتل عرب ھڪ سوداگر کي گھوڙو، حفاظت لاءِ لھار تي وٺي ٿو. ھمت ۾ رھڻ جي ٿلھي ولي ھوُ ڪڙھ ۾ وڃي ٿو. مگر گھوڙي جي ان گھير پريم ڀريل اکين ٿي سندس نظر پوي ٿي تہ ھو ٿلھي اچلي ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ڀلي ساھ ٿي لڪري وڃي پر مان گھوڙو نہ وڪڻندس. ڀلي مان برباد ٿيان! منھنجو جيڪو ٿٽو ھوندو سو ٿي ٿيندو. ڀلي ڪاڏو نہ ملي، مگر گھوڙو نہ وڪڻندس.

پاڻ سان ورتل ڪيو ويو آهي. هو پاٽني جو تمام وڏو اپڪار مڃين ٿا. "اڳيان رولي اولده. سان پريل لوڪن جون اکيون گيان رولي ڪجل وجهڻ سان جنهن کوليون ان ڀڳوان پاٽنيءَ کي نمسڪار!" ڀڳوان پاٽني ڇيتي ۾ برهما جو درشن ڪيو. گيالديو چيو آهي:-

گهر ڇولڻ اچي سرڳ يا ڪٽي ڇيتو اچي وڃي،
پر آلر ٻڌي پڪ ڪڏهن نه ٽپي وڃي.

اهڙي مهرشي پاٽنيءَ جي حالت ٽپي وئي هئي. هو ان ڳالهه کي سمجهي وٺو هو ته ڇيتو هڪ ايشوري شڪتي آهي. ليڪن تسي نالڪ نه سمجهو. نالڪ ڪان ماٺهو ڏاڍو ڏڃندا آهن. پر نالڪ نه بيحد صفائي پسند برهمڻ ٿي آهي. ڪيترو نه صاف! ڪيترو نه سندر! ذري به گندگي ڪانٿس سهن ٿئي ٿي. گندا برهمڻ ڪيترا ٿي ملندا، پر گندو نالڪ ڪڏهن ڪنهن ڏٺو به آهي؟ ڇڻ ايڪانت واسي هڪ يوگي ٿي آهي. نرمل ليجوان ۽ منوهر هار ٿي سمجهو. ڪالڪس ڏجڻ جي کهڙي ضرورت؟ اسان جي وڏن نه سندس پوڄا جو رواج وڌو آهي. پلي توهين ڇوته خبر نه آهي ته هندو ڌرم ۾ ڪيترا وهم ڦهليل آهن. مگر نالڪ پوڄا جو رواج نه ان ۾ ضرور آهي. پالڻ ۾ مان پنهنجي ماءُ لاءِ ڏوپ مان نالڪ جو چتر ٺاهيندو هوس. ماءُ کي ڇولدو هوس ته بازار ۾ نه نالڪ جا نسا چتر ملي سگهن ٿا. هوءَ ڇولدي هئي، "اهي ردي ٿيندا آهن. مولڪي نه گهرجن. پنهنجي هٿ جا ٺاهيل چتر وڏيڪ سٺا ٿيندا آهن. اهي مولڪي پسند آهن." پوءِ ان نالڪ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. هي عجيب پاڳلپڻو آهي! پر ٿورو ويچار ڪريو. اهو نالڪ ساڻوڻ جي مهيني ۾ مهمان ٿي اسان جي گهر ايندو آهي. برسات پوڻ ڪري ان ويچاري جي گهر ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. تڏهن هو ڇا ڪندو؟ دور ايڪانت ۾ رهندڙ هو رشي، اوهان کي اجائي تڪليف نه ٿئي، ان خيال

هڪ باغ ۾ هي شينهن هو. هوُ الي آزاد ـــ هو. ڦيري ۾
ڇڪر هڻندو هو. سندس اکين ۾ نوري ـــ بي رحمي معلوم
ـــ ٿيندي هئي. سندس چهري ۽ نظر ۾ دنيا ڀرَ هئي
جڻ سنسار جي ڪنهن پرواهه ئي نه هئي. ڀنهنجي ٿي ڏٺان ۾
ٺوڪڻ ڏسڻ ۾ ايندو هو. سچ پچ انهن معلوم ٿيندو هو ته
جڻ شينهن ايشور جي هڪ پوتر ڪندڙ شڪتي آهي. لنڊني
ٺولدي اينڊروڪليز ۽ شينهن جي هڪ آڳاٽي ڳڙهي هيم
ڪهڙي ـــ سندڙ ڪهاڻي هئي. اهـــو بکيو پياسو شينهن
اينڊروڪليز جو اڳ ڪيل احسان ياد ڪري سندس دوست
ٿي وڃي ٿو ۽ سندس پير چٽڻ لڳي ٿو. ان جو ڇا راز آهي؟
اينڊروڪليز شينهن ۾ رهندڙ پرميشور جو درشن ڪيو هو.
ڀڳوان شنڪر وٽ سدائين شينهن رهندو آهي. شينهن ڀڳوان
جي هڪ شاندار ويولي آهي.

۽ چيتو ڇا ۾ گهٽ آهي؟ ان ۾ به گهٽوئي ايشوري ليج
ظاهر ٿيو آهـــي. ساڻس دوستي رکڻ ناممڪن ناهي. ڀڳوان
ڀاڻٽي بن ۾ ويهي ششن کي پڙهائي رهيو هو. انتري ۾ چيت
اچـــي ويـــو. ٻار ڊپ ۾ "چيتو چيتو" ڪري ڇلائڻ لڳا
ڀاڻٽي چوڻ لڳو، "چگو چيتي جو ارٿ ڇا آهي؟ جنهنجي
سنکهڻ جي شڪتي تيز آهي، اهو واگهه، اهو چيتو آهي."
بالڪن کـــي ان ۾ ڪجهه ڊپ لڳو هولدو. پر ڀڳوان ڀاڻٽي
لاءِ نه هو ڪاچي نه ڪندڙ، الله ڏيندڙ ئي ويو هـــو. چيتي
کي ڏسي هو 'چهتي' اکر جو مهاد ٻڌائڻ لڳو. چهتو ڀاڻٽي
کي ڪاڻي ويـــو. پر ڪاڻڻ سان ڇا ٿيو؟ ڀاڻٽيءَ جي بدن جي
سـَـگنڌ ڪيس آئي. هن جو من هرکيو ۽ چيري ڪاڏاڻيس. پر
ڀاڻٽي ائان اڃي نه ويو. ڇو ته هو برهم اکر جو پوڄاري هو
هن لاءِ نه سب هڪ ئي ويا هئا. چيتي ۾ بـــ هو برهم ج
انڀو ڪري رهيو هـــو. ڀاڻٽيءَ جي هن ونڏائيءَ ڪري ٿي
سندس ناتو جتي به آيو آهي ته الي ڀڳوان ڀاڻٽي جو پوڄه

سوشٽيءَ اهو پسند ان ڪري آهي جو رام جي سنگت ٻالڪن
سان ٿي. اڄ ڪالهه جون ٻالڪ ڏانگر ذات جا هئا. لوارنج
لويسن جو سنر آهي پراڻين ڳالهين جي چند چاڙ ڪري. مان
الهن جي هن ڪم جي شڪايت نه ٿي ڪري. پر راڻا جيڪڏهن
سچ پچ ٻالڪن سان دوستي ڪئي هئي، ته انهن ۾ ڪهڙو
عيب؟ رام ۽ ٻالڪ دوست هئا. ان ۾ ڪي ته رام جي سچي
اهميت ۽ شڪتي آهي. ليڪن ڪرشن جو ڳالهين سان سنبنڌ
آهي. سچي ڪرشن پوڄا جو آڌار هن ڪلهيا لي ٻڌل ٿيو.
سري ڪرشن جي ڪنهن به مورت کي ونو ته اوهان سڀني
چوطرف ڳالهيون بيٺل ملنديون. گوپال ڪرشن، گوپال ڪرشن!
جي ڪرشن کي ڳالهين کان الڳ ڪريو ته ڪرشن ۾ باقي رهيو
ڇا؟ رام کي ڏسو. ٻالڪن کان دور ڪريو ته پوءِ رام ۾ باقي
ڪهڙو رام رهيو؟ رام ٻالڪن ۾ به پرميشور جو درشن ڪيو.
ان سان پريم ۽ ڪهاڻيءَ جو لاڳاپو جوڙيو. هيءَ آهي سچي
راماڻا جي ڪٿا. هن ڪٿا جي ڪري اوهين وساريندا ته
راماڻا جو مناچ وڃائي ويندا. ٻيءَ پت ۽ ٻار ماءُ جو پريم ته
ٻئي هنڌ به ملي ويندو مگر منش ٻالڪن جي عجيب ملي
دوستي فقط راماڻا ۾ تي ملندي، نه ڪنهن ٻئي هنڌ. ٻالڪن
واري ڀڳوان جي جهلڪي راماڻا مان ملي ٿي. ٻالڪن کي
ڏسي رشين کي ڏاڍو آنند ٿيندو آهي. ٽيڪ رام - ٽيڪ ڪان
ولي ڪرشنا ڪماريءَ ڪانئن زمين تي پير نه رکندي آهي
ٻالڪ هڪ وڻ تان ٻئي وڻ ڪانئن ٽپندا ڪڏندا رانديون ڪندا
هئا. اهڙي ان گهاٽي جهنگل کي ۽ ان گهاٽي جهنگل
۾ الهن کيليندڙ ٻالڪن کي ڏسي، الهن ٻاوڪ رشين جي
من ۾ شاعري پيدا ٿيندي هئي. آنند الهن ٿيندو هو. اپسدن
۾ جتي هي پرسنگ آيو آهي ته پرهم جون اکيون ڪئين آهن،
ته پڌايو ويو آهي ته ٻالڪن جي اکين وانگر. ٻالڪن جون
اکيون ڏاڍيون چنچل آهن. چوطرف سندس نگاهه آهي.

سان ڪنهن جهڙ هيڻان، ڪانئين هيڻان پيو ٿيندو آهي. ٻروٽي
۽ ٿوري جيتري هو والاري ٿو. مگر اسين ڏاڍو ڪَهي اچي ٿا
پهچون. مصيبت ۽ قاتل مهمان، جي اسان جي گهر اچي ٿا جي
الڪي اسين ڏاڍو ڪٽي مار کائيندا اسين؟ سنسڪ فرانسز جي ڳالهه
ڪندا آهن ته جڏهن جهنگل ۾ ناڳ ڏسڻ ۾ ايندو هوس ته
ڏاڍي پريم سان چوندو هو، "اچ ڀائي، اچ." ناڳ سندس
هنج ۾ کيليندا، سندس شرير تي هيڏانهن هوڏانهن ٿيندا
ڪَڍيندا رهندا هئا. هيءُ ڪوڙ نه سمجهو. پريم ۾ اوس شڪتي
آهي. ناڳ لاءِ چوندا آهن ته زهريلو آهي. مگر انسان جو
گهٽ زهريلو آهي؟ ناڳ ڪڏهن ڏنگيندو آهي
پر زور ڪري ڪين ڏنگيندو آهي. سؤ مان ٻوي ناڳ
زهريلا ڪين هوندا آهن. هو اوهان جي کيتيءَ جي سنڀال
ڪندو آهي. ٻنيءَ ۾ فصل ناس ڪندڙ بيشمار جيتن کي کائي
ويندو آهي. اهڙي هن پر اپڪاري، شڌ، ليجسوي، اڪالت
پريه ناڳ کي ڀڳوان جو روپ چوڻ سمجهون! اسان جي سڀني
ديوتائن ۾ ڪٿي نه ڪٿي ناڳ ضرور ايندو آهي. گڻيش جي
پيٽ ۾ ناڳ جو ڪمر پٽو ٻڌل آهي. شنڪر جي ڳچيءَ ۾ ناڳ
ويڙهيل رهندو آهي. ۽ ڀڳوان وشنو ته ناڳ جي سيجا تي ليٽي
سمهيل هوندو آهي. ان جو راز، ان جو مقصد ذرا سمجهو. هر
سڀ جو ناٿهرج هي ته ناڳ وسيلي ئي هيءَ ايشوري موڙلي
ظاهر ٿي آهي. ناڳ واري هن پرميشور جي ڄاڻ حاصل ڪريو

٥٣

سرشٽيءَ ۾ براجمان پرميشور - ڪجهه بيا مثال

اهڙا گهڻا مثال ڏيان. مان ته صرف خيال ظاهر ڪري
رهيو آهيان. راماڻ جو سارو لت هن لمولي جي منوهر ڪلپنا
۾ ئي آهي. راماڻ ۾ پيءُ پٽ جو پريم، ماءُ پٽ جو پريم،
ڀاءُ ڀاءُ جو پريم، پتي پتنيءَ جو پريم، اهي سڀ ڪجهه آهن.
مگر موئني راماڻ مٺو رکوان ڪري پسند ڪين آهي

ٻرپوءَ جو نه هرهنڌ آهي سڪار، پر اسان اڀاڳن لاءِ آهي ڏڪار!
سنتن لاءِ هرهنڌ سڪار آهي، پر اسان ڪم نصيبن لاءِ هرهنڌ ڏڪار آهي.

ويدن ۾ اگنيءَ جي پوڄا ٻڌايل آهي. اگني لاڙالو آهي. ڪهڙي نه اُن جي چمڪندڙ مورتي! ٻن ڪاٺين کي گهٽ نه اُجها ظاهر ٿيو پوي. ڦهلجي ڪٿي اڪل هٿي؟ ڪنهن کي معلوم! ڪهڙي نه ٿيز! ڪهڙي نه تيجسوي!! ويدن جا ڦهريان منتر اگنيءَ جي اپاسنا ۾ ئي ڇپا ويا آهن. ”ديون جي يگيه جي پوڄا ڪرائيندڙ اگنيءَ کي نمسڪار!“

جڏهن اگنيءَ جي اپاسنا سان ويدن جي شروعات ٿي، اُن جي طرف اوهين ڏسو نه سهين. سنڌس لاٽن کي ڏسي مونکي جيو آتما جي هڙ پٽ ياد ايندي آهي. اهي لاٽون، اهي شعلا، گهر جي چلهه جا هجن، چاهي جهنگل جي وڻن مان پيدا ٿيل باهه جا هجن. ويراڳيءَ کي جڏهن گهر بار ڪو نه ٿئي، تڏهن ئي هي جوالائون جٽي ۽ هولڏيون الي الهن جي اهاڏ ڪ ڏوڙ جاري آهي. هي لڳاتار هڙ پٽ ڪنديون رهن ٿيون. اهي نه اڃا ٻه مٿي وڃڻ لاءِ آليون آهن. توهين سائنسدان چوندا وايوءَ جي ڪري، هوا جي داٻ ڪري هي شعلا مٿي وڃن ٿا. مگر مان ٻيءَ طرح ٿي ٿو سمجهان. مٿي جو پرماتما آهي، اهو ٻيج جو سمنڊ سورج ۽ لاڙالو، جو مٿان ليٽا پائي رهيو آهي، ان سان ملڻ لاءِ ئي هوءَ هميشه اهي شعلا مٿي اُڇلي رهي آهي. جنهن ڪان مرڻ لائين سنڌس هيءَ ڏک ڊوڙ جاري آهي. اهي شعلا سورج جا جزا آهن. جزو سڄي سان ملڻ لاءِ ڪشمڪش پيو ڪري. جڏهن اهي شعلا وسامي ويندا تڏهن هيءَ هڙ پٽ بند ٿي ويندي. ٻيءَ حالت ۾ اُهي سورج کان اسين گهڻو دور آهيون. هي نه وچار ٻه اُلهن جي ن ۾ لٿو اچي. هو نه اهو ئي ڄاڻن ٿا، نه ٻيهنجي پوري طاقت سان پرٿويءَ کان مٿي اُڏامي هلڻو آهي. اها باهه، ٻيهنجي روپ ۾ جڻ چمڪندڙ ويراڳ ٿيو ظاهر ٿي آهي. ان ڪري ويدن جو ڦهريون آواز هو ’اگني نمسڪار!‘

ٻرھمر جون اکيون اھڙيون ٿي ھڻڻ گھرجن. ايشور جون اکيون جي ٻيلل ھجن ته ڪم نه ھلي سگھندو. تو ھين ۾ مان ڏٺان ۽ ويٺي سکيون ٿا. ٻر جي ايشور ڏٺان ۽ ويٺي رھي ته ٻوءِ دنيا جو ڪھڙو حال ٿئي؟ اھڙيءَ طرح ٻالڊرن ۽ رشين ڪي سڀ جي چنتا رکندڙ ٻرھمر جون اکيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انھن ٻالڊرن ۾ ٻرميشور جو درشن ڪرڻ سگھو.

ھاڻي مور کي وٺو. مھاراشٽرا ۾ مور گھڻا نه آھن. مگر گجرات ۾ گھڻا آھن. جڏھن مان گجرات ۾ ھوس ته گھمندي گھمندي گھڻيئي مور ڏسندو ھوس. مون کي ڏھه ٻارھن ميل گھمڻ جي عادت آھي. جڏھن آسمان ۾ ٻادل ڇانئجي رھيا ھجن، مينھن وسڻ جي تياريءَ ۾ ھجي، آسمان جو رنگ گھاٽو ڪارو ٿي ويو ھجي، اھڙي وقت مور پنھنجي ڏن ڦڏائيندو آھي. ھردي مان چيرجي نڪرڻ واري اھا ڏن سڻو ته ڀلو لڳيو! اسان جي سنگيت ودڀا مور جي آلاپ جي آڌار تي ئي رچيل آھي. مور جو آواز آھي سڌسرو. "سا، ري، گم وارو سڌ سرو، ڀھرين مور ڪنان ٿي اسان ڪني مليو. ٻوءِ گھٽائي وڌائي باقي ٻيا سر اسان ڀيھاريا. ڪڪر طرف سڌس لڳل نظر، سڌس اھو گنڀير آلاپ ۽ ڪڪرن جي گجندڙ گرجنا ٻڌلديئي سڌس ٻڇ جي اھا ڇٽي: آھا ھا!! ڇٽيءَ جي ان سونيا اڳيان مڌش جو سارو غرور ڇڪنا چور ٿي وڃي ٿو. راجائون مھاراجائون به پاڻ سينگاريندا آھن. مگر مور جي ھن ٻڇ جي ڇٽيءَ اڳيان سندن سينگار ڇا سوھندو؟ ڪھڙو نه سڌس عمدو نظارو! اھي ھزارين اکيون، اھي رنگ برنگي النع ڇٽ، اھا عجب سندر منوھر رمڻيڪ رچنا، اھي عمديون وليون ٻوٽا، ڦورو ڏسو ان ڇٽيءَ کي! ان ۾ ٻرميشور جو مشاھدو ماڻيو!! ھيءَ ساري سرشٽي الھين سينگاري وئي آھي. ھر ھنڌ ٻرماتما پنھنجو درشن ڪرائي رھيو آھي. ٻس اسين اکيون کولي ڏسون ٿي ٿا. ٻڪار رھيو آھي:-

سندس کو خيال ڪونهي. ڪيس آنند اچي ٿو ڪانءُ جي ڪنهن
ڦڙ ڪائيءَ ۾ ۽ ڇهه سڳنڌ ۾. سرشٽيءَ مان ننڍڙي ٻار کي
انتر و آنند اچي ٿو. ان جي آڌار تي ئي ايسپ پنهنجي سڪيا
ڏني آهي. ايسپ کي چوڌاري ايشور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پنهنجي
ڏ لهسند پستڪن جي يادداشت ۾ مان ايسپ جي آکاڻين کي
سپ ڪان پهرائين لکندس. وساريندس ڪڏهن نه. ايسپ
جي راڄ ۾ ٻن هٿن وارو، ٻن پيرن وارو، ماڻهوئي رڳو ساهه وارو
ناهي. ان ۾ ڪتا، ڪانءُ، هرڻ، سها، ڪڇون، ڏانگ: وغيره
سپ آهن. سڀ ڳالهائين ٿا ۽ ڪلن ٿا. هڪ زبردست سڀا ٿي
سمجهو. ايسپ سان ساري سرشٽي جل اچل ڳالهائي ٿي. ڪيس
ايشوري درشن پراپت ٿيو آهي. رامائڻ ۾ ان مٿي ٿي، الهيءَ
خيال ٿي رهيو ويو آهي. تلسيداس رام جي ٻال ليلا جو بيان
ڪيو آهي. رام اڱڻ ۾ کيڏي رهيو آهي. هڪ ڪانءُ پرسان
اچي ٿو. رام ڪيس آهستي پڪڙڻ چاهي ٿو. ڪانءُ پٺتي هٽي
وڃي ٿو. آهو رام لڪي ٻوي ٿو. مگر اهتري ۾ ڪيس هڪ
الڪل سجهي اچي ٿي. مٺائيءَ جو هڪ ٽڪر کڻي رام ڪانءُ
طرف وڌي ٿو. رام ٿورو ٽڪر اڇلي وڌائي ٿو نه ڪانءُ به
ڪجهه نزديڪ اچي ٿو. ان بيان ۾ تلسيداس ڪيترا پيا ڪارا
ڪري ڇڏيو آهي. جو نه اهو ڪانءُ پرميشور آهي. رام جي
مورت جو انش ان ڪانءَ ۾ به آهي. رام ۽ ڪانءُ جي آها
سڀائي چڻ پرميشور ساڻ سڀائي آهي.

٥٤

بدڪار ۾ به پرميشور جو درشن

سار هي آهي نه هن لمولي، هن سرشٽيءَ جي جدا جدا روپن ۾،
ٻولر لڏين جي روپ ۾، وڏن پهاڙن جي روپ ۾، گنڀير ساگر جي
روپ ۾، منوهر گلو مالا جي روپ ۾، وفادار گهوڙي جي روپ ۾،
دلير شينهن جي روپ ۾، مڌر ڪوئل جي روپ ۾، سهائي مور جي روپ
۾، صاف ۽ ايڪانت پسند ٽانگه جي روپ ۾، ڪب لوڪيندڙ ان

۽ ماڻ ان ڪوئل کي ڪٿي وساريائون؟ ڪنهن کي هوءَ سڏي ٿي؟ گرميءَ ۾ ٻڌيون ٿا سگهي وڃن، مگر وڻن ۾ لوان غيبا ڦٽي رهيا آهن. هوءَ اهو نه ٿي ٻڌي، نه اهڙي نعمت ڪيس ڪنهن عطا ڪئي؟ ڪئي آهي اهو. بخشش ڪندڙ؟ ڪهڙي نه مٺي مڌر ڪوڪ! اسان جي هندو ڌرم ۾ ڪوئل جي ورت جو رواج پڻجهي وڏو آهي. استرين جو هڪ ورت آهي، جنهن ۾ ڪوئل جي آواز ٻڌڻ کان سواءِ پوڄن نه ڪنديون آهن. ان جو مطلب هيءُ آهي ته ڪوئل جي روپ ۾ ظاهر ٿيل پرميشور کي سڃاڻو. ڪوئل جي اها سندر ڪوڪ ڇا آهي؟ جڳ اپنشدن جو گيت آهي. سنڌس ڪوءِ ڪوڪن کي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، مگر اها ڏسڻ ۾ نٿي اچي. انگريزي شاعر ورڊس ورٿ سنڌس ٻنهيان مست ٿيءِ جهر جهنگل ڀٽڪندو هو. انگلنڊ جو هڪ مها ڪوي نه ڪوئل کي صرف ٻوليندو رهيو، مگر ڀارت جون ناريون ڪوئل ڏسڻ ٻنا کاڌو به نه کائينديون آهن. هن ڪوڪلا ورت سبب ڀارتي استرين مها ڪويءَ جو درجو حاصل ڪيو آهي. جا ڪوئل اهڙيءَ طرح پرم آنند جي مٺي ڏي ٻولي ٿي، ان جي روپ ۾ سندر پرماتما ٿي ظاهر ٿيو آهي.

ڇا توهين ڪوئل کي اهڙو سندر ۽ ڪانءَ کسي بدزيبو سڏيندا؟ ڪجهه ڪانءَ ٿي به فخر وٺو. مولکي نه اهو ڏاڍو وڻندو آهي. سنڌس اهو ڳهاٽو ڪارو رنگ ۽ لکو آواز، ڇا برا آهن؟ نه آهي به ڀلا آهن. جڏهن هو ڪنب کڙ کائيندو ايندو آهي نه ڪهڙو نه سندر لڳندو آهي. ننڍڙي ٻار جي نه دل ڇڪي وٺندو آهي. ننڍڙو ٻالڪ ٻنهي گهر ۾ کاڌو نه کائيندو آهي. ٻاهر اڱڻ ۾ ويهي ڪيس ڪارائتو ٻولندو آهي. ۽ ڪانءَ کي ڏيکاري ڪيس هڪ هڪ گرهه وات ۾ کارائتو ٻولندو آهي. ڪانءَ سان پريت رکندڙ اهو ٻالڪ ڇا پاڳل آهي؟ اهو پاڳل نه آهي، پر هن ۾ گيان آهي. ڪانءَ جي روپ ۾ ظاهر پرميشور سان هو هڪ روپ ٿي وڃي ٿو. ماتا گرهه کير ۾ ٻوڙي ڏي ٿي ڏهيءَ ۾، ان ۾

اڌياءُ يارهون

وشو روپ درشن

٨٥

وشو روپ درشن لاءِ انتظاري

ٻالڪو، اڳئين دفعي اسان هن ڳالهه جو اڀياس ڪيو تہ هن سنسار جي ٻي الت جيون ۾ رهندڙ ايشور ڪٿي سمايل آهي. پنهنجي چوڌاري سرشٽيءَ جي هن شاهي لماءَ ۾ مالڪ جو ساهدو ڪٿي ماڻيون. ٻهراڻ اسڪول ۾ ٻوءِ سوڪيمر، ٻهراڻ سولو وم گڏيل، اهڙيءَ طرح سڀني جيون ۾ ڀڳوان کي ڏسون. ڀيدس درشن ڪريون. ڏٺهن راس اڀياس ڪري ساري جڳت ۾ ايشور ڏسڻ سگهون. هي اسان اڳئين اڌياءَ ڏٺو.

اڄ يارهين اڌياءَ لي لطر وجهڻي آهي. هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان پنهنجو ساڪيات روپ ڏيکاري ارجن لي وڏي ڪرپا ڪئي هئي. ارجن ڪرشن کي چيو، ”پرڀو، مان توهان جو اهو پورن روپ ڏسڻ چاهيان ٿو، جنهن ۾ اوهان جي مها شڪتي ظاهر ٿي هجي ۽ اهو مان هنن اکين سان ڏسي سگهان.“ اهڙيءَ طرح ارجن وشو روپ جو درشن ڪرڻ چاهيو.

اسين 'وشو' 'جڳ' اهڙا شبد ڪم آڻيون ٿا. هي جڳ، وشو جو هڪ ننڍو حصو آهي. هن ننڍي حصي کي بہ پوريءَ طرح سمجهي نٿا سگهون. جي ساري وشو جي لڪت لڳاهہ ڏسون تہ اسان کي وشال ڏسڻ ۾ ايندڙ هي جڳ بلڪل ننڍيس ڏسڻ ۾ ايندو. رات جي وقت آڪاش جي طرف ڏسو ڪريو. ان ۾ ٻي الداز ڪولا ڏسڻ ۾ ايندا. آڪاش جي ڇا جون رنگ ٻرنگي ٽلارون، اهي ننڍا ننڍا سنڌر گل، لم لم ڪندڙ لکين تارا، انهن سڀني جو روپ ڇا اوهين ڄاڻو ٿا. اهي ننڍا ننڍا تارا وڏا زبردست ۽ ڀاري آهن.

ڪانءَ جي روپ ۾، ٽپندڙ ڪڏندڙ ٻاهڻ پٽ ڪندڙ انهن شعلن جي روپ ۾، بلڪل شانت تارن جي روپ ۾، هرهنڌ پرماتما ئي سمايل آهي. ضرورت آهي پڙهڻ جي اکين کي ڪيس ڏسڻ جي اڀياس ڪرائڻ جي. پهرين پهرين وڏا اکر ۽ سولا اکر، پوءِ سنها ۽ ڏکيل اکر سکڻ گهرجن. جيئن ڏکيل اکر نه سکندا آهن تيئن واڌارو ٿي نه سگهندو. ڏکيل اکر ٽپ ٽپ ٿي ايندا آهن. اهڙيءَ طرح ماڻهن ۾ به پرميشور کي ڏسڻ سکڻ گهرجي. رام سمجهه ۾ اچي ٿو. مگر راوڻ به سمجهه ۾ اچڻ گهرجي. پرهلاد نه وڻي ٿو مگر هرڻاڪشپ به وڻڻ گهرجي. ويدن ۾ چيل آهي: انهن ڌاڙيلن جي سردار کي نمسڪار. انهن ظالمن کي نمسڪار! هي ٺڳ، هي چور، هي ڌاڙو، سڀ برهم ئي آهن. انهن سڀني کي نمسڪار!”

هن جو مطلب ڇا؟ هن جو مطلب هي آهي ته سولا اکر نه سکيا، پر ڏکيا اکر به سکو. ڪارلائيل ”وڀوتي پوڄا“ پستڪ لکيو آهي. ان ۾ هن نيپولين کي به هڪ شڪتي چيو آهي. هتي هلڪ پرماتما ناهي، ڏکيل آهي، مگر هن پرميشور کي به سمجهڻ گهرجي. الڪري تلسيداس راوڻ کي رام جو ويرودي ڀڳت چيو آهي. الين آهي ته هن ڀڳت جو رنگ ٻيو نڪ ڪجهه نرالو آهي. ٻاهه ۾ سڙڻ سان پير سڄي پولڊو آهي. مگر سوچ لي سيڪ ڪرڻ سان اها نيڪ ٿي پولڊي آهي. ٻنهي هنڌ گرمي هڪ ٿي آهي. مگر نتيجو جدا جدا آهي. رام ۽ راوڻ ۾ به چدانند الڳ الڳ آهي، تڏهن به اها آهي هڪ ئي پرميشور ئي.

اسڪول ۾ سوکيم. سولا ۽ ڏکيا، سادا ۽ ڏکيل اکر سڀ سکو. ۾ اهو آزمودو ولو نه ...، ... آهي. مٽيءَ جي ذري ۾ به اهو ئي آهي. هڪ ڪٽليءَ کان وٺي سڄي سنسار تائين، هر هنڌ اهو پرماتما ئي موجود آهي. سڀ جي ساڳي چيتنا رکندڙ ديالو، گيان امرتي، پرهمي، پلوان، پولر ڪندڙ، سندر پرماتما اسان جي چوڌاري هر هنڌ پراجمان آهي.

آر لواز: ٢٣-٣-٢٣.

اهڙيءَ طرح هڪ طرف زمين جو زبردست وستار ۽ ٻئي طرف وقت جو زبردست وهڪرو. انهن ٻنهي لڳاهن کان جي سرشٽيءَ طرف ڏسون ۽ پنهنجي ڪلپنا شڪتي کي ڪيترو ئي وڌايون ۽ ٿڪيون ته به اسين هن لمبي لي پهچنداسين ته انهن جو ڪو انت ناهي. ٽنهي، زمانن ۾ ٽنهي لوڪن ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل ۽ هيٺ، مٿي ۽ سڀ هنڌ وياپڪ پرميشور هڪ ئي هڪ ۽ هڪ دفعي ڏسڻ ۾ اچي، پرميشور جي ان روپ جو درشن ٿئي، اهڙي خواهش ارجن جي من ۾ پيدا ٿي. ان خواهش مان ئي هي ٻارهون اڌياءُ پيدا ٿيو آهي.

ارجن ڀڳوان کي ڏاڍو پيارو هو. اهڙي قدر جو ڏهين اڌياءَ ۾، جتي ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙن سروپن ۾ ڌيان ڪرڻ، اتي ڀڳوان چوي ٿو، پانڊون ۾ جو ارجن آهي ان جي روپ ۾ منهنجو ڌيان ڪرڻ. شري ڪرشن چوي ٿو ”پانڊون ۾ ڌننجيه“ هن کان وڌيڪ پريم جو پاڳلپڻو، پريت جي مستي ٻيو ڪٿي هوندي؟ هي ان ڳالهه جو مثال آهي ته پريم ڪيترو ٿي سگهي ٿو. ارجن تي ڀڳوان جو بيحد پيار هو. هي ٻارهون اڌياءُ ڄڻ ته ان پريت جو پرساد آهي. ايشور جي روپ ڏسڻ جي ارجن جي خواهش، ڀڳوان کيس اندروني درشٽي ڏئي پوري ڪئي. ارجن کي ان پريم جو پرساد ڏنو.

٥٦

ننڍيءَ مورت ۾ به پرميشور درشن ٿي سگهنٿو

ان ايشوري روپ جو سندر بيان، عمدو ورڻن هن اڌياءَ آهي. جيتوڻيڪ هي سڀ سچ آهي تڏهن به هن ايشوري روپ جي وشيه ۾ زيادهه لوڀ نه ڪندس. ننڍڙي روپ ۾ راضي رهندس. جو ننڍڙو، سندر ۽ منوهر روپ مون کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان ۾ سواد، آنند وٺڻ جو ابهياس مون کي آهي. پرميشور ڀاڱن ۾ ورهايل ناهي. مان ٿو سمجهان ته

لکين سورج سمائجي ويندا. اهي ڏالن جا گولا آهن. هاڻي اهڙن بيشمار گولن جو حساب ڪير لڳائيندو؟ ڪير ڳڻيندو؟ اهڙن جو نه آهي انت، نه آهي پار. صرف اکين سان ٿي هي هزارن ۾ پيا پسجن. دوربينيءَ سان ڏسجن نه ڪروڙين ڏسڻ ۾ ايندا. وڏيءَ دوربينيءَ سان نه ارين کان به وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندا. ۽ اهو سمجهڻ ۾ ٿي نه ايندو ته آخر اهڙن جو انت ڪٿي آهي؟ هيءَ جا بي انت سرشٽي هيٺ مٿي ۽ چوڌاري ڦهليل آهي، ان جو هڪ ننڍڙو ٽڪر هي 'جڳهه' آهي. مگر هيءَ جڳهه به ڪيترو نه وشال ڏسڻ ۾ اچي ٿو!

هيءَ وشال سرشٽي ۽ برهمنڊ جي سروپ جو هڪ پاسو آهي. هاڻي ان جو ٻيو پاسو وٺو. اهو آهي وقت. جي اسين گذريل وقت ٿي نظر ڊوڙايون نه لوارلاءِ جي حدن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار سالن تائين پهتي وڃي سگهنداسين. مگر ان کان اڳيون وقت نه ڏسان ۾ ٿي ٿو اچي. لوارلاءِ وقت لمو ڏهه هزار سال ٻه اسان جو جيون نه گهٽي ۾ گهٽ سؤ سال. سڄو پهو نه وقت جو وستار به انادي ۽ انت آهي. ڪيترو وقت گذري ويو آهي، ان جو ليکو چوکو ڪو لهي. اڳتي ڪيترو وقت آهي ان جي ڪا ڪلپنا ڪا لهي. اسان جو هي سنسار جئن وشو جي پيٽ ۾ بلڪل خسخس آهي تئن لوارلاءِ جا هي ڏهه هزار سال ان انت سمي جي پيٽ ۾ ڪجهه به نه آهن. ماضي انادي آهي ۽ مستقبل انت آهي. هي ننڍڙو حال نه ڳالهيون ڪندي ماضيءَ ۾ هليو وڃي ٿو. حال سڄو [illegible] آهي ڪٿي؟ جيتر اهو ٻڌايو ليتر اهو ماضيءَ ۾ وڃي مليو! اهڙو بلڪل چنچل حال ٿي اسان جو آهي. مان هاڻي ڳالهائي [illegible] رهيو آهيان. مگر واڪ مان اکر اڪتا مس نه [illegible] وڃي [illegible] ۾ مليا. اهڙيءَ طرح هيءَ وقت جي ننڍي لڳاتار وهندڙ [illegible] آهي. نه سندس شروع جو پتو، نه پوڄ جو. [illegible] ۾ هڪڙو ٿالي ماڻ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

مولڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهو وشو روپ جو ڪو ڀاڱو ناهي
نهن مورت جو ڪو ڀڳل ٽڪر ڪٽي ايندا ته ان مان ساريءَ
رت جو خيال اسان کي نه ايندو. مگر پرماتما اهڙيءَ طرح
ن جو ٽٽل ناهي. پرماتما نه ڀڳل آهي، نڪي ڀاڱا ٿيل
ي. هڪ ننڍڙي سروپ ۾، هڪل ۾ به اهو ئي الک پرميشور
ايل آهي. ننڍڙي فوٽي ۽ وڏي فوٽي ۾ ڪهڙو فرق؟
ڳالهيون وڏي فوٽي ۾ ايندڙيون آهن اهي ئي هوبهو
ڙي فوٽي ۾ هونديون آهن. ننڍڙو فوٽو وڏي فوٽي جو
ڪر ناهي. ننڍڙي ڇاپي واري پستڪ جو به اهوئي ارٿ
ي جو وڏي ڇاپي واري پستڪ جو. ائين ڪونه آهي ته وڏي
ي ۾ وڏو ارٿ ۽ ننڍي ڇاپي ۾ ننڍو ارٿ هوندو.

مورتي پوڄا جو آڌار به هن ويچار تي ٻڌل آهي. مورتي
ڄا تي اڄ ڪالهه گهڻن ماڻهن حملو ڪيو آهي، پرديسي ۽
ن ديسي ويچارڪن به مورتي پوڄا کي غير واجب ٺهرايو
ي. مگر مان جئن جئن ويچار ڪريان ٿو تئن تئن مورتي
ڄا جو راز منهنجي اکيان وڌيڪ ظاهر ٿئي ٿو. مورتي پوڄا
مطلب ڇا آهي؟ هڪ ننڍڙيءَ چيز ۾ ساري سنسار جي
ڪرڻ جي ودّيا آهي مورتي پوڄا. هڪ ننڍڙي گهوٽ
ساري برهمانڊ کي ڏسڻ جي ودّيا سکڻ، ڇا اهو غلط آهي؟
يءَ ڪلپنا نه، پر خود ايئن ڪرڻ جي ڳالهه آهي. ان وشال
روپ ۾ جو به ڪجهه آهي اهو سڀ هڪ ننڍڙيءَ مورت
آهي. اهو هڪ مٽيءَ جي ذري ۾ به آهي. ساڳي مٽيءَ
ٻه برهمان الڳ، ڪيلو، ڪاٺ، چاندي، سون سڀ
جهه آهن. سڄي دنيا انهيءَ جي ذري. ذري ۾ آهي. جهڙيءَ
ح ڪنهن ننڍڙي ناٽڪ منڊليءَ ۾ ساڳيا الڪٽر وري
ي جدا جدا روپ ڌاري اسٽيج تي ايندا آهن، اهڙيءَ طرح
ميشور کي سمجهو. جئن هڪ ناٽڪ نويس خود ئي ناٽڪ
يدو آهي ۽ خود ئي ناٽڪ ۾ ڪم ڪندو آهي، تهڙيءَ طرح

پرميشور جو روپ، جو اسين ڏسي رهيا آهيون، اهو سندس
هڪ ڀاڱو آهي ۽ باقي پرميشور ٻاهر ڇپيل آهي. ٻلڪ سارو
ڏسان ٿو ته جو پرميشور هن وشال وشو ۾ وياپڪ آهي اهوئي
ٻيوي روپ ۾ جهڙو جو ٿهڙو، هڪ ننڍڙي مورت ۾، مٽي
جي ذري ۾ به موجود آهي. ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه آهي
امرت جي سمنڊ ۾ جو سواد ۽ ميناج هوندو، اهو ئي هڪ
ٻوند ۾ به هوندو. مان چاهيان ٿو ته امرت جي هڪ ٻوند، جا
مونکي ملي آهي، انجو مزو مان وٺندو رهان. امرت جو مثال
مون جاڻي ٻجهي ورتو آهي. ٻاڻي يا کير جو مثال نه ورتو
اٿم. هڪ کير جي پيالي ۾ جو سواد هوندو اهوئي کير جي
لوٽي ۾ هوندو. مگر سواد ڪڻي ساڳيو هجي پر طاقت ساڳي
نه اچي سگهندي. کير جي هڪ ٻوند جي ڀيٽ ۾ کير جي هڪ
پيالي مان وڏي طاقت ملندي. مگر امرت جي مثال ۾ هي
ڳالهه ناهي. امرت جي سمنڊ جو ميناج نه هڪ ٻوند ۾ به آهي
مگر ننهن کان سواءِ سندس طاقت به اوتري ئي آهي. جيڪڏهن
ٻوند جيترو امرت به ڀيٽ الڊر وٺو ته ان مان به امرتا ملندي

اهڙيءَ طرح جا روحانيت، جا ٻولرتائي، پرميشور جي الس
سروپ ۾ آهي، اهائي ننڍڙيءَ مورت ۾ به آهي. جيڪڏهن
ڪو مونکي ٿمولي طور سڄي پوري ڪڪڙ جي سنڀالڻ لا
ڏئي ۽ ان مان آءٌ جي ڪڪڙ سنڀالي نه سگهيس ته. پوءِ ٻلي
ساري گوڙ ڪڻي سامهون رکي، ته سا مان ڪئن سنڀالي
سگهندس؟ ننڍڙي ايشور جو ٿمولو جو منهنجي اکين سامهون
آهي، ان مان جيڪڏهن مون ايشور کي نه سنڀالو ته پوءِ ورا
پرميشور کي ڪئن سنڀاليندس؟ ننڍي يا وڏي روپ ۾ آهي
جا؟ ننڍڙي روپ کي سنڀالڻ سان وڏي روپ جي سنڀال
جڙ لي ونئي. ننهنڪري مونکي هيءَ لالچ لڳي ٿي ته ايشو
ننهنجو وڏو روپ مونکي ڏيکاري. ارجن والگر وشو روپ
درشن جي گهر ڪرڻ جي لائق به مون ۾ ناهي. پر جيڪ

آنند ملي ٿو؟ ڇو ته ان چيز سان ڪجهه نه ڪجهه لاڳاپو هوندو آهي. ٻالڪ کي ڏسندي ئي ماءُ جي دل ٻيا ڏئڻ لڳندي آهي؛ ڇو ته هوءَ لاڳاپو ڄاڻي ٿي. اهڙيءَ طرح هرهڪ چيز جو، پرميشور سان ناتو جوڙيو. مون ۾ جو پرميشور آهي، اهو ئي ان چيز ۾ آهي. اهڙيءَ طرح ناتو وڌائڻ جڻ آنند وڌائڻ آهي. آنند جي ٻي ڪابه تدبير ڪانهي. توهين پريم جو لاڳاپو سڀ هنڌ جوڙيو. پوءِ ڏسو ته ڪئن نه جادو ٿو ٿئي! تڏهن هن الست سرشٽيءَ ۾ موجود پرماتما مٽيءَ جي ذري ذري ۾ به ڏسڻ ۾ ايندو. هڪ دفعي هيءَ اکر حاصل ٿئي ته پوءِ ٻيو ڇا گهرجي؟ مگر ان لاءِ اندرين کي سنسڪار جي، اڀياس وجهڻ جي ضرورت آهي. اسان جي پوڄا واسنا ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن پريم جي پوتر نظر حاصل ٿيندي ته پوءِ هرهڪ چيز ۾ ايشور ئي ڏسڻ ۾ ايندو. اپنشد ۾ هن ڳالهه جو ڏاڍو سندر بيان آهي ته آتما جو رنگ ڪهڙو هوندو آهي. آتما جو رنگ ڪهڙو ٻڌايو وڃي؟ رشي پريم پوروڪ چون ٿا: "جهڙيءَ طرح هي اندر گوپ*".

هي جو ڳاڙهو ريشم جهڙو نرم برساتي جيت آهي، ان وانگر آتما جو روپ آهي. ان برساتي جيت کي ڏسون ٿا ته ڪيترو نه آنند اچي ٿو. آنند ڇو ٿو اچي؟ منهنجي اندر ۾ جا سندر آتما آهي اهائي برساتي ڪيڙي ۾ به آهي. تنهن ڪري ان جي اپما ڏني ويئي آهي. اپما ڇو ٿي ڏجي؟ ان مان ٻيهر ڇو ٿو ملي؟ اسان اپما ان ڪري ٿا ڏيون جو انهن ٻن ۾ هڪ جهڙائي هوندي آهي. هڪ جهڙائيءَ ڪري ئي آنند ٿيندو آهي. جيڪڏهن ٻئي چيزون الڳ الڳ هونديون ته آنند نه ايندو. جيڪڏهن ڪو چوي ته لوڻ مرچ، وانگر آهي ته اسين ڪيئن ٻي عقل چونداسين. پر جيڪڏهن

* اندر گوپ- برسات ۾ هڪ جيت پيدا ٿيندو آهي.

پرمالما نہ ٻي الف لانڪ لکي لسو ۽ خود نمبر ... ويا
ڌارين جي روپ ۾ سينگارجي اسٽيج تي ... ڪري ٿو. جي
هن ٻي الف لانڪ جو هڪ ويس ڌاري ... بوسين نہ سڀجهو
نہ سهڻي ويس ڌارين کي سڃاڻي ورلوسين.

ڪوتا جي ايمانن ۽ مثالن وغيره ۾ جهڙو آثار آهي
تهڙي مورتي پوڄا جو آهي. ڪنهن گول ميز ڪسي ڌ سندا
آهيون نہ آلند ٿيندو آهي. جڏهن ان ۾ هڪ قسم جي رتا
هوندي آهي، رتا ايشور جو هڪ سروپ آهي. ايشور جي
سرشٽي سندر آهي. جڏهن ڪا ان ۾ ... تا آهي. اها گول چيز ڇا
آهي؟ ايشور جي رتا واري مورت آهي. اهي اهڙو جهنگل ۾ پيلل
ڌنگو ڦلو ولا نہ ايشور جي ئي مورت آهي. ان ۾ ايشور جي
آزادي آهي. ان ولا کي ڪو بندن ڪونهي. ايشور کي ڪهڙ
بندن ۾ وجهندو؟ اهو بندن کان آجو پرميشور، ان ڌنگي ڦلاي
ولا ۾ آهي. جڏهن ڪو سنٿون سدو ٿيو ڌسبو آهي نہ ان ۾
ايشور جي هڪ جهڙائي ڌسڻ ۾ ايندي آهي. جڏهن ڪو
اڪريل ٿيو ڌسون ٿا نہ ان ۾ آڪاس جي لکيترن، گرهن
جو چترڪار پرميشور ڌسڻ ۾ ايندو آهي. ڪنهن ڪهيل
جوڙيل باغ ۾ ايشور سنجهي روپ ڌسڻ ۾ ايندو آهي نہ
ڪنهن وڏي جهنگل ۾ ايشور جي ڪماليت ۽ آزاديءَ جو
درشن ٿيندو آهي. جهنگل ۾ نہ آلند ملندو نہ تهل لڪيل
باغ ۾ نہ. نہ پوءِ ڇا اسين پاگل آهيون؟ پاگل نہ آهيون. آلند
ٻنهي ۾ هوندو آهي جو نہ ايشوري ڪلا هر هڪ ۾ موجود آهي.
هڪ سهڻي سالگرام ۾ جو ايشوري ليج آهي اهو ئي ٻي ڌنگي
اُر پدا لاڏيءَ جي پٿر ۾ آهي. لنهن ڪري مورتي جي اهو
وشال سروپ الڳ نہ نہ ڌسڻ ۾ اچي نہ نہ ڪو حرج ڪونهي.

پرميشور سڀ هنڌ الڳ الڳ چيزن ۾ الڳ الڳ ڪلن ڌواران
ظاهر ٿيل آهي ۽ ان مان ئي اسان کي آلند ملي ٿو. ان چيز
لاءِ پهچڻا ئي پيدا ٿيندي آهي. اهو آلند ٻي سبب نہ آهي.

آهي؟ بمبئيءَ جي ڪبوترخاني ۾ هزارين ڪبوتر رهندا آهن. الي انهن کي ڪهڙي آزادي آهي؟ اهو نظارو ڏاڍو عجيب معلوم ٿيندو آهي. مزو ته الهيءَ ۾ آهي جو هيءَ سرشٽي هيٺ (پاتال) مٿي (آڪاش) هيٺي (پرٿوي) انهن ٽنهي هنڌن ۾ وراهيل آهي. جا ڳالهه هنن لوڪن جي آهي اهائي زماني جي به آهي. اسان کي ماضيءَ جي ياد ٿئي رهي ۽ مستقبل جي جاڻ ٿئي رهي، ان ۾ اسان جو ڪلياڻ ٿي آهي. قرآن شريف ۾ پنج چيزون اهڙيون ٻڌايون ويئون آهن جن ۾ صرف پرماتما جي ئي طاقت آهي، منش پراڻيءَ جي طاقت بلڪل ناهي. انهن ۾ هڪ آهي مستقبل جي جاڻ. اسين انومان ضرور ڪندا آهيون پر انومان جو مطلب جاڻ ناهي. مستقبل جي جاڻ جا اسان کي اڻهي پوي، اها اسان جو ڪلياڻ ٿي آهي. اهڙيءَ طرح ماضيءَ جي ياد جا اسانکي ٿئي رهي اها؛ سچ پچ ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي. ڪو بدڪار جي سچڻ ٻڌجي مون اڳيان اچي ته به سندس اڳيون وقت ياد ڪري مونکي ان لاءِ من ۾ عزت نه ٿي ٿئي. ڪٿي ڪيترا به قسم کڻي ٿو ڏهن ۾ مان سندس اڳين پاپن کي جلدي ڀلائي ٿو سگهان. سندس سندس پاپن کي ڏهن ئي ڀلجي سگهندو جڏهن اهو انسان مري، ٻئي روپ ۾ اسان جي سامهون ايندو.

اڳينءَ ياد مان وڪار وڌن ٿا. مگر جي اڳيون سڀ گمان وسري وڃو ته پوءِ سڀ ختم. تنهڪري پاپ پنج کي وسارڻ لاءِ ڪا لڄوڻ هٿڻ گهرجي. اها آهي موت. جڏهن مان جنم جون ڳالهيون اٿيون سهي سگهجن نه پوءِ اڳين جنم جي ڪند ڪهڙي جي ڀولا ڇو ڪريون؟ پنهنجي هن جنم جي ڪمري ۾ ڇا گهٽت گند ڪهڙو آهي؟ اسان کان ننڍپڻ بالپڻ به ٿهڙو نه وسري ويندو آهي. هيءَ وسر فائديمند آهي. هندو مسلمان ايڪتا لاءِ، ماضيءَ کي وسارڻ ئي هڪ اُپاءُ آهي. اورنگزيب ڏاڍا ظلم ڪيا. انکي ڪيترو وقت ياد ڪندا رهندا؟ ڪهڙا لي

ڪو چوي ته تارا گلن وانگر آهن ته اسان کي الله ايندو
ڇاڪاڻ ته اُهن ۾ هڪ جهڙائي آهي. جڏهن اسين چئون ته
لوڻ، مرچ وانگيان آهي ته ان ۾ مشابهت جو اِهو ٿو ٿئي
مگر جي ڪنهن جي نگاهه ايتري ڪشادي هجي ته پرمال
لوڻ ۾ آهي ۽ مرچ ۾ به آهي، انهن ٻنهي ڪري، ته پوءِ ڪيتر
ان ٻنهي مان ته لوڻ به مرچ جهڙو آهي، اوس الله ايندو
مطلب ته ايشوري روپ هر هڪ چيز ۾ پريل آهي. ان لا
وراٽ درشن جو ضرور ناهي.

٤٨

وراٽ روپ سهي به نه سگهبو

پر اهو وراٽ سروپ مان سهي ڪيئن سگهندس؟ ٿلهڙي
سگهڻ سندر سروپ جي لاءِ جو پريم معلوم ٿيندو آهي، ج
ٻنهجالي لڳندي آهي، جا سونهيا معلوم ٿيندي آهي، اهي
اهو وشو روپ ڏسڻ ۾ شايد نه هجي. هيءَ حالت ارج
جي ٿي وئي. هو ٿر ٿر ڪنبندي آخر چوي ٿو، "ڀڳوان
پنهنجو اهوئي پهريون منوهر سروپ ڏيکاريو. ارجن پنهنج
لجري مان چوي ٿو ته وراٽ سروپ ڏسڻ جي خواهش ل
ڪريو. ايشور جو ننهي زمان ۽ ننهي لوڪن ۾ وسيع ٿو
اهوئي چڱو آهي. هو ستارو سچو وڏو هجي ـ ٻڙ هجي جيڪڏه
پر لڏڙ گولي وانگر منهنجي سامهون اچي ٿيهي ته، منهن
ڪهڙو حال ٿيندو؟ هي تارا ڪيترو شانت ڏسجن ٿا. ال
پيو معلوم ٿئي جڻ ته اُترو پريان مون سان ڳالهيون ڪر
رهيا آهن. مگر اُهي ٿي ليٽرن کي شانتي ڏيندڙ تارا جيڪڏه
ويجهو اچي وڃن ته اُن پيالڪ باهه ۾ مان ڀسم ٿي ويندس
ايشور جو هي الست پرماله جڻ آهي، لَٽن ٿي رهڻ ڏ
اُهن سڀني کي هڪ ٿي ڪمري ۾ ڪلو ڪرڻ ۾ ڪهڙو آ

پوارٿنا ڪئي ته ڀڳوان اها منظور ڪئي. ڀڳوان ڪهڙن وشال سروپ ڏيکاريو. مگر مون لاءِ ڀڳوان جو ننڍڙو روپ ئي ڪافي آهي. هيءُ ننڍڙو روپ پرميشور جو ڪو ٿورو نه آهي. پر جي ڪٿي ٿورو به هجي، ته ان ابار ۾ وشال مورتيءَ جو هڪ پير يا پير جي ڪا آڱر ئي مون کي ڏسڻ ۾ آئي، ته به آءٌ چوندس "ڏٺم آهي منهنجو ٻاپو!" ٽڪري ماڻ مون هي گيان پاتو آهي. جمنالعل بجاج جڏهن هريجن لاءِ وارڌا ۾ لڪشمي نارائڻ مندر کوليو ان وقت مان درشن لاءِ ويو هوس. ١٥-٢٠ منٽ ان مورتيءَ کي ڏسندو رهيس. سمادي لڳائڻ جهڙي منهنجي حالت ٿي وئي. ڀڳوان جو اهو واٽ، اها چالي، اهي هٿ پير ڏسندي ڏسندي ڀرڻ لائين پهتس ۽ آخر چرڻن ٿي نظر کپي وئي. اهائي ٻاولا آخر وڃي رهي ته 'ملي ٿنهنجي چرن شموا.' جيڪڏهن هن ننڍڙي روپ ۾ اهو مها پرڀو نه سمايل هجي ته پوءِ ان مها پرش جا چرڻ ئي ڏسڻ ڪافي آهن. ارجن ايشور کي پرارٿنا ڪئي. سندس اڏڪار وڏو ٿيو- سندس ڪيتري گهرائي، ڪيترو پريم، ڪهڙو نتر ڀاو هو! ان جي پيٺ برمان ڇا آهيان؟ مون لاءِ چرڻ ئي ڪافي آهن. منهنجي لائق اهتري ئي آهي.

٥٨

سيلي جو ٽتو

ان پرميشور جي ايشوري روپ ۾ جيڪو بيان آهي ان ۾ عقل هلائڻ جي منهنجي مرضي ناهي. ان ۾ عقل هلائڻ مونکي پاپ ٿو معلوم ٿئي. ان وشو روپ بيان جي الهن پوئيو سلوڪن کي پڙهندا رهون ۽ پوڄا ڪيون. عقل هلائڻ پرميشور جي ان روپ کي ٽڪرا ڪرڻ جهڙي ضرورت مونکي معلوم ٿئي ٿي. اها اکيون پوڄا ٿي وينديون. اکيون پيهي سمهڻ پوءِ ۾ جيئي مرڻا ڇوهيندا آهن ۽ نتر اپاسنا ڪندا

۽ ڏکن ڀائيءَ جو ... جو نتيجو آهي. اڳي اسين گهٽيءَ ۾ دعا هتي پڙهندا آهيون. اِن ۾ پيڙائيءَ ۽ ڀيل آهي: سنسار ۽ سڀ جي نيڪيءَ لاءِ ... آگر رهڻ ونڌيءَ ۽ پاپ ڪي ماڻهو وساري ڇڏيندا. هيءُ زمانو ڇيڙ جاڳرڻ ڪري رهيو آهي. نوارليع ۾ جو ڪجهه چڱو هجي اُهو کڻڻ گهرجي. جو پاپ هجي اُهو ڇڏي ڏيڻ گهرجي. انسان ... برائيءَ ... فقط چڱائيءَ کي ياد ڪري ۽ ڪهڙو ۽ ... ... برائيءَ مان ائين ڪري اُهو سگهي. انڪري ونس جي ضرورت آهي. انڪري ئي ڀڳوان موت جي پيدائش ڪئي.

مطلب هي ته جيڪا جڻن آهي تن ۾ ڪليانڪاري آهي. هن ڪال ۾ جڙ روپي جڳه ڪي: هڪ هنڌ ڪلو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جو ته گهٽيءَ جاڻ ۾ مزو نه رهندو. ڪن شين مان گهري واسطي رکڻ جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ ڪن کان دور رهڻ جي ضرورت ٿيندي آهي. گوروءَ کان ادب جي لحاظ کان اسين پري رهندا آهيون. مگر ماءُ جي نه هنج ۾ وڃي رهندا آهيون. جنهن سان جهڙي ورتاءَ جي ضرورت هوندي آهي تهڙو ئي ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. گل جي اسين ويجهو وڃون. باهه کان پري رهون! تارا پريان ئي سندر لڳندا آهن. اهو ئي حال هن سرشٽيءَ جو آهي. ائين ناهي ته تمام پري واري دنيا کي تمام نزديڪ آڻڻ ۾ اسان کي سک ۽ آنند ملندو. جا شيءِ جتي آهي اُن جي اُتي رهڻ ۾ ئي مزو آهي. جا چيز پريان سهڻي معلوم ٿئي ٿي، اها نزديڪ آڻڻ سان اوس سڪڙائي ٿيندي، ائين ناهي. اُن کي اُتي ئي رکي سندس مزو ماڻڻ گهرجي. ناهي ته پاڻ سڀ تمام گهٽي جاڻ رکڻ مان ڪهڙو فائدو ڪونهي.

مطلب هي آهي ته نئين زمانا جو انسان اڳيان نه آهن سو چڱو ٿئي. اهو چئي نٿو سگهجي ته نئين زمان کي گيان نمان، آتما يا ڪليان ٿيندو. ارجن جڏهن پرلم وس ٿي عمل ڪيو،

مشڪو ڪرڻو پوندو، لوهه کي ڪرڻو پوندو. اهڙيءَ طرح پرميشور جي جڳ ۾ ٻڌڻ ۾ سولو ناهي. جيڪڏهن پرميشور جي هٿ جو اوزار، هٿيار ٻڻجڻو ٿو هجي ته ڏهه سير لوهه جو گولو ٻڻجڻو ناهي. تپسيا جي ميدان تي ٻاڻ کي چاڙهي تيز لکو ڪرڻو پوندو. ايشور جي هٿ ۾ منهنجي جيون روپي تلوار چمڪڻ گهرجي. اهڙا ويچار منهنجيءَ ٻڌيءَ ۾ گولچڪر لڳندا آهن. ڀڳوان جي هٿ جو هٿيار، اوزار ٿيڻو رهيو هان، ان ويچار ۾ مڪيه ڪي وچان ٿو. هاڻي اهو ڪيئن ٿئي؟ ان جي ريت خود ڀڳوان ئي آخرين سلوڪ ۾ ٻڌائي آهي. شري شنڪر آچاريه منهنجي سمجهاڻيءَ ۾ هن سلوڪ کي سڄي گيتا جو سار ڄاڻو آهي. اهو سلوڪ هي آهي:

ڀڳت منهنجو، سنگ رهت ٿي، ڪرم سڀ مون لاءِ ڪري،
نرويرو ۽ ڀڳتي پرمل سو، مڪت ٿي مون کي لهي.

جنهن جو سنسار ۾ ڪنهن سان ويرو ڪونهي، جو سنگ رهت ٿي سنسار جي ٻنا لالچ شيوا ڪري ٿو، جيڪي ڪجهه ڪري ٿو سو سڀ مون کي ارپڻ ڪري ٿو، منهنجي ڀڳتيءَ سان ڀريل آهي، ڪميائون، وڏائي ۽ پرهمي جو ڀڳت آهي سو ئي پرميشور جي هٿ جو هٿيار ۽ اوزار ٿئي ٿو. هن سلوڪ جو مطلب اهو آهي.

آرتوار: ١-٥-٣٢.

آهن، اهڙي نيءَ هيءَ ڪريا ڪندي، پرميشور هي اُن اڻهوري روپ ۾:-

”وشو جنهن جون اکيون، وشو جنهنجو مک
وشو جنهن جون ٻانهون، وشو جنهنجا پير.“

اهڙو وشال ۽ الست روپ. ان جي سلوڪن جو پاٺ نت ڪرڻ گهرجي. انهن جي پاٺ سان اسان کي پنهنجو من پوتر ۽ نرمل بڻائڻ گهرجي.

پرميشور جي ساري بيان ۾ فقط هڪ هنڌ تي هُوءَ ويچار ڪرڻ لڳي ٿي. پرميشور ارجن کي چوي ٿو، ”ارجن، هي سڀ مرڻ وارا ته آهن. تون فقط نمت بڻج. ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو ته مان ئي آهيان.“ هيءَ ڏکي ڳُن ۾ گولهيندي رهي ٿي. جڏهن هي ويچار من ۾ اچي ٿو ته، اسين ايشور جي هٿ جا هٿيار، ذريعا ٿيون ته هُوءَ ويچار ڪرڻ لڳي ٿي. ايشور جي هٿ جا هٿيار ڪيئن ٿيون؟ ڇا سڌس هٿ جي مرلي ٿيون؟ هو پنهنجن چپن سان مون کي لڳائي ۽ مڌر گيت آلاپي، مون کي وڄائڻ لڳي؟ هي سڀ ڪيئن ٿئي؟ مرلي ٿيڻ معنيٰ ڀرڻ پولو ٿيڻ. پر مون ۾ ته وڪار ۽ واسنائون ڪيئن ڪانهن ڀريل آهن. اهڙيءَ حالت ۾ مون مان مٺو آواز ڪيئن نڪرندو؟ منهن جو ته آواز ائين ڪرڪندڙ، بي سرو آهي. مان ته ٿوري ٿي آهيان. مون ۾ اهنڪار ڀريل آهي. ٻنهڪري پوري مون کي نراهنڪار ٿيڻ گهرجي. جڏهن مان سوهن آتا مڪت، خالي ٿي ويندس تڏهن پرميشور مون کي وڄائيندو. مگر پرميشور جي چپن جي مرلي ٿيڻ وڏي دليريءَ جو ڪم آهي. جي چاهيو ته سڌس پيرن جي جتي ٿيون ته اهو به ڪٺن آهي. اها اهڙي نرم ٿيڻ گهرجي جو پرميشور جي پيرن ۾ لوڙي ته لڦ نه ٿئي. پرميشور جي پيرن ۽ ڪلهن ها پٿرن ۽ ڇپر مون کي پوٽو پوندو. مون کي هاڻي ئي ڪٽڻو پوندو. ٻنهن جي ڪل اٿاري اُن ڪسي

ٿي سگهي ٿي. ان جا ڪهڙا وسيلا آهن؟ ان جي ڪهڙي ضرورت آهي. ٻارهين آڏياءَ ۾ سمگرتا ٻڌائي ويئي آهي. هاڻ هتي ڏسڻ گهرجي ته ايڪاگرتا کان سمگرتا تائين ايتري وڏي منزل اسان ڪيئن طي ڪئي.

چت جي ايڪاگرتا سان شروعات ٿي. ايڪاگرتا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به وشيه جو ويچار اسان ڪري سگهي ٿا. چت جي ايڪاگرتا جو فائدو منهنجي پر به وشيه وٺو ته حسابي جي ابياس ۾ ٿي سگهندو. ان مان اوس فائدو ٿيندو. مگر هيءَ چت جي ايڪاگرتا جي پوري ڪسوٽي، آزمائش ڪانه ٿي. حسابي جي ابياس ۾ يا اهڙيءَ ٻي ڪنهن وديا ۾ چت جي ايڪاگرتا ڪري سڦلتا ته ملندي، مگر هيءَ سچي آزمائش نه آهي. اڳري ستين آڏياءَ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته اسانجي نظر ڀڳوان جي چرڻن ۾ هڻڻ گهرجي. اٺين آڏياءَ ۾ چيو ويو آهي ته ڀڳوان جي چرڻن ۾ ايڪاگرتا لڳاتار رهڻ گهرجي. اسان جي زبان، ڪن، اکيون سدائين ان ۾ لڳيون رهن، آخر تائين اٺين ڪندو رهڻ گهرجي. اسانجي سڀني اندرين جو اهڙو ابياس ٿيڻ گهرجي. سڀني اندرين کي ڀڳوان جو چسڪو، ڀڳوان جو رنگ لڳي وڃڻ گهرجي. اسان وقت چاهي ڪو ورلاپ ڪري رهيو هجي يا ڀڄن ڳائي رهيو هجي؛ ڪو واسنا جو چار اٿي رهيو هجي يا ويراڳي سنتن جو سماگم ٿي رهيو هجي. سوجهرو هجي يا اونداهه، مرڻ وقت پرميشور چت اڳيان موجود رهي. لڳاتار اهڙو ابياس ۽ عادت اندرين کي هڻڻ جي سکيا هن اٺين آڏياءَ ۾ ڏني ويئي آهي. ڇهين آڏياءَ ۾ ايڪاگرتا، ستين ۾ ايشور جون ايڪاگرتا، اٺين ۾ سالم يوگ ۽ نائين ۾ سمرپڻتا ٻڌائي ويئي آهي. ڏهين ۾ ڪرمڪتا (درجي بدرجي چڙهڻ) ٻڌائي ويئي آهي. هڪ هڪ قدم اڳتي وڌي ايشوري روپ ڪيئن دل تي آڪرجي، هڪ ماڪوڙيءَ کان وٺي برهم ديو تائين ڦهليل پرميشور

اڌياءِ ٻارهون

سڳڻ نرگڻ ڀڳتي

٥٩

٦ اڌياءَ کان ١١ تائين - ايڪاگرتا مان سمگرتا

گنگا جي ڌارا ته سڀ هنڌ پوتر ۽ شُڌ آهي. مگر هردوار، ڪاشي، پرياگ جهڙا آستان وڌيڪ پوتر آهن. انهن سڄي سنسار کي پوتر ڪري ڇڏيو آهي. ڀڳوت گيتا جي به اهائي حالت آهي. ڀڳوت گيتا هوندي ته شروع کان آخر تائين سڄي هنڌ پوتر آهي. مگر وچ ۾ ڪي اڌياءَ اهڙا آهن جي تيرٿ آستان ٿي پيا آهن. اڄ جنهن اڌياءَ جو اسان ڪي ويچار ڪرڻو آهي اهو تمام پوتر تيرٿ جهڙو ٿي ويو آهي. خود ڀڳوان به ان کي امرت ڌارا چيو آهي.

ڌرميه امرت کي نشڪام ٿي پئين جي.

هيءُ اڌياءَ آهي ته ننڍڙو، صرف ويهن سلوڪن جو. مگر امرت جي ڌارا ٿي آهي. امرت جيان مڌر آهي. سنجيوني آهي. هن اڌياءَ ۾ ڀڳوان پنهنجي مک مان ڀڳتي رس جي مهما جو گيتو ٻڌايو آهي.

حقيقت ۾ ٦ اڌياءَ کان ڀڳتي گيان شروع ٿي ويو آهي. ڇهين اڌياءَ جي آخر تائين جيون شاستر ڏٺوسين. سوڌرم آچرڻ روپي ڪرم، ان لاءِ مددگار مانسڪ سادنا روپي وڪرم. انهن ٻنهي جي عمل سان سڀني ڪرمن کي جلائي ڀسم ڪرڻ وارو آخرين اڪرم جي وصف. انهن ٽنهين جو ويچار پهرين ڇهن اڌيائن تائين ٿيو. هيءُ جيون شاستر پورو ٿيو. هاڻي ستين اڌياءَ کان ڀڳتي گيان جو لڳي ويچار ٻارهين اڌياءَ جي آخر تائين هليو. ايڪاگرتا سان شروعات ٿي. ستين اڌياءَ ۾ هي ٻڌايو ويو ته چت جي ايڪاگرتا ڪئن

ڪم ڪار ۾ لڳي ويو آهي، ننڍڪڙي ماءُ جو وڇوڙو سهي سگهي ٿو. ماڻهن ۾ سندس هاڪ آهي ۽ چوطرف سندس نالو ٻڌي، ماءُ کي ڏاڍو سک ملي ٿو. اهڙيءَ طرح جيسي ٻن ٽن جي ماءُ کان پڇو وڃي، ”اي ماتا، انهن ٻنهي ٻچن مان توکي حرف هڪ ٻئي پٽ ڏنو ويندو. توهان جو چاهين پسند ڪر“ ۽ هوءَ ڪهڙو جواب ڏيندي؟ ڪهڙي پٽ کي هوءَ پسند ڪندي؟ ڇا، هوءَ ٻنهي ٻچن کي ناراضيءَ ۾ رکي ٽوريندي؟ هتي ماتا جي حالت تي غور ڪريو. سندس سماويڪ جواب ڇا هوندو؟ هوءَ ويچاري ماتا چوندي، ”جيڪڏهن وڇوڙو تيڏوئي آهي ته وڏي پٽ جو مان سهي سگهنديس. ان کي وٺي وڃو. ننڍي پٽ کي هوءَ ڇاتيءَ سان لڳائي رکندي. ان کي پاڻ کان دور ڪري نه سگهندي. ننڍي پٽ طرف وڌيڪ جهڪ ٿيندس ۽ شايد ائين چوي ته هن وڏي کي ڀلي وٺي وڃو. مگر هيءَ هن سوال جو جواب ناهي ته ڪهڙو پٽ وڌيڪ پيارو آهي. ڪجهه نه ڪجهه جواب ڏيڻوئي هو، انڪري سندس مک مان ڪجهه اکر نڪتا. مگر انهيءَ جواب جي اکري معني ڪرڻ مناسب نه ٿيندو.

هن سوال جو جواب ڏيندي جڏهن ان ماءُ کسي مونجهارو ٿيو هو، ٺيڪ اهڙي حالت ڀڳوان جي من جي ٿي ويئي. ارجن چوي ٿو. ”ڀڳوان، ٻن نمونن جا ڀڳت اوهان جسي سامهون آهن. هڪ اوهان جي لاءِ تمام گهڻو پريم رکي ٿو، توهان جو سدائين ڌيان ڪندو رهي ٿو. سندس اکيون توهانجي درشن جون پياسي، ڪن توهان جي گيت سڻڻ لاءِ آتا ۽ هٿ پير توهان جي شيوا ۽ پوڄا ڪرڻ لاءِ تيار. ٻيو آهي پاڻ ئي پاڙيندڙ. اندرين کي هميشه وس ۾ رکندڙ. سڀ جي ڀلي ۾ مگن. ڏٺو وڃي ته سماج جي نشڪام شيوا ۾ اهڙو لڳو محو جو جڻ ايشور جو نالو به ياد ڪونه ٿو اچيس. هي آهي اڌويتسيه (سڀني کي سمان سمجهندڙ) توهان جو ڀڳت. هاڻي ٻڌايو ته

هيري ڏيري ڪيترن ساڌنن ماڻهوءَ اهو پڌائڻو آهي.
ٻارهين ادياءَ ۾ سگڻ پڌائي ويئي آهي. وشو روپ درشن
ڪي ٿي مان سگڻ ڀڳتي جوان ٿو. وشو روپ درشن جي
معنيٰ آهي اهو محسوس ڪرڻ ته هڪ روحاني شڪتيءَ جي
ذرڙي ۾ به هي سارو جڳت سمايل آهي. هيءَ ئي ورات درشن
آهي. ڇهين ادياءَ کان وٺي ٻارهين ادياءَ تائين ڀڳتي رس
جي جدا جدا نمونن ۾ چٽي ڇاڻ ڪئي ويئي آهي:

٦٠

سگڻ ۽ نرگڻ ڀڳتي - ماتا جا ٻه پٽ

هاڻي ٻارهين ادياءَ ۾ ڀڳتي تتو کي سماپت ڪرڻو آهي. ارجن سماپت ڪرڻ بنسبت سوال پڇيو آهي. پنجين ادياءَ ۾ ڀڳوان نسبت سڀ شاستر جو وچار پورو ٿيڻ لاءِ جڏهن ارجن سوال پڇيو هو، تڏهن ئي هتي به پڇيو اٿس. هن پڇيو ته ڀڳوان! ڪي ماڻهو سگڻ جو پوڄن ڪندا آهن ۽ ڪي نرگڻ جي ڀڳتي ڪندا آهن. ٻڌايو ته انهن مان توهان کي ڪهڙو پيارو آهي؟

هاڻي ڀڳوان ڪيئن ڪهڙو جواب ڏئي؟ ڪنهن ماءُ کي ٻه ٻار هجن ۽ ڪا ڪنهن اهڙو ئي سوال پڇيو وڃي ته ماءُ ڪهڙو جواب ڏئي؟ انهي ٻارن مان ننڍڙو ماءُ کي ڏاڍو پيار ڪري ٿو، ياد ڪري ٿو، ماءُ کي ڏسي آنند مان نهو ڏيئي کيس چنبڙڻ لڳي ٿو. ماءُ ٿوري ٿي پري ٿئي ته هو ڏاڍو روئڻ لڳي ٿو. ماءُ کان ذرو به پري اٿو وڃي سگهي. ماءُ ۽ هجي ته کيس سارو سنسار سڄو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻيو وڏو پٽ آهي. آهي ته اهو به پوريءَ ڀاو سان ڀرپور، مگر سمجهو آهي. ماءُ کان دور رهي سگهي ٿو. پنج ڇهه مهينا به جي ماءُ سان گڏجڻ نه ٿي سگهيس ته به رهي سگهي ٿو. هو ماءُ جي سيوا ڪري ٿو. سارو ٻار پنهنجي سر تي کڻي ذميواريءَ سان ڪم ڪري ٿو.

ٿو. ٻهراڙيون ٻاهرين شهوا ۾ مکڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو مگر اندر
۾ چنتن هميشه جاري اٿس. ٻيو ڪجهه نه شهوا ڪندو
ٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر اندران سندس مها شهوا هلندي رهي
ٿي. اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي ڳڻن مان ڪهڙو بهتر ڪم؟ راند
ڏينهن ڪرم ڪري ٿو ذرو به ڪرم نه ڪرڻ وارو سکڻ
ڳڻ آهي. ان جي ابتڙ نرگڻ ڳڻ سڀ جي ڀلي جو چنتن،
سڀ جي چنتا ڪري ٿو. هي ٻئي ڳڻ اندر ۾ هڪ روپ
آهن. البت ٻاهران جدا جدا پيا لڳن. مگر آهن ٻئي هڪ
جهڙا. ٻئي ڳڻن جا پيارا آهن. مگر سکڻ ڀڳتي وڌيڪ سولي
آهي. اهڙيءَ طرح جو جواب ڳڻن ٻنهين اڳياءُ ۾ ڏنو آهي
اهو ئي هتي به ڏنو اٿس.

٦١

سکڻ سولو ۽ سلامت

سکڻ ڀڳتي ٻوڪ ۾ اندرين کان ظاهر ڪم وٺي سگهجي
ٿو. اندريون يا ته واهڻ آهن يا ته رنڊڪ وجهندڙ آهن يا ٻئي
آهن. اهي ماريندڙ آهن يا تاريندڙ، اهو اسان جي ڀاونا تي
ٿو مدار رکي. فرض ڪريو ته ڪنهن جي ماءُ موت جي بستري
تي آهي ۽ هو پنهنجي ماءُ سان ملڻ چاهي ٿو. وچ ۾ ستاسلو
پنڌ رهيل آهي. ان رستي تي موٽر نٿي وڃي سگهي.
ور وڪڙ پيچرو آهي. اهڙي وقت اهو پيچرو وسيلو آهي يا
رنڊڪ؟ هو چوندو ڪتان جو هي بيڪار رستو اچي وچ ۾ پيو
آهي، نه ته جيڪر ڪڏهن جو مان ماتا سان وڃي گڏجان
ها. اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهو رستو دشمن آهي. ڪٿي نه رستو
لتاڙيندو وڃي ٿو. رستي کي پارانا نه ڏيئي رهيو آهي. مگر
ماتا کي ڏسڻ لاءِ هر حالت ۾ جلدي جلدي قدم کڻي رستو
لتاڙي رهيو آهي. رستي کي دشمن يا رڪاوٽ سمجهي هو
کٽي ويهي رهندو ته پوءِ ان دشمن رستي جي سوڀ ٿيندي.
هو ذوم سان اڳتي وڌي ان دشمن کي جيتي سگهي ٿو.

اُهي ٻنهي مان لوهان جو وڏو پيارو ڀڳت ڪهڙو آهي؟
ارجن جو ڀڳوان کان هيءُ سوال آهي. هاڻي جهڙو ان جا
جواب ڏنو هو، لهڙو ئي هو ٻيو ڀڳوان ان جو جواب ڏنو آهي.
اهو سگڻ ڀڳت مولڪي پيارو آهي. هو ٻيو اَدوليتي ڀڳت
به منهنجو ئي آهي. اهڙيءَ طرح ڀڳوان مولڀاري آهي پنجي
ويو آهي. ڪجهه نه ڪجهه جواب ڏنو ئي آهي. ان ڪري
ڏٺي ڇڏيو اٿس.

سچ پچ ڳالهه به اهڙي ئي آهي. اگر به اگر ٻئي ڀڳت هڪ
جهڙا آهن. ٻنهي جي لائقي، درجو هڪجهڙو ئي آهي. ٻنهي
جي لور لڪ ڪرڻ جڳ مريادا جي ڇهر ڪرڻي آهي. پنجين
ادڀاءَ ۾ ڪرم جي وشيه ۾ جڏهن ارجن پڇيو آهي اهڙو ئي
هتي ڀڳتي جي باري ۾ پڇيو اٿس. پنجين ادڀاءَ ۾ ڪرم ۽
وڪرم جي سهائتا سان انسان اڪرم جي حالت ڪيئن پهچي
ٿو. هيءَ اڪرم جي حالت ٻن لمونن، ٻن روپن ۾ ظاهر ٿئي
ٿي. هڪ ته رامه ڏيهن ڪرم ڪندي به جڻ ذرو به
ڪرم نه ڪري رهيو هجي. ۽ ٻيو جو ڏهن ڪلاڪن ۾ هڪ به
ڪرم نه ڪندي دنيا پر جيءُ پنج گهڙ ڪري رهيو هجي. هنن
ٻن روپن ۾ اڪرم حالت ظاهر ٿيندي آهي. هاڻي اُهن جي
پيمت ڪٿي ڪئي وڃي؟ ڪنهن ڳول شيءِ جي هڪ پاسي
جي ٻئي پاسي سان پيمت ڪريو. هڪ ئي ڳول شيءِ جا ٻه پاسا،
اُهن جي پيمت ڪريون ڪٿي؟ ٻئي پاسا هڪجهڙي لائقي،
ڳڻ رکن ٿا. هڪ روپ ئي آهن. اڪرم جي وصف ۾ ڀڳوان
هڪ ڪي سنياس نه ٻئي ڪي يوگ سڏيو آهي. اُهن اکر
نه به آهن پر مطلب هڪڙو ئي هڪ آهي. سنياس ۽ يوگ ٻنهي
جو حل آخر سراتا ۽ سهولت جي آڌار ئي ڪيل آهي. سگڻ
نرگڻ جو سوال به اهڙو ئي آهي. هڪ جو سگڻ ڀڳت آهي،
اهو اندرين جي وسيلي پرميشور جي سيوا ڪري ٿو. ٻيو جو
نرگڻ ڀڳت آهي، اهو من سان سنسار جي ڀلي جو چنتن ڪري

رکڻ جا ھي ٻئي نمونا آھن. اوھين ڪنھن به رستي کي وٺي اڳتي وڌو. مگر اندرين کي پنھنجي ضابطي ۾ رکو. مقصد ٻنھي جو ھڪ ئي آھي. انھن کي حرص ھواس ۾ نه ڀٽڪڻ ڏيو. ھڪ رستو سولو آھي ٻيو ڏکيو آھي.

نرگڻ پوڄاري سڀ جي ڀلي ۾ مست ھوندو آھي. ھيءَ ڪا معمولي ڳالھه ناھي. سڄي جڳت جو ڪلياڻ ڪرڻ، چوڻ سولو آھي پر ڪرڻ ڏکيو. جنھن کي سڄي سنسار جي ڪلياڻ جي چنتا آھي اھو ان چنتا کان سواءِ ٻيو ڪجھه نٿو ڪري سگھي. ان ڪري نرگڻ پوڄا ڏکي چئي وئي آھي. سگڻ پوڄا پنھنجي وس آھر گھڻن ئي نمونن ۾ ڪري سگھجي ٿي. جتي انسان جو جنم ٿيو ان ننڍڙي ڳوٺ جي سيوا ڪرڻ يا ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ سگڻ پوڄا آھي. بس ان ۾ ايترو ڌيان رکڻو آھي ته انسان جي ھيءَ پوڄا جڳت جي ڪلياڻ جي خلاف ته نه آھي. ارھان جي شيوا ڪميٽي ۾ ويھي، ڪميٽي ۾ ٿوري چونڊ کٽي ھجي، اھا جي امن جي ڀلي ۾ رنڊڪ ۽ وجھندي ھجي، ته اوس پڪيءَ جي درجي تي پھچي ويندي، ته ته اھا شيوا موھ جو روپ اختيار ڪندي. انسان جا ماءُ پيءُ ھجن، دکي ٻيمار پاڙيسري ھجن، ساڌو سنت ھجن، پرميشور سمجھي انھن جي شيوا ڪرڻ گھرجي. ھر ھڪ ۾ پرميشور جي مورت جي ڪلپنا ڪري سنتوش ڪريو. ھيءَ سگڻ جي پوڄا سولي آھي پر نرگڻ پوڄا ڏکي آھي. انھن ٻنھي جو مطلب، سار ھڪ ئي آھي. پر سولائيءَ جي خيال کان سگڻ پوڄا سولي آھي. بس ايترو ئي سمجھڻو آھي.

سولائيءَ کان سواءِ ھڪ ٻي به ڳالھه آھي. نرگڻ پوڄا ۾ ڌپ آھي. نرگڻ گيان ۾ آھي. سگڻ پريم سان، ڀاونا سان ڀريل آھي. سگڻ ۾ ڪاميابيءَ جي وڌيڪ اميد آھي. ان ۾ ڀڳت وڌيڪ سلامت آھي. نرگڻ ۾ ڪجھه خطرو آھي. ڪڏھن وقت ھو جو مان گيان لئي وڌيڪ زور ڏيندو ھوس. مگر

ٻيو شخص چوي ٿو هن گهاٽي جهنگل ۾ وري ٻه اهڙا واٽ آهي نه سهين، اهائي غنيمت ڄاڻجي. ڪنهن طرح ماڻا وٽ وڃي پهچندس نه سهين. هي پيچرو نه ڄڃي ها ته هن ٻهاڙ ڪان ڪٿي وڃي سگهان ها؟ ائين چئي هو انهيءَ پيچري کي هڪ وسيلو سمجهي اڳتي قدم وڌائي ٿو. ان رستي ڏانهن سندس دل ۾ پريم جو ڀاو رهندو، دوستيءَ جو ڀاو رهندو. هاڻي اوهين ان رستي کي دوست سمجهو خواه دشمن، مفاصلو وڌائيندو، ڇوس خواه گهٽائيندو، جلد جلد قدم اوهان کي ٽپي ڪٽڻو پوندو. رستو ٻڌڪ آهي يا واهڻ، اهو ته ماڻهوءَ جي پنهنجي من جي حالت يا ڀاونا تي مدار رکي ٿو. هيءَ ٿي ڳالهه اندرين جي آهي. اهي رنڌڪ آهن يا وسيلا: اهو لوهالجي ڀاونا تي مدار رکي ٿو.

سگهڙ پوڄاريءَ لاءِ اندريون هڪ وسيلو آهن. اندريون جڻ ڪل ڦل آهن جي ڪيس پرميشر تي چاڙهڻا آهن. اکين سان هريءَ جو روپ ڏسي، ڪنن سان هري ڪٿا ٻڌون. وهان سان هريءَ ڏي تارٽ ڪريون. پيرن سان تيرٿ ياترا ڪريون. هٿن سان سيوا ڪارج ڪريون. اهڙيءَ طرح سڀني اندرين تي هو پرميشور ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ اهي اندريون پوڄا لاءِ ٿيون رهجي وڃن. گل ڦل نه پکوان کي چاڙهڻ لاءِ ٺهيا آهن. گلن جي مالها خود پنهنجي انهيءَ وڄهڻ لاءِ نه ٺهيل آهي. اهڙيءَ طرح اندرين جو استعمال انهور شيوا لاءِ ڪيو وڃي. هيءَ ٿي سگهڙ پوڄاريءَ جي درشٽي. مگر نرگهٽ پوڄاريءَ کي اندريون، وگهن روپ، رنڌڪ معلوم ٿين ٿيون. هو ڪين سنجم ۾ رکي ٿو. چوطرف روڪي رکي ٿو. انهن جو ڪاڏو بند ڪري ڇڏي ٿو. انهن تي پهرو رکي ٿو. مگر سگهڙ ڀڳت ڪي هي سڀ ڪجهه ڪرڻو نه پوي. هو سڀني اندرين کي هري چرڻن تي چاڙهي ڇڏي ٿو. هي ٻئي رستا اندرين جهڙا ڄاڻي آهن. اندرين کي وس ۾

گيان مان شڌ گيان پراپت ڪرڻ. مطلب ته نرگڻ ڀڳتيءَ ۾ ٻاڻ لئي آڌار جو مطلب به آخر آتما جو لئي آڌار آهي.

٦٣

نرگڻ سواءِ سگڻ به اڻپورو

جيئن سگڻ پوڄا جي فائدي ۽ سولائيءَ ۽ سلامتيءَ جو دليل ڏنو ويو آهي، تئن نرگڻ جي فائدي ۾ به ڏيڻي سگهجي ٿو. نرگڻ ۾ مريادا رهندي آهي. اسين جدا جدا ڪمن لاءِ، شيوا لاءِ، سنستائون ڪڙيون ڪندا آهيون. سنستائون ڪڙيون ٿينديون آهن سو ٻهرين ڪن شخص جي ڪارڻ ٿي ڪڙيون ٿين ٿيون. اهو شخص مکيه آڌار رهي ٿو. پر جڏهن جڏهن ان جي ترقي ٿيندي ويندي، تئن تئن اها ڪن شخص لئي ڀروسو رکندڙ نه رهي، اصول پرست ٿي وڃڻ گهرجي. جيڪڏهن اصول پرستي پيدا نه ٿي ته البته ڏيندڙ شخص جي هلڻ وڃڻ لئي ان سنستا ۾ اولڙهه پيدا ٿي ويندي. مان هڪ جو دلپسند مثال ڏيان ٿو ته چرخي جي مالهه ٽٽڻ لئي ست ڪتڻ نه پري رهيو پر ڪتيل ست وڙهڻ ۽ ڏکيو ٿيندو آهي. اهڙي حالت ان شخص جي آڌار ٽٽندي، ان سنستا جي ٿي ويندي آهي. پوءِ اها اناٿ ٿي ويندي آهي. پر جي شخصي ڀروسي مان اصول پرستي پيدا ٿئي ته پوءِ ائين نه ٿي سگهندو. سگڻ کي نرگڻ جي مدد گهرجي. ڪڏهن نه ڪڏهن ته شخص کان، مقرر گهيري کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو اڀياس هئڻ گهرجي. گنگا هماليه مان ۽ شنڪر جي جٽائن مان نڪتي پر اتي اٽڪي نه رهي. انهن جٽائن مان نڪري هوءَ هماليه جي برفاني چوٽين، گهاٽين، مٿرين جهنگلن کي پار ڪندي ميدان ۾ چل چل ڪندي وهندي جڏهن آئي، تڏهن جڳت جي لوڪن جي ڪم اچي سگهي ۽ نڪري سنستا کي به شخص جو آڌار ٽٽي وڃڻ لئي ته، اصولن جي مضبوط ٿنڀن لئي ڪڙو

هيئر مولڪي آزمودو حاصل ٿيو آهي ته صرف ڪيان مـ
منهنجو ڪم پورو نه ٿيندو. گيان مان من جـي استول خ
جلي ڀسم ٿئي ٿي. مگر سوکيم مٿل کي متاثر جي طاقت ان
ناهي. خود باوري، وچار، وويڪ، ابياس، وئراڳ الهن سـ
ڏرڻ کي کٽي ونو نه ته من جي سوکيم مٿل الهن سان لٿ
سگهي. پڪتي روپي پاڻي جي مدد کالسواءِ هي مٿ
ڌوپجي سگهي. پڪتي روپي پاڻي مه لي هي شڪت
آهي. جي چاهيو ته الکي پراولپي چئو. مگر ”ڀسر“ جـ
مطلب ”ٻيو“ نه پر ”سرشٽ پرمالما“ آولمن يعني ا
جو آڌار، اهولي مطلب ڪريو. پرمالما جـي سهاري کالسو
جـ جي. مٿل ناس ٿئي ٿي.

ڪو الهن چولدو نه هئي گيان شبد جو ارٿ لنگ ڪـ
ويو آهي. جيڪڏهن گيان سان جـ جي مٿل ڌوپجي ل
سگهي نه مان هن الزام کـي قبول ڪريان ٿو، نه پوءِ گيان
درجو گهٽ ٿي وڃي. مگر منهنجو چوڻ هي آهي نه
گيان هن مٿي جي ٻـ کي ٿي لٿو سگهي. هن ڏيهه ۾
گيان پيدا ٿيندو، اهي طاقت محدود ٿي رهندي. جيڪڏ
شل گيان پيدا ٿيو نه پوءِ ان سان ساري مٿل ڀسم ٿي ويندي
ان ۾ مولڪي ڏرو به شڪ ناهي. جـ سـ مٿل ڪ
ڀسم ڪرڻ جي طاقت گيان ۾ آهي. مگر هن وڪارن ٻ
ڏيهه ۾ گيان جو پل اڏورو رهجي وڃي ٿو. الڪري ان سـ
سوکيم مٿل ٻاڙون ٻنڻ مشڪل آهي. الڪري پڪتي ۾ آ
وڏيڪ سلامت آهي. وڏيڪ اکر منهنجو ٿي سمجهو. شـ
پڪتي سولي آهي. ان ۾ پرميشور جو آڌار آهي. لڪڻ ۾
لـي آڌار آهي. هن ۾ نه ”پاڻ“ جو بـ ارٿ ذرا سو جو
پهچي اندر واري پرمالما جو آڌار، اهولي الجو مطلب
اهڙو ڪو آدمي نه ملندو جو صرف پهنجي ٻڌي سان لـ
شل ٿي ويو هجي. ها، پاڻ کي آڌار ڪڻ يعني اندر الهن

پرڀوش پيدا ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڌرم جي سگڻ کي ونوءَ
نرگڻ روپي جڏهن هي نه هجڻ ڪري اهو ڌواليه کي پهچندو
آهي. ڀرڻ نڪيم ۾ پسون هتيا ٿيندي هئي. اڄ به شڪتي
ديويءَ اڳيان ٻل چاڙهيندا آهن. هي مورتي پوڄا دواران
ٿئي ظلم ٿي ويو آهي. مريادا کي ڇڏي مورتي پوڄا غلط
رستي تي هلي وئي آهي. پر جي انهيءَ نرگڻ لڪشنا جي حد
اندر رهي ته پوءِ هي انڌ ڀشو نه رهندو.

٦٣

سگڻ نرگڻ ٻنهي هڪ ٻئي جا پورڪ
رام چرتر جا مثال

سگڻ سولو ۽ سلامت آهي. مگر سگڻ کي نرگڻ جي ضرورت آهي. سگڻ جي ترقي ڪري ان ۾ نرگڻ روپي، اصول لڪشنا روپي گڻن جي ڀاري اچڻ گهرجي. نرگڻ سگڻ هڪ ٻئي جي پورائي ڪندڙ آهن، ورودي نه آهن. سگڻ کان نرگڻ تائين منزل طئه ڪرڻ گهرجي. نرگڻ کي به چت جي سوکيم مثل ڏوڻ لاءِ سگڻ جي مدد ضروري آهي. انهي جي هڪ ٻئي سان سوڀيا آهي. هي ۽ ٻنهي امولن جي ڀڳتي راماڻ ۾ نمام چڱي ريت سان ڏيکاري وئي آهي. ايوڌيا ڪاند ۾ ٻئي نمونا اچي ويا آهن. انهن ٻنهي ڀڳتين جو بيان راماڻ ۾ آهي. ڀرت جي ڀڳتي ڀرين نموني جي ۽ لڪشمڻ جي ڀڳتي ٻئي نموني جي. انهن جي مثالن مان نرگڻ ۽ سگڻ ڀڳتيءَ جو ڀيد سمجهه ۾ اچي ويندو.

رام جڏهن بنواس وڃڻ لڳو ته هو لڪشمڻ کي ساڻ وٺي وڃڻ لاءِ تيار نه هو. پر کي ڪيس ساڻ وٺي وڃڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. رام لڪشمڻ کي چيو، "لڪشمڻ مان بنواس وڃي رهيو آهيان. پتاجيءَ جي اها ڳي آگيا آهي. تون هتي رهه. مون سان گڏ هلي ڀيڻي ڏي ماتا پتا کي وڏيڪ دکي نه ڪر.

ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. جڏهن جاءِ ۾ ڪمان ٻڌل آهن ته پهرين ان کي سهارو ڏيندا آهن. مگر پوءِ اهو سهارو ڪڍي ڇڏيندا آهن. ان سهاري کي ڪڍي ڇڏڻ تي جي ڪمان ٽڪي رهي ته چئبو آهي ته اهو آڌار نيڪ هو. اهڙيءَ طرح پهرين الساهه جو وهڪرو سگڻ کان هليو پر آخر ان جي پڇاڙي اصول پرستي، نرگڻ ۾ هئڻ گهرجي. ڀڳتيءَ جي پيٽ مان گيان پيدا ٿيڻ گهرجي. ڀڳتيءَ جي ول مان گيان جا گل ڦٽڻ گهرجن.

ٻڌ ڌرم جي ڌيان ۾ هيءَ ڳالهه اچي وڃي ٿي. الڪري مسن ٽن پرڪارن جون تشنائون ٻڌايون آهن. پهرين شخصي تشنا هجي ته المان اصولي تشنا آهن ٿي پر جي اصولي تشنا ته به پيدا ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ سنستا. تشنا پيدا ٿيڻ گهرجي. سنبل ڪاڻين هڪ شخص لاءِ جا عزت هئي اها ڏهن ڀيرا هن شخص لاءِ هئڻ گهرجي. سنستا لاءِ جي گڏيل پريم نه هوندو ته ٻاڻ ۾ اڻبڻت رهندي. جهيڙا جهڳڙا شروع ٿي ويندا. تنهن ڪري شخصي ڀروسو ڇڏي سنستا جو ڀروسو وٺڻ گهرجي ۽ پوءِ اصول پرستي اچڻ گهرجي. الڪري ٻڌ ڌرم ۾ ٽي ڀروسا ٻڌايل آهن. ٻڌم شرڻم ڳڇامي، سنگهم شرڻم ڳڇامي، ڌرمم شرڻم ڳڇامي. پهرين شخص لاءِ، پوءِ سنستا لاءِ پريم. هي ٻئي ڪمزور آهن. جڏهن آخر اصول ۾ ڀروسو پيدا ٿيندو تڏهن سنستا فائديمند ٿي سگهندي. الساهه جو وهڪرو جيتوڻيڪ سگڻ کان شروع ٿيو ته به اهو نرگڻ سمندر ۾ وڃي پورو گهرجي. نرگڻ جي ذڪر لي سگڻ عميق وارو ٿي وڃي ٿو. نرگڻ جي مريادا سگڻ کي سنڀالي رکي ٿي. الڪري سگڻ نرگڻ جو احسانمند آهي.

ڀلا هندو، جا عيسائي ۽ چا اسلام سڀني ڌرمن ۾ ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ مورتي پوڄا هلايل آهي. ڀلي گهٽ ڌ، جي سمر مٿيل هجي، پر موجود آهي ضرور ۽ اها ڀلا به آهي. جيستائين اها مورتي پوڄا نرگڻ جي حد اندر آهي تيستائين سا نردوش رهندي آهي. ان حد جي ٻاهر ٽپڻ تي سگڻ

جي اک ۾ ڪو ٻيو اهڙو نه ڏيکاريل هت جتي ڪٿي اک لڳي پوندي آهي، ۽ ٻئي جو ڏٺ ڏسڻ سڀندو آهي. اهڙيءَ طرح لڇمڻ رام جو هت ٻڌجي پئي ٿو. رام لئي جيڪڏهن ڪو حملو ٿئي نه پهرين لڇمڻ ان کي سهڻ ڪندو هو. تلسيداس لڇمڻ لاءِ هڪ سندر درشٽانت ڏنو آهي. جهنڊو اوچو ڦڙڪي رهيو آهي. ڪان-والا سڀ جهنڊي جي ڪندا آهن. ان جي رنگ، شڪل وغيره جا گيت ڳائيندا آهن. مگر سندس سڏي ڏنڊي کي ڪير نٿو پڇي. رام جي جس جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو آهي. ان جو ڏنڊي جي لمولي آڌار لڇمڻ ئي هو. هو سدا ايو ڪڙو رهندو هو. جهنڊي جو ڏنڊو ڪڏهن جهڪي نٿو سگهي، اهڙيءَ طرح رام جي جس کي ڦڙڪائيندڙ لڇمڻ روپي ڏنڊو ڪڏهن به نه جهڪيو. جس ڪنهنجو؟ رام جو! سنسار کي جهنڊو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مگر ڏنڊي کي نه ڪير پڇي به ٿو. چوٽي ڏسجي ٿي، پاڙ بنياد ڪنهن کي به نٿو ڏسڻ ۾ اچي. رام جو جس سنسار ۾ ڦهلجي رهيو آهي. مگر لڇمڻ کي ڪير ياد به ڪري ٿو؟ چوڏهن سال هي جهنڊو سڌو سنئون رهيو. ڪڏهن ذرو به نه جهڪيو. خود ٻلتي رهي رام جو جس ڦهلائيندو رهيو. رام وڏا ڪم لڇمڻ کان ڪرائيندو هو. سيتا کي آخر ۾ بن ۾ ڇڏي اچڻ جو ڪم به لڇمڻ کي ئي سونپيو ويو. لڇمڻ اهو پورو ڪيو. لڇمڻ جي السگي ڪا هستي ئي ڪين رهي هئي. رام جون اکيون، رام جا هٿ پير، رام جو من هو ٻڌجي ويو هو. جئن ندي سمنڊ ۾ ملي ويندي آهي تئن لڇمڻ جي شيوا رام ۾ ملي ويئي هئي. هو رام جو ڀاڄو ٻڌجي پيو هو. لڇمڻ جي هيءَ ڀڳتي سڀکان مٿي هئي.

ڀرت جي ڀڳتي نرگڻ هئي. ان جو به تلسيداس تمام سندر ورڻن ڪيو آهي. جڏهن رام ان ڏاهن ويو تڏهن ڀرت ايوڌيا ۾ نه هو. جڏهن ڀرت آيو نه دسرٿ مري چڪو هو. گرو

تنهنڪري تون ماتا پتا ۽ پرجا جي شيوا ڪر. تون انهن وٽ رهندين
ته مان ۽ لڇمڻ رهندس. منهنجي عيوضي طور تون هتي رهه
مان بن ۾ وڃي رهيو آهيان. اهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته ڪنهن
مصيبت ۾ وڃي رهيو آهيان، بلڪ رشين جي آشرم ۾ وڃي
رهيو آهيان." اهڙيءَ طرح رام لڪشمڻ کي سمجهايو. مگر
لڪشمڻ رام جي سچي ڳالهه هڪ ئي اکر ۾ اڏائي ڇڏي
هڪ ڏک سان ۽ نڪر ڪري ڇڏي. تلسيداس هن جو سندر
ورڻن ڪيو آهي. لڪشمڻ چوي ٿو، "اوهان مونکي عمدو
رستو ٻڌايو آهي. مونکي انجو پالڻ ڪرڻ گهرجي. مگر هي
راجنيتيءَ جو بوجو مونکان نه کڻي سگهندو. اوهانجي عيوضي
ٿيڻ جي طاقت مون ۾ ڪانهي. مان نه اڃا ٻار ٿي آهيان.

"اوهان جي سکيا آهي سندر سلي،
اهين ڪرڻ گهرجي مون ٻوڏل نه ٿي
آهي راجنيتي وڏو ٻار ڀاري؛
منهنجي لاءِ مشڪل اها ڪاروباري
توهان جو ٿئي عيوضي ڪٿي سگهان مان،
سنڌءِ پرلم پياسي مان هڪ ٻار آهيان
ميرو جبل جيئن سماسڻ اِها،
آهي مون لئه مشڪل، نه طاقت اِها."

"هنس جا ميروُ-مندر جا ٻار کڻي سگهندو؟ رامچندر
منهنجو ته اڃ تائين اوهان جي پريم لي ٿي گذر ڪيو آهي. هي
راجنيتيءَ جو ٻار ڪنهن ٻئي لسي وجهو. مان ته اڃا ٻالڪ
آهيان. هيءَ چئي لڪشمڻ ساري ڳالهه ختم ڪئي.

سڄي جيئن پاڻيءَ کان پري رهي نٿي سگهي، اهڙيءَ طرح
لڪشمڻ رام کان جدا ٿي نٿي سگهيو. رام کان دور رهڻ ج
ان سمجهس هڪوله هو. سندس روم روم ۾ رام جي لاءِ پريم هو
رامن رام مسهي پولدو هو، نه هوُ خود جاڳندو هو، ان جي
ڪيرا ڏسندو هو. ان ۾ ئي ڪمس آنند معلوم ٿيندو هو. اسان

تار پيل آهي. ڪنهنڪري اُلي وڇوڙي جي ٻولي ٻولڻ لڳي ڏکي ٿي پوندي ٿي. پرس کي رام جو وڇوڙو معلوم ٿي نه ٿو جو نه هو پنهنجي پراڻو جو ڪم ڪري رهيو هو.

اڄ ڪالهه جا جوان چون ٿا ته رام جو نالو، ڀڳوان جي ڀڳتي، ايشور جي اپاسنا، هي سڀ اسان جي سمجهه ۾ نٿي اچن. اسين نه ڀڳوان جي ڪم ۾ وشواس رکون ٿا نه ڀڳوان جو ڪم ڪهڙي ڪرڻ گهرجي. ان جو نمونو پرس سيکاريو آهي. ڀڳوان جو ڪم ڪري پرس وڇوڙي جي ڏک کي هضم ڪري ڇڏيو هو. ڀڳوان جو ڪم ڪندي ڀڳوان جي وڇوڙي کي محسوس ئي نه ڪرڻ هڪ ڳالهه آهي؛ ڀڳوان کي ياد ئي نه ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي. ڀڳوان جو ڪم ڪندي سڄي سان جيون گهارڻ اڄ ڪله اڻلڀ آهي، جيتوڻيڪ پرس جي هي ورلي لڙڪڻ روپ سان ڪم ڪرڻ جي هئي، نه ته ان ۾ سگهڻ جو آڌار نٿي ڪهين ويو هو. ”پوءِ رام! اوهانجي آگيا موکي اکين لي آهي، اوهين جيڪي چوندا اهو مڃيندس، اهو ئي ڪندس. ان ۾ موکي ڪابه شنڪا نه رهندي.“ ائين چئي پرس جڏهن واپس وڃڻ لڳو نه ٻنهي رام طرف نهارڻ لڳو؛ چوڻ لڳو، ”ڀڳوان من کي تسلي نٿي ٿئي؛ ڪجهه نه ڪجهه بار محسوس ٿئي ٿو.“ رام لڙڪ سندس خيال سمجهي ورلو؛ چيو ”هي چاکڙيون ڪٿي پيو.“ اُهو سگهڻ جي لاءِ آڌار رهيو ٿي. لڙڪڻ سگهڻ کي آخر پڇائي ئي ڇڏيو. لڪشمڻ کي چاکڙيون وٺڻ ۾ تسلي نه ٿئي ها. سندس هي؛ ڪير ڀي بڪ لنسي؛ سان لاهڻ والکر لٿي ها. پرس جي حالت هن کان جدا هئي. هو ٻاهران دور رهي ڪرم ڪري رهيو هو پرهن ۾ رام سان پريل هو. پرس جيتوڻيڪ پنهنجي فرض پالڻ ۾ ئي رام ڀڳتي مڃيندو هو نه ته ڪيس چاکڙين جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڀڄي نه هڻڻ ٿي هو راڄ ڪلچ ٿي ڪري سگهيو. اهن چاکڙين جي آگيا جي روپ ۾ هو پنهنجو فرض پالي رهيو هو. جڏهن لڪشمڻ رام جو ڀڳت هو، تڏهن پرس ته هو. ٻنهي جي

وسشٽ کيس سمجهائي رهيو هو ته لوڪ راڄ ڪرڻ ۾ ڀرت جو ”موڪلي رام سان مليو آهي.“ رام سان ملڻ لاءِ اندر ۾ ڏاڍي آتڻ ماڻهو هئس. پر گڏو گڏ راڄ جو ڪم ڪار به ڪري رهيو هو. سندس ڀاونا اها هئي ته هي راڄ رام جو آهي. ان جو ڪاروبار هلائڻ رام جو ئي ڪم ڪرڻو آهي. سڄو راڄ ڪاج سواميءَ جو آهي، صرف ان جو انتظام ڪرڻ کيس پنهنجو فرض معلوم ٿيو. لڪشمڻ وانگر ڀرت مکيه ٿي ٿي سگهيو. هيءَ ڀرت جي ڀوميڪا آهي. رام جي ڀڳتيءَ جو مطلب آهي رام جو ڪم ڪرڻ گهرجي، نه ته اها ڀڳتي ڪهڙي ڪم جي؟ راڄ ڪاج جو سڄو انتظام ڪري، ڀرت رام سان گڏجڻ لاءِ بن ۾ آيو آهي. ”پانو! هي اوهان جو راڄ آهي. اوهان...“ جيئن ئي چوڻ ٿي چاهيائين ته رام کيس چوي ٿو، ”ڀرت، تون راڄ ڪر.“ ڀرت الجهڻ ۾ پئجي ويو. ڀرت چوي ٿو، ”اوهان جو حڪم اکين تي.“ رام جو حڪم مڃڻ ئي ڀرت جو ڌرم هو. هن سڀ ڪجهه رام جي مٿان صدقي ڪري ڇڏيو هو. هو موٽي ويو ۽ راڄ ڪاروبار ڪرڻ لڳو. مگر تعريف جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته ايوڌيا کان ٻه ميل پري تپسيا ڪندو رهيو. تپسوي رهي ڪري راڄ ڪاروبار هلائين. آخر جڏهن رام ڀرت سان مليو تڏهن هي سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ته انهن مان بن ۾ وڌيڪ تپسوي ڪير آهي. ٻنهي جا هڪ جهڙا چهرا، عمر ۾ ٿورو فرق. سڪل، چهري تي اهي ئي تپسيا جا لڇڻ. ٻنهي کي ڏسي ڪير سڃاڻي ٿي سگهيو ته هن ۾ رام ڪير، ڀرت ڪير. جهڙا هن ڪو نقاش اهڙي مورت چٽي ته اها ڪهڙي نه ڏسڻ لائق! اهڙيءَ طرح ڀرت جيتوڻيڪ جسماني طور رام کان پري هو پر مانسڪ طور گهڙي به پري ڪين هو. جيتوڻيڪ هڪ طرف هو راڄ ڪاج سنڀالي رهيو هو ته به مانسڪ طور هو رام جي ويجهو ئي هو. اهڙيءَ طرح لڳڻ ۾ سگهڻ ڀڳتي ڪيئن

لڳي آهي. سڪڻ ۽ لڙڪڻ، ڪرم ۽ پوڄا، گيان ۽ ڀڳتي، هي سڀ جيون جا هڪ روپ ٿي آهن. ڀلي جي آشرم الڳ الڳ ٿي آهي.

اوڌو ۽ ارجن جي ڳالهه وٺو. راماڻ ۾ ڀرت ۽ شٽروگهن ۾ ايهي پيس، ان جو مولڪي حق ٻه آهي. هو ته رام ۽ ڪرشن ٻئي هڪ روپ آهن. جتي ڀرت ۽ لڪشمڻ آهن اوڌو ۽ ارجن، جتي ڪرشن اتي اوڌو موجود ٿي آهي. اوڌو کان ڪرشن جو ڪن ٻه وڇوڙو به سهڻو نه ٿي ٿيو. هو لڳاتار ڪرشن جي سيوا ۾ مست رهندو هو. ڪرشن بنا کيس سارو سنسار ڦڪو لڳندو هو. ارجن به ڪرشن جو ساٿي هو. پر هو پري ڏهلي ۾ رهندو هو. ارجن ڪرشن جي ڪم ڪرڻ ۾ وشواس رکندڙ هو. ڪرشن دوارڪا ۾ ته ارجن هستناپور ۾. اهڙو ٻنهي جو لاڳاپو هو. جڏهن ڪرشن کي ديهه ڇڏڻ جي ضرورت محسوس ٿي ته هن اوڌو کي چيو "اوڌو هاڻي مان وڃي رهيو آهيان." اوڌو چيو "ڇا مولڪي ڳالهه، وٺي هلندا؟ اسين ٻئي گڏ ٿي هلنداسين." مگر ڪرشن چيو "اهو مولڪي پسند ناهي. سورج پنهنجو ليمپ اگني ۾ رکي سگهندو آهي. اهڙي طرح مان پنهنجي جوت تو ۾ ڇڏي وڃان ٿو." ان لمحي ڀڳوان کيس سمجهايو ۽ کيس گيان ڏئي رواڻو ڪيائين. پوءِ ٻالڪا ۾ اوڌو کي منتري رشي کان معلوم ٿيو ته ڪرشن ته پرم ڌام پڌاريو ويو. هو سندس من ۾ اچو ڪجهه به اهڙو ڪونه ٿيو ڇاڪاڻ ته خاص ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو." مڙو متو، جيئرو رهيو، پنهنجو گيان ڇڏيو نه. اهڙو حال سندس ڪين ٿيو. ڇاڪاڻ ته وڇوڙو ٿيو ئي ڪين هو. هن ساري جيون سڪڻ پرچا ڪئي هئي. پرمسور جي نزديڪ ٿي رهندو هو. پر ماڻسي تيس لڙڪڻ ۾ ٿي الله اچڻ لڳو هو. اهڙي طرح کيس لڙڪڻ جي منزل طئه ڪرڻي پئي. سڪڻ پهرين، پر ان جي پڄاڻي لڙڪڻ جي. ڏاڪڻ اچڻ ٿي گهرجي، نه ته پورڻتا ڪين ايندي.

پوسٽا پائڻ الڳ انڪ ھئي. پر جيترٽ فرض پالڻ ۾ ھو، اصول لڻنا وارو ھو ته سڀ اصول لڻنا ڪي چاڪرين جي سھاري جي ضرورت محسوس ٿي.

٦٤

سگھڻ نر ڳڻ ھڪ ڀئي جا پورڪ.

ڪرشن چرتر جا درشنانت

سري ڀڳتي رواڻ رس ضرور ھڻڻ گھرجي. الڪري ٿي ڀڳوان ارجن کي وري ڀئي چيو آھي، ”ارجن مون ۾ من رک. منھنجي رس جو سھارو وٺ ۽ پوءِ ڪرم ڪندو رھ.“ جنھن ڀڳوت گيتا کي موه اکر ته ته وٺي ٿو، ته سڀجھي لي ٿو، جنھن ور ور ڪري ڀئي چيو آھي ترموھي لي ڪرم ڪرڻو، ڪاوڙ ڪرونڌ چڏي ڪرم ڪريو، ٻي رياه لي ڪرم ڪريو، ”ترموه“ ترليپ جنھن جو تاجي يمتر آھي، اھالي ڪيتا چري لي ته ارجن مون ۾ موه رک. پر ھتي ياد رکڻ گھرجي ته ڀڳوان ۾ موه رکڻ لمار اوچي ڳالھ آھي. اھو ڪنھن ٻه سوئي چيز سان موه ناھي. ھتي سگھڻ ۽ نرگڻ ٻئي ھڪ ڀئي ۾ ڪٺا مسيا ٿيا آھن. سگھڻ نرگڻ جو آڌار ڪنھن ٻه لموئي ڪو نوڙي سگھي. نرگڻ کي سگھڻ جي رس جي ضرورت ٿئي لي. جو انسان سداڻين فرضي ڪرم ڪندو رھي ٿو، سو الھي ڪرم روپ ۾ پوجا ئي ڪري رھيو آھي. ڪرڻ پوجا سان رس گڏ آڻڻ گھرجي. ’منھنجو سمرڻ ڪندي ڪرم ڪرڻو.‘ ڪرم خود به پوجا ٿي آھي پر من ۾ پاولا زنده رکڻ گھرجي، فقط گل چاڙھڻ ئي پوجا ناھي. ان ۾ ڀاولا ضروري آھي. گل چاڙھڻ پوجا جو ھڪ نمونو آھي. ڪرم ڪرڻ سڀ نمونو آھي. پر اھي ۾ ڀاولنا روپي رس آھي: گل چاڙھي چڏڻ پر ان ۾ ڀاولا نه رھي ته اھي گل ڪنا ٻئي ٿي چڙھيا. ٿڪھڪري مول چيز ڀاولنا

مان لنگهي ويٺو هوس. اهڙي ڪٿي پر سان ڀڳوان شنڪر آچاريه جو ڪالڙي ڳوٺ هوندو. انهن مون کي لڳو ۽ مون پنهنجي ملباري ساٿيءَ کان پڇيو. هن چيو، ”هتان ڏهه ٻارهن ميل دور آهي. اوهين وڃڻ چاهيو ٿا ڇا؟“ مون انڪار ڪيو مان ستياگرهه لاءِ وڃي رهيو هوس. تنهن ڪري ٻئي طرف وڃڻ واجب نه لڳو. ان وقت اهو ڳوٺ ڏسڻ نه ويس. مون کي اڄ تائين ته ائين پيو لڳي ته ائين ڪري مون ٺيڪ ڪيو. پر رات جو جڏهن مان سمهيس ته اهو ڪالڙي ڳوٺ، شنڪر آچاريه جي اها مورت، منهنجي اکين سامهون ور ور ڪري اچڻ لڳي. منهنجي ننڊ اڏامي وئي. اهو آزمودو مون کي اڄ به جيئن جو تيئن ٿي رهيو آهي. شنڪر آچاريه جو اهو گيان جو پرڪاش، ان جي اها ايشوري اڌوئيت نشٺا، هن سنسار کي ڪوڙو ثابت ڪندڙ سندس اعليٰ ۽ چمڪندڙ ويراڳ، سندس گنڀير ٻولي ۽ مون لئي ٿيل سندس ٻي الف اهڪار ۽ انهن سڀني جي مون کي ور ور ڪري ياد اچڻ لڳي. رات جو اهي سڀ ڳالهيون منهنجي سامهون اچڻ لڳيون تڏهن مون کي ايئن ٿيو ته هن نرڳڻ ۾ ڪيئن سڳڻ لباسءَ ٻريل آهي. ظاهري ملاقات ۾ ته اندري پريم جو ايئن نئون نٿي. نرڳڻ ۾ سڳڻ جهڙي اوچي درجي جي هستي خوب ٻريل آهي. مان گهڻو ڪري زيادهه چگهلائيءَ جا خط نه لکندو آهيان. پر ڪنهن به دوست کي خط نه لکڻ لئي به اندر ۾ سندس لڳاتار سمرڻ ٿيندو رهندو آهي. خط نه لکڻ لئي به اندر ۾ سندس ياد ڀرپور رهندي آهي. نرڳڻ ۾ اهڙيءَ طرح سڳڻ گهٽ رهندو آهي. سڳڻ ۽ نرڳڻ ٻئي هڪ روپ ٿي آهن. ظاهر ظهور مورتي کڻي ان جي پوڄا ڪرڻ، ظاهر سيوا ڪرڻ ۽ اندر ۾ من سان همهه سنسار جي ڪلياڻ جو چنتن ڪرڻ، پر ٻاهران پوڄا جي ڪريا جي ڏيکاري نه ڏيڻ، انهن ٻنهي جو هڪ جهڙو ملهه ۽ وزن آهي.

ان کان اڳ حال ارجن جو ٿيو. سري ڪرشن کيس چــ
ڪرڻ لاءِ چيو هو؟ پاڻ کان پوءِ سڀني استرين جي رکيا جو
ڪم کيس سونپيو هئائين. ارجن دهليءَ مان آيو ۽ دوارڪ
مان سري ڪرشن جون سڀ استريون وٺي هليو. رستي ۾
حصار وٽ ڌاڙيلن ڇورن کيس لٽيو ڦريو. جو ارجن ان زماني
جو اڪيلوئي جوان مرد سڏبو هو، جو لاثاني بهادر طور مشهو
هو، جو هار نه ڄاڻندڙ ڪين هو ۽ ان ڪري سندس نال
ني 'جيءُ ڄڻي' ويو هو، جنهن ساڪياڻ شنڪر سان مقابل
ڪيو ۽ کيس جهڪائي ڇڏيو، تنهن اجمير جي طرف ڀڄي جا
بچائي. ڪرشن جي هلي وڃڻ جو سندس من تي ڏاڍو اثـ
ٿيو. جڻ سندس پران پکيئڙو هليو ويو هو. باقي وڃي سر
جو پتلو بچيو هو. مطلب ته همٿ ڪرم ڪندڙ، ڪرشن ڪار
دور رهندڙ، نرگڻ ڀڳت ارجن کي، آخر ۾ هي وڇوڙو سه
مشڪل ٿي پيو. ان جي نرگڻ ڀڳتي آخر ۾ وڇوڙي بريءَ طر
گهايل ڪري رکيو. جڻ ته سندس سڀ ڪرم ٿي ختم ٿي
يا. سندس نرگڻ کي آخر سگڻ جي ڪميءَ جو الٽو مليو
مطلب ته سگڻ کي نرگڻ ۾ وڃڻو پوي ٿو، نرگڻ کي سگڻ
اچڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح انهي ۾ هڪٻئي جي پورتتا اچڻي

٦٥

سگڻ ۽ نرگڻ لاءِ هڪٻئي جا آزمودا

ان ڪري جڏهن هيءَ سمجهاڻي جي لوڙ اچي ٿي ل
سگڻ پوڄاريءَ ۽ نرگڻ پوڄاريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي ته زبار
ٻڌ ٿي وڃي ٿي. نرگڻ سگڻ آڌار ۾ وڃي هڪ ٿين ٿا پڪي
جو جهرڻو پهرين سگڻ مان لڪو [illegible] ته وڃي نرگڻ کي مل
ٿو. هڪ دفعي مان ونڪر جي سنڌ [illegible] لاءِ ولايت ويس
جڏهن جاگرافي پڙهي هيم ته مون ٻڌو. [illegible] ل
ملبار جي ڪناري شنڪر آچاريه جو جنم آستان [illegible]

سگڻ سولو آهي، نرگڻ ڏکيو آهي. مگر ٻئي نموني سگڻ به ڏکيو آهي ۽ نرگڻ به سولو آهي. ٻنهي دوارا هڪ ئي مقصد جي حاصلات ٿئي ٿي. ڀڳوان ادڀاءِ ۾ جيئن ٻڌايل آهي ته چوويهه ڪلاڪ ڪم ڪندي به ذرو به ڪم نه ڪندڙ، چوويهه ڪلاڪ ڪجهه به ڪم نه ڪندي به سڀ ڪم ڪندڙ، اهڙا ئي يوگي ۽ سنياسي ٻئي هڪ روپ آهن. تن تي هتي به سمجهو. سگڻ ڪرم يوگ ۽ نرگڻ سنياس يوگ ٻئي هڪ روپ ئي آهن. سنياس بهتر يا يوگ، ان جو جواب ڏيڻ لاءِ جئن ڀڳوان کي ڏکيائي آئي، تئن هتي به مشڪل آهي. آخر ۾ سوالن ۽ ڏکيائين جي گهٽ وڌائيءَ سان جواب ڏنو پيو. نه نه ڇا يوگ، ڇا سنياس، ڇا سگڻ، ڇا نرگڻ، ٻئي هڪ روپ آهن. ٻارهينءَ ۾ ڀڳوان چوي ٿو ”ارجن، تون سگڻ رهين چاهي نرگڻ، پر ڀڳت ضرور ره. گول مول ٿي نه رهه.“ هي ڇٽي آخر ڀڳتن جا لڇڻ ٻڌايا اٿس: اهرتع متو هولدو، مگر اسان کي سندس منهاج ڇڪڻ جو موقعو نه مليو. مگر هي لڇڻ صاف مٺا آهن. ان ۾ ڪلپنا جي ضرورت ناهي. انهن لڇڻن کي آزمائي ڏسڻ گهرجي. ٻارهين ادڀاءَ جا هي ڀڳت لڇڻ، اسعو ٻڌيءَ واري جسي لڇڻن والڪر اسان کي هميشه سمجهڻ گهرجن، ويچارڻ گهرجن ۽ ٿورو ٿورو پنهنجي جيون ۾ آڻي، ٿوڙت حاصل ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح اسان کي پنهنجي جيون، آهستي آهستي پرماتما جي نزديڪ وٺي وڃڻ گهرجي.

آرتوار: ٨-٥-٣٢.

٦٦

سڳڻ نرگڻ ۽ درشني ڀيد

آهو مون کي جيڪي چوڻو هو سو هي، ته سڳڻ ڇا، نرگڻ ڇا، ان جو فيصلو ڪرڻ ته آسان ناهي. هڪ طرح جو سڳڻ آهي، اهو ٻيءَ طرح نرگڻ ٿي سگهي ٿو. سڳڻ جي شڪل هڪ ڀڳت-مورتيءَ سان ڪئي وڃي ٿي. ڀان ڀڳت ۽ ڀڳوان جي ڪلپنا ڪئي وڃي ٿي. اسان جي مائٽن ۽ سڄڻن ۾ صاف آتما ظاهر آهي. انهن ۾ گيان، پريم، دليءَ ڀاونا صاف ظاهر آهي. پر انهن ۾ پرماتما براجمان آهي، اها ڀاونا رکي پوڄا نه ٿا ڪن. هي سڀ چيتن، سيني کي ڏسڻ اچن ٿا. تنهن ڪري انهن جي شيوا ڪرڻ گهرجي. انهن ۾ سڳڻ پرماتما جو درشن ڪرڻ گهرجي. مگر انهن نه ڪري ماڻهو ڀڳت ۽ پرميشور ڏسندا آهن. هاڻي هڪ طرف ڀڳت ۽ پرميشور کي ڏسڻ نرگڻ جي حد ٿي آهي. سنت، ماتا پتا، ٻارڙي، انهن ۾ گيان، پريم، اپڪار پڌري ظاهر ڏسجن ٿا. انهن ۾ ايشور مڃڻ نه سولو آهي، مگر ڀڳتن ۾ پرميشور مڃڻ ڏکيو آهي. الهيءَ نرڌا جي ڀڳت کي اسين شڪر ملهون ٿا، ڇا هيءَ نرگڻ پوڄا ناهي؟ الٽو انهن ڀرو پاسي نه جي ڀڳت ۾ پرميشور جي ڪلپنا نه ڪئي وڃي: نه پوءِ ڪئي وڃي؟ ڀڳوان جي مورتي ليکڻ لائق اهو ڀڳت ٿي آهي. اهو اڻوڪار آهي، شانت آهي. گرمي هجي خواهه سردي، اولهه هجي خواهه سوجهرو، اهو ڀڳت جڳن جو ٽڪ ٿي رهي ٿو. تنهنڪري هي نروڪاري ڀڳت ئي پرماتما جي لڳاتار طور هڻڻ جي لائق آهي. ماتا، پتا، ٻارڙي، جنتا ۽ سڀ وڪارن سان ڀريل آهن. ڀلي انهن ۾ ڪجهه وڪار ملها ٿي پيا آهن. تنهنڪري ڀڳت جي پوڄا ڪرڻ جي پهت ۾ انهن جي شيوا ڪرڻ هڪ درشنيءَ ڪان ڪلن ٿي آهي. مطلب نه سڳڻ ۽ نرگڻ ٻئي هڪ ٻئي جا پورڪ آهن.

ٻ هڪ ڪمائتو شاستر آهي ۽ ان ڪري ئي ان ۾ سوڌرم
ي ايترو زور ڏنو ويو آهي. منش جي جيون جو جيڪڏهن
ڪو وڏو بنياد آهي ته اهو سوڌرم آچرڻ ئي آهي. سندس
يون جي ساري عمارت هن پايي تي کڙي آهي. هي پايو
يترو مضبوط هوندو، اوترو ئي عمارت جلد نه ڪي سگهندي؛
ن سوڌرم آچرڻ کي گيتا ۾ "ڪرم" چيو ويو آهي. سوڌرم
چرڻ روپي ڪرم جي آس پاس گيتا ۾ گهڻيئي جهڙيون ڳالهيون
ڪيون ويئون آهن. ان جي رکيا لاءِ اليڪ وڪرم رچيا ويا
هن. هن سوڌرم آچرڻ کي سهڪارڻ لاءِ، ان کي سندر بڻائڻ
ه، ان کي سڦل ڪرڻ لاءِ، جنهن ۾ سهائتا جي ضرورت
هي، اها سڀ ضرور ڏنل آهي. ان ڪري هيل تائين اسان
هڙيون گهڻيون ئي ڳالهيون ڏٺيون. ان ۾ گهڻيون پيتي روپ
هيون. اڄ تيرهين اڌياءِ ۾ جا چيز اسان کي ملي آهي اها ۾
وڌرم آچرڻ ۾ يا گيتا ۾ ورنن ڪيل ڪرم ۾ ڏاڍي ڪمائتي
هي. هيءَ چيز ويچار جوڳي آهي.

گيتا ۾ هرهنڌ چيو ويو آهي ته سوڌرم آچرڻ ڪندڙ کي
ل جو تياڳ ڪرڻ گهرجي. ڪرم ته ڪريو، پر ان جو ڦل ڇڏي
يو. وڻ کي پاڻي ته پياريو، ان جي پرگهور به لهو، پر سندس
الو جي، گل ڦل جي، پنهنجي لاءِ آشا نه رکو. هي سوڌرم
چرڻ روپي ڪرم يوگ آهي. ڪرم يوگ جو صرف ايترو ئي
طلب ناهي ته ڪرم ڪندا رهو. ڪرم ته هن دنيا ۾ هرهنڌ
ي ئي رهيو آهي. ان جي چوڻ يا ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت
ي ڪانهي. مگر سوڌرم آچرڻ روپي ڪرم ڪورو ڪرم نه
هي. پلي پالت ڪرم ڪري ۽ ان جو ڦل ڇڏي ڏيڻ، هي
له چوڻ ۾، سمجهڻ ۾ ڏاڍي سولي معلوم ٿئي ٿي، پر پالڻ
اڍي ڏکي آهي، ڇو ته ڪنهن ڪارڻ جي اتساهه ڏيندڙ
هڪتي ئي ڦل واسنا مجي وڃي آهي. ڦل واسنا کي ڇڏي
ڪرم ڪرڻ، التو ٻيمت آهي. وهنوار يا سنسار جي ريت جي ابتڙ

ديهه آتما جو ڀيد

٦٧

ڪرم يوگ لاءِ مددگار: ديهه - آتما جو ڀيد

وياس ديو پنهنجي جيون جو سار ڀڳوت گيتا ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هن وستار سان ٻيو ڪٿي نه لکيو آهي. صرف مهاڀارت ۾ ٽي لک، سوا لک، شلوڪ آهن. سنسڪرت ۾ وياس اکر جي معنيٰ ئي وستار ٿي وڃي آهي. پر ڀڳوت گيتا ۾ سندس وستار ڪرڻ ڏانهن لاڙو نه آهي. جاميٽريءَ ۾ جئين ٿورڙن سٽن ۾ سڌائيءَ ٻڌايا آهن، احوال ڏيکاري ڇڏيا آهن؛ اهڙيءَ طرح جيون جي لاءِ ڪمائتا اصول گيتا ۾ وياس ديو هڪ ٻئي پٺيان لکي رهيو آهي. ڀڳوت گيتا ۾ نه ته خاص ڪو بحث ٿي آهي، نه وستار ٿي. ان جو ڪارڻ هي آهي ته جيڪي ڳالهيون گيتا ۾ جيون وٽون آهن، انهن کي هر هڪ انسان جيون ۾ جاچي ڏسي سگهي ٿو. بلڪ هي ان ڪري جيون وٽون آهن ته لوڪ انهن کي جاچي ڏسي سگهن، جيتريون ڳالهيون جيون ۾ ڪمائتيون آهن، اوتريون گيتا ۾ جيون وٽون آهن. انهن جي چوڻ جو مقصد به اهو ئي آهي. ان ڪري وياس ديو ٿوري ۾ اصول ٻڌائي سنتوش ڪيو آهي. هن جي ان سنتوش وٺيءَ ۾، سندس ستيه ٻيا آلر الهڙ جهڙي ٻاري ۾ زبردست وشواس اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جا ڳالهه سچ آهي، ان جي ٻيهرائي ڪرڻ لاءِ زيادهه رنگا يا وستار جي ضرورت ڪانه رهي.

اسين جو گيتا طرف نگاهه لڳائي رهون ٿا، ان جو مکيه مقصد هي آهي ته جيون ۾ اسان کي جڏهن جڏهن سهاري جي ضرورت پوي، تڏهن تڏهن اهو گيتا مان اسانکي ملندو رهي. اهو اسان کي هميشه ملڻ جهڙو به آهي. گيتا جيون

ٿي، اها ڪرم جي آتما آهي. سؤڌرم آچرڻ جي ٻاهرين ڪل روپي ديهه ڇڏي ڪري اندرين چمڪ شڌي روپي آتما اسان کي گرهڻ ڪرڻ گهرجي. من سان لڳائي رکڻ گهرجي. هر ٿولي جي عادت، ديهه کي هٽائي، هرهڪ شيءِ جو سار گرهڻ ڪرڻ جي سار- گراهي نظر اسان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. اکين کي، من کي، ويچارن کي اهڙي تعليم، اهڙي عادت، ابياس ڪرائي ڇڏڻ گهرجي. هر ڳالهه ۾ ديهه کي الڳ ڪري آتما جي پوڄا ڪرڻ گهرجي. اسانجي ويچارن کي صاف ڪرڻ لاءِ هيءَ ڇنڊ ڇاڻ تيرهين اڌياءَ ۾ ڏني ويئي آهي.

٦٨

سڌاري جو بنياد

هي سار گرهڻ ڪرڻ جي نظر ڏاڍي اهم آهي. جيڪڏهن ننڍپڻ ۾ ئي هيءَ عادت ٻارن ۾ اسين وجهون ته ڪهڙو نه چڱو. هيءَ وشيه هضم ڪرڻ جهڙي آهي. هيءَ نظر انگيڪار ڪرڻ جهڙي آهي. گهڻن کي اهين لڳندو آهي ته روحاني يا آتمڪ وديا جو جيون سان ڪو لاڳاپو ڪونهي. ڪن جو ته وري رايو آهي ته جيڪڏهن ڪٿي هجي به، ته به هٽڻ نه گهرجي. پر منهنجو رايو آهي ته ديهه کان آتما کي الڳ سمجهڻ جي سکيا ننڍپڻ کان ئي ڏيڻ جو پربند ٿي سگهي ته ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي. هيءَ سکيا شاستر جي وشيه آهي. اڄڪلهه خراب سکيا جي ڪارڻ، ڏاڍا خراب سنسڪار ٻارن جي من تي پئجي رهيا آهن. ”مان صرف ديهه روپ آهيان.“ هن ويچار کان ٻاهر اڄڪلهه جي سکيا اسان کي اڃڻ ٿي اٿي ڏني. سڀ جڳهه ديهه جا ئي هار سينگار هلي رهيا آهن. مگر، ان هوندي به ديهه کي جو سروپ حاصل هئڻ گهرجي، جو روپ ڏيڻ گهرجي، اهو ڪٿي به ڏسڻ ۾ نٿو اچي، يا اصل آهي ئي ڪونه. اهڙيءَ طرح اڄڪلهه هر

ھي ڳالھ آھي. جو ڪھڙو ڪرم ڪري ٿو، اھو ئي ڪرم ڀو
آھي، انھن اسان ڪھڙيءَ ڀيرا ڇولدا آھيون. پر انھن ڇوڻ ڀ
جي ڀلائيءَ ڪري ٿئي ٿو. گيتا جي وصف موجب اھو ڪ
ڀوڳ آھي. نہ صرف لڪين ڪرم ڪندڙن ۾ پر لڪين سؤن
آچرڻ روپي ڪرم ڪندڙن ۾ نہ گيتا جو مڪمل ڪرم ڀوڳ سا
وارو ورلي ئي ملي ٿو. ڪرم ڀوڳ، جي سوکم ۽ سڀني ار
۾ ڏلو وڃي نہ اھڙو مڪمل ڪرم- ڀوڳي، شايد ئي ڪٿي مل
ڪرم نہ ڪجي، پر ان جي ڦل کي ڇڏي ڏجي. اھا بلڪ
غير رواجي ڳالھ آھــــي. ھيل تائين گيتا ۾ اھا ئي چيل ڳال
اھو ئي دليل پيش ڪيو ويو آھي.

ان چند ڇاڻ جي لاءِ ھڪ ٻيو ڪندڙ دليل ھن ليڪ
اڏياءَ ۾ ھدايو ويو آھي. ڪرم نہ ڪجي، پر الھيءَ جي ڦل
موھ ڦٽو ڪر. ان دليل جو سھائڪ ھڪ ٻيو ٻيان دليل آھي
ديھ ۽ آتما جو. اھو ئي ٻئي ھين اڏياءَ ۾ پيش ڪيو ويو آھ
اکين سان اسين جنھن روپ کي ڏسون ٿا، اکي اسين مورل
آڪار. ديھ چئون ٿا. جيئن ڪي باھريون موت جي واقف
اسان جي اکين کي ئي وڃي ٿي، نہ ان ڇر جي اندر و
ٿئي ٿو. ميوي جو مٿيون باھريون ڇلڪو، ڪل وڏي ا
اندريون گر ڇڪڻو ٿئي ٿــو. ٿاريل کي نہ ٿئي اندر ڏ
ھولو آھي. ڪنھال ٿي ڪنارا لڳل ھولدا آھن، لڪل ھن
اندر رسيلو ۽ مزيدار گر ٻيل ھولدو آھي. اسين ھاڻ ڏا
ڏسون، خواھ ٻئي ڪنھن ڏالھن. ھي اندر ۽ باھر جي
ڇاڻ ڪرڻ ۽ لئاءِ ڏسڻ ضروري ٿي ٿوي ٿو، نہ ٿوءِ
لاھي ڇاڻڻ جو مطلب ڇا؟ ان جو مطلب نہ ھر ھڪ چيز
اندريون ۽ باھريون روپ ڏلو ۽ سمجھيو وڃي. اھڙيءَ
ھي باھريون ديھ ۽ اندريون آتما، ھــي نہ روپ ھرھڪ
جا ٿي وڃن ٿا. ڪرم ۾ اھائي ڳالھ آھي، باھريون ڦل
جي ديھ آھي ۽ ڪرم جي ڪارڻ جا جسم جي. شڏي

جزو سمجهڻ بيڪار آهي. مگر الڪي ڇون تہ ”گندو آهي.“
ان گندگيءَ سان سندس ڪهڙو واسطو؟ هن کي تہ اڃا بہ گهر
تي ڪاڏهن رهندي آهي. ان ڪري ني هو اهو ڏنڊو ڪو سهي
ٿو سگهي. سندس من ۾ غصو پيدا ٿئي ٿو. جڏهن هن ۾
غصو پيدا ٿيندو آهي تہ پوءِ سڌارو تہ ٿي سگهندو. تنهن
ڪري ڪيئن چڱيءَ طرح سمجهائي، صاف سترو رکڻ گهرجي.
ان جي اهڙي هلي ان ٻار جي من تي هيءَ ڇاپ هڻبو تہ تہ
هو ڏيهہ آهي. سکيا شاستر ۾ هيءَ هڪ اهم سڌانت سمجهڻ
گهرجي. گوروءَ کي اها ڀاونا رکڻ گهرجي تہ مان جنهن کي
پڙهائي رهيو آهيان اهو سڀ الڳي سنڌر آهي. حساب ۾
سوال ۾ ٻار ڀل ٿي ويٺي تہ ٻار تي چماٽ لڳي ويٺي. هاڻ اُن
چماٽ ۽ ٻار جو ٻار ۾ لڳايو ڪهڙو؟ اسڪول ڏي سان
آيو تہ لڳي چماٽ. ان ڪري سندس رت جو ڏورو تيز ٿيڻ
لڳندو. پر ان سان ڇا، سوال صحي اچڻ لڳندو؟ رت جي
اها تيزي ڇا اهو ٻڌائي سگهندي تہ هاڻي گهٽا لڳا آهن؟
پر سچ پچ تہ اهڙي طرح مار ڪٽ ڪري اسين ٻار جي
حيوانيت کي ٿي وڌائي رهيا آهيون. نون هيءَ ڏيهہ نسي
آهين، اها ڀاونا پڪي ڪريون تہ. سندس جيون، ڏپ جي
بنياد تي ڪڙي ڪري رهيا آهيون.

جيڪڏهن اسان کي سچ پچ سڌارو ڪرڻو آهي تہ اهو
اهڙيءَ طرح زبردستيءَ ڏيهہ ممتا وڌائڻ سان ڪڏهن بہ ٿي
سگهندو. جڏهن مان اهين سمجهندس تہ مان ڏيهہ کان الڳ
جدا ڪجهہ بيو آهيان تڏهن ٿي منهنجو سڌارو ٿي سگهندو.
ڏيهہ يا من ۾ رهيل ڪڏهن بہ عيب يا اوڻائيءَ جي ڄاڻ ڪا
خراب ڳالهہ. ان ذريعي ان عيب کي ڪاڍڻ ۾ مدد ملي
ٿي. پر اسان کي هيءَ ڳالهہ صاف طور معلوم هئڻ گهرجي
تہ مان ڏيهہ ناهيان. ”مان“ جو ڪجهہ آهيان، اهو هن ڏيهہ
کان بلڪل جدا، الڳ تمام سنڌر اوجل جزو آهيان.

ڏيهه جي اجائي سچائي پوڄا ٿي رهي آهي. آتما جي مذرل
ڏاڍن ڪيترن ڌيان ڪونهي. چالو سکيا جي نموني سان هي
حالت پيدا ٿي رهي آهي. اهڙيءَ طرح ڏيهه جي مورتي پوڄ
جو اڀياس، ڏيهن راسه ڪرايو وڃي ٿو.

بلڪل ننڍپڻ کان ئي اسان کي هن ڏيهه جي پوڄا ڪرڻ
سيکاري وڃي ٿي. ڪنهن کي ڏک لڳو ته مٿي لڳائڻ سان
ٺيڪ ٿي وڃي ٿو. ٻار جو ته اهڙي سان ئي ڪرڻي وڃيو
جو ڪڏهن ته ڪيس مٿي لڳائڻ جي به ضرورت نٿي
ٿوري گهڻي ڏک، ڦٽ جي ته ٻار پرواهه ئي نٿا ڪن. پـ
سڀڻ وڏا ٻا سنڀاليندڙ اهڙي ۾ سنتوش نٿا ڪن. هو ٻچي کي
ٻساڻ وٺ سڏي، پڪاري پڇڻ لڳندا: اڙي ڏک لڳ
ڇا! ڪٿي لڳئه، ڪٿي لڳئه؟ ڏاڍو ڏک لڳو ته، ڏسجي!
گهڻو ئي رت وهيو اٿيئي! انهن ڇوڪر سان جيڪڏهن ٻار هون
ته روئندو هوندو، نه به روئي ڏيندو. نه روئيندڙ کي روئارڻ
جي انهن ٻچڻ لاءِ ڇا چئجي؟ جي گهڻو ئي ٿيو ته، ڏالڊ
ڪرڻ نه وڃ. ڏس، ڪري پوندين! ڏک لڳندءِ!! صرف هڪ
طرفو ڏيهه لئي ئي ڌيان ڏيڻ جي سکيا ڏني وڃي ٿي.

ٻار جي جيڪڏهن تعريف ڪرڻي به آهي ته به اها ڏيهه
کي وٺي. سڀڏس گلا به ڏيهه کي وٺي ئي ڪندا آهن
'ڪهڙو نه گندو آهين!' چوندا آهن. ان سان ٻار کي ڪپڙي
نه چوڻ لڳندي هوندي! ٻار ٿورو گهڻو ته انهن ئي، گندا
ٿي پوندا آهن. اڪ وغيره وهڻ لڳندا آهن. ٿڌهن ڪري
گهرجي نه انهن، نه ٻار کي صاف ستھرو رکڻ گهرجي. پر انهن
نه ڪري ڪين ڏڪاري ڪپڙو نه ڏڏڪو پڇاڙون ٿا؟ ٻـا
اهو سڀ ٿيو سگهي، هو ڏاڍو ڏکي ٿئي ٿو. سڀڏس آتما ۾
الله ۾، اهڙي صفائي، نرمتا پيدا هوندي آهي، مٿس گندي
رهڻ جو ڪهڙو نه ردي اثر! سڀ پڇو ته اهو ٻار گندو نه
هڪ ٻيهڻ سڏر، وڌندڙ ٻڙل، ٻارڙو پرمالما آهي. الھ

نه منهنجو حافظو گهٽجي ويو آهي، اهو مطلب ٺهي آهي، نه سنڌس ڪو ساٿي، ڪو اوزار ڀڄڻ جهڙو هو. ڪنهن جو ڀت وڃائجي ويو ته ڪنهنجي ڏي؟ گڏ وڃي لڳي پر ڪو موڙ ڪڏهن ڪونه لسو وڃائجي ويو؟ اهڙي طرح جو مرڻ وقت به سنڌس ديهه لئي سڀ لمولي ماس ٽڪي لڳي، ٻيڪار لڳي وڃي لڳي، پر هو نه الڊرِ ۽ جيئڻ جو ليڪن رهندو آهي. هو لڙوڪار رهي ٿو. هيءَ ڳالهه سمجهڻ جهڙي آهي. هي سمجهه ۽ اچي وڃي نه گهٽجي جهڄهڻ ڪان، اهنجهن ڪان، هو لڪارو لڳي وڃي.

٦٩

شرير جو موهه - جيون وڪاس لاءِ اڙ

ديهه ڀعلي "ماڻ"، هيءَ جا ڀاونا هر هنڌ ڦهليل رهي آهي، ان جي ڪري ئي انسان ويچار ڪرڻ ڪانسواءِ ئي شرير جي واڌ لاءِ گهٽيتي لجو ٻزونا ڪمون آهن. انهن جو نه ويچار ڪندي ئي ڏاڍو ڏپ ٿو ٿئي. مڌش جو اهوئي خيال رهندو نه لوڙي هيءَ شرير پرالوٽي وڃي، ڪمزور ٿيا لڙهل ٿئي وڃي، نه ته ڪيئن به ڪري ان کي قائم رکڻ گهرجي، مگر هن شرير کي، هن پتلي کي اوهين ڪيستائين رکي سگهندا؟ مرڻ ڏاڍين نه؟ جڏهن موت جو سمو ايندو، تڏهن هڪ گهڙي به شرير قائم نه رکي سگهندا. موت جي اڳيان ڪنهنجي ڪانه هلي. پوءِ به هن خسيس ديهه لاءِ، انسان ڪيترن لمولن جا سکَ جا ساڌن پيدا ڪري ٿو. ڏينهن رات هن شرير جي چنتا ڪري ٿو. هاڻ چوندا ته ديهه جي رکيا لاءِ ماس کائڻ واجب آهي. جڏهن انسان جي ديهه ڏاڍي قيمتي آهي، جو ان کي ٻچائڻ لاءِ ماس کائجي. پسونءَ جي ديهه گهٽ قيمتي آهي. اهو ڇا جو؟ مڌش ديهه جو زياده قيمتي آهي، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ اوهين چوندا ته پسون ڪهڙه ته کائي سگهن ٿا. سواءِ

پنهنجي اوڻاين کي ۽ دور ڪرڻ لاءِ جو آتم پرکيا ڪرڻ سو پاڻ کي ديهه کان الڳ ڪري ٿي، ائين ڪرڻو. تنهنڪري جڏهن ڪو ڪيس سندس اوڻائي ڏيکاري ٿو ته هو نه پورو ٿو سمجهي ۽ نه ڪاوڙ ٿي ڪري ٿو. بلڪ هن شرير روپي، هن من روپي ڪل ۾ ڪهڙو دوش آهي، ان جو ويچار ڪري دوش ٽيو ڪرڻو. ان جي اثر جو ديهه کي پاڻ کان الڳ ٿو سمجهي سو سڌارو ڪري ٿو سگهي. هيءَ ديهه، هيءَ مٽيءَ جو پتلو، هيءُ ٿي مان، ائين جو سمجهندو، اهو پنهنجو سڌارو ڪيئن ڪندو؟ سڌارو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اسين هيءَ سمجهنداسين ته هيءَ ديهه اسان کي هڪ ڏيهو ٿي ملي آهي. چرخي ۾ جيڪڏهن ڪير مولڪي ڪجهه ڪمي يا دوش ٻڌائي ته ڇا مولڪي غصو ايندو؟ الٽو جي ڪا ڪمي هوندي آهي ته ان کي دور ڪندو آهيان! ساڳي ڳالهه ديهه جي سمجهو. جيئن کيتيءَ جا اوزار، تيئن ٿي ديهه سمجهو. هيءَ ديهه ڀڳوان جي گهر جي کيتي ڪرڻ جو هڪ اوزار آهي. هيءُ اوزار جيڪڏهن خراب ٿي وڃي، ته ڪيس اوس ڏاهڻ، درست ڪرڻ گهرجي. هيءَ ديهه وسيلي طور اسان کي ملي آهي. تنهن ڪري هن ديهه کان علحدو رهي، دوش کان ڇٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجيئون. هن ديهه روپي وسيلي کان مان جدا آهيان، سوامي آهيان، مالڪ آهيان، هن ديهه کان ڪم ڪرائيندڙ آهيان. ان کان عمدي شيوا وٺندڙ مان آهيان. لنڊيڻ کان ٿي جدا رهڻ جي ڀاونا پيدا ڪرڻ گهرجي. راند کان الڳ رهندڙ اسين جيئن راند جا گڻ ۽ دوش چڱيءَ طرح ڏسي سگهندا آهيون، ليڪن اسين به ديهه، من، ٻڌيءَ کان پاڻ کي الڳ رکي، انهن جا گڻ ۽ دوش، پرکي سگهنداسين. ڪو ڪو چوندو آهي ته اڙي! منهنجو ته حافظو گهٽجي ويو آهي، ذرا انجو ڪو اپاءُ ٻڌايو نه؟ جڏهن ڪو ائين چوندو آهي ته اهو صاف ظاهر آهي ته هو حافظي کان الڳ آهي. هو چوندو آهي

منش جي سنڀالڻ لاءِ هي سڀ ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون ته به آخر نتيجو ڇا ٿو نڪري؟ جيئن جيئن هن نازڪ ديهه کي سنڀالڻ جو اُدم ڪيو وڃي ٿو، تيئن تيئن سندس نقص زياده ٿيندو رهيو آهي. هيءَ اسان کي معلوم آهي. ته هن به هن ديهه کي موٽو تازو ڪرڻ لاءِ سندس مهما وڌائڻ جو اُدم جاري آهي.

مگر اسان جو ڌيان ڪڏهن به هن طرف نٿو وڃي ته ڪهڙي نموني جي ڪاڏي ڪاٺ سان ٻڌي سالوڪ ٿيندي. منش هن ڳالهه کي جڻ بلڪل ئي نٿو ڏسي ته من کي چڱو ڪرڻ لاءِ ٻڌيءَ کي نرمل رکڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪهڙيءَ جهڙ جسي سهائتا وٺڻ گهرجي؟ هو نه اينترو نٿي ڏسي ٿو ته شرير جو وزن ڪٿي ٿو وڌي. هو ان جي چنتا ڪندو رهي ٿو ته ڪهڙيءَ ريت هيءَ زمين جي مٽي، ڪهڙي سندس شرير ٿي چنبڙي پوي. مٽيءَ جا هي ڳوڙها ڪيئن سندس شرير ۾ واڌ وجهن؟ پر هيءَ ڳالهه وساري ٿو ڇڏي، ته پيٽ ٿي لڪيل جيٽي جي ناف سڪڻ ٿي وري ڪري پوندي آهي. اهڙيءَ طرح شرير ٿي چاڙهيل مٽيءَ جو ٿهه، هيءَ جهڙي، آخر ڳري وڃي ٿي ۽ شرير وري پنهنجي اصلي حالت ۾ ايندو آهي. آخر ان جو مطلب ڇا، جو اينتري مٽي پنهنجي شرير ٿي چاڙهيون؟ اينترو وزن وڌائي ڇڏيون، جو شرير ان جو بوجو ٿي نه سهي سگهي؟ شرير کي اينترو ٿلهو موٽو ڪرڻ جي ضرورت ٿي ڪهڙي آهي؟ ها، هيءَ شرير اسان جو هڪ وسيلو آهي. ڀهڪري ان کي نيڪ رکڻ لاءِ جيڪي ضروري آهي اهو سڀ مون کي ڪرڻ گهرجي. اوزار آهي ته ان کان ڪم وٺڻ گهرجي. اوزار جو ايمان نه رکڻ گهرجي. اوزار جو ايمان ڇو ٿيڻ گهرجي؟ پوءِ هن شرير روپي اوزار جي باري ۾ اسين اهڙيءَ طرح ويچار ڇو نه ڪريون؟

تاهم ته هيءَ ديهه ساڌيه ته آهي پر ساڌن آهي. جيڪڏهن

سوارٿ جي الهنڪي کو وچار ٿي ڪوڙو ٿو اچي. منش جي
ڳالهه ائين نه آهي. منش پنهنجي آس پاس جي دنيا جي رکيا
ڪرڻ، لنهڪري منش جو ملهه زياده آهي ان ڪري هو
قيمتي آهي. مگر جنهن ڪارڻ منش جي ديهه قيمتي ثابت
ٿي آهي، ان کي اسين ماس کائي ناس ڪري ڇڏيون ٿا.
ڀلا آدمي! پنهنجي ڀلمالسائي نه ان ۾ آهي، نه ٿو سنجم سان ٿي
رهين. ٻين پراڻين جي ڀلي، ڀلاءِ جي لاءِ ڪوشش ڪرين. سڀني
جي سنڀال لهڻ جي ڀاونا تو ۾ آهي؟ پسوءَ کان وڌيڪ جا
تو ۾ خاصيت آهي ان ڪري ئي نه منش سرشٽ چوائي ٿو.
ان ڪري ئي منش ديهه درلڀ چئي ويئي آهي. مگر جنهن
آڌار تي منش وڏو، سرشٽ ٿيو آهي، ان کي ٿي جي هو
اکيڙڻ لڳو ته پوءِ سندس وڏائي ڪيئن ٽڪي سگهندي.
رواجي پسون، جي ٻين پراڻين جو ماس کائي زنده رهن ٿا
انهن وانگر جي اوهين انسان به ڪرڻ لڳا ته پوءِ وڏائيءَ جو
آڌار ڪٿي رهندو؟ اهو نه ائين ٿيو نه جنهن ناريءَ تي مان
ويٺو آهيان ان کي ئي وڍڻ جو اُدم ڪريان.

اڄ ڪالهه ودڪ شاستر قسمين قسمين ڪرامتون ڏيکاري
رهيو آهي. پسوءَ کي سٽي ٽيبي سندس سرير ۾ بيماريءَ
جا جيوڙا پيدا ڪن ٿا. ۽ ڏسن ٿا ته انهن بيمارين جو ڪهڙو
اثر ٿئي ٿو. جيتري پسن کي هن لولي امام گهڻو خدمت
ڏيڻي جو گيان پراپت ڪيو ويو ان جو استعمال ڪيو ويو،
هن لاءِ سرير کي بچائڻ لاءِ. ۽ هيءَ سڀ جيو دنيا جي ڀلي
لاءِ ڪيو ويو. پسن جي شرير ۾ جيوڙا پيدا ڪري ان جو
رس ڪڍي منش جي شرير ۾ ٽنگ ڪري وجهندا آهن. اهڙا
نانا پرڪارن جا زبردست ڪم ٿي رهيا آهن. جنهن ديهه جي لاءِ
هي سڀ ڪرتوت اسين ڪري رهيا آهيون، اها نه ناڪٽين
ششي وانگر آهي، جو ڪن پل ۾ ڀڄي پوي ٿي. اها ڪڏهن
ڀڄندي، ان جو ذرو به ڀروسو ڪري ٿو سگهجي جيتوڻيڪ

٧٠

مان آتما روپ آهيان

ان ڪري ڀڳوان ٻڌائين ٿا ته ۾ جو وچار ڏنو آهي اهو ڏاڍو قيمتي آهي. ”تون ديهه نه پر آتما آهين. اهو آتما روپ تون ئي آهين.“ هيءَ تمام اوچو، ٻلو وچار آهي. نرمل ڪندڙ ۽ شاندار وچن آهي. سنسڪرت ساهتيہ ۾ هي تمام اوچو وچار پيش ڪيل آهي. ”هي مضمون ٻڌو، ڪل ٻيا سائيڄو اون ناهين. سندس اصل ابناسي ٿل، پر تون آهين.“ جنهن گهڙيءَ انسان جي هرديءِ ۾ هي وچار ظاهر ٿيندو، اهو پاڻ من ۾ چئي ويندو ته ”اهو تون آهين.“ هيءَ ديهه مان نه، اهو پرماتما مان آهيان، ان وقت سندس من ۾ هڪ سچو آنند پيدا ٿيندو. منهنجي ان روپ کي مٽائڻ جي، ناس ڪرڻ جي طاقت سنسار جي ڪنهن به وستوءَ ۾ ناهي. ڪنهن ۾ به اهڙي طاقت ناهي. هي سوڪ وچار هن وچار ۾ سمايل آهي.

هن ديهه کان ٻيءَ ابناسي ۽ نرويڪار، جو آتم تتو آهي، اهو مان آهيان. ان آتم تتو لاءِ موڪلي هي شرير مليو آهي. جڏهن جڏهن ان پرميشوري تتو جو وڪاري ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي، تڏهن مان ان کي بچائڻ لاءِ هن شرير کي ڪتو ڪندس، پرميشوري تتو کي اوجل رکڻ لاءِ، هن ديهه کي بليدان ڪرڻ لاءِ، سدائين تيار رهندس. مان جو هن شرير تي سوار ٿيو آهيان، سو ڇا ان لاءِ ته پنهنجي ڏوکي ڪرايان. ديهه تي منهنجو حڪم هلڻ گهرجي. مان هن ديهه جو استعمال ڪندس ۽ ان ڏواران لاڀ، سک پائيندس. آنند پرائيندس. ٽيهي لوڪن ۾. هن شرير کي مان مهان تتون لاءِ ڄتو ڪري ڇڏيندس ۽ ابهور جي جڳ جڳ ڪار مٽائيندس. جڏهن زميندار، سيٺ، شاهوڪار هڪ ڪمڙي جي ميري ٿيڻ آسي الڪي

ڪسيءَ انسان جو پاڻ پڪو ٿي وڃي ته پوءِ سرير جو هيءُ اجايو اڌ مير ڪيو وڃيٿو، اهو نه رهندو. جيئن اسالڪي اٿي ٿي ٿولي ڏسڻ ۾ ايندو. پوءِ هن سرير کي سهڻڪارڻ ۾ انسان کي شخر مخصوص ٿي نيندو. سچ پڇو ته هن ديهه لاءِ ساديءَ ڪپڙي جي سخت ضرورت آهي. پر اسين ڇو لدا ۽ چاهيندا آهيون ته اهو لزم هجي. سندس سندر ڍنگ هجي، سندر جهاڻي هجي، چڱيون ڪناريون، گل بوٽا هجن، نقاشي ڪٽا وارو هجي وغيره. ان لاءِ اسين ايڪ ماڻهن کان طرح طرح جي محنت ڪرايون ٿا. هيءُ سڀ ڇو؟ هن ڀڳوان کي ڇا عقل ڪين هو؟ جيڪڏهن هن ديهه کي سندر ولين بوٽن، نقاشيءَ جي ضرورت هجي ها ته جئن شينهن، مور هرڻ، وغيره جي سرير ٿي هن ڪاريگريءَ جي ڪرامت ڏيکاري آهي، اوڙي ڇا تنهنجي منهنجي سرير ٿي نٿي ڏيکاري سگهيو؟ سندس لاءِ ڇا هي ناممڪن هو؟ مور وانگر انسالڪي به سندر پڇ لڳائي سگهيو ٿي. مگر ايشور منش کي هڪ ٿي رنگ ڏنو آهي. هن ۾ داغ ٿي پوي ته اٿو ان جي سونهن ناس ٿيو پوي. انسان جهڙو آهي تهڙو ٿي سندر آهي. پرميشور جو هيءُ آدرش ٿي ناهي ته منش ديهه کي سينگاريو وڃي. جيڪب ۾ ڇا گهٽ سونهن آهي؟ انسان جو ڪم اهڙو آهي جو هو پنهنجن اکين سان اهن ڏي نهاريندو رهي. مگر هو اهو رستو ڇڏي ويو آهي. جيون ٿا ته جرمنيءَ انسان جي رنگ کي ماري ڇڏيو. اڙي! ناٿي لوهان جي من جو رنگ نه پورناٿين مري چڪو هئو. پوءِ لوهان کي هن بناوٽي رنگ جو شوق لڳو. ان ڪري اوهين محتاج ٿي ويا. ٻيا ڪنهن ڪارڻ اوهين هن سرير سينگار جي چڪر ۾ ڦٿجي ويا. من کي سينگارڻ، پاڻيءَ جو وڪاس ڪرڻ، هردي کي سندر بنائڻ ته هڪ طرف رهجي ويو.

لوڪي چت ڪري ڇڏيندس، ڪاٺي ڇڏيندس، شروع ۾ ته هو
شخص به چندو هو. پر اها ڳڻڪي سندس سهڻ کان ٻاهر ٿي
ويئي، ته هن راڪاس کي چيو ته ”وٺ، ڪاٺي ڇڏ. ڪاٺو اٿيئي
ته ڪاٺي وٺ.“ راڪاس کيس ڪاٺڻ وارو ٿورو ٿي هو. هن کي
ته هڪ ٻيو غلام گهربو هو. ڪاٺڻ سان سندس ڪم ڪيئن
هلندو؟ هو ته صرف ڪاٺي ڇڏڻ جي ڳڻڪي ڏيندو هو. پر
جڏهن هن کي هيءُ جواب مليو ته 'وٺ ڪاٺي ڇڏ'، ته سندس
ظلم ٻند ٿي ويو. ظالم سمجهندا آهن ته هي اٺهو ڏيهه سان
چمبڙيل آهن. هن جي ڏيهه کي جي ڪشت ٻيهاٿو ته هو
ٻيا غلام ٿي رهندا. مگر جي اوهان ڏيهه جو موه ڇڏي ڏيو
ته جلد ئي حاڪم ٻڌجي ويندا، آزاد ٿي ويندا. سڀ طاقت
اوهان جي هٿ ۾ اچي ويندي. ڪير به اوهان ٿي حڪم
هلائي نه سگهندو. ظلم ڪرڻ جو آڌار ٿي ٽٽي ويندو. ان جو
بنياد ئي هن ڀاونا تي آهي ته 'مان ڏيهه آهيان'. اهي سمجهن
ٿا ته هن جي ڏيهه کي ستايو ويو ته هو وس ۾ اچي ويندو.
اڪري هو ڳڻڪي ڏيندا رهن ٿا.

'مان ڏيهه آهيان' هن ڀاونا جي ڪارڻ ئي اين کي اسان
تي ظلم ڪرڻ جي، ستائڻ جي خواهش ٿئي ٿي. مگر انگلنڊ
جي هڪ شهيد، بهادر ڪرئمر چيو آهي: ”مونکي جلايو ٿا.
ٺيڪ. جلائي ڇڏيو. نه ٻهرين هي ساڄو هٿ جلايو.“ اهڙي
طرح رڊلي ۽ لئٽمر ڇا چيو؟ ”اسان کي جلائڻ چاهيو ٿا؟“ اسان
کي ڪير جلائي سگهندو؟ اسين ته ڌرم جي اهڙي جوت
جلائي رهيا آهيون، جنهنکي ڪو به وسائي نه سگهندو. شريو
روپي هن موم بتيءَ کي، هن چربيءَ کي جلائي سگهو ٿا جي
جوت چمڪائڻ لاءِ اسان جو ڪم ٿي آهي.“ ڏيهه جاءِ ويندي،
ماس ٿي ويندي. هيءُ ته هڪ ڏينهن وڃڻ واري ٿي آهي.
سقراط کي زهر ڏئي مارڻ جي سزا ڏني ويئي. تڏهن هن چيو:
”مان هاڻي آزاد ٿي ويو آهيان. جڏهن ڏينهن ٻعد ڏيهه وڃڻ

اجلي چڏهندا آهن ۽ پيو پائيندا آهن، ليڪن مان ته ڪندس
ڪم لاءِ هن شرير جي ضرورت آهي. جيئن وقت هي شر
ڪم لائق نه رهندو تيئن وقت ان کي ڦٽي ڪرڻ ۾ مولڪي
ڇا نقصان ٿيندو؟

ستياگرهه وسيلي اسان کي اهائي سکيا ملي ٿي. ديهه
آتما اهي جدا جدا چيزون آهن. جيئن ڏينهن اسان هن را
کي سمجهي وينداسين، ان ڏينهن سنڌس سچي سکيا ۽ حقيقي
وڪاس جي شروعات ٿيندي. ان وقت ستياگرهه سڏ ٿيندو
ٿيهڪري اهو ضروري آهي ته اسان مان هرهڪ کي هي
پاونا هردي ۾ اڪري چڏڻ گهرجي. ديهه نه ڏريو آهي
پرميشور جو ڏنل هڪ اوزار آهي. جيئن وقت ان جي ضرورت
پوري ٿي ويندي، ان وقت ان کي اجلي چڏڻو آهي
سردي جي گرم ڪپڙن کي گرمي ۾ اجلي چڏبو آهي. رات
جو پائل ڪپڙا صبح جو بدلائي چڏبا آهن. صبح جا ڪپ
منجهند جو لاهي چڏبا آهن. اهڙي طرح هن شرير کي
سمجهو. جيستائين ديهه جو ڪم آهي تيستائين ان کي ضرو
رکو. جيئن ڏينهن ان جو ڪم نه رهندو ان ڏينهن ڪپڙ
وانگر اجلي چڏبو. آتما جي وڪاس لاءِ پڳوان اسان کي هي
ٿجونڙ بڻائي آهي.

٧١

ظالمن جو زور ٽٽو

جيسين اسين هي نه سمجهنداسين ته ديهه کان مان جدا آهيان
تيسين ظالم اسان تي ظلم ڪندا رهندا. اسالڪي غلام ٿالمند
اهندا ۽ نه جاڻ اسالڪي ڪمتر نون ڏکلڦون ڏيندا رهندا
ظلم ديهه جي ڪارڻ ٿي ٿي سگهندو آهي. هڪ راڪاس هڪ
ماڻهوءَ کي پڪڙيو هو. هو ان کان پراڻ ڪم وٺندو رهند
هو. جڏهن ته هو ڪم نه ڪندو هو ته راڪاس چولدو هو س

رکڻ چڱو آهي. مڃان چور ڏاڪو اچي. پر هو اهو ڀلجي وڃي ته چور اهو لي ڏنڊو سندس سٽي ٿي وهائي ته پوءِ؟ ڇاڪاڻ جيڪڏهن ڏنڊو ساري آيو هجي تہ توهين ٻولڻ لي اهو سندس لاءِ تيار رکو ٿا. توهين ڪنهن جي ڀروسي سمهو ٿا؟ توهين جاڳي رهيا هوندا ته ٻچاءُ ڪندا نه؟ ننڊ ۾ اوهان جي رکيا ڪير ڪندو؟

مان ڪنهن نه ڪنهن شڪتيءَ لي وشواس رکي سمهندو آهيان. جنهن شڪتيءَ لي ڀروسو رکي شير، ڪانءَ وغيرهَ جانور سمهندا آهن ان جي ڀروسي مان به سمهندو آهيان. شير ڪي به نه ننڊ ايندي آهي. شينهن، جو ساري دنيا سان دشمنيءَ جي ڪارڻ هر گهڙيءَ ٻئي لهاريندو آهي، اهو به نه سمهندو آهي. ان شڪتيءَ لي جي وشواس نه هجڻ ڪري جيڪر ڪي شينهن سمهڻ لاءِ ڪي جاڳي ڪرو ڏين. اهڙو انتظام ڪين ڪرڻو پوي. جنهن شڪتيءَ لي ڀروسو رکي شينهن بگهڙ وغيره خوفناڪ جانور به سمهندا آهن، ان جڳت ونا جي شڪتيءَ جي گود ۾ مان سمهندو آهيان. ماءُ جي گود ۾ ٻالڪ ٻي فڪر لي سمهندو آهي. جڏهن ته ان وقت هو ڄاڻي ٿو جو بادشاهه هوندو آهي. اسالڪي گهرجي ته اسين به ان وشوميهر ماتا جي گود ۾ اهڙيءَ طرح ٻالڪ، وشواس ۽ گيان پورو ڪري سمهڻ جو ابياس ڪريون. جنهن شڪتيءَ جي آڌار لي منهنجو هيءُ سارو جيون هلي رهيو آهي، انجي موٽڪي گهٽي ۾ گهٽي واقفيت ڪرڻ گهرجي. اها شڪتي موٽڪي گهٽي ۾ گهٽي محسوس ڪرڻ گهرجي. هن شڪتيءَ ۾ منهنجو جيترو زياده وشواس ٿيندو اوترو ئي زياده منهنجو ٻچاءُ ٿي سگهندو. جيئن جيئن ان شڪتيءَ جو احساس ٿيندو ويندو، تيئن تيئن منهنجو وڪاس ٿيندو ويندو. هن ٿيرهين اڌياءَ ۾ ان جو پورو تمونو به مثال طور ڏيکاريو ويو آهي.

واري ٿي هئي. جا مرڻ واري آهي، ان ڪسي ماري توهين
ڪهڙي بهادري ڪري رهيا آهيو؟ تورو سوچيو ته سهين ل
هي شرير هڪ ڏينهن اوس مرڻ وارو آهي. جو فاني آهي
ان کي مارڻ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي؟" جنهن ڏينهن سقراط
کي زهر ملڻ وارو هو، ان کان اڳين رات جو هو پنهنجن پوئلڳن
کي آتما جي امرتا جي سکيا ڏيئي رهيو هو. سرير ۾ زهر جي
داخل ٿيڻ لئي ڪيس ڪهڙيون تڪليفون ٿينديون ان جو بيان
موج سان ڪري رهيو هو. ڪيس ڪجهه به فڪر معلوم ٿئي
ٿيو. آتما جي امرتا بنسبت هيءَ ڳالهه پوري ختم ٿيڻ لئي سندس
هڪ شش پڇيو، "مرڻ کان پوءِ اوهان جي آخرين ڪريا ڪيئن
ڪئي وڃي؟" هن جواب ڏنو "شاباس! ماريندا هوءِ ته پوريندا
توهين! ته ماريندڙ منهنجا دشمن آهن ۽ توهين منهنجا سچ
آهيو؟ هو عقلمنديءَ سان مونکي ماريندا ۽ توهين سمجهداريءَ
سان مونکي پوريندا؟ توهين ڪير آهيو مونکي پورڻ وارا؟
توهين ڇا ۾ مونکي دفن ڪندا؟ مٽيءَ ۾ يا ٿاس ۾؟ مونکي
ڪو به ماري ٿو سگهي. نه ڪو دفن ئي ٿو ڪري سگهي.
هيلتائين مون توهان کي ڇا سمجهايو؟ آتما امر آهي. ان کي
ڪير ماري يا پوري سگهندو؟" ۽ سچ پچ پڻ آڏائي هزار
سالن کان اهو مهان سقراط اڄا تائين سڀني جي ختم ٿيڻ لئي
خود زنده آهي.

۷۳

پريوءِ شڪتيءَ تي وشواس

ٽالمرج ته جسماني ديهه جي آسڪتي آهي، ته ب آهي
تيستائين حقيقي رکيا ٿي نٿي سگهي. تيستائين لڳاتار ته ب
لڳو رهي ٿو. توري لهه ته آئي ته ڪتڪو لڳندس ته ٽالڪ
ته ته اڇي ڏ لڳندو؟ چور ته ته اچي ماريندو؟ ماڻهو مٽي
کان ڏلدو رکي سمهندا آهن، ڇو؟ جو ڏلدا آهن ته ڏلدو پوسان

ھڙا آواز اندران اچن ٿا. هاڻ هو صرف ضرورت ساڳي ڏسڻ
، پر پنيرائي ڪنڌ ڌڪجي پوي ٿو.
جيڪڏهن ڪو ٻيو مهمان دروازي تي اچي وڃي ته
وهين پنهنجي پرچيل ڳالهي ڪيس ڏيئي ڇڏيو ۽ پوءِ واپس
و جڏهن پنهنجي هن چڱي ڪم جي ياد اچيو ته ڏسو من کي
ڪيترو نه آنند ٿئي ٿو. اندر مان آتما جي هلڪي ڳوڻهار
ئي ٿي ته ”تو چڱو ڪم ڪيو.“ ماتا جڏهن ٻالڪ جي ننڍي
ي هٿ ڦيرائي چوي ٿي ته ”چڱو ڪيئه، پٽ!“ ته ڪيس
ئين معلوم ٿئي ٿو ته ڄڻ ساري دنيا جي بخشش ڪيس نصيب
ي آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي هردي ۾ براجمان پرماتما
سي ”شاباس پٽ!“ جا شبد اسانکي الساهه ڏيارين ٿا. ان
قت انسان ڀوڳ ولاس واري زندگي ڇڏي اخلاقي جيون
ي ڀومڪا ۾ اچي ٿو.
ان کان پوءِ جي ڀومڪا ٻيءَ آهي. اخلاقي جيون ۾ انسان
رضي ڪرم دواران پنهنجي من جي سڀني اوڻاين کي ڪڍڻ
ي ڪوشش ڪري ٿو. مگر هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جڏهن
و اڻين ڪندي ٿڪجڻ لڳي ٿو. تڏهن انسان
رار ٿنا ڪرڻ لڳندو آهي: هي ڀڳوان، منهنجي ڪوشش ۽
هنجي طاقت جي حد ٿي چڪي. مونکي وڌيڪ ٻل ڏي؛
يستائين انسان کي هي آزمودو نٿو ٿئي ته سندس سڀئي
ڪوشش هوندي به هو اڪيلو ڪامياب نٿو ٿي سگهي،
ستائين پرارٿنا جو راز سندس سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي.
هنجي سڀ شڪتي لڳائيندي به جڏهن اها ناڪام معلوم
ي ٿئي، تڏهن دکي ٿي سان دروپديءَ جيان پرماتما کي
ڪارڻ گهرجي. پرميشور جي ڪرپا ۽ سهايتا جو چشمو نه
يدائين وهندو رهي ٿو. جنهن کي به اڄ لڳي هجي، اهو
هنجو حق سمجهي منجهانئس پاڻي پي سگهندو. وڌيڪ
ٽيءَ جي گهرج هجيس ته هو گهري به سگهي ٿو. اهڙي

٧٣

پريم شڪتيءَ جو درجي بدرجي اڀرو

جيستائين شرير ۾ براجمان آتما جو وڪاس من ۾ ٿيو آهي، تيستائين انسان رواجي ڪمن ۾ مشغول رهي ٿو. بک لڳي ته کائڻ، اڃ لڳي ته پاڻي پيئڻ، ننڊ اچي ته سمهي پوڻ ان کان وڌيڪ ڪجهه ٿيو جاڻي، انهن ڳالهين لاءِ هو لڙندو، انهن جي حاصلات جو من ۾ لوڀ رهندو. اهڙيءَ طرح هو شرير جي ڪرتن ۾ ئي مگن رهي ٿو. وڪاس جي شروعات ته هن کان پوءِ ٿيندي. هن وقت تائين آتما ته صرف نهاريندي رهندي آهي. ماتا جهڙيءَ طرح کوهه جي طرف رڙهيون پائيندڙ ويندڙ ٻالڪ جي پٺيان هميشه خبرداريءَ سان نهاريندي رهندي آهي، ان نموني آتما انسان لـــي لڳاهه رکندي سچيت رهي ٿي. صبر سان سڀني ڪرتن کـــي ڏسندي رهي ٿي. ان حالت کي ساکي روپ سان، سڀ ڪجهه ڏسڻ وارو چيو ويو آهي.

هن حالت ۾ آتما ڏسندي رهي ٿي. مگر اها هوءَ پسندي، قبوليت ٿي ڏئي. مگر هيءَ منش جو ٻالڪ ڪـــي ديهه روپ سمجهي سڀ ڪرتن ۾ وهنوار ڪري ٿو، اهو اڳهي هلي سجاڳ ٿئي ٿو. ڪيس احساس ٿئي ٿو ته اڙي، مان ته حيوانن وانگر زندگي گذاري رهيو آهيان. انسان جڏهن هن نموني ويچار ڪرڻ لڳي ٿو تڏهن سندس اخلاقي پوڪا شروع ٿئي ٿي. تڏهن نهي نهي ٿي هو واجب، غير واجب جو ويچار ڪندو رهيو. وويڪ کان ڪم وٺڻ لڳي ٿو. سندس چند ڇاڻ جـــي ٻڌي جاڳي ٿي. من ماليون ڪرتن ٻد ٿين ٿيون پوڻ جي جڳهه سنجم والاري ٿو. جڏهن انسان هن اخلاقي حالت ۾ اچي ٿو تڏهن آتما صرف ماڻ ڪري ڏسندي ٿي رهي. اها اندران پنهنجي پسندي ڏئي ٿي. 'شاباس! ليڪ!!

هوا ۽ روشنيءَ جو مثال ته مولڪي اڻ پورو پيو لڳي. الهن ڪان ته پرماتما وڏيڪ ولجهو، وڏيڪ منتظر آهي. سرو ساکي ڏسندڙ، ٻلهيرائي ڪندڙ نه رهندي ته، هو سڀ طرح مدد ڪندڙ ٿيندو آهي. من جي غلاظت مٽائڻ لاءِ، مسکين ٿي اسين پڪاريون ٿا. "منهنجي واڳ سنڌ هٿن ۾ ٻيو پاڻ سنڀاليندين." اسين پرارٿنا ڪندا آهيون. "تون ئي منهنجو مالڪ مددگار آهين، تنهنجي آسري جي مولکي ڏرڪار آهي." نه ٻوه هو دنيا جو ساگر ڪئين ڏير وجهندو؟ ڀڳت ولسل هو ڀڳوان، اڻ ٿورن کي پورن ڪندڙ ٻيو، ڏوڙلدو اچي ٿو. ڪڏهن هو روداس جو چمڙو ڏولي ٿو، ڪڏهن سڌلي ڪاسائيءَ وٽ ماس وڪڻي ٿو. ڪبير جي جهوپڙيءَ ۾ چادر اڻي ٿو. ۽ جمنا ٻائيءَ وٽ چڪي پيهي ٿو.

ان ڪان پوءِ جو ڏاڪو آهي، سو آهي پرميشور جي ڪرپا سانءَ ڪرم جو جيڪو ڦل مليو، ان کي به خود نه وٺي، کيس ئي ارپڻ ڪرڻ. هن ٻومڪا ۾ انسان پرميشور کي چوي ٿو ته "منهنجو ڦل پاڻ ئي ٻوڳ." نامديو ڏر ٽو ماري ويٺو ته. ٻيو ڪبر پيٽو ئي ٻولده." ڪهڙو نه مدوهر آهي هيءُ پرسنگ! سچو ڪرم ڦل روٽي ڪبر، نامديو، ڀڳوان کي ارپڻ ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح جيوت جي سڄي ٻولجي، سڀ ڪمائي جڏهن پرماتما جي ڪرپا سان پراپت ٿئي، ان کي ئي هو ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو. ڏرماج جيئن سرڳ ۾ قدم رکڻ وارو هو ته ساٿس گڏ ڪتي کي اڳتي ويهڻ نه ڏنو ويو، تڏهن هن پنهنجي ساري جيون جو پڃ- ڦل، سرڳ، هڪ کن ۾ ڇڏي ڏنو. اهڙيءَ طرح ڀڳت به سارو ڦل، لاڀ پرماتما کي ارپڻ ڪري ڇڏي ٿو. سرو ساکي ڏسندڙ ٻلهيرائي ڪندڙ، مدد ڪندڙ، الهن روپن ۾ ظاهر ٿيندڙ پرماتما، هاڻي ٻوڳيندڙ ٿي وڃي ٿو. هاڻي انسان ان ٻومڪا ۾ اچي ٿو، جڏهن پرماتما ئي سرپر ۾ ٻوڳن کي ٻوڳي ٿو.

نورو گهڻو وڏراڳ پيدا ٿيندو آهي. ماس ٻند ڪرڻ لاءِ رشين
کي ڪيتري نه تپسيا ڪرڻي پيئي هوندي؟ ڪيترين نه
جانيون قربان ڪرڻيون پيئون هونديون؟

مطلب ته اڄ اسان سڀني جي آهار شدي اندري آهي. البت
لياڳ ڪري اسان جي وڏن، جا ڪمائي ڪئي آهي، ان کي
لوهيڻ وڃايو نه. هندو سنسڪرتيءَ جي هن خاصيت کي
ٻوڙيو نه. اسان کي ڪهڙيءَ به طرح جيئڻو ناهي. جنهنڪي
ڪٿي به جيئڻو آهي ان جو ڪم سولو آهي. پسون به ڪيهن
نه ڪنهن طرح جيئن ٿا. ته پوءِ چا، جهڙا پسون تهڙا اسين؟
پسن ۽ اسان ۾ تفاوت آهي. ان تفاوت کي وڌائڻ ٿي سنسڪرتيءَ
جي ترقي چئبي آهي. اسان جي ديش، ماس آهار لياڳ
جو وڏو تجربو ڪيو آهي. ان کي اڃا به اڳتي وڌايو. گهٽ
۾ گهٽ جنهن منزل تي پهتا آهيون ان کان ته پوئتي نه هٽو.

هن بيان ڪرڻ جو سبب هي آهي ته اڄ ڪالهه ڪيترن
کي ماس آهار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي آهي.
اڄ ڪالهه مشرقي ۽ مغربي سڀيتائن جو هڪ ٻئي تي اثر پوڻ
لڳو آهي. منهنجو وشواس آهي ته آخر ان جو نتيجو چڱو ٿي
نڪرندو. مغربي سڀيتا ڪري اسان جي اند شرڌا لڏي رهي
آهي. جيڪڏهن اند شرڌا کسڪي وڃي ته ڪو نقصان ڪونهي.
جيڪي چڱو هوندو سو رهندو ۽ برو نه جلي ويندو. اند شرڌا
وڃڻ تي البت اند آشرڌا سندس جڳهه تي پيدا ٿيڻ نه گهرجي.
اٿين ناهي ته ڪو صرف شرڌا ٿي اندي ٿيندي آهي. رڳو

گهرجي. آدمي پنهنجي جيون ۾ ڪيتري آهار شڌي ڪري
سگهي ٿو، ان جي ڪا حد ڪين آهي. مگر اسان جي سماج آهار
شڌيءَ لاءِ ڪافي تپسيا ڪئي آهي. آهار شڌيءَ لاءِ هندستان
۾ زبردست ڪوشش ٿي آهي. انهن تجربن ۾ هزارين سال
گذري ويا آهن. انهن ۾ ڪيتري تپسيا خرچ ٿي آهي اهو چٽي
ٿو سگهجي. هن پرٿويءَ تي هندستان ئي اهڙو ديش آهي
جتي جماعتن جون جماعتون گوشت خور ناهن. جيڪي جاتيون
گوشت خور آهن، انهن جي کاڌي ۾ به، مانس مڇيءَ ۽ هميشه
جي چيز ناهي. جي مانس کائيندا آهن سي ان ۾ ڪجهه گهٽتائي
محسوس ڪندا آهن. من سان نه هو ته مانس جو تياڳ ڪري
چڪا آهن. مانس آهار کي روڪڻ لاءِ يگيه هون چالو ٿيا
ان لاءِ اهي بند به ٿي ويا. شري ڪرشن کير جي مهما وڌائي
شري ڪرشن غير رواجي ڳالهيون ڪي گهٽ ڪين ڪيون
آهن. مگر هندو لوڪ کهڙي ڪرشن پٺيان پاڳل ٿيا هئا
هندو لوڪن کي نه 'گوپال ڪرشن'، 'گوپال ڪرشن' هيءَ ئي
ٿالو پيارو آهي. جنهن وٽ ڳائون ويٺل آهن ۽ جنهن جي
چپن تي مرلي آهي، اهڙو ڳائين جي سيوا ڪندڙ گوپال ڪرشن
ئي سڀني ٻڍن ۽ ٻارن کي ياد آهي. اهڙيءَ طرح گئو رکيا ج
وڏو فائدو مانس آهار بند ڪرڻ لاءِ ٿيو. ڳانءِ جي کير جي
مهما وڌي ۽ مانس آهار گهٽجي ويو.

لڌهن ته پوري آهار شڌي ٿي وئي هجي، ائين ڪ
آهي. اسان کي هاڻي هن سلسلي کي اڳتي وڌائڻو آهي. بنگالي
کي مڇي کائيندو ڏسي ڪيترن ماڻهن کي عجب لڳند
آهي. پر ان لاءِ ڪين پرو سمجهڻ ٺيڪ نه ٿيندو. بنگال
رکيو چانور ٿيندا آهن. ان سان شرير جو سڀ طرح واڌارو
ٿئي. ان لاءِ تجربا ڪرڻا پوندا. پوءِ ماڻهن ۾ ويچار شرو
ٿيندو نه مڇيءَ جي عيوض کهڙي ڀاڄي. ڪالهي جو مڇي
جي برابر ٿوس جا جزا ملي وڃن. ان لاءِ خاص تپاڳي ماڻ

دان ۽ تپ ڪريا وڃي ۽ منتر سان نٿي ٿئي، ان ۾ مخالفت ڏسڻ ۾ نه ايندي. ٻه آرسيون جيڪڏهن هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکيون وڃن ته جئن هڪ جو پاڇو ٻئي ۾ ۽ ٻئي جو پاڇو پهرين ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، اهڙيءَ طرح شخص ۽ سماج ۾ جهڙي شڪل تهڙو پاڇو ٿيندو. ائين ٻنهي جي وچ ۾ سنتوش پيدا ٿيندو. منهنجو سنتوش سماج جو ۽ سماج جو سنتوش منهنجو. اهڙي ٻنهي سنتوش جي اسين جاچ ڪري سگهنداسين ۽ هن نتيجي کي پهچنداسين ته ٻئي هڪ روپ آهن. چوطرف اڌوليت جو اڀو ٿيندو. دولي ۽ رکنڊڙ ۽ ڌروهي ختم ٿي ويندا. اهڙو بندوبست جنهن تجويز سان ٿي سگهي ٿو، ان جو اظهار گيتا ڪري ٿي. جيڪڏهن پنهنجو روزانو پروگرام اسين گيتا جي تجويز انوسار ناهيون ته ڪهڙي نه بهادري!

مگر اڄ شخص ۽ سماج ۾ ورود پيدا ٿي پيو آهي. هيءَ ورود ڪئن دور ٿي سگهي ٿو، اهائي ڳالهه سڀ هنڌ هلي رهي آهي. شخص ۽ سماج جي مريادا ڪهڙي آهي؟ شخص گهڻت ضروري يا سماج؟ انهن ۾ سرشت ڪير؟ ڪو شخصيت کي مهيندڙ سماج کي جڙ سمجهندو آهي. سيناپتيءَ جي سامهون جيڪڏهن ڪو سپاهي ايندو آهي ته ان سان ڳالهائڻ وقت چڱا اکر ڪم آڻيندو آهي. ڪيس 'توهان' به چوندو. مگر سينا کي اهوئي حڪم ڏيندو جو هن جي من کي ٺيڪ لڳندو. ڇاڪاڻ ته سينا جڙ آهي، ڇاڪاڻ لنين جو هڪ بنڊل آهي. ڪين هيڏانهن جو هوڏانهن ۽ هوڏانهن جو هيڏانهن هلائي ٿو. شخص چيتن آهي ۽ سماج جڙ. ڏسو هتي به اهوئي آزمودو ٿي رهيو آهي. منهنجي اگيان ۾ ٿي سو آدمي ويٺا آهن. انهن کي وٽي يا لهو ۾ مان چوندو ته وڃان: مونکي جو وچار اچي ٿو اهوئي چوندو وڃان ٿو. ڇاڪاڻ اوهان جڙ آهيو. مگر مون سامهون ڪو شخص آيو ته ان جي ڳالهه ٻڌي ٿي پوندي ۽

شرڌا ئي الذي صفت جو نيڪو ڪين ڪيو آهي. اَشرڌا ۽ الذي ئي سکهي ئي.

مانس آهار جي لاءِ اڄ ڪالهه وري ويچار نيڻ شروع ٿيو آهي. ڪجهه ۽ هجي پر جڏهن ڪو نئون ويچار سامهون ايندو آهي ته مون کي ڏاڍو آنند ٿيندو آهي. گهڻا ۾ گهڻا ان مان اٿين سمجهندو آهيان ته ماڻهو سڄاڳ ٿي رهيا آهن. سڄاڳيءَ جون نشانيون ڏسي مونکي آنند ايندو آهي. پر جي جاڳي اکيون مهٽيندا ۽ اٿين ئي هلڻ شروع ڪندا ته ڪري پوڻ جو ڀؤ رهندو آهي. تنهنڪري جيستائين پورا سڄاڳ نه ٿين، چڱيءَ طرح اکيون کولي نه ڏسڻ لڳن ليستائين هٿن پيرن کي مرياداءِ رکڻ ئي چڱو آهي. خوب ويچار ڪريو. الٽا سلٽا سڀ طرح جا خوب ويچار ڪريو. ڌرم ئي ويچار جي ڪسوٽي هلايو. هن ويچار روپي ڪسوٽيءَ سان جو ڌرم ڪچو ٿئي سو ڌرم نه ڪوڏيءَ جيتري ملهه جو سمجهو. اهڙيءَ طرح جيڪي نڪرا ڪجهي وڃن انهن کي وڃڻ ڏيو. لوهان جي ڪسوٽيءَ سان جو نه ڪجهي، بلڪ جنهن سان الٽو لوهان جي ڪسوٽي ڀڃي پوي اهوئي سچو ڌرم آهي. ڌرم کي ويچارن مان ڀؤ ڪونهي. تنهنڪري ويچار نه ڪريو. پر ڪم هڪدم نه ڪريو. اڻ ڄاڻندي جي ڪجهه ڪندا ته ڪري پوندا. ويچار ڏاڍو زور ماري رهيا هجن تڏهن به آچار کي سنڀالي رکو. پنهنجي ڪرڻيءَ تي سنجم رکو. پنهنجي اکين ٻيج جو ٿڦل وڃائي نه وهو.

٩٨

سرل ۽ سياويڪ جيون لاءِ گيتا جي تجويز

آڌار شڌيءَ سان چت شڌي ٿيندي. شرير کي ۽ بل ملندو ۽ سماج شيوا ۽ چڱيءَ طرح ٿي سگهندي. چت ۾ سنتوش رهندو ۽ سماج ۾ ۽ سنتوش ڦهلبندو. جنهن سماج ۾ ٻگهه،

ڪنهن ڪمري جا ٻه حصا ڪرڻ لاءِ جي هڪ پڙدو لڳايو وڃي ۽ پڙدو هوا سان لڏندو اڳتي پٺتي ٿيندو رهي ته ڪڏهن هي حصو وڏو معلوم ٿيندو ته ڪڏهن هو. هوا جي جهوني لي ان ڪمري جا حصا مدار رکن ٿا. اهي پڪا ڪين آهن. گيتا هنن جهيڙن کان پري آهي. هي جهيڙا خيالي آهن. گيتا ته چوي ٿي ته الدر شڌيءَ جو ليم پاليو ته پوءِ شخص ۽ سماج جي فائدن ۾ ڪو به وروڌ پيدا ڪين ٿيندو. هڪ ٻئي جي فائدي ۾ رڪاوٽ ڪانه پوندي.

هن رڪاوٽ، هن وروڌ کي دور ڪرڻ لي گيتا جي خوبي آهي. گيتا جي هن ليم لي عمل ڪندڙ جيڪڏهن هڪ ٻه انسان ملي وڃي ته ان اڪيلي آدميءَ سان سڄو ديش خوشحال ٿي پوندو. ديش آهي ديش جا ماڻهو. جنهن ملڪ ۾ اهڙا گهڻائي ۽ ڪامل شخص نه آهن، ان ڪي ملڪ ڪئن چئي سگهبو؟ هندستان ڇا آهي؟ هندستان رهندڙ لائق آهي. هندستان ڳالهي آهي يا اهڙا پنج ڏهه بيا لالهه پاهريون جيڪي هندستان جي ڪلپنا، الهن پنجن ڏهن شخصن مان لي ڪري ٿو. براهمڻ سمي جا ٻه چار، وچ واري زماني جا چار پنج ۽ هاڻوڪي زماني جا اٺ ڏهه شخص ڪڍي ولو ۽ الهن ۾ هماليه، گنگا وغيره ملايو. بس اهو لي ايو هندستان. هيءَ آهي هندستان جي وصف. باقي سڀ آهن هن وصف جي تشريح. تشريح يعني وصف جو وستار، ڪير جيئن ڏهي ۽ ڏهيءَ جي مهي ۽ مکڻ. جهيڙو ڪير، ڏهي، لسي ۽ مکڻ جو ڪين آهي. ڪير ۾ سڀ ڏسڻ لاءِ، ان ۾ مکڻ ڪيترو آهي، اهو ڏٺو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سماج جو سڀ الهيءَ جي ماڻهن مان ڪڍيو ويندو آهي. شخص ۽ سماج ۾ ڪو وروڌ ڪونهي. وروڌ ٿي ته ڪئن سگهندو؟ ماڻهو ماڻهوءَ ۾ ڪو وروڌ نه هئڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ کان ٻيو ماڻهو وڌيڪ خوشحال ٿي وڃي ته ان ڪري ڪهڙو نقصان ٿيو؟ ها، ڪو

ڪيس ويچار پوروڪ جواب ۾ ڏيڻو پوندو. پر هتي ته مون
توهان کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ انهن ئي وهاري ڇڏيو آهي.
سماج جزو آهي ۽ شخص ڇهن. انهن ڇئي کي شخصي چيتنوا
جو پرچار ڪرڻو ۽ ڪو وري جماعت کي وزن ڏئي ٿو
مهيجا وار ڪيئي ويا، پاڻهن لاءِ ٻيئي، اڪ اڪري ويئي ۽ ڏلد
ڪري پيا اپترو ته ڇا پر هڪ ڦٽي ۾ بيڪار ٿي پيو. پر لاهن
۾ مان جيئي رهيو آهيان. ڇو ته هر هڪ عضوو جزو آهي. او
هڪ اڌ عضوي جي ناس ٿيڻ سان سڄي ديهه جو ناس ٿو
ٿئي. پر سڄو شرير هلندو ئي رهي ٿو. اهڙيءَ طرح هي ٻئي
هڪ ٻئي جي اپتر ويچار ڌارائون آهن. اوهين جهڙيءَ نظر
سان ڏسندا اهڙو اوهان کي لڳندا. جهڙي رنگ جي عينڪ
تهڙي رنگ جي دنيا.

ڪو شخصيت کي وزن ڏئي ٿو ته ڪو سماج کي. ان جو
ڪارڻ هيءُ آهي ته سماج ۾ زندگيءَ لاءِ جهيڙن جي ڪلپنا
ڦهلجي ويئي آهي. پر ڇا جيون جهيڙن لاءِ آهي؟ ان کان ته
مرڻ بهتر آهي. جهيڙو ته مرڻ لاءِ آهي. ان ڪري ئي اسين
سوارٿ ۽ پرمارٿ ۾ تفاوت ڪندا آهيون. جنهن پهرين پهرين
هيءَ ڪلپنا ڪئي هوندي ته سوارٿ ۽ پرمارٿ ۾ تفاوت
آهي، اهو انسان ڏاڍو ڇٽبو. پلا جا چير حقيقت ۾ آهي ئي
ڪين، ان جي هستيءَ جو احساس پيدا ڪرڻ جي طاقت جنهن
جي عقل ۾ آئي سو ساراهه ڪرڻ جوڳو بيشڪ ڇٽو. جي
تفاوت ڪين آهي اهو هن ڪڙو ڪيو ۽ خلق کي سيکاريو، ان
جو اڀرج ٿو لڳي. ڇمن جي پيٽ جهڙي ئي هيءَ ڳالهه آهي
هيءَ مهڻ اهڙو آهي جهڙو افق جي حد نهارڻ ۽ پوءِ الي
ڇوڻ ته هن ڪان پري ڪجهه به ڪين آهي. هي سڀ جو مڪو
ڪارڻ آهي اڄ جي لڳيل جيون جي غير موجودگي. ا
ڪري ئي شخص ۽ سماج جي وچ تفاوت پئجي ويو آهي
مگر شخص ۽ سماج ۾ سچو تفاوت ٿو ڪري سگهجي

کي ڏيڻ ٿي گھرجي. پيٽ بس ڪرڻ لاءِ چيو ته زبان کي چپاڙڻ بند ڪرڻ گھرجي. پيٽ هڪ سنسٿا آهي. جهڙي ٻي سنسٿا. مان هنن سنسٿائن جو بادشاهه آهيان. اهي سڀئي سنسٿائن ۾ ادوئيت ٿي آهي. هيءُ ٺاهيو وروڌ ڪٿان اچي پيدا ٿيو؟ جهڙيءَ طرح هڪ ٿي ديهه جي اهن سنسٿائن ۾ سچ پچ وروڌ ڪين آهي پر سهيوگ آهي، تهڙيءَ طرح سماج ۾ به آهي. سماج ۾ هن سهيوگ کي وڌائڻ لاءِ گيتا چت شڌي پوروڪ يگيه، دان، تپ ڪريا ٻڌائي ٿي. اهڙن ڪرمن سان سماج ۽ شخص ٻنهي جو ڪلياڻ ٿيندو.

جنهنجو يگيه ۾ جيون آهي، سو سڀني جو ٿي وڃي ٿو. هر هڪ پٽ کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ماءُ جو پيار منهنجي مٿان ٿي آهي. اهڙيءَ طرح هو ماڻهو سڀ کي پنهنجو محسوس ڪندو آهي. سڄي دنيا کي هو پيارو ۽ پنهنجو لڳي ٿو. سڀني کي ائين محسوس ٿيڻ لڳندو آهي ته هو اسان جو پران آهي، دوست آهي، ساٿي آهي.

”مبارڪ آهي جيون ان جو، لوڪ ڪن جنهنکي پنهنجو،“ ائين سمرٿ رامداس چيو آهي ۽ اهڙي جيون ٺاهڻ جي تجويز گيتا ٻڌائي آهي.

٩٩

ارپڻ جو منتر

گيتا جو هي ٻيو ۽ چوٿون آهي ته جيون کي يگيه ۾ ٺاهي پوءِ اهو ايشور ارپڻ ڪري ڇڏڻ گھرجي. جيون جي سمرپڻ ٿيڻ بعد هي وري ايشور ارپڻتا ڇا لاءِ؟ اسين چئي ٿا ته سولو وياسين ته سارو جيون شيوا ۾ ڪيو وڃي، مگر هي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ايڪ جنمن مان لنگهڻ بعد هي ٿورو گهڻو ٿي سگهي ٿو. پاڻي ڪٿي سڀ ڪرم شيوا ۾، اگر ته اگر سمرپڻ ۾ ٿي وڃن ته ڏهن ۾ ائين ڪين چئي سگهبو ته اهي پوڄا ٿي

پر حال نه هجي ۽ ملڪيت وارن جي ملڪيت سماج جي ڪم ۾ ايندي رهي، بس اهڙو ئي. منهنجي ساڃي ڪيسي ۾ پئسا آهن نه چا، ڪاٻي ۾ آهن نه چا؟ پئي ڪيسا آخر آهن نه منهنجا ئي. جي ڪو ماڻهو شاهوڪار ٿيو ته ان ۾ مان شاهوڪار ٿيان ٿو. ملڪ شاهوڪار ٿئي ٿو. اهڙي ورلي رڪنا ۽ هيءَ پڪتي ساڌڻ گهرجي.

مگر اسين ڀيد ڪڙا ڪريون ٿا. جيڪڏهن ڌڙ ۽ سر جدا جدا ٿي ويندا ته پئي مري ويندا. تنهنڪري شخص ۽ سماج ۾ ڀيد نه ڪريو. ڪيترا اهوئي سهڪاري ٿي. سوارٿ ۽ پرمارٿ کي هڪ بڻائي ڇڏي ٿي. منهنجي هن ڪمري جي هوا ۾ ۽ ٻاهرين الست هوا ۾ ڪو به ورق ڪين آهي. جيڪڏهن مان هن ۾ ورق جي ڪلپنا ڪري ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيندس ته دم گهٽجي ويندو ۽ مري ويندس. ايڏي جو خيال ڪري ڪمرو کولڻ ڏيو ته اها الست هوا اندر اچي ويندي. جنهن گهڙيءَ پنهنجو گهر، پنهنجي زمين جو ٽڪرو ٻين کان الڳ ڪريان ٿو، ان گهڙيءَ الست جائداد کان وانجهو ٿي ٿو وڃان. جي منهنجو گهر جلي ويو يا ڪري پيو ته اهين سمجهي ته منهنجو اگر لڳر ڇت ٿي ويو، رولڻ پنڻ لڳي وڃان ٿو. مگر اهين جو ڇولڻ گهرجي؟ جو رولڻ پنڻ گهرجي؟ پهرين ته ٽنگ خيالي ڪريون، پوءِ جو رولون! هي پنج سوريا منهنجا آهن، انهن چنجي نه پوءِ جڳ سنسار جي اپار ملڪيت ڪان مان دور رهيس. هي نه پائر منهنجا آهن. اهين ڇوڻ سان نه جڳ سنسار جا بيشمار پائر مون کان دور ٿي ويا. ان جو اسان کي خيال ٿو رهي. اُف! منش پاڻ کي ڪيترو سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. سچ نه منش جو سوارٿ ئي پرمارٿ هئڻ گهرجي. ڪيترا اهڙوئي سولو سندر رستو ڏيکاري رهي آهي جنهن مان شخص ۽ سماج وچ ۾ سمهوڳ ٿئي. جب ۽ لمب کهڙو ورو آهي؟ پيٽ کي جيترو اَن گهرجي، اوترو ڏيان

کولي ڏسون ٿا پنھنجو جيون ڏيا مئي بنايون. ڀڳوان ھر ھڪ ڳالھي کي سندس شيوا لاءِ ماڻا ڏني آھي. جيئڻ لاءِ ھوا ڏني آھي. اھڙيءَ طرح ان ڏياون ۾ پوءِ جي سرشٽيءَ ۾ جيڪا ۾ ڏيا جي لجوبر آھي ان کي ڏسون ٿا پنھنجو جيون ڏياوان بنايون. ڀڳوت گيتا جي سڀني ۾ ڀڳوان جو جيڪو نالو مشهور ھو اھوئي ڀڳوت گيتا ۾ آيل آھي. اھو آھي "اوم تت ست".

اوم جي معنيٰ آھي "ھا" پرماتما آھي. ھن ويھين صديءَ ۾ به پرماتما آھي.

"اھوئي اڄ آھي، اھوئي ڪالھ ھو ۽ سڀاڻي به ھوندو." ھو قائم آھي ته سرشٽي قائم آھي ۽ مان به سندس بڌي ساڌنا ڪرڻ لاءِ تيار آھيان. مان ساڌڪ آھيان، ھو ڀڳوان آھي ۽ ھيءَ سرشٽي پوڄا جي سامگري پوڄا ساڌن آھي. جڏھن اھڙي ڀاونا سان اسان جو ھرديه پرجي وڃي، تڏھن ئي چيو ويندو ته "اوم" اسان جي دل ۾ گھڙيو آھي. ھو آھي، مان آھيان ۽ منھنجي ساڌنا به آھي. اھڙو شي اوم وارو ڀاءُ من ۾ ويھي رھڻ گھرجي. سورج کي ڪڏھن به ڏسندا ته ھو ڪرڻن سميت ڏسڻ ۾ ايندو. ڪرڻن کي پري ڪري رھي ئي نٿو سگھي. ھو ڪرڻن کي وساري نٿو. اھڙيءَ طرح ڪو به ماڻھو ڪنھن به وقت چوله ڏسي، ساڌنا اسان وٽ ھئڻ گھرجي. جڏھن اِلين ئي رھندو تڏھن ئي چئي سگھبو ته اسان "اوم" کي پرايو آھي.

ان بعد آھي "تت"، پرميشور ست آھي: معنيٰ شبه آھي، منگل آھي. ھيءَ ڀاونا من ۾ آڻي سندس ڪلياڻ کي سنسار ۾ ڏسون. ھو ڏسر ڀاڳيءَ جو عتاھرو. ڀاڳيءَ جو ھڪ دلو پريو. ان پرڻ سان جو مثال نيو اھو ڪن ھر ۾ ئي پرجي ويندو. ھيءَ ڳھڙي ته شبه ڪاما آھي. ڪھڙي نه پريت آھي؟ لدي خال کي سڀ نٿي سگھي. خال کي پرڻ لاءِ ڊوڙي ٿي. لدي وھڪ ڪري صاف نٿي ٿي. "سرشٽي

وڃي. اِن ڪري ”اوم تت ست“ منتر سان سڀ ڪرم ايشور
ارپڻ ڪرڻ گهرجن.

اِهين نه سورهن آنا شيوا ڪرم ڪرڻ ڏکيو آهي جو نه
پرمارٿ ۾ به سوارٿ اچي ٿي وڃي ٿو. صرف پرمارٿ ممڪن
ٿي ڪين آهي. اهڙو ڪو ڪم ٿي نه ٿي سگهندو جنهن ۾
منهنجو ذرو به سوارٿ ڪين آهي ان ڪري روزبروز زياده
نشڪام ۽ زياده بنا سوارٿ شيوا اسين ڪريون، اهڙي
خواهش ڪرڻ گهرجي. جيتري قدر هن چاهيو ته شيوا درجي بدرجي
زياده شد ٿئي ته سڀئي ڪريائون ڪئي ايشور ارپڻ ڪريو
گهاندڙيو چيو آهي:

”وشنو کي آهي نام عطو، جيئن ڪلا کي يوڳي ساڌي ٿو.“
نام امرت هو مهاتم ۽ جيئن ڪلا الڳ الڳ ڪين آهن. نام
جي اندرين پڪار ۽ ٻاهرين جيئن ڪلا ٻنهي جو ميل آهي.
يوڳي ۽ وشنو هڪ ٿي آهن. پرميشور کي ڪريا ارپڻ ڪرڻ
سان، سوارٿ، پرارٿ ۽ پرمارٿ سڀ هڪ روپ ٿي وڃن
ٿا. پهرين نه ”تون ۽ مان“ جو جدا جدا آهن انهن کي هڪ ڪرڻ
گهرجي. تون ۽ مان ملڻ سان ”اسين“ ٿي پياسين. هاڻي
”اسين“، ”هن“ کي هڪ ڪري ڇڏڻو آهي. پهرين مون کي
هن دنيا سان ميلاپ ڪرڻو آهي، پوءِ پرماتما سان ڪرڻو آهي
”اوم تت ست“ منتر ۾ اهڙي ڀاو ڏيکاريل آهي.

پرماتما جا انيڪ نالا آهن. وياس نه انهن نالن کي ”وشنو
سهسر نام“ ۾ ٺاهي ڇڏيو آهي. جيڪو به نالو اسين خيال
آڻيون سو سندس آهي. جيڪو نالو من ۾ آڻيون ان ٿي معنيٰ
۾ ڪيس دنيا ۾ ڏسون ۽ اهڙي نموني پنهنجو جيون ٺاهيون
پرميشور جو جيڪو نالو پسند اچي ان کي دنيا ۾ ڏسون ۽ ان
انوسار پاڻ کي بڻايون. هن کي مان ٿورڙي گانڌي ڇوان ٿو
مثال طور ايشور جو نالو ”ديالو“ ولو. انهن معنيٰ نه هو رحم
آهي. هاڻي ان ديا جي پيدا پرميشور کي هن دنيا ۾ اکيو

۽ نالي ۾ مٿيان کان سڀ ڏانهن وٺي وڃڻ جي طاقت آهي. اهو پاپ جي طرف کان نهپاپ جي طرف وٺي وڃي سگهي ٿو. جيون شڌي ڌيري ڌيري ڪرڻ گهرجي. پرماتما اوس مدد ڪندو. توهان کي ڪمزوريءَ وقت هو آڌار ڏيندو.

ڪٿي ڪو مونکي چوي، هڪ طرف پڻوان مگر اهنڪاري جيون ۽ ٻئي طرف پاپي ليڪن نهٺو جيون، انهن مان ڪنهن هڪ کي پسند ڪريو؟ ته جي مان زبان سان ڪجهه نه چئي سگهان پر دل ۾ چوندس ته جنهن پاپ سان مونکي پرميشور جي، يادگيري رهي ٿي، اهو ئي مونکي ملڻ ڏيو. منهنجو من اهو ئي چوندو ته جي پڻوان جيون سان ڀڳوان ڀلجي وڃي ٿو. ۽ جنهن پاپي جيون سان ڀڳوان جي يادگيري اچي ٿي، مان ان کي حاصل ڪندس. ان جو مطلب اهو نه آهي ته مان پاپي جيون جي ساراهه ڪري رهيو آهيان. مگر پاپ اترو پاپ ڪين آهي جيترو پڻ جو اهنڪار روپ پاپ آهي:

”هن گهان کان ڏاڍو ڏران ٿي، متان وڃي ڀڳوان کسجي.“ ائين تڪارام چيو آهي. ان وڏائيءَ جي ضرورت ڪين آهي. ان کان ته پاپي دکي هئڻ ئي بهتر آهي.

”منهنجن گياني ٻچن کي ماتا پڻ ٿي دور رکي.“ مگر اگياني بالڪن کي ماتا پنهنجي گود ۾ کڻي ٿي. مان خود باور پڻوان ٿيو ليڻ چاهيان. پرميشور ئي آڌار رکندڙ پاپي هئڻ تي مونکي وڻي ٿو. پرماتما جي پورڻتا منهنجن پاپن کي هضم ڪري ۽ ڀيڙڻ جهڙي آهي. اسين پاپن کي روڪڻ جو يتن ڪريون. جيڪڏهن اهي نه روڪيا ته دل روئڻ لڳندي، من تڙڦندو. تڏهن ايشور جي ياد ايندي. هو نه پنو ٽانڪ ڏسي. پڪار ڪري چئو، ”مان پاپي آهيان، ان ڪري تنهنجي در تي سڃڻ هٿي اٿم.“ پڻوان کي ايشور سمرڻ جو حق آهي ڇو ته هو پڻوان آهي پاپيءَ کي ايشور سمرڻ جو حق آهي ڇو ته هو پاپي آهي.

آرتوار: ١٢-٦-٣٢.

الڪري آهي" رهي ٿي شڌ ڪري جي وطن لڏي روئي
ڪرم ڪي پنهنجي آهي. ڪاري ڪلياڻ ۽ شپ سڀ سرشٽي
لا پڇاڻ ڪي ستنام هن جي پرميشور ڏيو. ڏئي ٿيڻ ٿي وڙهو اهو پ
سر سوم جڏهن گهرجن. هٿڻ ميه يڳتي ۽ ٽومل ڪرڻالون سڀ
وسيلي ۽ ڪرمن پنهنجن لئن هئي ويندي چالي سان پوترتا
کي هميشه ٿپاسيندي ٽردوش ٺاڻ گهرجي.

باقي رهيو "لت". لت جو مطلب آهي 'هت'. ڪجهه
پرمالي البت ڪان دنيا هن ترالو. ڪان سرشٽيءَ هن ترالو، ڪجهه
لا لڳڻ ٽڙڻ گل ڪنول ته اپريو سڃ اڃا آهي. الهت پعلي ترالو
ٿي پري ته سڃ مگر ٿي لڳي ٿيڻ ناس اوڏهه ۽ لڳڻ اڌامڻ پڪي
آهي رهندو الڳ بلڪل هو ڪان ڳالهين سڀني هنن آهي. رهندو
الهتا آلپيداسين رکنداسين، الاسڪتي ڀر ڪرمن پنهنجي هن جڏ
تڏهن سمجهو ته اسان جي جيون ۾ "لت" نام گهٽيو.

هن لمولي گيتا هيءَ "اوم لت ست" ولدڪ ٽالو ولي
آهي سيڪاريو ڪرڻ ارپڻ ايشور ڪرڻالون سڀ پنهنجون
آهي ويچار جو ڪرڻ ارپڻ ايشور ڪرم سڀ ۾ ياءُ اڌ ٽالين
"ڪرڻ جيڪي ڪالين هون ۽ رجنن،
دان ڏيڻ لپسيا ڪرڻ، شل سهولي سو مولڪي ارپڻ ڪرڻ.
اڌ ياءُ سترهين ڳالهه اهائي آهي. چيل اهولي ۾ سلوڪ هن
ڪر جي ڪرڻ ارپڻ ڪي پرميشور آهي. ويٺي پڌائي
ڪري ارپڻ پرميشور اها ٿي ڏهن ال گهرجي. هڻڻ سالوڪ
سگهجي. هيءَ ڳالهه هتي خاص پڌائي ويئي آهي.

۱۰۰

پاپ کي ناس ڪندڙ رام نام

"ا هيءَ لو الي سوال مگر آهي. نيڪ سڀ هي
الس باپي لو. سگهي ٿي هضم ٿي کي السان پولر ٽالو" لت ست
اا ڪو ٽالو آهي اهڙ، سولهي ۽ مگر جي پاپين؟ جاڳجي
ڪند جي ايشور آهي. شڪتي اها ۾ ٽالي جي "ست لت اوم"

سگهي. انهن سڀني ڳالهين مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪي ڪرم نه اسانکي ڪرڻا آهن ۽ ڪن جو ٽياڳ ڪرڻو آهي.

گيتا جي سڄيءَ سکيا ۾ اسين ڏيان ڏيندا آهيون ته قدم قدم تي اهوئي ٻڌايل آهي ته ڪرم جو ٽياڳ نه ڪريو. ڪرم ڦل جو ٽياڳ گيتا ٻڌائي ٿي. ارجن کي اهائي سکيا ڏني وئي آهي ته ڪرم ته ڪرڻ کپن پر ڦل ٽياڳ ڪندا رهو. مگر هن ڳالهه جي ٻي پاسي ٻيو پاسو هي به معلوم ٿئي ٿو ته ڪجهه ڪرم ڪيا وڃن ۽ ڪن جو ٽياڳ ڪيو وڃي. ان ڪري ٻئي اڌياءِ جي شروع ۾ ارجن پڇي ٿو، هڪ طرف ته ڪوبه ڪرم ڦل ٽياڳ سان ڪريو ۽ ٻئي طرف ڪجهه ڪرم نه ڪرڻ لائق آهن ۽ ڪجهه ڪرڻ لائق آهن. انهن ٻنهي ۾ ڪهڙو عمل ٻڌائجي؟ جيون جي طرز جي طرح جاچڻ لاءِ هي سوال پڇيو ويو آهي. ڦل ٽياڳ جو مطلب سمجهڻ لاءِ هي سوال آهي. شاستر جنهنکي سنياس چون ٿا ته ان ۾ ڪرم سروپ طور ڇڏڻو هوندو آهي يعني ڪرم سروپ جو ٽياڳ ڪرڻو هوندو آهي. ڦل ٽياڳ ۾ ڪرم جو ڦل ٽياڳ ڪرڻو آهي. هاڻي سوال هي آهي ته ڇا گيتا جي ڦل ٽياڳ ۾ عمل ڪرم ٽياڳ جي ضرورت آهي؟ ڇا ڦل ٽياڳ جي ڪسوٽيءَ سان سنياس جو ڪو فائدو آهي؟ سنياس جي مريادا ڪهڙي ۽ ڪيتري؟ ارجن جو اهوئي سوال آهي.

١٠٢

ڦل - ٽياڳ جي وياپڪ ڪسوٽي

جواب ۾ پهريان هڪ ڳالهه چٽي ڏني آهي ته ڦل ٽياڳ جي ڪسوٽي هڪ سروياپڪ چيز آهي. ڦل ٽياڳ جو لفظ هر جڳهه لاڳو ڪري سگهجي ٿو. سڀني ڪرمن جي ڦل جو ٽياڳ ۽ راجسي تامسي ڪرمن جو ٽياڳ. انهن ۾ ڪوبه ورود ڪونهي. ڪن ڪرمن جو روپ ئي اهڙو هوندو آهي جو ڦل ٽياڳ جي

اڌياءُ ارڙهون
پڄاڙي: ڦل تياڳ جي پورڻتا

١٠١

ارجن جو آخري سوال

سڀني ڀائرو، اڄ ايشور جي ڪرپا سان اسين ارڙهين
اڌياءَ تائين اچي پهتا آهيون. هر هميشه هن بدلجندڙ وش
۾ ڪنهن نه سنڪلپ جو پورو ٿيڻ پرميشور جي هٿ ۾ آهي
…وري جيل ۾ نه قدم قدم تي قيد گهر جو آزمودو ملي ٿو
…هٿي ڪو ڪم شروع ڪرڻ ۽ اها اميد رکڻ نه هئي ڪم هٿي
…ڳي پورو ٿيندو ذرا ڏکيو آهي. شروع ٿيڻ وقت ٿوري
…اميد نه هئي نه اسانجي هئي ڪيئن هٿي پوري ٿي سگهندي
…پر ايشور جي ديا سان اسين پڄاڙيءَ تائين اچي پهتا آهيون
چوڏهين اڌياءَ ۾ جيون جا ٽي ڪرم جا ساتوڪي، راجسي
…۽ تامسي ٽي حصا ڪيا ويا. انهن ٽنهي مان راجسي ۽ تامسي
…ڇڏي ڏيڻي ساتوڪي حصو ئي گرهڻ ڪرڻو آهي، اهو به اسا
…ڏٺو. ان کان پوءِ سترهين اڌياءَ ۾ هيءَ ڳالهه ٻڌي ٿي
…رکي آهي. يگيه، دان، تپ يا هڪ اکر ۾ چئجي تہ
…ڪرم جو سار آهي. سترهين اڌياءَ ۾ اسان انهن ڳ…
…نه يگيه لاءِ ڪمائڻ جي آهار وغيره ڪرم آهن، انهن ک…
…ساتوڪ ۽ يگيه روپ بڻائي گرهڻ ڪريون. صرف انه…
…ڪرمن کي الڪيڪار ڪريون جي يگيه روپ ۽ ساتوڪ…
…آهن. باقي ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ واجب آهي. اسان اهو نه ڏ…
…سڀ سڀ متر کي هر وقت جو ياد ڪرڻ گهرجي. ا…
…آئي ارلي، تپ جو ارٿ آهي انهن ۽ سڀ ج…
…آئي ساتوڪتا. اسان جي ساڌنا ۾ ارلي، انهن…
…ضبط ٿئي گهرجي. ڪلامن تي اها ايشور کي ارپڻ ڪر…

اُهن جو نه سنياس ٿي ليکي آهي. باقي ٻيا شُڌ ساتوڪ ڪرم. اهي اناسڪتي پوروڪ، اهنڪار ڇڏي ڏئي ڪرڻ گهرجن. ڪاميه ڪرمن جو تياڳ به نه هڪ ڪرم ٿي ٿيو. ڦل تياڳ جي ڪسوٽي ان تي به هلايو. وري ڪاميه ڪرمن جو تياڳ به سواڀاوڪ هئڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح ٽي ڳالهيون اسان ڏٺيون. پهرين هيءَ ته هرهڪ ڪرم اسان کي ڦل تياڳ پوروڪ ڪرڻ گهرجي. ٻي هيءَ ته راجسي، تامسي يا منع ڪيل ۽ ڪاميه ڪرم ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسڻ سان پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن ٿا. ٽين ڳالهه هيءَ ته اهڙيءَ طرح جو تياڳ ٿيندو آهي ان ۾ به ڦل تياڳ جي ڪسوٽي هلايو. مون هيترو تياڳ ڪيو، اهڙو گهمنڊ به نه هئڻ گهرجي.

راجسي ۽ تامسي ڪرم ڇو ڇڏڻ لائق آهن؟ ان ڪري جو اهي شُڌ نه آهن. شُڌ نه هئڻ ڪري ڪنهن جي جس ۾ ان جا سنسڪار پيهجي وڃن ٿا. مگر گهڙي ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته ساتوڪ ڪرمن ۾ اوڻايون به هونديون آهن. جيڪي به ڪرم آهن اُهن سڀني ۾ ڪجهه نه ڪجهه گهٽتايون آهن ٿيون. کيتيءَ جو سوڌرم ئي وٺو. هي هڪ شُڌ ساتوڪ ڌرم آهي. مگر هن ۾ به واري سوڌرم روپي کيتيءَ ۾ به هنسا نه ٿيندي آهي. هر ڏيڻ وغيره ۾ ڪيترائي جيت جنت مرندا آهن. کوهه جي آس پاس گپ چڪ صاف ڪري الي پٿرن سرن سان پڪو ٺهرائڻ ۾ به ڪيترا جيت جنت مرندا آهن. صبوح جو دروازو کوليندي ئي سورج جي روشني گهر ۾ گهڙندي آهي. ان ڪري بي الدار جيوڙا ناس ٿي ويندا آهن. جنهن کي اسين صاف ڪرڻ چئون ٿا، اها به هڪ طرح مارڻ جي ڪرياٽي آهي. تاهم نه جڏهن ساتوڪ سوڌرم روپي ڪرم به بي عيب ٿي نٿا پون ٿا، تڏهن ڪجي ڇا؟

مان اڳي چئي چڪو آهيان ته سڀني ڪمن جو وڪاس اڇا

ٿورو جو استعمال ڪريون ته اهي ڪرم پنهنجو ٻاڦ ٿي ختم ٿي وڃن ٿا. ڦل تياڳ پوروڪ ڪرمن ڪرڻ جو هيءُ ٿي مطلب ٿئي ٿو ته ڪجهه ڪرم ڇڏڻ ٿي گهرجن. ڦل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪرڻ ۽ ڪجهه ڪرمن جو بلڪل تياڳ اچي ٿي وڃي ٿو.

هن ٿي ذرا ٻاريڪيءَ سان ويچار ڪريون. جيڪي ڪرم ڪاميه آهن، جنجي بنياد ۾ ڪامنا آهي، انهن کي ڦل تياڳ پوروڪ ڪريون. ائين ڇوڻ سان انهن جو بنياد ئي اکڙجي وڃي ٿو. ڦل تياڳ جي اڳيان ڪاميه ۽ منع ٿيل ڪرم لئه بيهي ٿي نٿا سگهن. ڦل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪرڻ رڳو هٿرادو لاڳاپتي ڪريا نه ڪين آهي. هن ڪسوٽيءَ وسيلي خود بخود معلوم ٿئي ٿو ته ڪهڙا ڪرم ڪيا وڃن ۽ ڪهڙا نه. ڪي ماڻهو چوندا آهن ته گيتا فقط اهو ٿي ٻڌائي ٿي ته ڦل تياڳ سان ڪرم ڪريو. اهو ڪين ٿي ٻڌائي ته ڪهڙا ڪرم ڪريو. ائين لڳندو ته آهي پر سچ پچ ائين ناهي. جو ماڻهو ڦل تياڳ پوروڪ ڪرم ڪريو اهڙو ڇوڻ سان ئي خبر پوي ٿي ته ڪهڙا ڪرم ڪرڻا آهن ۽ ڪهڙا ڇڏڻا آهن. هنسا وارا ڪرم ڪرڻ پرهيل ڪرم، چوريءَ جهڙا ڪرم ڦل تياڳ پوروڪ ٿئي نٿا سگهجن. ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ ٿي ڪسيندي ٿي ئي ڪرم هوا ٿي وڃن ٿا. سورج جي روشني ڦهلجندي ٿي سڀ شيون اوجل ڏسبيون آهن. پر ڇا اونده ۾ اوجل ڏسبي آهي؟ اها ته ناس ئي ٿي ويندي. اهڙي ٿي ڳالهه منع ٿيل ۽ ڪاميه ڪرمن جي آهي. اسان کي سڀ ڪرم ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ ٿي ڪسي وٺڻ گهرجن. پهرين هيءُ ڏسڻ گهرجي ته جو ڪرم مان ڪرڻ چاهيان ٿو سو اناسڪتي پوروڪ ڦل جي ذرو ۽ اميد نه رکندي ڪرڻ ممڪن آهي يا نه؟ ڦل تياڳ ئي ڪرم ڪرڻ جي ڪسوٽي آهي. هن ڪسوٽي تي سڀ ڪاميه ڪرم پنهنجو ٻاڦ ئي ڇڏڻ لائق سڏ ٿين ٿا

ڪي ڇڏڻ جو جيڪو طريقو آهي اهوئي سالوڪي ڪرمن لاءِ ڪارگر ٿيندو؟ جيڪي دوش مه سالوڪي ڪرم آهن، انهن کان ڪيئن بچجي؟ مزو نه هي آهي نه "اندرايه ٽڪشڪايه سواها" وانگر منش جڏهن ڪرم ڪرڻ لڳندو آهي تڏهن امر هجڻ سبب اندر نه مري ٿي نٿو، بلڪ ٽڪشڪ به نه مرندي الٽو مضبوط ٿي پوندو آهي. سالوڪ ڪرمن ۾ پُن نه آهي ۾ ٿورو دوش به آهي. ٿوري دوش هجڻ سبب جيڪڏهن ان دوش سان گڏ پُن جي آهوتي ڏيندا، نه پورڻ هجڻ سبب پُن نـاس نه نه ٿيندو، ۽ دوش ڪرڻا ضروري وڌندي ويندي. اهڙي گڏيل وويڪ هيڻ تياڳ سان پُن روپي اندر نه مري ٿي نٿو. ۽ دوش روپي ٽڪشڪ جو مري سگهيو ٿي، سو به نٿو مري. ان ڪري ان جي تياڳ جي ڪهڙي ريت آهي؟ ٻلي هنسا ڪري ٿي. ان ڪري ان جو تياڳ ڪبو نه ڪوئي هنسا ڪرڻ لڳندا. لانگر هنسا ڪري ٿو. ان ڪري انکي دور ڪبو ويو نه سوين جيئ کيتي ناس ڪري ڇڏيندا. کيتيءَ جي اناج جي ناس ٿيڻ سان هزارين منش مري ويندا. ان ڪري تياڳ وويڪ پورڻ هجڻ گهرجي.

گورکناٿ کي مڇندر ناٿ چيو: "هي ڇوڪري کي ڌوئي اچ." گورکناٿ ڇوڪري کي پيرن کان وٺي هوب ڦٽڪـسي سٽيو ۽ سڪائڻ لاءِ لوڙهي لـي وجهي ڇڏيو. مڇندر ناٿ پڇيو، "ڇوڪري کي ڌوئي آئين؟" گورکناٿ وراڻيو، "ها ان کي ڌوئي هاڻي سڪائڻ لاءِ وجهي آيو آهيان." ڇوڪري کي ڇا اهڙيءَ طرح ڌوئبو آهي؟ ڪپڙي ۽ انسان ڌوئڻ جو نمونو هڪ ڪين آهي. انهن ٻن نمونن ۾ وڏو تفاوت آهي. اهڙي طرح راجسي ۽ تامسي ڪرمن جـي تياڳ ۽ سالوڪي ڪرمن جي تياڳ ۾ وڏو فرق آهـي. سالوڪي ڪرم تياڳڻ جي ريت نرالي آهي.

وويڪ هيڻ ٿي ڪرم ڪرڻ سان نه ڪجهه نه ڪرڻ

۽ ٽيٺو آهي. گيان، ڀڳتي، شيوا، اهنسا، انهن جو اڃا تمام ٿوروٿي تجربو مليو اٿئون سڀجو تجربو ٿي چڪو آهي، انهن ناهي. سنسار تجربا ڪندو اڳتي وڌندو وڃي ٿو. وچ ۾ اهڙي ڪلپنا ڪتي ۽ کيتي ڪرڻ ۾ هنسا ٿئي ٿي. انڪري اهنسڪ ماڻهو کيتي نه ڪن. اهي واپار ڪن. اَن پيدا ڪرڻ پاپ آهي پر چوندا هئا ته وڪڻڻ پاپ ڪين آهي. پر اهڙي تمولي ۾ ڪم ٽارڻ سان اسانجو فائدو ڪو ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح انسان ڪم ٽاريندي ٽاريندي هلندو وڃي ته آخر ۾ آلر ناس ٿي ويندو. جنهن انسان ڪرم کان ڇٽڻ جو ويچار ڪندو تنهن تنهن ڪرم جو وستار ٿي وڌندو ويندو. اوهانجي اَن جي واپار لاءِ ڇا ڪجهه کيتي نه ڪرڻي پوندي؟ ۽ پوءِ اَن ڪيتيءَ ۾ ٿيندڙ هنسا ۾ اوهين ڀاڱي ڀالي ڪين ٿيندا؟ جيڪڏهن ڪجهه پيدا ڪرڻ پاپ آهي ته اَن پيدا ڪيل ڪجهه کي وڪڻڻ به پاپ آهي. ڪجهه پيدا ڪرڻ ۾ دوش آهي، انڪري اَن ڪرم کي ڇڏي ڏيڻ ۾ ٻڌيءَ جو دوش آهي. سڀني ڪرمن جو اهنڪار ڪرڻ، هي ڪم ته ڪرڻ، هو ڪم ۽ نه ڪرڻ، ڪجهه ڪرم نه ڪرڻ، اهڙي ماڻهوءَ لاءِ انهن سمجهڻ گهرجي ته هن ۾ سڀئي ديا نه رهي آهي، ٻڪ مري وئي آهي. هن ڀٽڻ مان وڻ سڙي ٿيو. پر انهو جلد وڌي ٿو. ڪرم کي ٽارڻ ۾ آلماڪي ٽارڻ آهي.

١٠٣

ڪرم سنگ مان ڇٽڻ جي سچي ريت

هاڻي سوال ٿو اٿي ته جڏهن سڀني ڪرمن ۾ دوش آهي ته پوءِ سڀني ڪرمن کي ڇڏي ٿي ڇونه ڏجي؟ هنجو جواب هڪ دفعو اڳي ڏنو ويو آهي. ”سڀني ڪرمن جو تياڳ ڪرڻ،“ هيءَ ڪلپنا تمام سٺي آهي. هيءَ ويچار منوهر آهي هي ٻيمار ڪرم آهر ڇڏجن ڪيئن؟ راجسي ۽ تامسي ڪرمن

ان ڪري آپگهات ٿو ڪريان." ان ماڻهوءَ پڇيس "تنهنجو هيءُ گندو شرير ۽ هي چربي جلڻ لڳندي ته هتي ڪيتري نه بدبوءِ پکڙجندي. اسين هتي ويجهو رهون ٿا. پوءِ اسين ڪيئن الهن ويندا سين؟ هڪ وار جلڻ سان ڪيڏي نه بدبوءِ ٿيندي آهي؟ پر تنهنجي نه سڄي چمڙي جلندي. هتي ڪيتري گندگي ڦهلجندي، ان جو به ڪجهه ويچار ڪر." هو شخص پريشان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو "هن جهان ۾ نه جيئڻ جو جس آهي، نه مرڻ جو. ته هن ڪريان ڇا؟

مطلب ته هيءُ منحوس آهي، هو نياڳو آهي. اهين ڇولدي ڇولدي سپ ڇڏيندا ويندا ته ڪم ڪٿي هلندو. جيڪڏهن اوهين تندن ڪمن کان ڪنارو ڪندا ته ٻيا وڏا ڪم اچي سر تي سوار ٿيندا. ڪرم سڀ نه ٻاهران ڇڏڻ لاءِ لکا ڇٽن. جيڪي ڪرم سياويڪ وهڪري ۾ وهندڙ آهن، انهن جي وروڌ ڪرڻ ۾ جي ڪو پنهنجي طاقت لڳائيندو، وهڪري جي ابتڙ هلڻ چاهيندو، ته آخر ٿڪجي وهڪري سان گڏ وهي ويندو. وهڪري موافق ڪريا وسيلي ٿي ڪيس پنهنجي ترڻ جو اپاءُ سوچڻ گهرجي. ان سان من جي مٿان ليپ گهٽبو ويندو ۽ چت شڌ ٿيندو ويندو. پوءِ آهستي آهستي ڪريا پنهنجو پاڻ ختم ٿيندي ويندي. ڪرم ٿياڳ نه ٿيندي ۽ ڪرياڻون ڪم ٿي وينديون. ڪرم نه ڇٽندو پر ڪريا گسر ٿي ويندي.

ڪرم ۽ ڪريا (فعل) ٻنهي ۾ فرق آهي. جيئن ڏٺي گوڙ شور هجي ۽ ان کي بند ڪرڻو هجي ته هڪ سپاهي اچي ٿو ۽ هو شور بند ڪرائڻ لاءِ خود زور سان رڙ ڪري چوي ٿو، "گوڙ بند ڪريو." ان شور بند ڪرائڻ لاءِ ڪيس زور سان آواز ڪرڻ جو زبردست ڪم ڪرڻو پيو. وري ٻيو ڪو اچي مائٽ ميت ۾ ويهندو ۽ صرف آڱر مٿي ڪندو ته ماڻهو چپ ٿي ويندا. ٽئين ماڻهوءَ جي اچڻ سان ٿي الي چپ ٿي

ٿي پوندي آهي. لڪارام چيو آهي:-

آهي ليڙو ٽورو- ورائي وڏو ٿيوءِ،
لڏهن پوءِ سائين، ڪريان ڇا- ڪريان ڇا؟
ننڍڙو ليڙو ڪرڻ لاءِ وڃجي ته وڏو ٿيو، اچي ڇاتيءَ
تي سوار ٿيندو. اهڙيءَ طرح اسان جو اهو ٽورو ليڙو به ڪوڙو
ٿيو پوي. ننڍڙي ليڙي کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏا وڏا اپاءَ ڪرڻ
ڏاهجندا. ان کان ته اها جڙوٻڙي ٿي بهتر هئي. اها ڪافي
هئي. لنگوٽي لڳائي آس پاس جائداد ڪني؛ ڪرڻ کان ته
قميص ۽ صدري ٿي ڇگي! ان ڪري ڀڳوان سالوڪ ڪرمن
جي ليڙي جي رڀت ٿي نرالي ٻڌائي آهي. سڀ سالوڪ
ڪرم ڪرڻا آهن، پر انهن جي ڦل کي ڇڏي ڏيڻو آهي.
ڪجهه ڪرم ته موروثي ڇڏڻ لائق آهن ۽ ڪجهه ڪرمن
جو صرف ڦل ٿي ڇڏي ڏيڻو آهي. بدن تي جي ڪو ڇٽو ٿا
داغ لڳو ته ڌوئي مٽائي سگهبو آهي. پر جي چمڙيءَ جو
رنگ ٿي ڪارو آهي ته ان کي پوچي لڳائڻ مان ڪهڙو فائدو؟
اهو ڪارو رنگ ٿي رهڻ ڏيو. ان طرف ڏسوئي ڇو ٿا؟ ان
کي اُمنگل ئي سمجهو.

هڪ شخص هو. ڪيس پنهنجي گهر ۾ هڏسوڻ معلوم ٿيڻ
لڳو ته هو هڪ ڪوٺي ۾ هليو ويو. اتي به ڪيس گندگي ڏسڻ
۾ آئي ته جهنگل ڏانهن هليو ويو. جهنگل ۾ هڪ الب جي
ور هيٺان ويٺو. مٿان هڪ پکيءَ سندس مٿي تي وٺ لاٿي.
هيءُ جهنگل به اُمنگل آهي، ائين چئي هو، نديءَ ۾ وڃي
ويٺو. نديءَ ۾ جڏهن هن وڏين مڇين کي ننڍين مڇين کي
کائيندو ڏٺو، تڏهن ڏاڍي تڪليف آيس. اڙي بابا هيءَ ته
ساري دنيا ٿي اُمنگل آهي. ته مرڻ کان سواءِ ڇوٽڪارو
ڪينهي. ائين ويچار ڪري هو باهر آيو. باهه ٻاري ٿيو. اتي
هڪ ماڻهو آيو ۽ کانئس پڇيائين، "اڙي ڀائي، آپگهات ڇو
ٿو ڪرين؟" هو چوڻ لڳو، "هيءُ سنسار اُمنگل آهي

هيءَ سڀ مان ڇو ڪريان ٿو. ممڪن آهي ته هن ناٽڪ، هن نقل ڪندي ڪنهن ڏينهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ به مون ۾ شرڌا پيدا ٿي وڃي!" ان ڪري نشڪام ڪريا ڪندو رهڻ گهرجي. آهستي آهستي نشڪرياپڻو حاصل ٿي ويندو.

١٠٤

ساڌڪ لاءِ سوڌرم جي سمجهاڻي

مطلب هي ته تامسي راجسي ڪرم ته بلڪل ڇڏي ڏيڻ گهرجن ۽ سالوڪي ڪرم ڪرڻ گهرجن. هيءُ خيال ۾ رکڻ گهرجي ته جي سالوڪ ڪرم سهاويڪ ۽ سولائيءَ سان سامهون اچن، اهي اوکائين وارا هوندي به ڇڏڻ لائق نه آهن. بلڪ نه اوکايون هجن. اُهن اوکائين کان جند ڇڏائڻ چاهيندا ته بيون بيشمار اوکايون اچي پلئه پڪڙيندیون. پنهنجو برو لڪ، جهڙو آهي، ڀهڙو رهڻ ڏيو. ان کي جي وڏي ڪٽي سهڻو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو وڌيڪ بيڊڪ، بدرنگو ڏسبو. اهو جهڙو آهي ڀهڙو ئي چڱو آهي. سالوڪي ڪرم، دوشي هوندي به بامرادو براهت لهڻ سبب ڇڏڻ نه گهرجن. اهي ڪرڻا آهن ٻر اُهن جو ڦل ڇڏڻو آهي.

جي ڪرم بامرادو سهاويڪ ريت سان حاصل نه ٿيا هجن ۽ اُهن جي ٻاري ۾ توکي اَلين لڳندو هجي ته اهي ڇڱيءَ طرح ڪوي به سگهجن ٿا، لڏهن به اهي نه ڪر. اهڙائي ڪرم ڪر جيڪي بامرادو اچي ملن. هڻ پٽ ۽ دڪ دوڙ ڪري ٻيا نوان ڪرم پنهنجي سر مٿان نه هڻ. جي ڪرمن کي خاص طور ناهه نوهه ڪري ڪرڻو پوندو هجي، اهڙي ڪيترا به ڇڱا ڇو نه هجن ته به اُهن کان دور رهه، اُهن جو موهه نه ڪر. جي ڪرم بامرادو حاصل ٿيل آهن اُهن جي ڦل جو تياڳ ٿي سگهي ٿو. هي ڪرم ڇڱو آهي، هي ڪرم سٺو آهي. اهڙي لوڀ وچان چوطرف جي منش دوڙڻ لڳي ته پوءِ ڦل تياڳ ڪٿان ٿيندو؟ اُلين نه سهي خيالي مصيبت

ويندي. هڪ کي تيز ڪريا ڪرڻي پوندي، ٻئي جي معمولي
هئي ۽ ٽئين جي سوکير هئي. ڪريا گهٽجندي ويئي. مگر
ٽنهي ماڻهن جي حالت ۾ ماٺ ڪرائڻ جو ڪرم هڪ جهڙو
ٿيو. جڏهن چت شڌي ٿيندي ويئي. ليڪن ڪريا جي تيزي
گهٽجندي ويئي. تيزيءَ مان معمولي، معموليءَ مان سوکير،
سوکير مان بلڪل ختم ٿي ويندي. ڪرم هڪ جيئن ۽ ڪريا
ٻي. ڪرم ۾ حالت فاعلي ۽ مفعولي هوندي آهي ۽ ڪريا
لاءِ جدا فعل لڳائڻو پوندو آهي.

ڪرم ۽ ڪريا جو تفاوت آهي ان کي سمجهي ولو
غصي اچڻ تي ڪو ذاتي ٻون رڙيون ڪري ۽ ڪو اصل ڳالهائڻ
بند ڪري پنهنجو ڪروڌ ظاهر ڪندو آهي. گياني پرش
ٿالي لاءِ نه ڪريا ٿو ڪري، پر ڪرم الٽ ڪري ٿو
سندس صرف وجود ئي اپار شيوا ڪري سگهي ٿو. گياني
پرش جي موجودگي ئي ڪافي آهي. سندس هٿ پير وغيره
عضوا ڪجهه ڪم نه ڪندا هجن تڏهن به هو ڪم ڪري ٿو
ڪريا سوکير ٿيندي ويندي آهي ته هوڏانهن ڪرم الٽ
وڌندو ويندو آهي. ويچار جي هن ڌارا کي اڳتي ڪٿي وڃي
نه معلوم ٿيندو نه جڏهن چت پورن شڌ ٿي ويندو ته آخر ۾
ڪريا غائب ٿي ويندي ۽ ڪرم الٽ ٿيندا رهندا. پهرين
تيز پوءِ تيز کان معمولي، معمولي کان سوکير ۽ سوکير کان غائب
اهڙي طرح پنهنجو پاڻ ڪريا نراڪار ٿي ويندي. مگر ا
وقت الٽ ڪرم خود بخود ٿيندا رهندا.

باهرين تمولي ڪرم هٽائڻ سان اهي دور ڪين ٿيندا
نشڪامتا سان ڪرم ڪندي آهستي ان جو آزمود
ٿيندو. ڪوي براؤننگ ’ڊولگي پادري‘ ٻالي سان هڪ
شعر لکيو آهي. هڪ ماڻهوءَ پادريءَ کي چيو، ”تون ٻا
کي اٿرو سينگارين ڇو ٿو؟ هيءَ ولس ڇا لاءِ؟ هيءَ باهريون
ڊولگ ڇا لاءِ؟ هيءَ گنبير چهرو ڇا لاءِ؟“ هن وراڻيو، ”

ٿيڻ. جواني وقت مون ۾ ٻهور ڪرم شڪتي رهندي ۽ ان وسيلي مان سماج جي شيوا ڪندس. ٻرڌ اوستا ۾ منهنجي گيان جو لاڀ ٻين کي ملندو. اهڙيءَ طرح ڪجهه سوڌرم ته بدلجندا رهڻ وارا آهن ۽ ڪجهه نه بدلجندڙ. انهن کي جي جهوني شاستر جي ٽالن سان سڏ ٿو آهي نه ڇٽبو ته منش جيسا به ڌرم آهن- ورڻ ڌرم ۽ آشرم ڌرم. ورڻ ڌرم نٿو بدلجي، پر آشرم ڌرم بدلجندو رهي ٿو.

آشرم ڌرم بدلجي ٿو ان جو مطلب هي آهي ته برهمچاريه آشرم ڇڏي مان گرهست آشرم ۾ داخل ٿيسي رهيو آهيان. گرهست آشرم مان وان پرست ۽ وان پرست مان سنياس ۾ وڃي رهيو آهيان ۽ اهڙيءَ طرح آشرم بدلجندا رهن ٿا. ڏٺو ته ورڻ ڌرم بدلجي نٿا سگهجن. منهنجي قدرتي حد مان لتاڙي نٿو سگهان. اهڙي ڪوشش ئي غلط آهي. ٿو ۾ جو "ٽولپڻو" آهي اهو ٽون ڇڏي نٿو سگهين. هيءَ ئي ورڻ ڌرم جو آڌار آهي. ورڻ ڌرم جي اها ڪلپنا ڏاڍي منوهر آهي. ورڻ ڌرم بلڪل اٽل آهي ڇا؟ پڇندا آهن ته جنن ٻڪريءَ جو ٻڪريپڻو، ڳانءِ جو ڳانءِ پڻو، ٿئن برهمڻ جو برهمڻپڻو ۽ ڪتريءَ جو ڪتريپڻو آهي؟ ها، مان قبول ڪريان ٿو ته ورڻ ڌرم اهڙو پڪو ڪين آهي. پر اسان کي ان جو مطلب سمجهڻ گهرجي. ورڻ ڌرم جو استعمال جڏهن سماجڪ جوڙجڪ جي هر ترڪيب طور ڪيو وڃي ٿو ان ۾ خاص مثال ضرور هوندا. اهڙا خاص مثال مٽائي پون ٿا. گيتا به ان خاص مثال کي گرهڻ ڪري مڃيو آهي. ٽالبرج ته انهن ٻنهي ٽمولن جي ڌرمن کي سڃاڻي، ٻيو ڌرم ڪيترو به منوهر سندر ڇوله ڏسڻ ۾ اچي، ته به ان جي چڪر ۾ نه ڦاسو.

١٠٥

ڦل تياڳ جو سنسار

ڦل تياڳ جي ڪلپنا جو جنهن ٽموٽي وڪاس ڪندا آيا

ٿي پوندي. ڦل جي آشا سان ٿي هو هين پر ڌرم روپي ڪر
کي ڪرڻ چاهيندو، ۽ ڦل به هٿان وڃائيندو. جيون ۾ ڪٿ
۾ نڪاءُ نه ٿيندو. ان ڪرم جي آسڪتي ڇڏ لـــي جم
ويندي. جي ساتوڪ ڪرمن جو لوپ ٿيڻ لڳي ته ان کي
روڪ ڪرڻ گهرجي. اهڙن قسمين ساتوڪي ڪر
کي ڪرڻ چاهيندا ته اهڙن ۾ به راڄسيڪو ۽ تامسيڪو اچـ
ويندو. ان ڪري لون اهو ڪر، جيڪو ساتوڪ ۽ پاڻمرا
حاصل ٿيل سوڌرم آهي.

سوڌرم ۾ سود پنهنجي ڌرم، سوَ جاتي ڌرم ۽ سوَ ڪال ڌ
اچي وڃن ٿا. اهڙن ٽنهي جي ميلاپ مان سوڌرم ٽنهي ٿـ
منهنجي ورتيءَ موافق لائق ڇا آهي ۽ ڪهڙو فرض مولڪ
حاصل ٿيل آهي، هي سڀ سوڌرم نهرائڻ لاءِ ڏسبو آهي
لو ۾ "لوڻٽو" جهڙي ڪا شيءِ آهي، جنهن ڪري لـــو
"لون" ٿي آهين. هر هڪ آدميءَ ۾ سندس ڪجهه خاصيت
هوندي آهي. ٻڪريءَ جو واڌارو، ٻڪري ٿي رهڻ ۾ ئي
آهي. ٻڪري ٿي رهڻ ۾ ئي ان کـــي پنهنجو واڌارو ڪر
گهرجي. ٻڪري، جي ڳانءِ ٿيڻ چاهي تـ اهو سندس ل
ممڪن ناهي. هوءَ پنهنجو پاڻ ململ ٻڪريٽي جو ليا‌ڳ
ڪري سگهي. ان لاءِ ڪمس ڏيهه ڇڏڻي پوندي. ٿئون ڌ
۽ ٿئون جنم وٺڻو پوندو. پر هن جنم ۾ سندس لاءِ ٻڪري
ٿي پوڻ آهي. ڏاڏ ۽ ڏيڏر جي ڪهاڻي آهي تـ ڏيڏ
جي وڏڻ جي به ڪا حد آهي. هو جي ڏاڏ جيترو وڏو ٿ
جي ڪوشش ڪندو ته ڦاٽي مرندو. ٻئي جي روپ جـ
نقل ڪرڻ مناسب ناهي. ان ڪري پرڌرم کـــي خطرنا
سمجهيو ويندو آهي.

ورې سوڌرم جا ٻه حصا آهن. هڪ بدلجندڙ ٻيو اڻبدلجند
مان جو اڄ آهيان اهو سڀاڻي نه هوندس. مان سدائين بدلج
رهندو آهيان. بالڪپڻي جو سوڌرم ٿيندو آهـــي صرف و

جي ۽ آسڪتي نه هئڻ گهرجي. آسڪتيءَ مان زبردست نقصان ٿئي ٿو. سلهه جا جيوڙا جي پل ۾ ۽ ڦڦڙن ۾ هليا وڃن ته اهي هو وڃي جيون کي اندران ئي اندران ڪاٽ هڻي کائي ڇڏين ٿا. اهڙيءَ طرح آسڪتيءَ جا جيوڙا به جي ٻي عمريءَ ۾ ساتوڪي ڪرم ۾ گهڙي ويا ته ان ڪري سڀ ڌرم سڙڻ لڳندو. ان ساتوڪي سڀ ڌرم ۾ به راجسي ۽ تامسي بدبوءِ اچڻ لڳندي. تنهنڪري ڪسب روپي هي بدلجندڙ سڀ ڌرم وقت انوسار ڇڏائجي وڃڻ گهرجي. هيءَ ئي ڳالهه ديش ڌرم سان به لاڳو ٿئي ٿي. ديش ڌرم ۾ به جي آسڪتي اچي وڃي ۽ اسين رڳو پنهنجي ئي ديش جو ويچار ڪرڻ لڳاسين ته اهڙي ديش ڀڳتي ۾ ڏاڍي خوفناڪ شيءِ ٿيندي. ان ڪري آتم وڪاس روڪجي ويندو. جنهن ۾ آسڪتي گهر ڪري رهندي ۽ ظلمو ايندو.

١٠٦

سڌي، ساڌنا جي حد

ٿالپرج ته جيڪڏهن جيون جو پورو ڦل هٿ ڪرڻو آهي ته ڦل تياڳ روپي چنتامڻي کي استعمال ڪرڻ گهرجي. اهو توهانجو سولهون ٿيندو. ڦل تياڳ جو هي لنو پنهنجي مرياديا به ڏالي ٿو. هن جوت جي سامهون هئڻ ڪري اها خبر پنهنجو پاڻ پوي ٿي ته ڪهڙو ڪرم ڪريون، ڪهڙو نه ڪريون ۽ ڪهڙو ڪڏهن ڇڏيون؟ پر هاڻ هڪ ٻي ئي ڳالهه سوچينداسين، ساڌڪ کي آخرين حالت يعني سڀني ڪريائن جي غائب ٿيڻ واري سڌي لئي ڌيان رکڻ گهرجي يا نه؟ ساڌڪ کي، ڇا ڪيائيءَ کي ان درجي لئي جنهن ۾ ڪريا نه ڪندي به بيشمار ڪرم ٿيندا رهن، نظر رکڻ کپي؟

نه، هتي به ڦل تياڳ جي ڪسوٽيءَ جو استعمال ڪريو. اسان جي جيون جو سروپ اهڙو سندر آهي جو پاڻ ڪسي

آهن. ان مان هيٺيون مطلب نڪري ٿو:

١- راڄسي ۽ تامسي ڪرمن جو پورو تياڳ.

٢- ان تياڳ جو به ڦل تياڳ. ان جو به اهنڪار نه هجي.

٣- ساتوڪي ڪرمن جو تياڳ نه ڪندي رڳو سندن ڦل تياڳ

٤- ساتوڪي ڪرم اوتڻين پورا هوندي به ڦل تي

پوروڪ ڪرڻ.

٥- سڌائين ڦل تياڳ سان اهڙن ساتوڪ ڪرمن کي ڪندي رهڻ سان چت شڌ ٿيندو ويندو. ۽ تنهن کان معمولي، معمولي کان سوکيم، سوکيم کان ڪجهه به نه، اهڙيءَ طرح ڪريا ختم ٿي ويندي.

٦- ڪريا غائب ٿي ويندي پر شيوا ڪرم ٿيندا ٿي رهندا

٧- ساتوڪي ڪرم نه جي سهاوڪ حاصل ٿيل هجن اهي ٿي ڪرڻ. جي پاڻمرادو حاصل ٿيل نه هجن، اهي ڪٽ ڪيترا به چڱا لڳن تڏهن به انهن کان دور رهون. انهن موهه نه هئڻ گهرجي.

٨- پاڻمرادو مليل سڀ ڌرم نه وري ٻن قسمن جو ٿيند آهي: بدلجندڙ ۽ نه بدلجندڙ. ورڻ ڌرم اٿو بدلجي پر آش ڌرم بدلجندو رهندو آهي. بدلجندڙ سڀ ڌرم بدلجندو ر گهرجي. ان کان پرڪرتي پوري رهندي.

پرڪرتي نه لڳاتار وهندڙ هئڻ گهرجي. چشمو جي. وهند نه رهندو نه ان مان پاڻس اڇڻ لڳندي. اهو ئي حال آش ڌرم جو آهي. منش کي پهرين ڪتب ملي ٿو. پهنج آزمي ۽ لاءِ هو ڪتب جي ٻڌن ۾ ٻڌجي ٿو. هتي هر ط جا آزمودا پرائي ٿو. مگر ڪتبي هوندي جي ان ۾ ڦاٿ ويندو نه زوالبعد ايندس. جو ڪتب ۾ اڇڻ پهرين ٿ وڃ هو، سو هاڻي اڌرم روپ ٿي پوندو. جاڪاڻ ته اهو ڌرم ٻڌن روپ ٿي پيو. بدلجندڙ ڌرم کي آسڪ سبب نه ڇڏيو نه ان جو نتيجو خطرناڪ ٿيندو چڱي.

جيتي ساڌنا جي حد اچي پوري ٿئي ٿي، اُتي مُڪتي، نجات ھوڙي اچي پيھي ٿي. جنهنکي گهر وڃڻو آهي اُهو جي وڻ جي هيٺان ويهي گهر گهر جو جپ ڪندو رهندو، ته ڪاڏنس گهر نه پهچي ٿي رهندو، الٽو ڪيس جهنگل ۾ ٿي ڌڪا کائي ڏينت ايندي. گهر کي ياد ڪري جي رستي ۾ ٿي آرام ڪرڻ لڳي ويندا ته اُن جي آخرين آرام جي منزل کان دُور رهجي ويندا. مولڪي نه اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اُن سان ئي گهر هڪدم سامهون اچي ويندو. مُڪتيءَ جي آلسي ياد کان مُنهنجي ڪوشش ۾ منهنجي ساڌنا ۾ پلائي ايندي ته مُڪتي مون کان دور رهجي ويندي. مُڪتيءَ کي نظر انداز ڪري، لڳاتار ساڌنا ۾ لڳو رهڻ ئي مُڪتيءَ کي ويجهو آڻڻ جو اُپاءُ آهي. اڪرمَ حالت ۾ آرام جي چاهنا نه رکو. ساڌنا سان ئي پريم رکو ته مُڪتي اوڏو ايندي. جواب جواب پڪارڻ سان سوال جو جواب، ڪين ملندو آهي. اُن جي راهه مولڪي ملي آهي اُن سان لڳجي پدرجي جواب ملندو، اسان وانگ جيتي پوري ٿئي ٿي اُتي اُن جو جواب موجود آهي. پهاڙيءَ کان پهاڙي ڪٿي ايندي؟ وات کان اڳ پهرين جواب ڪٿي ملندو؟ ٻانڪ جي حالت ۾ مُڪتيءَ جي حالت ڪٿي ايندي؟ پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندي پرينءَ پر جيئي موج ۾ اُن ۾ ڏ اُن رهندو ته ڪٿي ڪم ٿيندو؟ اُن وقت ته هڪ هڪ ڪجهه هڻي اڳتي وڌڻ پرئي سارو ڏينهان؛ ساري طاقت لڳائڻ گهرجي؛ پهرين ساڌنا پوري ڪريو، سمجهه لتاڙيو، پوءِ مُڪتي پاڻ ئي ڏانهس ملي ويندي.

۱۰۷

سڌ پرشن جون ٽي اوستائون

گيانيءَ پرشن جي آخرين اوستا ۾ سڀ ڪرياڻون گم ٿيو وڃن ٿيون، اُن جو اهو مطلب ناهي ته آخرين حالت ۾ ڪريا لهي ويندي.

جيڪي گهرجي، ان لئي نظر نہ رکندي بہ اهو ملندو.

جيون جو سڀ کان اوچو ڦل مڪتي آهي. ان مڪتيءَ
ان اڪرم اوستا جو بہ اسان کي لوڀ نہ ڪهي. اها حالت
پنهنجو پاڻ بنا ڄاڻ ملي ويندي. سنياس ڪا اهڙي شيءِ
ڪانهي جا بہ وڃي پنجن منٽن لئي اوچتو اچي ويندي.
سنياس ڪا هترادو شيءِ ناهي. ان جو نتيجو جيون
ڪٽڻ واڌارو ٿيندو ويندو، ان جو لوڪي پتو بہ نہ پوندو. ان
ڪري مڪتيءَ جي چنتا ڇڏي ڏي.

ڀڳت نہ ايشور کي هميشہ انهن چوندو آهي، "مون لا
تنهنجي ڀڳتي لئي گهرجي آهي. مڪتي! آخرين ڦل موڪلي
نہ ڪپي. مڪتي بہ هڪ قسم جي ڀڳتي ئي آهي. مڪتي
هڪ قسم جو روڳ، هڪ قسم جو ڦل ئي آهي. انهن مڪتي
روپي ڦل لئي بہ ليڪ روپي ڪنهن هلايو. پر ان ڪري
مڪتي وڃڻ واري ڪين آهي. ڪنهن اچي پوندي، ڦل
وڏپڻ لئي مضبوط ٿيندو. جڏهن مڪتيءَ جي آشا ڇڏي
ڏيندا تڏهن سمجهہ مڪتيءَ طرف هليا ويندا. سادنا بہ لئي
اهڙو سمسہ لئي وڃ جو مڪتيءَ جي ياد بہ نہ رهي! مڪتي
لوڪي ڳولهيندي تنهنجي سامهون اچي ڪڙي ٿئي. سادڪ
سادنا بہ لئي رٺو رهي!

"اڪرمي، واسنا بہ نہ اڙ."

ڀڳوان نہ پهرين چيو هو نہ اڪرم حالت جي مڪتيءَ جي
آس نہ رکو. هاڻي وري آخر بہ چوي ٿو "نہ ڪر شوڪ، پا
جا بنڌن تون ڦٽندس، اچي مڪتي پاڻ." مان ڏاڍا آهيان
تون مڪتيءَ جي چنتا نہ ڪر. تون نہ رکو سادنا جي لئي
ڪر. مڪتيءَ کي وسارڻ سان سادنا اوچي ٿيندي؛ مڪتي
پنهنجو پاڻ موهڙي تو وٽ هلي ايندي. مڪتيءَ جي چاه
نہ رکندي پنهنجي سادنا بہ لئي سمسہ رهندڙ جي گلي
مڪتي لڪسمي مالها وجهي ٿي.

عالمي ليڪ تي اڪثر اڄرا واري ڌرتيءَ دشا جي چالو. ديهه ڪرڻ کان پهرين تي پوڻ لڳندي آهي. ديهه واري حالت ۾ تي آليندهه جي ڌرتيءَ اوسٿا جا پرون پوڻ لڳندا آهن. هن حالت جو وڏين ڌرتيءَ واٽيءَ لاءِ مشڪل آهي. هو ڪيتري ۽ هيسا ڪري لڏهن ۽ ڏکجهه لڻ ڪري. هاڻ سندس ڪرڻا ڪٿي ماڻهي؟ جيئندي ۽ ڪالتس ٿيندو اهو سڀ سالوڪ ڪرم تي هوندو. سڀ ڌرتيون ختم ٿي وڃن، انڌهن ۾ سڀئي دنيا جو ڪم هو ڪندو ۽ هندو. هن لاءِ ڪهڙا اکر ڪتب آڻجن؟ سمجهه ۾ تي لڻو اچي.

هن آخرين اوسٿا ۾ ٽي پاءُ رهندا آهن. هڪ آهي وامدهو جي حالت. سندس مشهور چوڻي آهي: "هن دنيا ۾ جيڪي ڪي آهي، اهو مان آهيان." گيانيءَ پرش ۾ اهنڪار ٿي وڃي ٿو. سندس ديهه ايمان لاس ٿي وڃي ٿو. هر هڪ ڪرڻا بند ٿي وڃي ٿي. ان وقت ڪيس هڪ پاءُ اوسٿا حاصل ٿئي ٿي. اهڙي حالت هڪ شوبر ۾ سمائجي نه ٿي سگهي. ٻئي پاءُ اوسٿا ڪرڻا اوسٿا ڪين آهي. پاءُ اوسٿا يعني پاولن جهڙي ٻڙيءَ واري اوسٿا. هن پاءُ اوسٿا جو ٿورو گهڻو آزمودو اسان ڪنهن ٿي سگهي ٿو. بالڪ جي عيبن سان مالا عيبدار ٿيندي آهي. گهڻن سارا ڪٽوان ٿيندي آهي. سندس دک سان دکي ۽ سک سان سکي ٿيندي آهي. مالا جي هيءَ پاءُ اوسٿا اولاد نائين ٿي آهي، اولاد جو عيب هوءَ پنهنجو عيب ڪري سمجهي ٿي. گيانيءَ پرش ۾ پاولا جي زور هيبت سڄي سنسار جا عيب پنهنجي، مٿان وجهي ٿو.

نهي لوڪن جي پاڻ سان هو پاپي ۽ ٻين سان بچاءُ ڪيو ۽ اهڙو هتيا ڪي ۽ نيوي لوڪن جا پاپ پنج ڪيس [illegible] ۾ لڳا. رشي چوڻي ٿي: "مولڪي جو ڏي، لس ڏي، [illegible] ڏي." اهڙيءَ طرح هو گهر لڏو ٿي رهيو. ان رشيءَ جو پيٽ آهر ڪيڏو وڏو هوندو! مگر اهو ڏهن ڏڏ سال... [illegible]

لي ڪاڻ. سندس هٿان ڪريا ٿيندي ۽ نه به ٿيندي. آخرين حالت تمام سندر ۽ اوچي آهي. هن حالت ۾ ڪنهن به ٿڪي لوڪن جي ڪمن ڪاڻ چنتا ڪانه ٿئي. جيڪي به ٿيندو اهو سڀ ۽ سندر ئي هوندو. سڌڪ جي آخرين منزل لي هو بيلو آهي. هتي سڀ ڪجهه ڇڏيندي به ڪجهه ڪونه ڪري. نقصان ڪندي به نقصان ڪونه ڪري ۽ ڪلپنا ڪندي به ڪلپنا ڪونه ڪري.

هيءَ آخرين مڪتي اوستا ئي سڌڪ جي حد آهي. سڌڪ جي حد جي معمولي سڌڪ جي سماونڪ اوستا. مسان ڪجهه ڪريان ٿو، اهو هتي خيال ۾ ڪونه اچي. نه هن حالت ڪسي مان سڌڪ جي سڌنا جي اليتي به جواب. ... اوستا ليکي واري ناهي. لنڊڙو بار سڀ ڪالهالميدو آهي. ... اهو ليک ناهي. جو نه ڪوڙ ها آهي، اها نه ڪنهن خبر بنا ڪالهي ڪوڙ جي خبر هوندي به سچ بولڻ لئڪ ڪرم آهي. مڪتي اوستا ۾ ڪوڙ آهي ئي ڪونه. هتي نه سچ ئي سچ آهي ان ڪري هتي ليتي ڪونهي. جيڪي منع ڪمل ڇڙون آهن اهي هتي بيهي نٿيون سگهن. جيڪي بدلڻ ڪونه چاهي اهو ڪن الدر وڃڻي ڪونه. جيڪي ڏسڻ ڪونه چاهي. اهي اکيون ڏسن ئي ڪونه. جيڪي نمط گهر جي. اهو هتي سان آهي ٿو. ان لاءِ ڪوشش ڪرڻي ڪانه پوي. جنهن کي ڳار ڀرجي ان کي ڳارڻو ڪونه پوي. اهو پنهنجو پاڻ ئي ٿئي وڃي ٿو. هيءَ لي ليتيءَ کان خالي حالت آهي. هيءَ هيا سڌڪ جي حد، سماونڪ اوستا، المڪتا بنا المڪتا جهڙو ان المڪتا ۾ لي ليتيءَ جي اوچالي آهي. المڪتا اکر مولڪي جڳو سمجهيو آهي. نه هن حالت کي ساڌنا. سڌڪ جي جهڙي ڪمال جهڙي سگهيو.

هن حالت جو ڪهڙي طرح بيان ڪجي؟ هن گهرهي کان اڳ پهرين جهانا هوندي آهي، ... طرح شروع جهڙي

هن ساري وهنوار کي ليلاءِ ڏٺي ساڙي؛ جاڳڻ لاءِ هو تيار ٿي
ويندو آهي. ڪيترن ئي ڪرم جي ڏيوارن؛ ڪٽڻ لاءِ هو تيار
ٿيو ٿئي. ان جو نتيجو به هو ٻڌو ٿي سگهي. گياني پرش جي
ڪيفيت حالت ۾ ...ڳالهه جي آخرين منزل جي اوستا ۾ هي ٽي
حالتون ممڪن آهن:

هي ڪريا اوستا، آخرين منزل ڪيئن حاصل ٿئي؟ اسين
ڏسي چڪا آهيون ته جو ڪرياڻو ڀيڄي سر متان ۾
ڪٽڻ جو ايماس ڪرڻ گهرجي. مان صرف لمب آهيان. ڪرمن
جو ڪرياڻو پورو ٿيڻ آهي. اهڙو ويچار ڪرڻ گهرجي؛
پوءِ هن اهڙي ڪرياڻي جي پوري ڀلائي سان گڏجي ڪري
پر ان سان ٻيو ڪرياڻو هليو ڪيئن ويندو. آهستي آهستي
هن ڀاونا جو واڌارو ٿيندو ويندو؛ پوءِ ته الهن سمجهڻ
گهرجي ته مان هڪ جسم پرالي آهيان، بعد ۾ هيءُ جو
والديڪو ٻه گڏو آهيان؛ هو مولڪي لڳالي ٿو. ان بعد اهو
سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ کي هي جيڪي به ڪيو وڃي ٿو
اهو شري جو آهي، منهنجو ان سان ڪو واسطو ڪونهي. هي
سڀ ڪرياڻون هڪ مڙدي جون آهن. پر مان مڙدو ڪين
آهيان. مان مڙدو ٿي جيوت آهيان. اهڙي ڀاوناءِ ڪيڏا
وهم. ديهه جو ليپ ڏورو به لڳڻ گهرجي. الهن لمڻ ٿي
ديهه مان ڪو لاڳاپو ئي ڪونهي، اهڙو گياني پرش جو ڏهو
حاصل ٿيندو. ان حالت ۾ وڌي متي چهل ٿيئي اوستائون
هونديون. پهرين ڪريا اوستا جنهن ۾ ڪالاس لڙمل ۽ آدرش
ڪرپالون ٿينديون. ٻي ڀاؤ اوستا جنهن ۾ ٽيهي جهان خدا
ڀاپ پيچ مان ڪريان ٿو، اهڙو آزمودو ڪيس ٿيندو، پر ان
جي حوصله به ڪيس نه لڳندي؛ ۽ الهن ان جي گيان اوستا
جنهن ۾ ٿورو ڪرم به ٻاڻ وٽ رهڻ ڪين ڏيندو، سڀ
ڪرم ساڙي چڏيندو. الهن ٽنهي اوستائن ذريعي گياني پرش
جو بيان ڪري سگهجي ٿو.

ڏکهي شرير وارو نه هو. سندس آتما وشنوءَ جي روپ ۾ اولي
رهي هئي. هن کي مان ويدن وارو وشنو آتما پاڻ چوندو
آهيان. ويدن ۾ هن پاڻ جي اوچائي ڏسجي ٿي. گجرالي
سنت ترسي مهتا کيرتن کندي چوي ٿو، "هي ابهور،
مون اهڙا کهڙا پاپ کيا آهن، جو کيرتن وقت ۾ مولکي
لب ٿي اچي؟" چا ترسي مهتا کي لب پئي آئي؟ لب نه
پڊلدڙن کي پئي آئي. مگر پڊالدڙن سان هڪ روپ ٿيسي
يگيم مهتا پئي رهيو هو. هيءَ سندس پاڻ اوستا هئي. گيالي
پرش جي پاڻ اوستا اهڙي نمولي جي ٿيندي آهي. هن پاڻ
اوستا ۾ سڀ پاپ پڇ ان کان ٿيندا لوهان کي ڏسڻ ۾ ايندا.
هو خود ۾ اهو ٿي چوندو، اهو رشي چوي ٿو ته "نه ڪرڻ لائق
ڪمتراڻي ڪرم مون ڪيا آهن، ڪريان پيو ۽ ڪندس."
هيءَ پاڻ اوستا حاصل ٿيڻ ٿي آتما ڪڪيءَ والڪر اڌامڻ لڳي
ٿي. هوءَ ديهه کان پري ٿي وڃي ٿي.

هن پاڻ اوستا والڪر ٿي گيالي پرش جي هڪ ڪريا اوستا
۾ ٿيندي آهي. گيالي پرش سيارڪ چسا ڪندو، هو جيڪي
۾ ڪندو اهو سالوڪ ٿي هوندو. جيتوڻيڪ اچا مش اڌيهه
۾ آهي، تڏهن ۾ سندس سارو شرير، سندس سڀ الدراون
سالوڪ ٿي هوندا بون الڪري سندس سڀ ڪم سالوڪ ٿي
هوندا. وهنواري نظر سان ڏسون ته سندس وهنوار ۾ سالوڪتا
جي آخرين منزل ڏسبي. مگر جي وهڙ آتم پاڻ جي نظر سان
ڏسبو ته ڄڻ تنهي لوڪن جا پاپ پڇ هو ڪري ٿو ۽ تنهن
هوندي ۾ هو الپت رهي ٿو. جو نه هن جهتيل شرير کي نه
هن لاهي ڦٽو ڪيو آهي. هن مٽيا شرير کي لاهي ڦٽو ڪرڻ
ٿي هو وهڙ روپ ٿيندو.

پاڻ اوستا ۽ ڪريا اوستا کان سواءِ گيالي پرش جي هڪ
ٿين حالت ۾ آهي جنهنکي گيان اوستا چئبو آهي. هن حالت
۾ هو ان پاپ سهندو آهي، نه پڇ. سڀ اڇلي ڦٽا ڪندو آهي

١٠٨

تون ئي - تون ئي - تون ئي

هاڻي اهڙو سڀ چوڻ بعد ڀڳوان ارجن کي چيو
"ارجن، هي جو سڀ مون توکي ٻڌايو آهي ان کي تو ڌ
سان ٻڌو آهي يا نه؟ هاڻي پورو ويچار ڪري جيئن مناسب
سمجهين سو ڪر." اهڙيءَ طرح ڀڳوان وڏيءَ دل سان ارجن
کي موڪل ڏئي ڇڏي. ڀڳود گيتا جي اهائي خاصيت
آهي. پر وري ڀڳوان کي دَيا اچي وئي. ڏنل ڏڙ کي
وري واپس ورتو ۽ چيو، "ارجن! پنهنجي اڇا، پنهنج
ساڌنا، سڀ ڪجهه ڇڏي، تون هڪ منهنجي شرڻ اچ
اهڙيءَ طرح پنهنجي شرڻ ۾ اچڻ لاءِ چئي، ڀڳوان پنهنج
ڏنل ڇوٽ موڪل واپس ورتي آهي. ان جو مطلب اهو آهي
نه تون پنهنجي من ۾ ڪا الڳ اڇا ليڻ ئي نه ڏي. پنهنج
اڇا نه، پر سڌس اڇا پوري ٿئي، ڏانئين ليڻ ڏيو. موڪل
پنهنجو پاڻ هي محسوس ٿئي نه هيءَ ڇوٽ موڪلي ڪ
گهرجي. مان نه، سڀ ڪجهه تون ئي آهين. انهين ت
ڏيو. هوءَ ٻڪري جيڪري "مين، مين، مين" ڪري نه
يعني "مان، مان، مان" چوي ٿي. مگر سڌس مرڻ ۾
سڌس رهه لاهي ٻڪڙي ۾ لڳائي وڄندي آهي ته ڌنڌڻ دا
چوي ٿو: "تون هي، تون هي، تون هي تون،" تڏن آهي
تون آهين، تون آهين، انهين هوءَ چوندي آهي. هاڻي نه سـ
"تون ئي... تون ئي... تون ئي...."

آرتوار: ١٩-٦-٣٢.

C S
128

118